
ABC
CERTIFIED
مهراڻ
نمبر 3ء4/ 2018ع
سنڌي ادبي بورڊ



# هيءَ جا لات "لطيف" جي

حُڪُمُ تِيو بادَلَ کي، تہ سارَنگ ساٽَ ڪَجنِ،
وِڄوُن وَسَڻَ آئِيوُن، ٿَهَ ٿَهَ مِينهَن ٿِمَنِ،
جِنِ مَهانگو لَهي ميڙِيو، سي تا هَٿَ هَڻَنِ،
پَنجَنِ مَنجهان پَندِرَهن تِيا، اِئَن تا وَرِقَ وَرَنِ،
ڏُڪارِيا ڏيهَ مان، شالَ موُڏي سَڀُ مَرَنِ،
وَري وَڏي وَسَ جوُن، ڪَيوُن ڳالهِيوُن ڳنوارَنِ،
سَيّدُ چوي سَينِ، آوِ توهِ تُنهنجيِ آسِروُ.

(سُر سارنگ)

***

ڪڪرن کي اَمر (اِلاهي حڪم) ٿيو تہ مينهن جا سانباها ڪجن. وِڄون برسات وسائڻ آيون، مينهن ڏما ڏم پيا وسن. جن (واپارين) اَن مهانگو خريد ڪري، سانڍي رکيو، سي هاڻ پڇتائين ٿا. پنجن مان پندرهن ٿي ويا (اگهه ٽيڻو رتي وينا). اِئين سندن بندين جا پنا ٿا اُٿلن. شال سڀ ڏڪاري ۽ مڙيئي موُڏي ملڪ مان نابود ٿي وڃن. ڳنوارن وري وڏي وسڪاري جون ڳالهيون ڪيون آهن. شاهه صاحب ٿو چوي تہ "اي ڏٽي! مڙني لاءِ تنهنجي مهر ئي آڌار آهي." (ڏسجي ٿو تہ اُنهيءَ زماني ۾ بہ خلق، واپارين جي آزايل هئي).

("شاهه جو رسالو" ڪلياڻ آڏواڻي تان ورتل)

سایۂ سرائیں
کریں
امن کی بستی
دوستی کا
نون دارا
علم سے
آباد کریں

## سيد علي احمد شاهه اجناڻي

"ساقي سروري"



(جنم: 11- ڊسمبر 1936ع - وفات: 3- سيپٽمبر 2017ع)

## غزل

گلستان ڪنهن کي چوان ۽ ڪهڪشان ڪنهن کي چوان،
تون جي ناهين پوءِ زمين ۽ آسمان ڪنهن کي چوان.
بي وفا ڪنهن کي چوان ۽ باوفا ڪنهن کي چوان،
مهربان ڪنهن کي چوان نامهربان ڪنهن کي چوان.
هن زماني ۾ ادب اخلاق سڀ ناپيد ٿيو،
باادب ڪنهن کي چوان ۽ بد زبان ڪنهن کي چوان.
وعدهء فردا تي ساري عمر گذري وئي صنم،
دردِ دل هجر و الم جو داستان ڪنهن کي چوان.
هڪ دفعو منهنجا سڄڻ مون کي ڏسڻ جي لاءِ اچ،
تو سوا اي جانِ من جهان ڪنهن کي چوان.
تنهنجي ذاتِ لم يزل هر جاءِ تي موجود آ،
پو ڀلا تون ئي ٻڌاءِ مان لامڪان ڪنهن کي چوان.
سيڪو پنهنجي ۾ آ پورو ڪونہ ٿو ڪنهنجي ٻڌي،
دردِ دل جو داستان ڪنهن سان ڪريان ڪنهن کي چوان.
دل گهري ٿي چار گهڙيون توسان گڏجي گهارجن،
ڇا ڪريان ۽ ڪيئن ڪريان توسان ملان ڪنهن کي چوان.
جام و مينا، مئڪده، ساغر، صبو آهن اداس،
هي سمورو داستان پيرِ مغان ڪنهن کي چوان.
مئڪده آهي ڪٿي ساغر ڪٿي "ساقي" ڪٿي،
جام هڪڙو ٿو کپي ڪنهن کان گهران ڪنهن کي چوان.

ٽماهي

ABC CERTIFIED

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 68 — جولاءِ- ڊسمبر 2018ع — نمبر 3-4

سرپرست

**مخدوم جميل الزمان**

چيئرمين، سنڌي ادبي بورڊ

ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو
P 56336
14-1-2019

نگران

**الهڏتو وگهيو**

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ايڊيٽر (انچارج)

**ثمينہ ميمڻ**



**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو، سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

بسم الله الرحمن الرحيم

# سوچ -لوچ

## شيخ عزيز جو وڇوڙو:



سنڌي ادبي بورڊ جو اڳوڻو وائيس چيئرمين، صحافت، ادب ۽ تاريخ جي ميدان ۾ انمٽ نشان ڇڏيندڙ شيخ عزيز 8- آڪٽوبر 2018ع تي فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. شيخ عزيز سنڌي، اردو ۽ انگريزي صحافت سان پوري زندگي سلهاڙيل رهيو، هُو ميوزڪ جو به وڏو چاهڪ هو. صحافت جي حوالي سان شيخ عزيز 1976ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر خان محمد پنهور جي ڪوششن سان قائم ٿيندڙ صحافت جي شعبي ۾ وڏو عرصو استاد جي حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ صحافت ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان شروعاتي ٻئچن جي ڪافي تعداد ۾ ڊگري حاصل ڪندڙ شاگردن جو استاد رهيو. هن صحافت جي شاگردن لاءِ عملي صحافت جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو جيڪو سليبس ۾ پڙهايو وڃي ٿو، هُو ڪيترن ڪتابن جو ليکڪ ۽ ڪافي عرصي تائين انگريزي اخبار ’ڊان‘ ۾ لکندو رهيو آهي. شيخ عزيز جون ادب ۽ صحافت لاءِ خدمتون هميشه ياد رهنديون ٿيون، پر هن کي سنڌي ادبي بورڊ جي وائيس چيئرمين طور خدمتن ڪري پڻ ياد رکيو ويندو. سنڌي ادبي بورڊ ۾ سندس موجودگي بورڊ ۾ نظم و ضبط ۽ مالي مسئلن کي حل ڪرڻ سان گڏ ٻارڙن لاءِ ٻالڪ ميلي منعقد ڪرڻ کي پڻ تاريخي حيثيت حاصل آهي. شيخ عزيز هڪ سچو ۽ بيباڪ صحافي ۽ باڪردار انسان هو. شيخ عزيز سندس پيڙهي توڙي نوجوانن لاءِ اُتساهه رهيو. سنڌي ادبي بورڊ جا اسين سڀ ڪارڪن شيخ عزيز جي وفات تي غمزده آهيون ۽ سندس خاندان خاص طور گهر واريءَ ۽ اولاد سان دلي ڏک جو اظهار ڪريون ٿا، اسان جي اها دعا آهي ته رب پاڪ مرحوم کي پنهنجي جوارِ رحمت ۾ جاءِ عطا فرمائي.
آمين

## دنيا ۾ ماحولياتي تبديلي:

دنيا ۾ ماحولياتي تبديليءَ جو وڏو اثر اسان جي ملڪ ۽ خاص طور صوبي سنڌ تي نظر اچي ٿو. ملڪ جي ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ سنڌ صوبو جتي هر علائقو خوبصورت هئڻ جي ڪري سائو ۽ سرسبز هئو، اُتي گذريل اڌ صديءَ کان وڻن جي آهستي ڏاڍي ڪٽوتيءَ سان سنڌو درياهه جي ڪناري موجود ٻيلن مان سوين سال پراڻن وڻن جي واڍي ۽ آهستي آهستي ٻيلن جي خاتمي سان نه رڳو ساوڪ ۽ خوبصورتيءَ کي ڏک رسيو آهي ته ٻئي طرف ماحوليات تي پڻ وڏو اثر وڌو آهي. سنڌ جي روڊن سان، سنڌ جي شاخن ۽ واهن جي ڪپ تي موجود ٽالهي، ٻٻر، پپر ۽ ٻيرين جي لکين شاهي وڻن کي به آهستي آهستي بنا جواز جي ختم ڪري ڪنهن به ماحوليات دوستيءَ جو ثبوت نه آهي ڏنو ويو.

انهن وڻن جي واڌ ۽ پرورش لاءِ هڪ ته سرڪار طرفان تمام وڏا فنڊس خرچ ڪيل هئا ته ٻئي طرف ايريگيشن ۽ روڊس کاتي جا سرڪاري ملازم جن ۾ بيلدار شامل آهن، انهن جي خدمتن سان ئي اُهي وڻ زنده هئا، پر انهن وڻن کي ڪٽي روڊن جي خوبصورتي ختم ڪئي وئي ۽ مسافرن لاءِ گهڙي کن رُڪجي ساهي پٽڻ وارو اُتساهه ئي ختم ٿي ويو ته ٻئي طرف اُهي شلخون ۽ واهه ئي ختم ٿي ويا جن ذريعي لکين ايڪڙ زمين زرخيز ٿيندي هئي.

موجوده دور ۾ ماحولياتي سجاڳيءَ لاءِ هر طرف ڇوٻول آهي ۽ سرڪاري سطح تي تمام گهڻا اُپاءُ ورتا پيا وڃن، وڻ ۾ وڻ وڻ لڳائڻ تمام ضروري آهن. ان لاءِ هر فرد کي وڻ ۾ وڻ وڻن لڳائڻ واري مهم ۾ حصو وٺڻ گهرجي گڏوگڏ وڻن جي وڍيڪ ڪٽوتيءَ تي مڪمل پابندي هجڻ گهرجي ۽ ان تي سختي سان عمل ڪرڻ گهرجي.

ثمينه ميمڻ
ايڊيٽر (انچارج)

◙

# چوليون


## ڏونگر سو وهاءِ

- تاجل بيوس 9
- قمر شهباز 10

## تحقيق

- 'سنڌي ٻارائي ڪتاب' ۾ ڄاڻايل اکرن جي صورتن جو جائزو
- ڊاڪٽر الطاف حسين جوکيو 13
- تاريخ بزمِ صوفياءِ سنڌ (ٻي سنڌي ڪانفرنس)
- ڊاڪٽر آزاد قاضي 20
- شاهه سائينءَ جي فڪر ۾ ڪائنات ڪارڻي حضرت مُحمد مُصطفيٰ ﷺ جو شان مبارڪ
- عبدالقادر ڪوسو 29
- شاهه جي شاعريءَ ۾ پڙهڻ لکڻ ۽ ڪتابن جو ذڪر، فڪر ۽ تصور
- محمد يوسف جويو 44
- ويراڳي ڪلام جو فڪر ۽ فلسفو
- ڊاڪٽر عصمت فاطمه ويسر 63
- تنوير عباسيءَ جي سُرڪيڏاري جو تنقيدي جائزو
- لطف الله سيال 71
- ڪلاچي- شاهه لطيف جي نظر ۾
- مرزا ڪاظم رضا بيگ 78
- اڄڙي ٿر جو مشهور ماڳ: شهادت گاهه عبدالرحيم گرهوڙي رحه
- استاد لغاري 81
- سمه دؤر جا ولهاري بزرگ (علمي، ادبي، ديني، سماجي ۽ سياسي خدمتون)
- ڊاڪٽر محمد ابراهيم "سنڌي" 85
- سنڌ تي پناهن جا حملا
- محمد عرس "اظهر" سولنگي 92
- سڀني قصن ۾ سهڻو قصو: يوسف زليخا
- رسول بخش ٻگهيو 97
- ساهتيءَ جا مُلا مڪتب
- ڊاڪٽر محمد رفيق مگريو 125

## شاعري

- امداد حسيني 153
- خليل عارف سومرو 154
- ڪوثر هالائي 155
- ياسين ڪنير 156
- رحيمداد جوڳي 157
- فراخ جانوري 158
- امين پٽو 159
- ارباب علي "عادل" چوهاڻ 160
- خالد احمداڻي 161
- سيد سراج 162
- مرتضيٰ جمالي 163
- عبدالقادر ڪٽي 164
- زين ڪوسو 165
- خادم حسين علوي 166
- گهايل لغاري 167
- امتياز "عادل" سومرو/ جبار "تاثير" سومرو 168

سنڌو دور (Indus Age) جي معنيٰ آهي قديم آثارن سان لاڳاپيل سائنسي تعمير، جنهن ۾ ثقافتي مرحلن کي ٺاهڻ جوڙڻ سان واسطو هجي، اُن سان گڏ، حقيقي قسم جي حڪومت، وڻج واپار جي طريقي، واسطن ۽ رابطن جو ذريعو سماجي، ثقافتي ادارن جي موجودگي ۽ جاگرافيائي ايراضي هجي. هيءَ مرحلو قديم آثارن سان تعلق رکندڙ 'ثقافت' جو قديم نظريو آهي. موجوده دور ۾ هن لفظ کي 'علم بشريات' (Anthropology) سان لاڳاپيل قديم آثارن ۾ گهٽ ڪتب آندو ويندو آهي ڇاڪاڻ ته اسان کي پوري ڄاڻ آهي ته موجوده صورتحال جي نقط نگاهه کان هڪ حقيقي ثقافت جي نمائندگي ڪري ڪانه سگهندي آهي، تنهنڪري اها حقيقي ثقافت ۽ قديم آثارن واري ثقافتي نئين تعمير (Archaeological Construction) ۾ وڏو فرق آهي. ڪن حالتن ۾ قديم آثارن واري ثقافتي نئين تعمير، حقيقي ثقافت جي بدنما ۽ بگڙيل صورت پيئي لڳندي آهي. ان سبب جي ڪري مٿين لفظ جي استعمال ڪرڻ جو ڪو جواز ئي نه آهي. منهنجي خيال ۾ ثقافت، ماحول مطابق 'انساني غير حياتياتي' (Non Biological) تبديلي آهي. ثقافت جي هن قسم جي وصف کي مارڪسي فلسفي جي اثر ڪري ۽ انساني عملي ڪارڪردگي کي وزن ڪان وڏيڪ اهميت ڏيڻ سبب ماڃو به رسي سگهي ٿو. تنهنڪري هن لفظ، 'ثقافت' جي وڌيڪ اطمينان بخش وصف، 'انساني محنت وسيلي تعمير' (Working Construct) ٿي سگهي ٿي.

**عطا محمد ڀنڀرو**

ڪتاب: "سنڌو سڀيتا ۽ اُن جي لکت"

ص 27 تان کنيل

## تاجل بيوس



(جنم: 22- سيپٽمبر 1938ع - وفات: 13- ڊسمبر 2008ع)

# غزل

طوفان، باهہ، مٽيءَ، اوندهہ جو سلسلو آ،
دل ذهن ۾ئي ڌُڌن ٿا، ڪهڙو هي زلزلو آ؟

تنهنجي ٿي هن شهر ۾، منهنجي هيءَ دل بي بستي،
توکان فتح ٿي ويندي، ديبل جو هي قلعو آ.

ڪهڙيون ابد ازل جون پيو منزلون پُڇين ٿو؟
منهنجو تہ دم الستيءَ، درياهہ دادلو آ.

ورندو وٺاڻ پنهنجي، سنڌوءَ جا بند ٽوڙي،
مون کان ڀڄي ٿو ناصح، ڪنهن جو هُو ڦانلو آ.

بم، گئس، تيرَ، ڇُرا، رت ڇاڻ جا وسيلا،
ماڻهن جي هِن دنيا ۾، ڪهڙو هي ٽرٽلو آ؟

رنگ روپ مان لڳي ٿو، پيلو گهڙو آ "بيوس"،
اِن کان ڇڄي پري ٿي، سُهڻي جو هي دلو آ.

# قمر شهباز



(جنم: 13- اپريل 1938ع - وفات: 5- مئي 2009ع)

## غزل

رات اسان کان پيارا وڇڙيا، چانڊوڪيءَ کان چارا وڇڙيا،
سانوڻ کهڙي ڪارڻ ايندو، دل کان جو دل وارا وڇڙيا.

ڪنهن سونهن ڏني، ڪنهن ساءُ ڏنو، ڪنهن دردن جو درياءُ ڏنو،
ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو آيا، ڪهڙا جيءَ جيارا وڇڙيا.

خوابن جي ايوانن ۾ مان تنها ڇو آهيان،
جن جوت ڏني، سي موت نيا، هئي! تاريڪيءَ ۾ تارا وڇڙيا.

ڪي ڏينهن ٿيا جو مينهن پيا، جن پيار ڪيو سي ڏار ٿيا،
تون ڇا وڇڙئين، دنيا وڇڙي، مون کان ساٿي سارا وڇڙيا.



ڊاڪٽر الطاف حسين جوکيو

# 'سنڌي پاراٺي ڪتاب' ۾ ڇاپايل اکرن جي صورتن جو جائزو

## اپياس جو پسمنظر:

2015ع ۾ سنڌ ريڊنگ پروگرام پاران اکر ۽ ان جي صورتن تي اسڪوپ اينڊ سيڪئونس جي مد ۾ پرائمري سطح تي ليسن پلان جوڙڻ لاءِ استاد ۽ ماهر گڏ ڪيا ويا. جڏهن اکرن جي صورتن جي ڳالهه آئي ته ان ڳالهه تي ڪافي بحث ٿيو ته، جيئن ته هر اکر جون چار صورتون ٿين ٿيون: سالم، شروعاتي، وچين ۽ آخري، ان خيال کان 'الف' جون به ڪل چار صورتون ٿينديون. مون اعتراض واريو ته هر اکر جون چار صورتون نه ٿيون ٿين: متصل اکر جون چار صورتون ٿينديون، جڏهن ته منفصل اکرن جون ٻه يا ٽي صورتون ٿي سگهن ٿيون، ان خيال کان 'الف' جون صرف 'ٻه صورتون' ممڪن آهن. جن دوستن کي ٽيڪسٽ بڪ لکڻ ۽ جائزي وٺڻ جو ڪافي تجربو ۽ عرصو گذريو آهي، اهي ڪافي ڏمرجي پيا. انهن دوستن 'سنڌي پاراٺي ڪتاب' جو حوالو ڏنو، مون کين اهو ٿي عرض ڪيو ته ان ۾ ئي ته چڪون آهن: مون کي لڳو ته ماحول اجا تيز ٿي ويو. في الحال ته مون به ڪٿي چپ ڪئي. جڏهن ليسن پلان جوڙڻ وارو مرحلو آيو ته 'الف' جي هر صورت تي سرگرمين جي بنياد تي ليسن پلان ناهڻا پيا. مون هڪ سينئر استاد ۽ پروگرام جي آرگنائيزر کي وٺي، مثالن سان اها ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪنهن لفظ ۾ 'اکر جي صورت' ۽ 'اکر جي حالت' ٻه الڳ معاملا آهن، ان ڪارڻ منفصل اکر 'الف' جون صورتون ٽي نه ٿينديون. نيٺ انهن دوستن کي ڳالهه سمجهه ۾ آئي ۽ رٺيل خاڪي کي ٻيهر جوڙي ڪم کي نئين سري سان شروع ڪيائون.

اکرن جي صورتن تي باريڪ بينيءَ سان ڪم ڪرڻ بابت آگاهي رهي ته 2010ع ڌاران ڊاڪٽر قاسم ٻگهئي جي نگرانيءَ ۾ منهجي تحقيق جو شروعاتي ڪم 'عربي- سنڌي آئيوپنا ۽ صورتخطيءَ جو اپياس' تي هو، جنهن ۾ مختلف سيڪشن رکيل هئا. انهن مان هڪ سيڪشن اکر جي معنيٰ- مفهوم، صورتن ۽ ان جي استعمال تي به هو. ڪم ڪافي وڏو ويو، جنهن سبب ماهرن جي راءِ موجب مون کي صرف 'صورتخطيءَ' تي بيهاريو ويو. ان سبب 'اکر' تي ڪيل ڪم کي پاسي تي رکڻو پيو. جڏهن سنڌ ريڊنگ پروگرام ۾ اهڙا معاملا سامهون آيا ته اها تحقيق 'عربي- سنڌي اکر جو اپياس' جي عنوان سان ڪتابي صورت ۾، آگسٽ 2016ع تي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ شايع ٿيڻ لاءِ ڏني هئم، جيڪا اڄ سوڌو غير سنجيده روين سبب رلي پئي آهي. جڏهن ته ان ڪتاب تي مقرر ڪيل ايڊيٽر ڊاڪٽر غلام علي الانا جو تمام مثبت رايو آهي ته "حقيقت ۾، ڊاڪٽر جوکئي صاحب جي پي ايڇ.ڊي لاءِ تيار ڪيل ٿيسز جو، ڇپائيءَ کان رهجي ويل اهو حصو آهي، جيڪو فن خطاطيءَ جي روشنيءَ ۾ لکيل آهي، ۽ هن حصي جي شايع ڪرڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته مون سميت سنڌ جا اڪثر استاد، اديب ۽ محقق فن خطاطيءَ جي اصولن کان بلڪل اڻڄاڻ آهن. ... عربي- سنڌي اکرن جي لکڻ جي سلسلي ۾، ڊاڪٽر جوکئي صاحب جي ڪيل تحقيق، فن خطاطيءَ تي آڌاريل آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر جوکيو وڏي ڄاڻ رکي ٿو. انهيءَ ڪري هو 'عربي-سنڌي اکر ۾ اکرن لکڻ جي سلسلي ۾ سمجهاڻي ڏيڻ ۾ به ڪامياب ثابت ٿيو آهي. ... ڊاڪٽر جوکئي صاحب جو هيءُ ڪتاب، جديد لسانيات جي اصولن موجب ڪن فني اصطلاحن جي لحاظ کان متضاد ڳالهين تي به مشتمل آهي، پر جيئن ته فن خطاطيءَ جي لحاظ کان، سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل هي

پهريون ئي ڪتاب آهي. انهيءَ ڪري هيءُ ڪتاب ضرور شايع ڪيو وڃي ته جيئن فن خطاطيءَ توڙي جديد لسانيات جا ڄاڻو، هن ڪتاب ۾ شامل مواد جي باري ۾ آئنده پنهنجي ڪا راءِ ڏئي سگهن...“

اهڙن راين جي باوجود هي ’اکر‘ تي ڪتابڙو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ رولبو ويو آهي: ڪتاب جي رولڻ وارن سببن تي ڪونه ڳالهائبو. البت، ايترو ضرور چئبو ته هيءُ ڪتاب جيڪڏهن عوامي سطح تي اچي وڃي ها ته اسان جي پرائمري سطح جي ڪتابن ۾ ڪٽ ۽ پيسٽ واريون چڪون نه ورهائجن ها ۽ اهي معاملا بحث هيٺ رهي، ڪي سڌارا اچي سگهن ها. هن اڀياس جو مقصد اکرن جي صورتن جا معيار متعين ڪرڻ ۽ سنڌي ٻاراڻي ڪتاب ۾ ڇاپايل اکرن جي صورتن جو جائزو وٺڻ آهي.

## اڀياس جو عمل

عالمن جي ڇاپايل اکرن جي صورتن تي ڪي اختلاف نظر اچن ٿا، ان لاءِ لازمي آهي ته اهڙن اختلافن کي ڪن معيارن تي ڏسي ڪو حاصل مطلب ڪڍي سگهجي ٿو.

## عالمن پاران ڇاپايل اکرن جي صورتن جو مختصر جائزو

### مرزا قليچ بيگ جون ڇاپايل صورتون

مرزا قليچ بيگ صاحب الف- بي جي 51 حرفن جون صورتون ڏنيون آهن، همزي جو اکر يا ان جون صورتون نه ڏيڻ جي ڪا وضاحت ڪانه ڪئي اٿائين: سندس ڏنل اکرن جي صورتن مان اعتراض جوڳيون صورتون هن ريت ڏجن ٿيون:

| نالو | اکر | منڍ | وچ | پڇاڙي |
|---|---|---|---|---|
| الف | ا | ا | ـا | ـا |
| دال | د | د | ـد | ـد |
| ري | ر | ر | ـر | ـر |
| واو | و | و | ـو | ـو |
| مرزا مرحوم همزي جون صورتون نه ڄاڻايون آهن. | | | | |

(قليچ، 2006: 163 ۽ 164)

## محترم محمد ابراهيم جويي جون ڇاپايل صورتون

جناب محمد ابراهيم جويي ’منشي آنند رام‘ ۽ ’ٻولامل ٻولچند‘ جي اهم ڪتابن کي تصحيح ڪري ڇپرايا. ’منشي آنندرام‘ جي ڪتاب ’The Sindhi Instructor‘ جي ٽي دفعا تصحيح ڪيائين. هتي ڇاپايل ڪتاب جو چوٿون ڇاپو (2007ع) سامهون آهي، جنهن جي ’پيش لفظ‘ ۾ اکرن جون تصحيح شده صورتون بيهاريون ويون آهن: جڏهن ته ڪتاب جي پيٽ ۾ ’منشي آنند رام‘ جي ڇاپايل صورتن ۾ ڪافي ڪميون آهن. هيٺ جويي صاحب جي ڇاپايل صورتن مان مونجهاري هيٺ آيل بنيادي منفصِل اکرن ’ا، د، ر ۽ و‘ ۽ متصِل اکر ’ھ‘ جون صورتون خيال خاطر رکجن ٿيون:

| Name | Detached Form | English | Combined Form | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | Final | Medial | Initial |
| Aliph | ا | a | ـا | . . . | ا |
| Dal | د | d | ـد | . . . | . . . |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| Ray | ر | r | ـر | ... | ... |
| Vav | و | v | ـو | ... | ... |
| Hamzo | ء | a | ... | ـئـ | ئـ |

'منشي آنند رام' جي تصحيح ڪيل چارٽ مان اهو پتو پوي ٿو تہ محترم جويي صاحب هن معاملي کي چڱيءَ طرح جاچيو آهي. ان سلسلي ۾ پاڻ لکن ٿا تہ:

"In this fourth edition (the third of the revised one), I have replaced the first two pages of the book regarding the Alphabet. These original two pages, reproducing here in below to save them for posterity, as may be seen, sought to present the 52 letters of Sindhi Alphabet with their variant forms as the same appeared holding their position in the calligraphic format of the word." (Ibrahim, 2007: 9)

محترم جويي صاحب جي خيال ۽ صورتن مان پتو پوي ٿو تہ صاحب موصوف اکرن جي صورتن کي لکڻ/ خطاطيءَ/ لکڻ جي اصولن پٽاندر ئي ڏٺو آهي: ان اصول پٽاندر ڏٺو وڃي تہ صاحب موصوف جي ڄاڻايل 'الف' جي صورتن ۾ کمي آهي.

واضح رهي تہ: 'الف' جي شروعاتي صورت ٿيندي ئي ناهي: ڪنهن لفظ يا لفظ جي جوڙ واري منڍ ۾، خطاطيءَ/ لکڻ جي اصولن آهر، 'الف' سالم صورت ۾ ئي ايندو آهي: جيئن:

- شروعات ۾: اک، انب، اوير، اسرار، انوار، ابرار، الف: آخر، آسرو وغيره.

## ڊاڪٽر الانا پاران ڄاڻايل صورتون

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، عربي- سنڌي آئيوٽا جي 28 حرفن جون صورتون ڏنيون آهن، 52 مان 28 اکرن جي صورتن جي چونڊ ڪهڙي بنياد تي ڪئي وئي (اکر جي بنيادي گهر يا ٽبڪن وار)؟ ان جي ڪا وضاحت ڏنل ڪانهي ۽ نہ وري اهڙي ڪا ورڇ ڪيل آهي: تن مان اعتراض جوڳيون صورتون هيٺ رکجن ٿيون:

| آخري | وچيون | منڍ وارو | سالم |
|---|---|---|---|
| ـا | ـــ | ا | ا |
| ـد | ـــ | د | د |
| ـر | ـــ | ر | ر |

(الانا، 1993: 106 ۽ 107)

ڊاڪٽر الانا صاحب جي ڄاڻايل 28 حرفن جي صورتن مان ٽن اکرن جون صورتون تہ منفصل آهن.البت، مثالن ۾ 'و' بابت بہ اکيڙ ڪئي اٿس. بهرحال، ڊاڪٽر الانا صاحب جي ڄاڻايل 'ا، د، ۽ ر' جي وچين صورتن نہ ڏيڻ مان اهوئي معلوم ٿئي ٿو تہ صاحب موصوف ان مسئلي بابت ڪنهن حد تائين واضح ضرور آهي، ليڪن واضح هجڻ جي حالت 50% آهي.

### 1.1.1. واحد بخش شيخ پاران ڄاڻايل صورتون

واحد بخش شيخ صاحب 'الف، ب جي حرفن جون جدا جدا صورتون' جي عنوان سان 52 اکرن جون صورتون ڏنيون آهن، سي بہ گهڻي قدر مرزا قليچ بيگ جي ڄاڻايل صورتن جي تتبع تي ٻڌل آهن، سواءِ هڪ- اڌ مٽاسٽا جي! تن مان اعتراض جوڳيون صورتون هت ڏجن ٿيون:

| نالو | انتهائي صورت | متوسط صورت | ابتدائي صورت | جدا ٿيل |
|---|---|---|---|---|
| الف | ـا | ـا | ا | ا |
| دال | ـد | ـد | د | د |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ر | ر | ـر | ـر | ري |
| و | و | ـو | ـو | واو |
| ء | ئ | ء | ء | الف همزه |

(شيخ، 1986: 9، 10 ۽ 11)

شيخ صاحب جي ڏسيل صورتن مان پنج تہ منفصل اکرن جون آهن،جيڪي گھٽي قدر اڳين عالمن جي پوئواري ٿيون ظاهر ڪن.

### 1.1.2. چئني عالمن جي ڄاڻايل صورتن جي ڇنڊڇاڻ

هيٺ تقابلي چئني عالمن جون ڏنل منفصِل اکرن جون صورتون ڇنڊ ڇاڻ لاءِ رکجن ٿيون:

| ← | مرزا قليچ بيگ | | | | محمدابراهيم جويو | | | | ڊاڪٽر الانا | | | واحد بخش شيخ | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سالم صورت | ا | د | ر | و | ا | د | ر | و | ا | د | ر | ا | د | ر | و |
| شروعاتي صورت | ا | د | ر | و | ا | – | – | – | ا | د | ر | ا | د | ر | و |
| وچين صورت | ـا | ـد | ـر | ـو | – | – | – | – | – | – | – | ـا | ـد | ـر | ـو |
| آخري صورت | ـا | ـد | ـر | ـو | ـا | ـد | ـر | ـو | ـا | ـد | ـر | ـا | ـد | ـر | ـو |

مٿي ڄاڻايل ڏنل صورتن جي ڇنڊڇاڻ هيٺينءَ ريت بيھي ٿي:

- سالم صورتن ۾ چئني عالمن جي راءِ ساڳي آهي.
- شروعاتي صورتن ۾ بہ جويي صاحب جون ڄاڻايل صورتون مختلف آهن ۽ درست رخ ۾ آهن، باقي ٻين جو خيال ساڳيو آهي.
- وچيُن صورتن ۾ ٻن عالمن: مرزا قليچ بيگ ۽ واحد بخش جي راءِ ساڳي آهي. البتہ ٻن عالمن: جويي صاحب ۽ الانا صاحب جو خيال مختلف آهي.
- آخري صورت ۾ چئني عالمن جي راءِ برابر آهي.

ڊاڪٽر الانا صاحب منفصِل (اڻ ڳنڍيندڙ) اکرن جي وچين صورت ۾ ٻين عالمن کان اختلاف رکي ٿو، جنھن جو جواز ڄاڻائي ٿو تہ: "ا، د، ڌ، ڏ، ڊ، ڍ، ذ، ر، ڙ، ز ۽ و ڪنھن بہ لفظ ۾ پوئين حرف سان ملايا نہ ويندا آهن. اهي حرف، اڳئين حرف سان ڳنڍجي سگھجن ٿا، بشرطيڪ اڳيون حرف بہ ڳنڍيندڙ هجي. مثال طور:

| | |
|---|---|
| اُپ | الف پوئين حرف سان مليل نہ آهي. |
| اُس | الف پوئين حرف سان مليل نہ آهي. |
| پاسو | ايضاً |
| رات | 'ر' ۽ 'ا' پھرئين يا پوئين حرف سان مليل نہ آهن. |
| رَسَڻ | 'ر' پوئين حرف سان مليل نہ آهي. |
| ڪرڻ | 'ر' ايضاً |
| دري | 'د' ۽ 'ر' اڳئين ۽ پوئين حرف سان مليل نہ آهن. |
| رُڏل | 'ر' ۽ 'ڏ' ايضاً |
| ٻُڌ | 'ڌ' پھرئين حرف سان مليل آهي. |
| چوڻ | 'و' پوئين حرف سان مليل نہ آهي. |

هيٺ ڏنل لفظن ۾ حرف، ڪنھن بہ روپ ۾، هڪٻئي سان بہ ڳنڍجي نہ ٿا سگھن، مثلاً:

| | |
|---|---|
| وادو | ڍور |
| دوا | رڍ |
| ڏار | آڏ |
| واڙ | زور." (الانا، 1993: 107- 108) |

الانا صاحب جي راءِ مرزا قليچ بيگ ۽ واحد بخش شيخ کان نرالي بجا آهي: سندس ڏنل مثالن مان به نتيجا اخذ ٿين ٿا: هڪ ته، 'الف' يا 'ر' جي شروعاتي صورت ڪانه ٿي ٿئي، جنهن لاءِ پاڻ لکيو اٿس ته 'اُپ ۾ الف پوئين حرف سان مليل نه آهي' يعني الف جي شروعاتي صورت اڻ- ڳنڍجندڙ آهي. جڏهن ته سندس ڄاڻايل مثالن آڏار 'اپ' ۽ 'اس' جي جوڙجڪ تي بنا غور ڪرڻ جي مٿي 28 حرفن جي صورتن ۾ 'الف' جي شروعاتي صورت به ڄاڻائي اٿائين!

لفظ 'پاسو' ۽ 'رات' جي وضاحت ۾ لکيو اٿائين ته 'پاسو ۾ الف پوئين حرف سان مليل نه آهي ۽ رات ۾ الف پهرئين يا پوئين حرف سان مليل نه آهي'، جي بنياد تي درست خيال رکيو اٿائين ته 'الف' جي وچين صورت ڪانه ٿيندي!

ڊاڪٽر الانا جي ڏنل مثالن مان اهو خيال مضبوطيءَ سان اخذ ٿئي ٿو ته ڪنهن اکر جي صورت متصل (ڳنڍيندڙ) ۽ منفصل (اڻ- ڳنڍيندڙ) واري اصول تي رکڻ گهرجي. ڊاڪٽر الانا جو منفصل اکرن جي وچين صورت نه ڏيڻ مان مراد اها آهي ته ڊاڪٽر صاحب هن مسئلي کي ڄاتو درست آهي، ليڪن پنهنجي ڏنل 28 اکرن جي صورتن ۾ منفصل اکرن جي صورتن ڏيڻ ۾ تڪڙ ڪئي اٿس. سندس ئي ڏنل مثالن آڏار ان چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ته منفصل اکرن جون شروعاتي توڙي وچيون صورتون ڪونه ٿينديون.

محترم ابراهيم جويي صاحب جو اکرن جي صورتن بابت خيال، الانا صاحب کان به وڌيڪ مضبوط آهي: صاحب موصوف منفصل اکرن 'دال، ري ۽ واؤ' جون شروعاتي توڻي وچيون صورتون نه ڏنيون آهن. البت، 'الف' جي شروعاتي صورت تي غور نه ڪيو ويو آهي، جنهن کي اخذ ڪيل اصولن پٽاندر مناسب نه ٿو قرار ڏئي سگهجي.

ٻئي پاسي مرزا قليچ بيگ ۽ واحد بخش شيخ صاحب جون ڄاڻايل منفصل اکرن جون شروعاتي ۽ وچيون صورتون رد ٿيڻ جوڳيون آهن.

## • الف ۽ همزي جي صورتن جي ڇنڊڇاڻ

'همزي' جي صورتن سان جناب محمد ابراهيم جويي ۽ واحد بخش شيخ صاحب هٿ ڳنڍيو آهي: باقي، مرزا قليچ بيگ مرحوم ۽ ڊاڪٽر الانا صاحب 'همزي' جون صورتون نه ڄاڻايون آهن. واضح رهي ته هي 'صوتيات' کان وڌيڪ 'صورتخطيءَ' جو معاملو آهي، ان صورت ۾ 'همزي' جون صورتون به ساڳي حيثيت رکن ٿيون. سائين ابراهيم جويي صاحب 'همزي' جون جيڪي صورتون ڄاڻايون آهن، سي خطاطيءَ/ لکڻ/ لکڻ جي اصولن مطابق بلڪل درست آهن.

| | محمد ابراهيم جويو | | واحد بخش شيخ | |
|---|---|---|---|---|
| سالم صورت | ✓ | ء | ✓ | ء |
| شروعاتي صورت | ✓ | ئـ | ✓ | ئـ |
| وچين صورت | ✓ | ـئـ | ✗ | ء |
| آخري صورت | ✓ | ... | ✗ | ء |

- 'ب' جون چارئي صورتون ٿينديون. (هن اکر ۾ اِن شڪل وارا هينان يا مٿيان مٽجندڙ ٽٻڪن وارا اکر شامل ٿي ويندا.)
- 'جھ' جي شڪل ڏيڻ ڪپي ها، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ 'وسرڳي ھ' ڪم آندي ويندي آهي، هن اکر سان 'ملفوظي ه' جو ڳنڍڻ نہ ٿيندو. هي ٻنو اکر (Digraph) هڪ وسرڳ آواز لاءِ مقرر ٿيل آهي، ان ڪارڻ ان کي مخصوص 'ھ' سان لکڻ جي مشق ڪرائڻ گهرجي، جيئن: جھ ۽ گھ.)
- 'د' جون چار صورتون ڏنل آهن، جيڪي بہ صرف ٻہ ٿينديون: سالم ۽ آخري. (هن اکر ۾ اِن شڪل وارا مٽجندڙ ٽٻڪن وارا اکر شامل ٿي ويندا)
- 'ر' جون چار صورتون ڏنل آهن، جيڪي پڻ ٻہ ٿينديون: سالم ۽ آخري. (هن اکر ۾ اِن شڪل وارا مٽجندڙ ٽٻڪن وارا اکر شامل ٿي ويندا)
- 'س، ص، ط، ع، ف، ڪ، ک، گھ، ل، م، ن ۽ ي' ۽ ان سان ملندڙ اکرن جون بيشڪ چارئي صورتون ٿينديون.
- 'و' جون چارئي صورتون ڏنل آهن، جڏهن تہ هن جون بہ صرف ٻہ صورتون ئي ٿين ٿيون: سالم ۽ آخري.
- 'ه' جي صورتن ۾ ساڳيو معاملو سامهون اچي ٿو تہ 'ملفوظي ه' ۽ 'وسرڳي ھ' کي وچڙايو ويو آهي، جن جون صورتون ئي الڳ الڳ ٿينديون.
- همزي (ء) جون چارئي صورتون ڏنيون ويون آهن، جڏهن تہ هن اکر جون ٽي صورتون ٿين ٿيون: سالم، شروعاتي ۽ وچين. جڏهن تہ هن جي آخري صورت نہ ٿيندي. ٻاراڻي ڪتاب ۾ جيڪا صورت ڏني وئي آهي، ان جي آخر ۾ 'مختفي ـ' ڏني وئي آهي جيڪا ڪنهن بہ صورت ۾ مناسب ناهي.
- آخر ۾ استاد لاءِ هدايت ڏني وئي آهي تہ 'ڏنل اکرن جي مختلف صورتن مطابق پوري پٽي سمجهائي وڃي.' جڏهن اکر جي صورتن بابت استاد ئي واضح نہ رهندو تہ پوءِ ڪهڙي اميد رکجي تہ استاد مختلف صورتن مطابق پٽي سمجهائي!

آخر ۾ خيال خاطر اکر جي صورت بابت هڪ ٻہ مثال ڏجن ٿا:

- 'اک' (هن ۾ الف سالم صورت ۾ آيو آهي، شروعاتي ڪونهي)
- 'ماکي' (هن ۾ الف آخري صورت وارو آيو آهي، وچين صورت وارو نہ سڏبو. يعني هن حالت ۾ اکر جي حالت نہ، پر اکر جي ڳنڍجندڙ صورت ڏسي ويندي. ان 'الف' سان ڪو ٻيو اکر ڳنڍجي ها تہ چئي سگهجي پيو تہ اها وچين صورت آهي، ليڪن اهو ممڪن ئي ڪونهي.)
- 'بڪ' (هن لفظ ۾ 'ب' شروعاتي شڪل ۾ آهي.)
- ابابيل (هن لفظ ۾ پڻ 'ب' شروعاتي آهن، يعني انهن 'ب' اکرن کان اڳيان ڪو متصل اکر هجي ها تہ پوءِ وچين صورت سڏجي ها، هن حالت ۾ نہ!)

ان مان واضح هجڻ گهرجي تہ 'اکرن جي صورت' ۽ ڪنهن لفظ ۾ 'اکرن جي حالت' ٻہ الڳ معاملا آهن: ان لحاظ کان 'سنڌي ٻاراڻي ڪتاب' تي ٻيهر نظر ڌرڻ لاءِ گذارش ڪجي ٿي.

## حوالا/ ذريعا


- **الانا، غلام علي، ڊاڪٽر** [1964] 1993. سنڌي صورتخطي- حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.
- **شيخ، واحد بخش** (1986) سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو، ڀاڱو پهريون- ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- **مرزا، قليچ بيگ** [1961] 2006. سنڌي وياڪرڻ (گڏيل ڀاڱا)- ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- **Bulchand, Dulamal** (2003) 'A manual of Sindhi'. Hyderabad: Sindhi Language Authority.



ڊاڪٽر آزاد قاضي

# تاريخ بزمِ صوفياءِ سنڌ

## (ٻي سنڌ ثقافتي ڪانفرنس)

بزم صوفياءِ سنڌ جي پليٽ فارم تان ٿيندڙ ثقافتي ميڙن جي سلسلي ۾ ٻي سنڌ ثقافتي ڪانفرنس جو پروگرام داد شهيد، لڳ انڙ آباد تعلقو ڪونڙيءَ ۾ پهرين آگسٽ 1966ع تي منعقد ٿيي. جنهن جي مرحبائي تقرير درگاهه داد شهيد جي متولي سيد يار محمد شاهه ڪئي، سندس اها تقرير جيئن تہ تاريخ جو حصو آهي، انڪري ان جو مڪمل متن پيش ڪجي ٿو:

**مرحبا ڪميٽيءَ جي چيئرمن جو خطبو:**

”اوهان جملہ آيل مهمانن جو داد شهيد عليه رحمت جي هن ماهيانہ چوڏهينءَ جي موقعي تي بزم صوفياءِ سنڌ جي ٻئي اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ شڪريو ادا ڪريان ٿو. جيئن تہ سنڌ جي هڪ گوشہ ۾ هن درويش جو مقبرو آهي، انڪري ممڪن آهي ڪيترا صاحب ان جي زندگيءَ جي احوال کان واقف نہ هوندا. هن شاهه صاحب جو نالو داد محمد شاهه بن سيد بدرالدين شاهه بن سيد سخي ابراهيم شاهه آهي. هيءُ مٽياري سيدن جي ميان پوٽہ قبيلي مان آهي جي پوءِ سنائي سيدن جي نالي سان مشهور ٿيا. سخي ابراهيم شاهه درويش، عالم بزرگ هو، ڄام نظام الدين عرف ڄام ننڊو سنڌ جي سمي بادشاهه جي خاص مقربن مان هو، مٽيارين مان لڏي کاٽوٽ ڳوٺ جي پر ۾ اچي وينو هو، جتي ماڻهن جو منجهس گهڻو اعتقاد هو ۽ ڪيترا مريد بہ ٿيا. نواب دريا خان وزيراعظم ڄام نظام الدين کي هن لاءِ محبت ۽ عزت هوندي هئي. انڪري سندس پر ۾ پراڻي گوپانگ اسٽيشن جي نزديڪ هڪ قبائين جاءِ آرام گاهه طور نهرائي ڇڏيائين، جڏهن بہ هن طرف ايندو هو تہ ان ۾ رهي شاهه صاحب سان ملاقاتون ڪندو هو. چانگ قبيلي ان ملڪ جي رهاڪن کي نهايت تنگ ۽ غارت ڪيو هو. نواب دريا خان شاهه صاحب جي مدد سان انهن جي طاقت ختم ڪري شاهن کي اهو ملڪ جاگير ڪري ڏنو، جنهن جي حد آمريءَ کان هيٺ ڪانگو نوري کان وٺي داد شهيد جي موجوده مقام تائين هئي.

سيد سخي ابراهيم شاهه کي ٻہ فرزند ٿيا، هڪ سيد بدرالدين شاهه ٻيو سيد ڏٽي ڏنو شاهه، شهيد. سيد بدرالدين شاهه کي ست فرزند هئا:

(1) سيد ضياءالدين شاهه عرف جيو شاه اولاد سندس سيد حيدرعليه ۽ سيد جلال شاهه ٿيا
(2) سيد معروف شاهه سندس اولاد معروفاڻي سيد سڏجن ٿا،
(3) سيد معزالدين شاهه عرف موج شاهه، سندس اولاد ٻرين ڊيري ۽ موره وارا سيد،
(4) سيد حاجن شاهه سندس اولاد حاجيجا سيد آهن،
(5) سيد داد شهيد جنهن شادي نہ ڪئي ۽ درويش رهيو،
(6) سيد ڏٽي ڏنو شاهه جنهن جو اولاد کانوٽ، ڪونڙي، نوابشاهه، لس ٻيلو وارا سيد آهن،
(7) سيد جهنبو شاهه لاولد دفن مڪلي.

سيد داد محمد شاهه جي شهادت بابت هيٺيون احوال معلوم ٿي سگهيو آهي، باوجود جاگير ۽ ملڪيت جي ڌڻي سندس والد کي چيو تہ، نہ هو شادي ڪندو نہ دنياوي ڪاروبار ڪندو، جهنگ ۾ تنها يادِ خدا ۾ مشغول هوندو هو. ماڻهو دعا وغيره لاءِ وٽس گهڻا ايندا هئا، هيءُ انهي آزار کان تہ ڀڄو هو، نوجوان، شڪل جو خوبصورت، پرهيزگار هئڻ ڪري هن جي شهرت وڌي. هڪ عورت دعا گهرڻ آئي ڏسندي شاهه

صاحب تي مفتون ٿي پيئي ۽ وقت بوقت دعا گهرڻ لاءِ اچڻ لڳي شاهه صاحب تنگ ٿي کيس چيو ته: "مائي آئون تنهائيءَ ۾ رهڻ گهران ٿو مهرباني ڪري مون وٽ نه اچ". عورت کيس چيو ته: "آءٌ سائينجن جي خدمت ۾ رهڻ گهران ٿي"، هن جواب ڏنو ته: "آءٌ ڪنهن جي خدمت نٿو گهران." ان تي اها عورت انتهائي جذبي هيٺ اچي، سندس مرد کي، جو چور رهزن هو، سيد برخلاف ڪوڙيون ڳالهيون ٻڌائي، غصو ڏيارڻ لڳي، ته هو مٿس عاشق ٿي پيو آهي. جيئن ته هُو فقير درويش ماڻهو هو، ممڪن هو. هوءَ ان جي چنبي ۾ ڦاسي وڃي انڪري منهنجي سلامتي چاهين ته هن کي قتل ڪري ڇڏ. چانگن کي اڳي نواب دريا خان سيدن جي مدد سان ڪافي نقصان پهچايو هو، انڪري هن کي انتقامي جذبو اڀيئي هو سو هن سيد کي شهيد ڪري ڇڏيو.

اوهان مان ڪيترن کي شايد خبر نه هجي ته هن سيد جو پائيٽو سيد حيدر مخدوم بلاول جو مريد هو. اهي سڀ قوم پرست سنڌي هئا ۽ دريا خان جا حامي ۽ مددگار هئا. جنهن سنڌ جي بهادر جي، سنڌ لاءِ قربانين کان هرڪو تاريخدان واقف آهي.

ان زماني ۾ سيد محمد ميران جونپوري پيدا ٿيو، جو پاڻ کي محمدي سڏائڻ لڳو. اوهان کي خبر هوندي ته محمدين جا مکيه اصول هيٺيان ٿين ٿا:

(1) وقت ٿي ويو هو هاڻ ساري دنيا تي اسلام جو غلبو ڪيو وڃي.

(2) انهي مقصد جي حصول لاءِ جنهن ماڻهو جي ضرورت هئي ته مسلمانن کي گڏي هڪ جهنڊي هيٺ آڻي اسلام جي پکيڙڻ لاءِ جهاد شروع ڪندو. اهو ميان محمد ميران شاهه جونپوري پيدا ٿي ويو هو.

(3) تنهنڪري هر مسلمان استاد، عالم، درويش، غريب کي سندس هٿ هيٺ بعيت ڪري جهاد لاءِ تيار رهڻو هو.

(4) غلبه اسلام جي طلب ۽ معنيٰ اها هئي ته جتي ڪٿي اسلامي حڪومت ٿيڻي هئي، دين اسلام جو شريعتي راڄ جاري ڪرڻو هو، غير مسلمان کي زوريءَ مسلمان ڪرڻو هو.

اهو دم گهٽڻ هنڌ مجذوبه، جارحيت پسند ملائن، ۽ ائبونچرس ماڻهن اڪثر هنيو آهي، جنهن موجب اسلام جي نالي ۾ هزارها ماڻهن جا رت هاريا ويا هئا، ۽ جيئن ته اهو نهرو روح اسلام واري امن پسند جي خلاف هو، انڪري اهو ناڪامياب ٿيو هو. اڪثر صوفياءِ ڪرام ان کي غلط سمجهي مخالفت ڪئي هئي.

هنن جي خيال ۾ جهاد اڪبر اندر اجارڻ ۽ تاليف قلوب ڪرڻ هو، نه انسان جو مذهب جي نالي ۾ رت هارڻ هو. چوندا هئا:

دل بدست آرکہ جو اجداست از هزارن ڪعبہ يک دل بهتر ست

ان مان نواب دريا خان جهڙي دانشمند اعليٰ سياستدان، مخدوم بلاول، سيد حيدر، سيد عبدالرزاق شاهه لڪياري وارن کي فوجي انتشار ۾ خطرو محسوس ٿيو. تنهنڪري انهن گڏجي مشورو ڪيو ته انهيءَ سازش جي مخالفت ڪجي، ڄام نظام الدين ته مهمان نوازيءَ جا فرض بجا آڻي شاهه صاحب کي سنڌ ڇڏڻ جي صلاح ڏني، ليڪن باوجود ان جي هُو هيڙين جو قافلو ڪري ان ۾ ڇڙهي اسلام جي نالي ۾ تبليغ ڪندو ۽ بيعت وٺندو ويو. ان کي ختم ڪرڻ لاءِ صلاح ٿي ته، سيد جي هيڙين کي ٻوڙي مجبور ڪجي ته پٺي سنڌ ڇڏي وڃي. ان لاءِ سيد حيدر کي منتخب ڪيو ويو، جڏهن سيد ميران جونپري سن جي پر ۾ آيو ته بعيت جي تقاضا ڪيائين، سندس هيڙين تي حملو ڪرائي، انهن کي ٻوڙائي مجبور ڪيو ويو ته جيئن سنڌ ڇڏي پٺي وڃي. هتان وڃي هن فرات افغانستان ۾ وفات ڪئي، چوڻ ۾ اچي ٿو ته شاهه بيگ ارغون ان جو مريد هو، جڏهن ڄام نظام الدين وفات ڪئي ۽ ڄام فيروز عياشي شروع ڪئي ۽ مڪاني سردارن سان رابطا قائم رکي نه سگهيو، نواب دريا خان کي ناراض ٿيڻ تي مجبور ڪيائين، پٺاڻن کي پاڻ وٽ نوڪريءَ ۾

رکيائين قاضي قاضن جو ميران محمد شاھ جو مريد هو تنهن کي پاڻ وٽ وٽ مقرب ڪيائين، نتيجو اهو نڪتو تہ جلد شاھ بيگ ارغون اچي ملڪ فتح ڪيو، جنهن جي فرزند شاھ حسن مخدوم بلاول کي سرڪاري ملن کان فتويٰ وٺي گهاڻي ۾ پيڙائي ڇڏيو، سيد حيدر کي حال هجرت ڪري ڪڇ طرف وڃڻو پيو، حالتون سازگار ٿيڻ تي سنڌ موٽي آيو. سنڌ ۾ مذهب جي نالي کي استعمال ڪرڻ جي اها پهرين مخالفت هئي جا سنڌ جي درويشن ۽ نواب دريا خان طرفان ٿي هئي.

اڳي سمن جا ڪڇ جي جاڙيجن راجائن ۽ ڪاٺياواڙ جي هندو حاڪمن ۽ سوڍن سان تعلقات هئا، سي سنڌن لاءِ هميشہ لڙندا هئا، هيءَ تحريڪ اهڙي هئي جنهنڪري هندو مسلمانن ۾ نفاق پوڻ جو امڪان هو، انڪري ئي پوءِ اورنگزيب تہ حال تلوار جي زور سان ملڪ تي قبضو ڪيو، ۽ مغلن جي حڪومت جي پاڙ هميشہ لاءِ پٽجي ويئي. ساڳي طرح ڪٽرپڻي جي تحريڪ ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ هلي هئي، جنهن جي مخالفت شاھ شهيد عنايت، ۽ ٻين درويشن ڪئي.

اهڙيون تحريڪون خودغرض ماڻهو وقت ضرورت جاري ڪن ٿا، جن مان قومي شيرازي ۽ ملڪي امن کي نقصان پهچي ٿو، اسان کي ان کان خبردار رهي، سياست کي مذهب کان علحده رکڻو آهي. هيءَ درگاھ انهن بزرگن جو آستان آهي جن هرهنڌ پرين پسيو ٿي نفاق، ٻيائي، ڪٽرپڻو انهن وٽ ڪونہ هو. انهن ڪلمات سان، هتي اچڻ تي هڪ پيرو وري اوهان کي خوش آمديد ڪريان ٿو."

(بزمِ صوفياءِ سنڌ فائيل جي.ايم.سيد لائبرري)

درگاھ جي متولي سيد يار محمد شاھ جي مرحبائي تقرير کان پوءِ بزم جي روح روان جناب جي.ايم.سيد کي افتتاحي خطبي لاءِ سڏيو ويو. هن موقعي تي پڙهيل سنڌن خطبو اعليٰ شيرازي نٽي ۾ پيش ڪيل پهرئين خطبي جو تسلسل هو. بزم صوفياءِ سنڌ واري ان پهرين ڪانفرنس ۾ پڙهيل خطبو عام تعارف وارو هو، جنهن ۾ زندگيءَ سان وابستہ مختلف صيغن جي سمجهاڻي ڏيئي، انهن بابت ڪجهہ ڳالهيون پنهنجي مقصد واري خيال موجب بيان ڪيون ويون هيون ۽ انهن طرف عام و خاص جو ڌيان ڇڪائي، ڪجهہ بنيادي نوعيت واريون رٿون منظور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي، بزمِ جي سموري رٿابندي ۽ بنيادي فڪر جي ڦهلاءَ جي سلسلي ۾ هن ٻي ثقافتي ڪانفرنس کان شروعات ڪئي ويئي.

بزمِ صوفياءِ سنڌ وارين ڪانفرنسن جو جيئن تہ سائين جي.ايم.سيد جي نظر ۾ وسيع مفهوم ۽ مقصد هو، انڪري پاڻ ان جي نالي کي بہ ان ئي مفهوم واري حوالي سان اوتروئي وسيع انداز ۾ پئي سوچيو، جنهن جو اظهار هن ٻي سنڌ ثقافتي ڪانفرنس داد شهيد ٻڍاپور واري پروگرام ۾ پيش ڪيل خطبي ۾ هنن جملن سان ڪيائون:

> "منهنجي نظر ۾ طريقت، تصوف ۽ ڪلچر هڪ ئي شيءِ جا جدا جدا نالا آهن، تنهنڪري اسان هنن مجلسن کي بعضي 'بزم صوفياءِ سنڌ'، بعضيٰ 'ڪلچرل' بعضي 'روح رهاڻ' جي نالن سان منسوب ڪريون تہ مغالطي ۾ نہ پوڻ گهرجي." (سيد، 1975ع، ص 25)

اهو جيئن تہ بزم واري پروگرام جي پڪيڙ جو شروعاتي دور هو، ۽ سوا مهيني اندر هيءَ ٻي ثقافتي ڪانفرنس ٿي رهي هئي، انڪري سيد صاحب هن ڪانفرنس ۾ جيڪو خطبو پڙهيو، ان ۾ پهرئين خطبي ۾ پيش ڪيل ڪن سماجي نقطن جي بنيادي مقصد جي ورجاءُ ڪرڻ ۽ ان سموري مسئلي کي تجربا جي روشنيءَ ۾ زياده ڪارآمد ۽ ڪارگر بنائڻ لاءِ نئين سر غور ڪري، سيد صاحب بزمِ صوفياءِ سنڌ تحريڪ جا مقصد ۽ مرادون هن ريت طئہ ڪيا:

1. اهي ڪانفرنسون قومي خامين ۽ ڪوتاهين جي درستيءَ ۽ اصلاح لاءِ سڏايون وڃن. انهن کي محض حاضرين مجلس جي تفريح طبع، مختلف قسم جي اديبن جي زور

قلم جي اظهار يا سستي شهرت حاصل ڪرڻ ۽ ڪن مڪيہ ماڻهن جي نمائش لاءِ ڪتب نہ آندو وڃي.

2. جن درگاهن تي ڪانفرنسون سڏايون وڃن، انهن جي بزرگن ۽ درگاهن ڪي قومي اخلاق جي درستيءَ ۽ نفسياتي (روحاني) اصلاح جا پيغام رسان ۽ ذريعا ڪري ورتو وڃي ۽ نہ بذات خود مقصد ۽ مرادون.

3. جن درگاهن جا سجاده نشين سياسي اقتدار ۽ دنياوي جاهہ و جلال جي حصول ۾ قائل هجن، انهن ڪان جيترو ٿي سگهي، اوترو گوشو ڪجي." (سيد، 1975ع، ص 17-18)

مٿي ذڪر ڪيل بنيادي نوعيت وارين وضاحتن ڪان پوءِ، سيد صاحب هن خطبي ۾، ان ڳالهہ جو واضح طور تي اظهار ڪيو تہ:

"اسان جي قومي تنزل ۽ ڪمزوريءَ جو مکيہ سبب هيٺيون چار ڳالهيون نظر آيون آهن:
1- خود مطلبي ۽ خوديءَ جو پرچار
2- قومي شعور جي عدم موجودگي
3- نفرت ۽ نفاق جي موجودگي ۽
4- بزدلي ۽ بي غيرتي
اسان ڪي پنهنجي ڪلچرل ڪانفرنس ۾ قوم مان انهن خامين کي دور ڪرڻ لاءِ ڪم ڪرڻو آهي." (سيد، 1975ع، ص 18)

سيد صاحب مٿي ذڪر ڪيل قومي مرضن جي رڳو نشاندهي ڪونہ ٿو ڪري، پر پاڻ هڪ جراح ويج وانگر تفصيلي جاچ پڙتال ڪري، قوم جي مختلف طبقن ۾ گهر ڪري ويل انهن مرضن جو علاج پڻ ڳولڻ جو اظهار ڪري ٿو:

"اسان کي پنهنجي ڪلچرل ڪانفرنسن ۾ قوم مان انهن خامين کي دور ڪرڻ لاءِ ڪم ڪرڻو آهي. اهي مقصد تڏهن حاصل ٿي سگهندا، جڏهن اسان انهن مرضن جي دور ڪرڻ لاءِ ڪي علاج ڳولي لهون ۽ انهن ڪي انهن بيمارين جي دور ڪرڻ لاءِ ڪم آڻيون." (سيد، 1975ع، ص 18)

ان حوالي سان سيد طرفان قوم کي هيٺين چئن حصن ۾ ورهائي، انهن جي مرضن جو علاج ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. (1) غريب عوام، (2) زميندار ۽ وڏو ماڻهو، (3) ڪامورو، (4) تاجر ۽ ڪارخانيدار.

مٿي ذڪر ڪيل گروهن مان هرهڪ جو معيار زندگي مختلف آهي. انڪري انهن جا مسئلا بہ ڌار ڌار آهن، پر مجموعي طور تي ساڳي مرض ۾ مبتلا آهن، جيڪو قومي تنزل ۽ تباهيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿو. چاڪاڻ تہ ان مرض ۾ مبتلا هئڻ ڪري، اهي قومي مفاد بابت ويچارڻ بجاءِ، شخصي مفاد لاءِ سرگردان رهن ٿا.

## غريب عوام:

غريب عوام سان روزمره ۾ جيڪي بک بيروزگاري ۽ چوري چڪاريءَ وارا مسئلا ڪارفرما آهن، جن مان چوٽڪاري واري حوالي سان، اهي زميندارن ۽ سرڪاري عملدارن ڏانهن اميد ڀرين نظرن سان واجهائيندا ۽ هٿ پير هڻندا رهن ٿا. پر غور ڪري ڏسبو تہ مٿي ذڪر ڪيل مرضن ۾ مبتلا هئڻ ڪري، اهي بہ سندن مددگار ٿي نہ ٿا سگهن. بلڪ پنهنجي پيٽ پرڻ ۽ مٿين کي راضي رکڻ لاءِ، عوام آواز وارو ڪردار ادا ڪندا رهن ٿا. چاڪاڻ تہ اهي بہ ساڳين ئي مرضن ۾ مبتلا آهن. انهن ۾ فرق رڳو درجي (Class) وارو آهي.

**زميندار ۽ وڏو ماڻهو:**

غريب عوام جنهن طبقي ۾ سهڪار ۽ تعاون واري اميد رکي ٿو ۽ ان جو راڄ ٿي پيو هلي اهو پنهنجي نٽ ٺانگر، رعب تاب برقرار رکڻ ۽ پاڙي واري زميندار تي رعب وهارڻ جهڙين خسيس خواهشن ۽ غرضن جي حاصلات لاءِ حڪمرانن جي خوشامند ۾ پورو هوندو آهي. چاڪاڻ ته بقول سيد:

"هن ڪلاس کي اڃان هيءَ احساس نه ٿيو آهي، يا جي ٿيو آهي ته خود مطلبي ۽ بزدلي کين ان کي قبولڻ جي اجازت نه ٿيون ڏين، ته شخصي عزت، اقتدار ۽ ملڪيت، قومي اقتدار، عزت ۽ فرخنده حاليءَ کان سواءِ بيسود آهي." (سيد، 1975ع، ص 20)

**ڪامورو:**

ڪامورو ڪلاس ڪمائيءَ واري ڪرسي ماٽي، مال ميڙڻ خاطر هر ڪُڌي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار رهي ٿو. هُو حق ناحق واري فرق کان بغير حڪمرانن جي مفادن جي پورائي لاءِ هٿيار ٿي ڪم ايندو رهي ٿو. جنهن ۾ سندس خود مطلبي ۽ خود غرضيءَ واري سوچ جو وڏو عمل دخل آهي.

**ڪارخانيدار ۽ واپار:**

هن گروهه کي جيئن ته 'ٻن مان ٻارهن' ۽ 'پنجن مان پندرهن' ڪرڻ جو شوق دامنگير رهي ٿو. انڪري سندن سڄي ٻوڙ ان جي حاصلات طرف آهي. اها خودمطلبي ۽ خودغرضيءَ واري سوچ قومي شعور جي عدم موجودگيءَ سبب آهي، جنهنڪري قومي مفادن ڏانهن ڪو توجهه ئي نه ٿو ڏئي.

سنڌ جو وڏيرو، ڪامور ۽ ڪارخانيدار جيڪي ڪجهه ڪري رهيو آهي. سندس ان عمل سان مجموعي طرح ڪيترو قومي نقصان ٿئي ٿو. ان طرف انهن مان ڪنهن جو ڌيان ڪونهي. چاڪاڻ ته قومي وجود ۾ پيدا ٿيل بيمارين (جيڪي غلاميءَ جو ڪارڻ ٿين ٿيون) طرف ڪوئي به ڌيان نه ٿو ڏئي. اهو سڀ خودمطلبي ۽ خود غرضيءَ سبب قومي شعور پيدا نه ٿيڻ جو نتيجو آهي. جو هرڪو پنهنجيءَ ۾ پورو رهي ٿو. ورنه جيڪڏهن قوم جي اهنجن، عذابن ۽ قومي بربادي طرف ڌيان هجي ته ڀٽائي جي بقول:

پيو جن پرو گنجي ڏونگر گام جو،
چڏي ڪيٽ ڪرو، لوچي لاهوتي ٿيا.

ان مرض جي علاج طرف اشارو ڪندي سائين جي.ايم.سيد لکي ٿو:

"هر فرد پنهنجي وجود کي قومي وجود ۾ فنا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي... قومي مفاد کي شخصي مفاد تي ترجيح ڏجي. فرد جي قومي وجود کان علحده هستي ٿي نه ٿي سگهي." (سيد، 1975ع ص 21)

**نفرت ۽ نفاق:**

قومن ۾ جڏهن خود مطلبيءَ ڪارڻ نفرت ۽ نفاق پيدا ٿئي ٿو ته قوم جو شيرازو پرزا پرزا ٿيو وڃي. انڪري نبض شناس رهنمائن نفرت ۽ نفاق ختم ڪرائڻ وارن بنيادي ڪارڻن طرف اشارا ڪيا آهن. ان سلسلي ۾ سائين جي.ايم.سيد نفاق جا هيٺيان ٽي ڪارڻ بيان ڪيا آهن:

"(1) مذهب جي غلط تشريح، (2) شخصي ۽ طبقاتي ڇنا ڇيٽيون، (3) فسطائي نظريا." (سيد، 1975ع ص 22)

غور ڪري ڏسبو ته مذهبي تفرقي بازي، ذاتي ۽ طبقاتي اوچ نيچ واري حوالي سان گروهه بنديون توڙي فرسوده قومي ۽ بين الاقوامي نظرين وارو ٽڪراءُ ئي نفرت ۽ نفاق کي وڌائي ٿو، جن جي اثرن کان بچڻ جي سيد بار بار تلقين ڪري ٿو.

**بزدلي ۽ بي غيرتي:**

اتحاد ۽ اتفاق ۾ وڏي طاقت آهي. اتفاق همت ۽ بهادري پيدا ڪرائي ٿو. مٿي ذڪر ڪيل سببن جي ڪري، جڏهن نفرت ۽ نفاق سبب قومي شيرازو پرزا پرزا ٿيو وڃي، قوم ۾ اتحاد نه ٿو رهي، تڏهن ڪٿو ڪٿو ٿيل قوم ۾ بزدلي (حاڪمن کان ڊڄڻ) بي غيرتي (قومي نقصان ٿيندو ڏسي ڪجهه نه ڪڇڻ) وارا لاڙا جنم وٺن ٿا. اهڙي صورتحال کي نظر ۾ رکندي سيد صاحب چوي ٿو:

"اسان کي هنن مجلسن ذريعي انهن (لاڙن) کي دور ڪرڻ لاءِ ايثار، قرباني، قومي غيرت ۽ حميت جو مادو پيدا ڪرڻو آهي." (سيد، 1975ع، ص 23)

سيد اهڙين ڪانفرنسن ۾ ڪهڙي قسم جي مواد پيش ڪرڻ جو متمني هو، ۽ ڪهڙي قسم جي ماڻهن کان قوم کي پري رهڻ ضروري پيو سمجهي (ابراهيم خليل ۽ ڪمپني) ان ڳالهه طرف اشارو ڪندي واضح لفظن ۾ چوي ٿو:

"هيءَ ڳالهه سمجهي ڇڏڻ گهرجي، ته جيڪي اديب رڳو ادبي موشگافين يا شاعريءَ جي شمع ۽ پرواني، ساقي ۽ ميخاني، گل ۽ بلبل وغيره جي رسمي ۽ بي معنيٰ قافيه پيمائي ۾ محو رهڻ گهرن ٿا، يا رڳو پنهنجي علم ۽ عقل جي لفظي بفاغن سان پريل مقالا لکڻ ۽ پڙهڻ گهرن ٿا تن لاءِ هي مجلسون موزون جڳهون نه ٿينديون.

جان وڃيو هئين ته ويهه، نا ته وٺيو واٽ وڻءُ تون.

هيءُ تنين جو ڏيهه، ڪاتي جنين هٿ ۾." (سيد، 1975ع، ص 24)

سيد صاحب اهڙي نوعيت واري عياشانه ۽ تفريحي لکڻين جي زوردار مخالفت ڪندي واضح لفظن ۾ ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته:

"جيڪي شاعر رڳو بيمار قسم جي عشق عاشقيءَ جي داستان سرائي يا محض قافيي ۽ رديف جي قابليت ڏيکارڻ لاءِ هنن ڪانفرنسن جي مشاعرن ۾ اچڻ گهرجن ٿا. انهن کي ادب سان عرض ڪبو ته، يا ته پنهنجو روايتي طور طريقو بدلائين يا پنهنجي گوهر افشانيءَ لاءِ مناسب ۽ موزون پليٽفارم ڳولي هٿ ڪن."

سيد صاحب بزم صوفيائي سنڌ وارن مقصدن ۽ مرادن بابت ڏنل سمجهاڻيءَ طرف اشارو ڪندي شاعرن کي به آگاهه ڪري پيو ته:

"هتي شعر مٿي ذڪر ڪيل مقصدن جي تبليغ ۽ اشاعت لاءِ ئي چوڻو آهي، ڇاڪاڻ ته هي مجلسون اتحاد، امن ۽ ترقي ۽ سنڌ جي ڀلائيءَ لاءِ هڪ مشن، هڪ تحريڪ جو ڪم ڏيڻ لاءِ ڪوٺايون وڃن ٿيون نه سڌڙين جي سٽن پوري ڪرڻ ۽ ڪين مشهوري حاصل ڪرڻ جي موقعي ڏيڻ واسطي." (سيد، 1975ع، ص 24)

راڳ روح جي غذا هوندي آهي، جنهن کي وقتي وندر ۽ ذهني تفريح لاءِ پڻ ڪارگر تصور ڪيو ويندو آهي، سائين جي.ايم.سيد به راڳ پنهنجي محفلن جو مکيه جزو تصور ڪندو هو، پر ان جي مقصد واري حوالي سان سيد جو جداگانه خيال هئو. انڪري بزم وارين محفلن ۾ شامل ٿيندڙ عالمن، اديبن شاعرن توڙي عام ماڻهن جو پنهنجي ان بنيادي مقصد ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي، ان ڳالهه کان آگاهه ڪري ٿو ته:

"راڳ، سرود بيشڪ روح جي راحت ۽ تن جي طراوت آهي، پر جي صاحب صرف ان جي تفريح طبع لاءِ ٻڌڻ گهرن ٿا، تن لاءِ سئنيمائون، ريڊيا، گراموفون، خانگي مجلسون زياده ڪارآمد ٿي سگهن ٿيون. هتي راڳ کي خودي ڪانئڻ، حب الوطني پيدا ڪرڻ، قوم شناسيءَ محبت جي پيام، ايثار ۽ قربانيءَ جي تعليم ڏيڻ لاءِ ٻڌايو ويندو." (سيد، 1975ع، ص 24)

اسان جا اديب جيڪي مذهبيِ، سياسي ۽ ذاتي حوالن سان مختلف گروهن ۾ ورهايا پيا هئا، انهن کي پڻ آگاهه ڪيو ويو تہ:

”اسان جي اديبن مان جي مذهبي فرقي بنديءَ، سياسي پارٽي بازيءَ، خودمطلبيءَ ۽ طبقاتي مفاد جي نقطي نگاهہ کان نفرت ۽ نفاق ڦهلائڻ گهرن ٿا، تن کي پنهنجي لاءِ جدا مرغ زار ڳولي لهڻ گهرجي.“ (سيد، 1975ع، ص 24)

ساڳي ئي مقصد جي مدِنظر نوجوانن کي آگاهہ ڪيو ويو تہ:

”اسان جي نوجوانن مان ٿلي زلف جي بند جي شوقينن کي هتي گهڻ لطف ايندو.“

سنڌ جي مٿي ذڪر ڪيل مڙني گروهن کي اجاين تصوراتي معاملن ۾ پوڻ کان پاسي ڪرڻ، مقصديت واري واٽ وٺي سماج جو ڪارگر فرد ٿي ڪم ڪرڻ لاءِ، سيد هر گروهہ کي ڌار ڌار نصيحت واريون ڳالهيون ڏسي ٿو، ٻئي طرف پاڻ پيرن جي درگاهن تي ميڙا پيو مڃائي، تڏهن ترقي پسند روشن خيالن فردن جي ذهنن ۾ خدشا پيدا ٿيڻ واري امڪان جي مدِنظر سيد صاحب واضح ڪيو تہ:

”اسان هنن مرڪزن تي پير پرستي، رجعت پسندي، نفرت پيدا ڪرڻ، ذاتي عزت ۽ وقار جي پرچارِ ۽ تبليغ لاءِ ڪونہ گڏ ٿي رهيا آهيون، بلڪ ماڻهن جي اصلاح نفس، اخلاقي سڌاري، قوم شناسي، حب الوطنيءَ، خوديءَ جي ڪانئڻ، انساني اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ گڏ ٿيون ٿا.“ (سيد، 1975ع، ص 24)

مٿي ذڪر ٿي آيو آهي تہ سائين جي.ايم.سيد طريقت، تصوف ۽ ڪلچر کي ساڳي هڪ ئي شيءِ جي مختلف نالن طور ظاهر ڪري ٿو. پاڻ جڏهن اهڙو ذڪر ڪري ٿو، تڏهن ان جي اصطلاحن واري معنيٰ ۽ مفهوم کي پڻ ان انداز سان بيان ڪري ٿو. جيئن پاڻ لکيو اٿس:

”هن وقت تائين اسان وٽ طريقت جي معنيٰ خوديءَ کي ڪانئڻ، پاڻ سڃاڻڻ، دوئيءَ کي ڪيڻ، دنيا تي آخرت کي ترجيح ڏيڻ ۽ حب الوطني، اصلاح نفس ۽ درستگي اخلاق پئي ڪئي آهي. جيڪڏهن ان جي پيٽ ڪلچرل ترقيءَ سان ڪنداسين، تہ ان جي معنيٰ بہ ساڳي نڪرندي. جا اهل طريقت وارن پئي ڪئي آهي. صرف طريقي ڪار ۽ تشريح ۾ جديد زماني جي جديد لفظن ڪري ٿورو تفاوت ڏسڻ ۾ ايندو.“ (سيد، 1975ع، ص 25)

جديد زماني جي تقاضائن موجب، نون لفظن ڪري، ڪلچرل ترقيءَ سبب انهن اصطلاحن جي مفهوم ۾ ڪهڙو فرق آيو آهي، ان بابت سمجهاڻي ڏيندي، سيد صاحب لکي ٿو تہ ڪلچرل نقطہ نگاهہ کان:

- ”خوديءَ کي ڪائڻ، جي معنيٰ اها ٿيندي تہ فرد پنهنجي شخصي نفعي کي قومي مفاد ۾ سمائي ڇڏي.
- ’پاڻ سڃاڻڻ‘ جي معنيٰ اها ٿيندي تہ فرد يا قطري جي جداگانہ هستي، قوم ۽ دريا ۾ سمائجڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي.
- ’خودشناسي‘ ۽ ’قوم شناسي‘ هم معنيٰ ڳالهيون آهن.
- ’دوئي کي ڪيڻ‘ جي معنيٰ اها ٿيندي تہ جا ڳالهہ انساني اتحاد کي ٽوڙي، نفاق ۽ نفرت پيدا ڪري، بدامني پيدا ڪندي، سا دوئي يا ٻيائي هوندي، پوءِ اها ڳالهہ چونہ مذهب، وطن، طبقاتي مفاد، پرهيزگاريءَ ۽ تقويٰ جي نالي ۾ بيان ڪئي وڃي.
- ’دنيا تي آخرت کي ترجيح ڏيڻ‘ جي ڪلچرل زبان ۾ اها معنيٰ ٿيندي تہ عارضي ۽ ترت نفعي تي دائمي ۽ آئيندي جي مفاد کي ترجيح ڏجي.“ (سيد، 1975ع، ص 25)

مٿين نوعيت واري سمجهاڻي ڏيڻ کان پوءِ حب الوطني واري حوالي سان جيڪي تصوراتي قسم جا مفروضا، اهل طريقت وارن جي حوالي سان وقتاً کان مروج هئا، سيد صاحب انهن بابت عالمانه انداز ۾ ذڪر ڪندي چيو ته:

”حب الوطنيءَ کي اهل طريقت ايمان جو جزو پڻ سمجهيو آهي. ليڪن ڪن ماڻهن اُن جي معنيٰ اها پڻ ڪئي آهي ته هيءُ فصل عارضي ۽ فاني آهي، اصل وطن عالم ارواح آهي، تنهن ڪري، درويش جڏهن وطن جو نالو ورتو آهي، ته اُن مان ’مُلڪي محبت چڱڻ‘ جي معنيٰ نڪري نه ٿي سگهي.“ (سيد، 1975ع، ص 26)

سيد صاحب مٿي ذڪر ڪيل تصور بابت رد ڏيندي لکي ٿو:

”اُن کي هروڀرو اڪيلي ۽ اصل معنيٰ سمجهڻ حقيقتن جي خلاف ٿيندو. انسان، جسم ۽ روح جو مرڪب آهي. جسمي شين کي صوفين مجاز سڏيو آهي ۽ روح کي حقيقت سمجهيو آهي، پر ساڳين صوفين اهو به چيو آهي ته: ”المجاز قنطرت الحقيقت“ مجاز حقيقت تي پهچڻ جي پل آهي.“ (سيد، 1975ع، ص 26)

مٿي ذڪر ڪيل عالمانه سمجهاڻي ڏيڻ کانسواءِ سيد صاحب سامعين کي سوال سمجهاڻي ڏيندي اظهار ڪيو ته:

”ذرا غور ڪري ڏسندا ته پتو پئجي ويندو ته جنهن وطن ۾ ماڻهو ڄائو نپنو هجي، جتي سندس عزيز دوست پڪا پڪن سان اڏيو وينا هجن، جتي مٽ مائٽ دفن ٿيل هجن، جنهن زمين مان کيس کاڌو، ڪپڙو ۽ اجهو ملندو هجي، ان جي محبت نه رکڻ ڪيتري قدر جائز ٿي سگهي ٿو.“ (سيد، 1975ع، ص 26)

وطن سان محبت واري حوالي سان مٿيون مثال ڏيڻ کان پوءِ ان جي مخالفت ڪرڻ وارن جو ذڪر ڪندي سيد صاحب ترش انداز ۾ ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته:

”صرف جاهل، بي ايمان ۽ بي غيرت اهڙي ڳالهه ڪري سگهن ٿا، پوءِ انهن جا پوئلڳ اهڙي پرچار ڪندڙن کي کهڙي به لقب سان ياد ڪندا رهن.“ (سيد، 1975ع، ص 26)

ان دور ۾ هڪ مخالف گروهه پاران وطن پرستيءَ کي بت پرستيءَ سان تعبير ڪيو پئي ويو، انڪري سيد صاحب آخر ۾ واضح ڪيو ته:

”وطن کي بت سڏڻ اهل تصوف وٽ اهڙوئي ڏوهه آهي جهڙو مجازي معشوق کي حقير سمجهڻ.“ (سيد، 1975ع، ص 26)

سائين جي.ايم.سيد جي بصيرت انگيز ۽ نصيحت آميز خطبي کان پوءِ قاضي فيض محمد حفيظ قريشي ۽ رسول بخش پليجي سنڌ جي سورن، سماجي نابرابري، غلامانه ماحول ۽ اقتصادي ڦرلٽ واري حوالي سان زوردار تقريرون ڪيون.

آخر ۾ صدر مجلس صدارتي ڪلمات ۾ فرمايو ته:

”برادران عزيز: آءٌ اوهان جو نهايت شڪرگذار آهيان، جو هن مجلس ”بزمِ صوفياءِ سنڌ“ جي ٻي ڪانفرنس جي صدارت جو مون کي شرف بخشيو اٿو. جهڙا مقصد هن جماعت جا بيان ڪيا ويا آهن، اهي سنڌ جي عوام ۽ خواص لاءِ نهايت مفيد آهن. حضرت داد شهيد جي باغ داد ۾ اچڻ کان، جا راحت ۽ مسرت حاصل ٿي رهي آهي، تنهنجو بيان پيش ڪري نه ٿو سگهان.

آءٌ اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ مدد ۽ خدمت ڪندو رهندس. والسلام (بزمِ صوفياءِ سنڌ فائيل)

ان موقعي تي اعلان ڪيو ويو تہ:

سنڌ جي صوفياء ڪرام جي درگاهن ڪي بزمِ صوفياء سنڌ جي نالي سان عوام جي نفسياتي آهي اصلاح، اخلاقيٰ درستي، پيغام محبت، سنڌي ڪلچر جي ترقي درگاهن ۽ سجادن جي حفاظت لاءِ منظم ۽ مرتب ڪرڻ لاءِ هيٺين ائيڊهاڪ ڪاميٽي وڏيڪ سجاده ۽ اديبن جي اجازت سان نالا وڏائڻ جي اختيار سان برپا ڪجي ٿي.

1. پير سيد غلام حيدر شاهہ صاحب سجاده نشين درگاهہ شاهہ ڪريم عليه رحمت — چيئرمن
2. پير سيد شاهہ ڏنو شاهہ صاحب سجاده نشين درگاهہ شاهہ لطيف عليه رحمت — ميمبر
3. صوفي ارشاد عباس صاحب سجاده نشين درگاهہ شاهہ عنايت عليه رحمت — ميمبر
4. سيد علي اصغر شاهہ صاحب سجاده نشين درگاهہ سيد عالي شيرازي ٺٽہ عليه رحمت — ميمبر
5. صوفي عبدالحق صاحب سجاده نشين درگاهہ سچل سرمست عليه رحمت — ميمبر
6. سيد غلام تقي شاهہ صاحب سجاده نشين درگاهہ سيد حيدر عليه رحمت — ميمبر
7. پير سيد حسام الدين شاهہ صاحب اديب سنڌ — ميمبر
8. مسٽر محمد ابراهيم جويو صاحب اديب سنڌ — ميمبر
9. شيخ مبارڪ اياز صاحب اديب سنڌ — ميمبر
10. مولوي غلام مصطفيٰ صاحب قاسمي صاحب اديب سنڌ — ميمبر
11. قاضي فيض محمد صاحب اديب سنڌ — ميمبر
12. سر رسول بخش پليجو صاحب اديب سنڌ — ميمبر

تنهن بعد ٿيل مشاعري جي محفل ۾ سنڌ جي نامور شاعرن شيخ اياز، شمشيرالحيدري، رشيد ڀٽي، پروانو ڀٽي، فتاح ملڪ، سيف بنوي، عارف المولىٰ ۽ الطاف عباسي سنڌ ۽ سنڌي عوام جي خوشحالي ۽ تاريخن روايتن جي حوالي سان شاعري پيش ڪري. شرڪت ڪندڙ عوام جي دلين ۾ نئون روح ڦوڪيو.

ماني کائڻ کان پوءِ راڳ جي محفل شروع ڪئي ويئي، جنهن ۾ ريڊيو فنڪارن فقير عبدالغفور، زرينہ بلوچ محفل جي رونق کي دوبالا ڪري ڇڏيو. زرينہ بلوچ شاهہ جي سُر سارنگ مان ڪافي ۽ اياز جا ڪلام ڳايا. فقير عبدالغفور شاهہ جي ڪافين سان محفل کي گرمايو، جنهن سان گهڙي تي سنگت وادئي مهراڻ جي منفرد فنڪار منا خان جي هئي، ان ڪانسواءِ استاد نياز حسين، ڪريم بخش چانديو ۽ فقير نورمحمد کان علاوه مقامي فنڪارن پنهنجي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو.

هيءُ ثقافتي محفل چئين بجي تائين هلي، جنهن ۾ اوائي هزارن جي لڳ ڀڳ عوام شرڪت ڪئي.

## مددي مواد:


1. سيد، جي.ايم، "خطبات سيد"، 1975ع، نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي
2. بزمِ صوفياءِ سنڌ فائيل جي.ايم لائبريري، سن.



عبدالقادر ڪوسو

# شاهه سائينءَ جي فڪر ۾ ڪائنات جي ڪارڻي حضرت محمّد مُصطفيٰ ﷺ جو شانُ مبارڪ

ٻنهي جَهانن جا سَردار، رحمة للعٰلمين، ڏيهن جا ڏاتار أنبيائن جا سَردار حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن 571ع بمطابق عامُ الفيل جي پهرئين سال رَبيع الاول مهيني جي 12 تاريخ سومر جي ڏينهن هن دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا.

نبي ڪَريم صلي الله عليه وآله وسلم جَن جي پيدا ٿيڻ سان ڪِن روايتن جي راوين لکيو آهي تہ ڪَسريٰ جي محل جا چوڏنهن ڪُنگرا ڪِري پيا. مَجُوسين جو آتشڪَده وِسامِي ويو. ”بُحِيرَه ساوَه“ سُڪي ويو ۽ أن جا ديول ڪِري پيا.

انهن روايتن ۾ اختلاف آهي، ڪي لکن ٿا تہ أهي واقعا نبوت جي اڳَڪَٿين طور ظاهر ٿيا. اها روايت طِبري ۽ بيهقيءَ جي آهي. ”سيُوطي ۽ حافظ ابُونعيم“ پنهنجن ڪتابن ”خصائص“ ۽ دَلائل ۾ حُضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي وِلات واري رات لاءِ لکي ٿو تہ ڪَسريٰ جي ايوان ۾ زلزلو مَحسوسُ ٿيو ۽ ان جا چوڏنهن ڪُنگرا ڪِري پيا.

شاهه سائين پنهنجي ڪلام ۾ تقريباً سيني سُرن ۾ حُضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو شان ڳايو آهي، پر خاص طور تي سُر سُهڻي، سُر مارئي ۾ حقيقتِ محمديءَ جون جيڪي ٿلميحون ڪَتب آنديُون آهن. أنهن کي پڙهي انسان حيران ٿي وڃي ٿو تہ ڀَنائي أهي ٿلميحُون هزارن جي تعداد ۾ استعمال ڪيون آهن. شاعريءَ جي علم ۾ شاعر ڪيترين ئي صنعتون پنهنجي شعر ۾ استعمال ڪندو آهي. ٿلميح، عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي. هن صنعت ٿلميح مان مراد أها آهي تہ شاعر قرآن پاڪ جون آيتُون، حَديثون، ڪِن مشهور واقعن جو ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪري تہ ان کي تلميح چوندا آهن. ڀَنائي أمي هو، پر اڌ ڪان وڌيڪ قرآن ڪريم جو آيتُون، سُورتن جُون سُورتون نالن سان پنهنجي رسالي ۾ ڪتب آنديون اٿس.

شهنشاهه لطيف حقيقت محمديءَ جي نُور بابت سُرمارئيءَ جي هيٺئين بيت ۾ منظرنگاري ڪئي آهي:

1. فَيَڪُون فِدا ڪَري، ڪَهيائين سِين ڪُن،
ٿعظيماً تمام ڪري، پوءِ پَٽيريائين ڀُن،
مارُو تيائين مُن، پينر ڀاڳي آئيو.
(مارئي)

2. نڪا ڪُن فيڪون هُئي، نڪو لڳَ لحَمُ،
نہ بٽيو هو بُتَ ۾، أجاڪِي آدمُ،
مُون ٿڏهَانڪُون سَڱَ، اِها ساجاهہ سپرين
(مارئي)

3. ساهَڙ جا سينگار، أزَلَ ڪان اڳي هُئا،
نڪا ڪُن فيڪُون هُئي، نڪا ٻي ٻَچارَ،
مَلَڪئان مَهند هُئِي، توڏيءَ جي ٿنوار،
تڏهن مَحبت ساڻ ميهار، لايائين لطيف چئي.
(سهڻي)

مٿين ٽن ئي بيتن ۾ شاهه سائين قرآن ڪريم جي آيت (ڪُن فيڪُون) استعمال ڪئي آهي جيڪا ٿلميح آهي ۽ حقيقت محمدي جو شان بيان ٿيل آهي. صوفي بزرگن اصل ڪان وٺي هن ڪائنات جي تخليق جو ڪارڻ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ذات بابرڪات ڏانهن مَنسُوب ڪيو آهي.

نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جون ٻہ حديثون هيٺ تلميح طور ڏجن ٿيون، جن ۾ اها ڳالهہ صوفين جي قول کي ٿقويت ڏئي ٿي تہ ڪائنات جي ڪارڻي جو نُور سڀ ڪان پهريائين الله پاڪ پيدا ڪيو.

حديث 1: أولَ ماخلق الله نوري. (قدسي)

ترجمو:- سڀ کان پهريائين الله پاڪ منهنجو نُور خلقيو.

حديث: 2. لولاک لما خلقتُ الأفلاکَ. (قدسي)

ترجمو: اي محبوب توکي نہ پيدا ڪريان ها تہ پُورو جهان ئي پيدا نہ ڪريان ها!

مٿين ٻنهي ڏنل حديثن مان اِها ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ الله سائين سڀ کان پهريائين حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو نُور پيدا ڪيو. مٿيون ٻئي حديثون تلميحُ جو عُمدو مثال آهن.

حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ثنا هيءَ زبان ڇا ڪندي؟ ڇا بَشر ڪي طاقت آهي جو حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جون وَصفون بيان ڪري؟ خدا پاڪ خود حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو وَصفون بيان ڪيون آهن.

حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ساراهہ فَلڪَ، آدمِي، ديوَ، پَريُون، جِن وَ ملائڪَ ڪن ٿا. أحد مان احمد جُڙيو آهي.

حقيقت محمديءَ جا مٿي جيڪي مثال ڏنا آهن. انهن ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي نور جو ذڪر ٿيل آهي.

هاڻي هيٺ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ظاهري طور هن ڪائنات ۾ اچڻ جو ذڪر ڀٽائي صاحب جي فڪري بيتن سان ڪيو ويندو، جن ۾ شاهہ سائين حضور پُرنور آقا، نامدار صلي الله عليه وآله وسلم جن جي آمد جي منظرنگاري ڪئي آهي. شاهہ سائين پنهنجي رسالي جي سُر سارنگ، سُر بلاول ۽ سر سسئي آبري ۾ تمام گهڻا مثال ڏنا آهن، مان هتي صِرف اختصار طور ڪُجهہ مان خرار پرکڻ واري ڳالهہ تي اِڪتفا ڪندس.

1. جڏهن ڀَنئي ڇَٽ، ڇِپَر هوتِ پنهونءَ ڇِي،
پَرڀِي وينيون پَٽ، گُوندر لٿا گولئين. (آبري)

2. جڏهن ڀَنئي بَانسَ ڇِپَر هوٽ پُنهونءَ ڇِي،
اڏيون آريچن جا، وَٽن مُڪا واس،
آيل پُني آسَ، پنهون آيو ڪيچَ ۾. (آبري)

3. ٻڙ مڙوئي ٻوءِ، ڇِپَرَ ڇاڻون مُڪيون،
ٻَهہ ٻَهہ ٿي ٻنيور ۾، هَندَ مڙيئي هُوءِ،
راڻين وَري رُوءِ، گُوندر لٿا گولئين. (آبري)

شاهہ سائينءَ جي مٿين ٽنهي بيتن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي هن ڪائنات ۾ اچڻ جي خوشخبريءَ جي ڀٽائي صاحب نهايت خوبصورت منظرنگاري ڪئي آهي.

شاهہ سائينءَ سُر سارنگ ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي آمد جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو سندس سُر سارنگ جي سمورن بيتن ۾ بيان ٿيل آهي، پر هتي سُرسارنگ جي مشهور وائي ملاحظ ڪريو:

## وائي

اڪيان ميگهہ مَلار، صُورت تُنهنجي سَڀُ جَڳُ موهيو،
سَجد و فِيل في الحال ڪيو، پسي مُطلبَ نُور نراڙ،
ڄاڻڻ وقت ڄام جي، ڪِريا ڪوٽ ڪُفار،
اڳي آسمانن جو، توکي ڪارئو سير سَتار،
وَلسوفَ يعطيڪَ رَبُک فَتَرضيٰ، توسين قادر ڪيا قرار،
قادر پاڻ قسمُ ڪنيو، خاڪ قدمن جو ڪَلتار،
اُڪنڊئا جي ابر ڪي، سي سَرها ٿيا سَنگهار،
موڪل ٿي مينهن ڪي، دوست هٿان دِلدار،
آهن ڪَرم ڪَريم جا، احمدَ ساڻ اپار،
اڳيان عبداللطيف چئي، مُحب مليا مننار.
(سارنگ)

شاهہ سائين جي سُرسارنگ جي هن وائيءَ ۾ ڀٽائي صاحب هڪ تلمِيح استعمال ڪئي آهي، جنهن ۾ هڪ مشهور واقعو بيان ٿيل آهي، جنهن جو ذڪر قرآن شريف جي سُورة "الفيل" ۾ ٿيل آهي.

عرب مؤرخن روايت موجب عِيسائي لشڪر جا ہہ امير هئا.

### هِڪ ارياط ۽ ٻيو اَبره:

ابره خود مختيار حاڪم بڻجي ويو. هن عربستان ۾ عيسائيت ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪئي، انهيءَ مقصد لاءِ هن يَمن جي گاديءَ جي هندَ صَنا ۾ هڪ وڏي ڪَلِيسا تعمير ڪرائي ۽ چيائين تہ عربن جو رُخ ڪعبي کان ڪَلِيسا ڏانهن ڦيرايان. هن 571ع ۾ سَٺ هزار فوج ۽ تيرهن هاٿين، ٻي روايت موجب

نون هاٿين سان ڪعبي تي چڙهائي ڪئي. مڪي شريف کان ٽن ڪوهن جي مفاصلي تي "المغيس" نالي هنڌ تي پهتو، اتان هن ڪجهه ماڻهو اڳتي موڪليا "اهل تهامه" ۽ قريش جو ڪجهه مال ڦريو، جنهن ۾ جناب عبدالمطلب جا ٻه سؤ اُٺ به هئا. ابره بن سباح يمن جو بادشاهه هو. جناب عبدالمطلب پنهنجن اُٺن ڇڏائڻ لاءِ وٽس ويو. پيشانيءَ ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو نُور چمڪندي ڏسي ۽ جناب عبدُالمطلب جو نوراني چهرو ڏسي ابره تعجب ۾ پئجي ويو. انهن هاٿين ۾ جيڪو سڀ کان وڏيڪ طاقتور هاٿي هو، اهو جناب عبدالمطلب جي نراڙ ۾ حضور پاڪ جن جو نور چمڪندي ڏسي سَجدي ۾ ڪِري پيو، نہ صرف ايترو، ۾ هاٿي ڳالهائڻ لڳو ۽ جناب عبدالمُطلب کي مخاطب ٿيندي چوڻ لڳو تہ: "حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن تي اسان جا سلام هُجن، جنهن جو نُور اوهان جي مُنهن مبارڪ مان چمڪي ٿو." اهو قول تاريخي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ صحيح آهي تہ مڪي جي سردار جناب عبدالمطلب انهيءَ سال پنهنجي فرزند حضرت عبدالله جي شادي حضرت آمنہ بنت وَهب سان ڪرائي.

شاديءَ کان ڪجهه عرصو پوءِ حضرت عبدالله واپار سانگي مدينه منوره ويو، اُتي بيمار ٿي پيو ۽ اُتي ئي وفات ڪيائين. سندس انتقال کان چار مهينا پوءِ، ابره جي لشڪر ڪشيءَ کان 50، 55 ڏينهن پوءِ 20- اپريل 571ع بمطابق 12 ربيع الاول سُومر ڏينهن، فجر وقت عامُ الفِيل جي پهرين سال تي آقاءِ نامدار هِن دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا. جنهن هاٿيءَ جناب عبدالمطلب کي سجدو ڪيو هو، اُن هاٿيءَ جو نالو "محمُود" هو.

شاهہ سائين جي وائي جي سِٽ 02 ۾ پٽائي صاحب اُن محمود هاٿيءَ جي سجدي واري ڳالهہ تلميح طور پنهنجي وائيءَ ۾ بيان ڪئي آهي. سُر سارنگ جي وائي واري سٽ 03 ۾ ڀٽائي صاحب هڪڙو اهم واقعو پنهنجي وائيءَ ۾ قلمبند ڪيو آهي، اهو آهي 1. ڪسريٰ جي ڪوٽ جا 14 ڪُنگرا ڪِرڻ. 2. بُحيره ساوه سُڪي وڃڻ. 3. مَجوسِين جو آتشڪده وِسامي وڃڻ.

گهڻن مُفسرن ۽ تاريخ نويسن اِها ڳالهہ لکي آهي تہ جڏهن حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن هن دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا تہ مٿيان ٽيئي مُعجزا پيش آيا، جن جو اختصار ڀٽائي صاحب تلميحي طور سُر سارنگ جي وائي جي سِٽ 03 ۾ ڪيو آهي. شاهہ سائين سُرسارنگ جي وائيءَ جي سٽ 04 ۾ جيڪا تلميح استعمال ڪئي آهي، ان ۾ معراج جو ذڪر ٿيل آهي.

حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي معراج جو ذڪر الله پاڪ خود قرآن شريف ۾ سوره بَني اسرائيل ۽ سوره اَلنجم ۾ ڪيو آهي. ڀٽائي صاحب وائيءَ جي سٽ 04 ۾ انهي معراج واري واقعي طرف تلميحي صورت ۾ ذڪر ڪيو آهي.

قرآن پاڪ ۾ معراج جو ذڪر الله پاڪ، سُوره بَني اسرائيل ۽ سوره النجم ۾ ڪيو آهي. شاهہ سائين سُر سارنگ جي وائي جي سٽ 05 ۾ جيڪا تلميح استعمال ڪئي آهي، ان ۾ "سُورهُ وَضحيٰ" تلميحي طور استعمال ڪئي آهي.

هن سوره جي شانِ نزول بابت اڪثر مُفسرن اها ڳالهہ لکي آهي تہ هڪ دفعي وَحِي جبرائيل لاڳيتو ٻہ هفتا ڪو نہ آيو. نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن ڏُکارا ٿيا ۽ ڪافرن کي جڏهن اِها خبر پئي تہ انهن اِها ڳالهہ هُلائي تہ محمد جو الله، محمد کان ناراض ٿي ويو آهي. انهيءَ صورتحال ۾ وحي آيو ۽ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن کي اچي الله تعاليٰ جو پيغام ڏنائون تہ الله پاڪ اوهان کان ناراض نہ آهي ۽ (ولسوفَ يُعطيڪ رَبُڪ فَترضيٰ) جي بِشارت حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن کي ملي.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پنهنجي ڪتاب "تفسير هاشمي" ۾ لاڳيتو ٻہ هفتا وحيءَ جي نہ اچڻ جو ڪارڻ ڪُتي جي هڪ گُلر جو حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي گهر ۾ موجود هُجڻ ڄاڻايو آهي. مٿئين آيت جو ترجمو هي آهي

ته "۽ تُنهنجو پالڻهار سِگهو ئي توکي ايترو ڏيندو جو تُون خوش ٿيندين." هيءَ آيت جڏهن نازل ٿي، ته پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو ته اسان تيستائين راضي نه ٿينداسُون جيستائين اسان جو هڪڙو اُمتي به دوزخ ۾ رهندو. اُمت لاءِ هيءَ وڏي بِشارت آهي، جنهن موجب حُضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جا سمورا مومِن اُمتي دوزخ جي عذاب کان ڇُٽندا.

نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن کي حَسد وِچان مڪي جا ڪافر ۽ مُشرڪ محمد جي بدران مُذمّم چوندا هئا، جنهن جي معنيٰ محمد جي اُبتڙ آهي. محمد جي معنيٰ جنهن جي ساراهه ڪئي وڃي ۽ مُذمّم جي معنيٰ آهي، جنهن جا عيب ڪڍيا وڃن.

حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن کي مڪي جا ڪافر ابتر به چوندا هئا. عربيءَ ۾ "ابتر" ان پور کي چوندا آهن، جنهن جو پُڇُ وڍيل هوندو آهي. گويا حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن کي ڪافر اهو مهڻو ڏيندا هئا ته ڪيس نرينه اولاد نه آهي، "سوره الڪوثر" ان وقت نازل ٿي.

شاهه سائين جي سُرسارنگ جي مٿين وائي جَنهن ۾ پَنائي صاحب حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي قدمن جي خاڪ جو قسم کڻڻ جي ڳالهه، جنهن سِٽِ ۾ ڪئي آهي، اها سِٽ مُون شاهه سائين جي ترتيب ڏنل انن رسالن ۾ پڙهي آهي. اُهي رسالا ۽ اُنهن جي مُرتبن جا نالا صفحن سميت هيٺ ڏجن ٿا.

(1) بمبئي ڇاپو مَطبع ڪَريمي، قاضي علي مِيان بن قاضي عبدالطيف. تاجر ڪُتب سنه 1345هه، صفحه 102.

(2) مرزا قليچ بيگ جو رسالو، پبلشر پوڪرداس سنه 1913ع، صفحه 215 .

(3) هٺ اکري صفحه 154 (رسالو).

(4) ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ ليزگ، جَرمني سنه 1866ع صفحه 293 .

(5) محمد عثمان ڏيپلائي صفحه 175.

(6) شاهه جو گنج، محمد قاسم راهمون. صفحه 175.

(7) شاهه جو گنج، حاجي الهداد ڇِنڄڇي، صفحه 133.

(08) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي شاهه جي رسالي ۾ سر سارنگ جي مٿين وائي صفحه 410 تي ڏني آهي، پر وائيءَ ۾ ڇهين نمبر سٽ "قادر پاڻ قسم ڪنيو، خاڪ قدمن جو ڪلتار" نه لکي آهي. مون انهيءَ پَنائيءَ جي سٽ کي قرآن شريف جي روشنيءَ ۾ تمام گهڻن عالمن سان رابطو ڪيو ته ڇا قرآن شريف جي ڪنهن سُوره ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي قدمن جي خاڪ جو قسم الله پاڪ کنيو آهي يا نه؟

عالمن سڳورن جا جواب مون کي مطمئن ڪندڙ نه مليا، پر جڏهن مون پَنائيءَ جي دور جي هڪڙي وڏي، مفتي، قاضي القضات مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو ڪتاب "تفسير هاشمي" پڙهيو ته اُن ۾ مخدوم صاحب سُوره البَلَدِ ۾ اُن جو تفسير ڏيندي هيٺين وضاحت ڪئي آهي.

الله پاڪ سُوره اَلبَلَدِ ۾ اِرشاد فرمايو آهي ته:

هن شهر "مڪي" جو قسم کڻان ٿو.

ڪتاب "مَوَاهِبِ اللدنيه" ۾ روايت آئي آهي ته حضرت عمر رضہ هن آيت جي تفسير ۾ فرمايو ته "الله پاڪ ٻنهي جهانن جي سردار جي قدمن مبارڪن جي مٽيءَ جو قسم کنيو آهي. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو اِيڏو شان آهي جو خود خالق اڪبر پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جي قدمن مبارڪن جي مٽيءَ جو قسم کنيو آهي، ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو مرتبو ٿي سگهي ٿو؟ جيڪو الله پاڪ، پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن کي ڏنو. الله تعاليٰ ٻنهي جهانن جي سردار سان ڪوڙين ڪَرم ۽ اُپر عنايتُون ڪيون آهن. جيڪي سونهاري سردار سان ئي سُونهن ٿيُون.

شافِع جي شرف ۽ شان جا حد حساب ئي نه آهن. ڪير آهي جو ان جو اندازو لڳائي سگهي؟

(حوالو تفسير هاشمِي صفحه 153، مُفسِر مَخدُوم محمد هاشم ٺٽوي)

ليکڪ ڌار ڌار آهن ۽ حوالي طور سڀني رسالن جي ليکڪن جا نالا صُفحن سَميت لکان ٿو.

انهن رسالن ۾ ڪِن ليکڪن "فَکَانَ قَابَ قوسين اوادنيٰ" واري سِٽ ڏني آهي ۽ ڪِن ڪا نہ ڏني آهي.

(1) اُرنيسٽ ٽرمپ صفحہ 646 هن رسالي ۾ اها سٽ موجود آهي.

(2) هٿ اکري وارو رسالو صفحہ 497 هن رسالي ۾ بہ اها سِٽ موجود آهي.

(3) بمبئي ڇاپو سنہ 1335هہ صفحہ 309 هن رسالي ۾ بہ اها سِٽ موجود آهي.

(4) مرزا قليچ بيگ، صفحہ 684 هن ۾ بہ اها سِٽ موجود آهي.

(5) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، صفحہ 143 هن رسالي ۾ اِها سِٽ نہ آهي.

(6) شاهہ جو گنج، اَلهداد ڄِهنڄِهي، صفحہ 392 اِها سِٽ موجود آهي.

(7) محمد عُثمان ڏيپلائي، صفحہ- 517، 518، اِها سِٽ موجود آهي.

(8) شاهہ جو گنج، محمد قاسم راهمون صفحہ 538، اها سِٽ موجود آهي.

(9) ڪلياتِ آڏوائي، صفحہ 563، اها سِٽ موجود آهي.

شاهہ سائينءَ جي مٿئين بيت ۾ ڪائنات جي ڪارڻي جو هن جهان ۾ اچڻ ۽ سندس معراج تي وڃڻ جي مَنظرنگاري ٿيل آهي، ۽ معراج تي وڃڻ لاءِ ڀٽائي صاحبَ "فَکان قاب قوسين اوادنيٰ" جي آيت تلميح طور استعمال ڪئي آهي.

هاڻي مان سُربلاول مان هڪ وائي لکان ٿو. جيڪا سڀني شارحن پنهنجي رسالي ۾ لکي آهي. هن وائيءَ ۾ حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جو ذڪر ڀٽائي صاحب آندو آهي تہ مَحشر جي ميدان ۾ سڀني انبيائن جو اُمتون پريشاني ۽ سرگرداني واري حالت ۾ هُونديون. سڀ انسان حضرت آدم عليه السلام ڏانهن ڊوڙندا تہ توهان ابوالبَشر آهيو، شفاعت ڪريو، پر سڀئي انبياء اڪرام ۽ انهن جون اُمتون گڏجي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن وٽ شفاعت لاءِ اينديون ۽ شفيع جي شفاعت ٿيندي ۽ اڙيلن کي ڇُڏائيندو. اهڙي منظري نگار ڀٽائي صاحب هيئنئين ريت ڪئي آهي.

## وائي

ڏِکَ ڏِکيندو مُون نہ ڇڏيندو، شَفيعُ شافعُ سُپرين،

(1) اَنڌا اُونڌا آڪڙيا، سَڀ نباهي نِيندو،

(2) وٺان ويچارَن جي، داڙُو ٿي ڏاڙيندو،

(3) جي ڏوهارين ڏاڪڙا، سي لڪَ لنگهائيندو،

(4) نور ناڪارُون نہ ڪري، محمد مِنٿَ مَڃيندو،

(5) هِت پڻ حامي هِن جو، اڳيان آڌر ڏِيندو،

(6) طَهُورا ٿڙين کي، پاندَپُ پيارِيندو،

(7) پاڻ سُڄاڻي پاٿهين، ڪامل ڪَرَمَ ڪَريندو،

(8) طَنبُو آٿي تاءَ ۾، عَاصِين ڪاڻ اڏيندو

(9) داتا دوزخين کي، لِينگهو لُهرائيندو،

(10) رَسڻ وير رَسي ڪري، مُشڪ رنگ مَٽيندو،

(11) رحمة اللعالمين، اهُکيءَ اَڳهہ ٿيندو،

(12) اُتي عبداللطيف جو، هادِي هَٿُ جهليندو.

ڀٽائي صاحب تي تحقيق جو ڪم تمام گهڻو ٿيو آهي، پر اجا بہ تحقيقي حوالي سان شاهہ سائينءَ تي گهڻي ڪم ڪرڻ جي گنجائش موجود آهي. جن بہ عالمن ۽ ڏاهن انهيءَ ميدان ۾ جيڪو ڪجهہ پورهيو ڪيو آهي ۽ جهڙو بہ ڪيو آهي، اهو حرفِ آخر نہ آهي. اسان انهن جي ڪيل پورهئي کي سَلام ۽ خراج تَحِسين پيش ڪريون ٿا، جو انهن اسان لاءِ راهہ پيدا ڪئي آهي، ان کي وڌيڪ سُوڌڻ ۽ سَنوارڻ اسان جو توهان جو، سڀني جو فرض آهي. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن بابت شاهہ سائينءَ جو ڪلام تَمثِيلُن، تشبيهن، تَلميحن، مَحاورن، اِستعارن سان ڀَرپُور آهي، پر ان کي سمجهڻ لاءِ هرڪو مُدَبر ۽ اڪابر پنهنجي پنهنجي سمجهہ آهر ان کي سمجهي ٿو ۽ ان بابت پنهنجا خيال پيش ڪري ٿو.

ڀٽائي صاحب جي سڀني سُرن ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جا اخلاق مبارڪ چڱيءَ طرح بيان ڪيا ويا آهن، پر خاص طرح سُرڪاموڏ ۾ ڀٽائي صاحب جيڪا منظرنگاري ڪئي آهي، اها پڙهڻ

كي سلام كندو هو. أن پٿر بابت به روايتون ملن ٿيون. 1. كي چون ٿا ته اهو پٿر حضرت ابوبكر صديق رضه جي گهر وٽ هو. 2. ته اهو پٿر "حجر اسود" آهي، جيكو كعبة الله ۾ لڳل آهي. مون مٿي جيكي شاهه سائين جا ٽي بيت مثال طور ڏنا آهن، انهن ۾ جيكا سٽ وڻن ٽڻن، پٿرن جي سلامي پرڻ لاءِ پيش كئي اٿر، ان ۾ ڀٽائي صاحب حضور كريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي بعثت جي اهڃاڻن جو عظيم خاكو چٽيو آهي، جنهن تي اسان سنڌين كي ناز آهي ته جتي عربن جا تاريخ نويس مُحدث پنهنجون روايتون ڏئي نثر ۾ اها تاريخ جوڙي ويا آهن ته حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن تي پٿر، وڻ ٽڻ سلام ورائيندا هئا. انهيءَ تاريخ لكڻ ۾ مؤرخن، محدثن دفترن جا دفتر لكيا آهن، پر ڀٽائي صاحب صرف اختصار كان كم وٺي هكڙي ئي هيئين سٽ ۾ اهو بيان قلمبند كيو آهي، ته بَر پڻ كَن بَكاء، أكنديا آري لئه گهڻو. ڀٽائيءَ جي فكر ۾ واءُ، مٽي، آب و آتش، عرض و سمان، رات ڏينهن دل سان حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن لاءِ صلواتون ۽ سلام پڙهن ٿا ۽ سڀ ملائك مقرب به صلواتون ۽ سلام موكلين ٿا.

## حضور كريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جو معراج:

مُحدثن ۽ محققن جو بيان آهي ته حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو معراج نبوت جي ٻارهين سال رجب المرجب مهيني جي 27 تاريخ سومر جي رات تي ٿيو. انهيءَ ڳالهه تي تمام گهڻا اتفاقي آهن.

معراج لاءِ سيرت نگارن ۾ كجهه اختلاف آهن جيكي هيٺ ڏجن ٿا:

1. جنهن سال پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن كي نبوت عطا ٿي، ان سال ئي معراج جو واقعو پيش آيو.

2. نبوت كان پنج سال پوءِ معراج ٿيو.

3. نبوت جي ڏهين سال 27 رجب المرجب تي ٿيو. (اهو علامه منصور پوري جو بيان آهي)

4. هجرت كان 16 مهينا اڳ يعني نبوت جي ٻارهين سال رمضان المبارك ۾ ٿيو.

5. هجرت كان هك سال ۽ مهينا اڳ نبوت جي 17 سال ربيع الاول ۾ ٿيو.

انهن قولن مان پهريان ٽي قول انكري صحيح نٿا ٿي سگهن جو بيبي خديجة الكُبريٰ رضه جي وفات 5 وقت نماز فرض ٿيڻ كان اڳ ٿي چكي هئي ۽ انهيءَ تي سڀني جو اتفاق آهي ته پنج وقت نماز معراج جي رات فرض ٿي. بيبي خديجة الكُبريٰ رضه جي وفات نبوت جي ڏهين سال رمضان المبارك ۾ ٿي. تنهنكري معراج ان كانپوءِ ٿيو هوندو. اهو واقعو مكي واري آخري دور جو آهي.

معراج واري رات حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن پنهنجي سوٽ بيبي أمِ هانِي جي گهر سُتل هئا.

بيبي أمِ هَانِي، حضرت اَبُوطالب جي نياڻي ۽ علي كَرَم الله وجهه جي ڀيڻ هئي. هن بيبيءَ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي پَرورش كئي هئي. معراج جي واقعي واري رات حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن مسجد الحرام ۾ الله پاك جي عبادت كري ۽ بيت الله جو طواف كري وڃي حضرت بيبي امِ هاني جي گهر آرامي ٿيا. اهو گهر شعبِ ابوطالب ۾ هو، جتي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن پنهنجي عزيزن سان قريشن جي قطع تعلقات جا ٽي سال نهايت سختي ۽ كَسمپُرسيءَ ۾ گذاريا هئا. الله پاك نبي صلي الله عليه وآله وسلم جن جي گهرائڻ لاءِ پنهنجا احكام ملائكن كي ڏنا. حضرت جبرائيل عليه السلام كي حكم كيائين ته محمد كريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي معراج جو انتظام كر. الله پاك جبرائيل عليه السلام كي فرمايو ته:

اڄ ميكائيل عليه السلام كي چئه ته مخلوق جي روزي رزق رسائڻ كان كجهه صبر كري.

2. اسرافيل عليه السلام كي صُور ركڻ لاءِ چئو. 3. عزرائيل عليه السلام كي حكم كر ته كُجهه گهڙيون رُوحن كي قبض كرڻ كان پاسو كري.

4. بهشت جي مالڪ رضوان کي چئو ته سموري بهشت جي غِلمانن ۽ حُورن کي محمد پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي استقبال ڪرڻ لاءِ صِف بيهاري ڇڏي. 5. عرش معليٰ جي حاملان کي چئو ته عرش معليٰ کي اِطلِس مُقدس سان ڍَڪي، ڪرسيءَ تي قُدوسِي تاج رکي 6. دوزخ جي مالڪ کي حڪم ڪر ته دوزخ جا دروازا بند ڪري ڇڏي 7. سڀني انبيائن جي رُوحن کي آدم کان وٺي عيسيٰ عليه السلام تائين اطلاع ڏي ته الله، محمد ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن کي معراج لاءِ گهرايو آهي، تنهنڪري توهان سڀ سندن استقبال لاءِ تيار ٿيو. 8. بهشت منجهه تيز رفتار براق سينگاري، سترهزار بهشتي ساڻ ڪري سِدرَة المُنتهيٰ کان مڪي معظم وڃ ۽ محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن کي منهنجي دربار ۾ وٺي اچ.

پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمائين ٿا ته مان ان رات بي بي اُم هاني جي گهر سُتل هوس ته جبرائيل امين جي اچڻ تي جاڳي پيس. جبرائيل عليه السلام اچي چيو ته "الله تعاليٰ توهان کي سلام ٿو ڏئي، هُو اوهان کي گهرائي ٿو. آءٌ اوهان کي وٽس وٺي ويندس. هُو اوهان کي پنهجين اهڙين مهربانين سان نوازيندو جو نه هِن کان اڳ ڪنهن سان ڪيون اٿس، نه وري اوهان کان پوءِ ڪنهن سان ڪندو، اهڙو نه ڪنهن ٻُڌو هوندو ۽ نه وري ڪنهن انسان جي دل ۾ ڇپيو هُوندو.

حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمائين ٿا ته جبرائيل عليه السلام سان گڏ ٻيا ملائڪ ۽ سواريءَ لاءِ هڪ جانور، جنهن کي ملائڪن براق ڪري پئي سڏيو جيڪو گهوڙي کان ڪجهه ننڍو هو ۽ سندس رانن تي پَر هئا، گڏ هو. بهشت جي مالڪ رضوان، حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن کي هڪ چوڪندي طشت پيش ڪئي، جنهن جي هر ڪنڊ تي موتين جو جڙاءُ هو. اُن طشت ۾ ياقوت جا ڪُوزا آبِ ڪوثر سان ڀريل رکيل هئا. معراج واري رات رسول صلي الله عليه وآله وسلم جن مڪي کان بيت المقدس تائين جنهن سواري تي پهتا، اُها خدا تعاليٰ سندن لاءِ جنت مان موڪلي هئي، ان جي رفتار تمام تيز هئي، سندس نالو "جادود" هو. هن رات بيت المقدس ۾ اِمامُ الانبياء محمد ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي پويان سڀني نبين ٻه رڪعتون نماز ادا ڪئي، باقي انهيءَ ڳالهه ۾ اختلاف آهي ته ان موقعي تي نبين سڳورن جا ارواح اُتي پهتا هئا، يا سندن جسم مبارڪ به اُتي موجود هئا؟ نماز بابت ٻه رڪعتون نفل هُيون، ٻي روايت موجب، اُها سومهڻي "عشاءِ" جي نماز هئي جيڪا سفر سببان پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم قصر ڪئي.

نماز کان پوءِ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جڏهن بيت المقدس کان ٻاهر نڪتا ته اُتي جنت مان هڪ ڏاڪڻ "معراج" آندي وئي.

معراج واري رات الله پاڪ پنهنجي پياري نبيءَ کي جڏهن آسمانن تي گهرايو ته جبرائيل عليه السلام دروازو کولرايو، پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن لاءِ دروازو کوليو ويو. پهرئين آسمان تي حضرت آدم عليه السلام کي ڏٺائون، ان کي سلام ڪيائون، حضرت آدم عليه السلام کين ڀليڪار ڪئي ۽ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي نبوت جو اقرار ڪيائين. ٻئي آسمان تي پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن حضرت يحييٰ بن زڪريا ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام کي ڏٺو، انهن سان ملاقات ڪئي ۽ انهن ٻنهي پيغمبرن حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي نبوت جو اقرار ڪيو. ٽئين آسمان تي حضرت يوسف عليه السلام کي ڏٺائون، چوٿين آسمان تي حضرت ادريس کي ڏٺائون. پنجين آسمان تي حضرت هارون عليه السلام کي ڏٺائون، ڇهين آسمان تي حضرت موسيٰ عليه السلام کي ڏٺائون. ستين آسمان تي حضرت ابراهيم عليه السلام سان ملاقات ڪيائون، ان کانپوءِ سِدرَه المنتهيٰ تائين پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن کي آندو ويو.

مٿي مُون معراج بابت جيڪا تمهيد نثر ۾ لکي آهي اها صرف مهربان پڙهندڙن جي آسانيءَ لاءِ لکي آهي، چو ته شاهه سائينءَ جي سڄي ڪلام ۾ اختصار

طور ڀٽائي صاحب اشارا ڏنا آهن ۽ انهن اشارن کي سمجهڻ لاءِ مٿيان تمهيدي جملا فائديمند ثابت ٿيندا.

## ڀٽائي جي شعرن سان معراج جو ذڪر:

(1) سَهسين سورٺيا آئيا، مانجهي مٿيادار،
جَن ڳَڙهان ڀَهر ڳائيو، سَهجان سڀ چمار،
ٿنبيري جي تند جي، اُت ڀهرين هٿي ڀَچار،
آءَ مٿاهون مڱڻا، چڙهي دَرَ دَنار،
توکي گهوٽ گهرائيو، خِلوَتِ لاءِ ڪنگهار.
السلام العَليڪ ايهَا النبي، اي ڪلي ڪيائين
ڪينڪار،
سُئو ۾ سنسار، تہ مُلڪ ڏنائين مڱڻي.
(سورٺ)

(2) ڪوڙين آئيا ڪيرتا، ڀَتوڀَتين ڀانءِ،
جن ڳڙهان ڀَهرڳائيو، ظاهر ساڻ زبانءَ،
هيءَ منجهہ ڀينو مڱڻو، اپَرسِين اِحسانءِ،
اَلتحياتُ لله وصَلواتُ وَطيبلتہ ساراهي سبحانءِ،
جهڙو ڀلو ڀانءِ، تهڙا ڏانءِ ڏِياچ جا.
(سورٺ)

(3) مِئين ۽ مڱڻي، ڪا جا ڳالهہ ڳُجهي،
سا ٻئين دائين ٻانهين، سوجهي تان نہ سُجهي،
پيا وِير وِماس ۾، عاقل ويا اُجهي،
ڪوڙين جي ڪريم ريءِ، ويئي مَت مُنجهي،
هڪ ٻيجَل ٿي ٻُجهي، ٻي خبر هُئي ڪنگهارَ ڪي.
(سورٺ)

(4) مُونا ظُور سينا، سَندا سَناسِين،
سجدي ۾ سيد چئي، گوڏا گودڙين،
فڪان قاب قوسين او ادنيٰ، نانگا ائين نِمن،
ڪُل مِن عَليها فان، باقي ڪين بچن،
الله وَلي الذين آمنو يُخرجُهم مِن الظلمٰتِ اِلي
النُور، اهڙيءَ پر پَرن،
وَخرمُوسيٰ صَعقا، تا جوڳي جُنگ جَلن،
مَازاغَ البَصروَماطغيٰ، اهڙيءَ رَوش رَوَنِ،
مشاهدو محبوب جو، اُتي آديسين،
ٻي يَبصُر ٻي يَسمعُ، تا اهڙيءَ چال چَلن،
سيد چئي سندين، ڪَل پُڇين تون ڪَهڙي.
(رام ڪلي)

هن چوٿين نمبر بيت ۾ ڀٽائي صاحب "فڪان قاب قوسين اوادنيٰ" ۽ مازاغَ البصرَ وَماطغيٰ" قرآن شريف جون آيتون معراج بابت چيون آهن، قاب قوسين جي معنيٰ ۽ تشريح هڪ شاعر جي ٻن سٽن سان هيٺ ڪجي ٿي؛

جيئن ڪُنڊي ڪَمانءِ جا، ٻئي گوشا گڏجن،
اِنائين اوڏو ٿيو، مَهندا پاڻ ڏٺين.

## مُونا طُور سِينا جي تشريح:

لفظ مُونا جي معنيٰ آهي گوڏا ۽ طُور سِينا اُن جبل جو نالو آهي جتي حضرت مُوسيٰ عليه السلام کي اِلٰهي تجلي نظر آئي. هِن سِٽ ۾ شاهہ سائين اِن ڳالهہ ڏانهن اشارو ڏني ٿو تہ جهڙيءَ طرح حضرت مُوسيٰ عليه السلام طُور سِينا تي مُراقبي واري حالت ۾ الله پاڪ سان ڪَلامِي ٿيندو هو، اهڙيءَ طرح گودڙي پوش فقيرن جا گوڏا سَجدي واري حالت ۾ آهن. قاب قوسين او ادنيٰ هِي قرآن پاڪ جي سُورة النجم جي آيت 9 آهي. جنهن جو ترجمو آهي تہ ٻن ڪمانن جي فاصلي تي يا اجا بہ ويجهو.

ڪُل مِن عَليها فان، باقِي ڪِينَ بَچَن.

هيءَ سُورة الرَحمٰن جي آيت 62 آهي، جنهن جي معنيٰ آهي تہ سڀ شيءِ تي فنا آهي، اي مَحبُوب صلي الله عليه وآله وسلم جن جيڪا بہ شيءِ ڌرتيءَ تي آهي، اُها سڀ جا سَڀ فنا ٿِي ويندي

وَخرمُوسيٰ صَعقا

هي قرآن شريف جي سورة الأعراف جي آيت 143 آهي.

"۽ پوءِ مُوسيٰ غش ٿي ڪِري پيو"

ٻي يَمشِي ٻي يَنطقُ

هي قرآن پاڪ جي سورة النجم جي آيت 03 آهي.

"هو مون سان گڏ هلي ٿو ۽ مون سان ڳالهائي ٿو."

ٻي يُبصرُٻي يَسمَعَ ٻي وِصال سورة المريم آيت 42.

"منهنجو پيارو بندو مون سان ڏسي ٿو، مون سان ٻُڌي ٿو ۽ مُون سان ملي ٿو.

(1) ڇيرَ لُون جوڳيئڙن جي، جَان نِهارَير جُوءِ،
غقل أت اوجهُون ٿيو، هُو هليا مَٿي هُوءِ،
مونکي اِن مَنڪورَ جي، بَانس نہ پَئي بُوءِ،
الحُبْ الله والبُغضُ الله، خَاصِي سَندين خُوءِ،
وَڃي زوبروءِ، گُرڪي گَڏ يا ڪاپڙي.

(2) ڪافئون ڪري ڪُورنشون، ٻَڌي أيا ٻانهُون،
أيي الک سامهُون، رَتو رُنائون،
سَاسين سيد چئي، مِليون مُدعائون،
وَلسَوفَ يَعطيڪَ رَبُلڪَ فترضيٰ، چِٽو چَياٺُون،
لائق لَڏائون، گُر ڪي گَڏيا ڪاپڙي.

يَرڪ لفظ لاءِ قرآن شريف جي هڪ آيت "سُوره الشعراء رُڪوع نمبر ١١ ۾ هيئنئين ريت آيل آهي.
الذِي يَراڪَ حِينَ تَقُومُ وَتَقلبلڪَ فِي السّجدينَ.
ترجمو: (جيڪو تهجد وقت) ٿنهنجي اٿڻ مهل توکي ڏسي ٿو ۽ سجدي ڪندڙن ۾ ٿنهنجو ڦِرڻ بہ ڏسي ٿو.
(سوره الشعراء رُڪوع ١١ پاره 19) مترجم تاج مَحمود امروٽِي.

يَراڪ = توکي ڏسان ٿو. (يرڪ= ڏسڻ)
يُريڪ = توکي ڏسي ٿو.

معراج واري رات پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن کي "بيتُ المعمُور" جي بہ زيارت نصيب ٿي. هي عرش وارن لاءِ خُدا جو گهر آهي. ستر هزار فرشتا روزانو ان جو طواف ڪندا آهن. اهو سلسلو قيامت تائين جاري رهندو ۽ ڪنهن بہ ملائڪ کي هڪ دفعي کان وڌيڪ طواف ڪرڻ جو موقعو ملي نہ سگهندو.

معراج واري رات پنجاه نمازون مقرر ڪيون ويون، پر حضرت موسيٰ عليه السلام، حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن کي چيو تہ اوهان پنهنجي أمت لاءِ الله کي پنج وقت نماز جو سوال ڪيو ۽ الله پاڪ خضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو اِهو سُوال قبول فرمايو.

الله تعاليٰ پنهنجي محبوب صلي الله عليه وآله وسلم جن کي فرمايو تہ هاڻي وجو ۽ خلق کي ايمان جي دعوت ڏيو. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمائين ٿا تہ مون الله پاڪ کي عرض ڪيو تہ معراج جي رات أهي ڳالهيون جيڪي مون کي عطا ٿيون، تن تي ڪير يقين ڪندو؟

الله پاڪ جي طرفان. معراج جي واقعي جو سڀني ماڻهن سان ذڪر ڪرڻ فرض ڪيو ويو. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن صبح جو اهو واقعو پنهنجي سؤٽ بيبي أمِ هانِي کي ٻڌايو، جنهن ڪيس منع ڪئي تہ ان واقعي جو ذڪر ٻئي ڪنهن سان بہ نہ ڪري، پر حضور جن فرمايو تہ مون کي انهيءَ واقعي جو ذڪر عام ماڻهن تائين پهچائڻو آهي ۽ خدا تعاليٰ مون کي انهيءَ واقعي جو ذڪر عام ڪرڻ لاءِ مون کي پابند بڻايو آهي.

حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن اها ڳالهہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ سان ڪئي، جنهن چيو صَدقة اشهد اِنکَ رَسول الله.

"سَچُ ٿا فرمايو مان گواهي ڏيان ٿو تہ بيشڪ توهين، الله پاڪ جا رسول آهيو." ابوجهل چوڻ لڳو تہ اسان کي ٿون بيت المقدس جون نشانيون ٻُڌاءِ. الله پاڪ جبرائيل عليه السلام کي حڪم ڪيو تہ ان بيت المقدس کي آڻي مڪي ۾ "دارِ عَقيل" وٽ رکيو، جتان خدا جي رسول صلي الله عليه وآله وسلم ڪافرن کي بيت المقدس بابت هر سوال جا جواب ڏيندا رهيا. مڪي ۾ بيت المقدس جو اچڻ اهو معجزو هو، جهڙو حضرت سليمان عليه السلام طرفان بلقيس جي تخت کي گهرائڻ وقت ڏيکاريو ويو.

مڪي وارن کي حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي معراج تي وڃڻ جو اعتبار نہ آيو، حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جيڪي بيت المقدس جون نشانيون ٻڌايون، أهي سڀني ڪافرن مَڃيون، پر پوءِ بہ هنن بدنصيبن ايمان نہ آندو. پٽ ڏٺي انهيءَ مَنظر نگاريءَ کي پنهنجي هيٺئين بيت ۾ سموهيو آهي.

ٻُليو سَڀ ڀنيور، جو ٻُنيءَ هوٽ نہ هليو،
شَهَرَ سُجاتو ڪِينَ ڪِي، آرياڻي اتور،
ماڻيو ٿنين مور، ڏيکيو جَن دِل سان.

محمد يوسف جويو



# شاهه جي شاعريءَ ۾ پڙهڻ، لکڻ ۽ ڪتابن جو ذڪر، فڪر ۽ تصور

## (علمي، ادبي ۽ سماجي حوالي سان)

چوندا آهن ته شاعري پيغمبري ذات آهي ڇاڪاڻ ته پيغمبر ۽ شاعر ۾ هڪ ئي فرق هوندو آهي اُهو اِهو ته پيغمبر تي وحي نازل ٿئي ٿي ۽ شاعر تي شاعري الهامي صورت ۾ نازل ٿئي ٿي. شاعر ۽ پيغمبر جي ڪم ۾ به ٿورڙوئي فرق آهي. پيغمبر جو ڪم پنهنجي قوم ۽ عالم انسانيت تائين الله سائينءَ جو پيغام پهچائڻ آهي. جڏهن ته شاعر جو ڪم پڻ الاهي اسرار پروڙي پوءِ پنهنجي شاعريءَ وسيلي هڪ پيغام ڏئي ٿو. جو پنهنجي قوم ۽ عالم انسانيت لاءِ امن ۽ ڪاميابيءَ جي راهه ثابت ٿئي ٿو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ ملڪ جو قومي شاعر ۽ گڏوگڏ هيءُ صوفي شاعر به آهي. سندس شاعريءَ ۾ تصوف جون منزلون ۽ وحدانيت جو فلسفو سِٽ سِٽ ۾ سمايل آهي. هن جي شاعريءَ ۾ سنڌي سماج ۽ علم فلسفي جا گهڻئي مسئلا سُلجهايل ۽ سمجهايل آهن، پر اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته هيءُ سنڌ جو هڪ قومي شاعر آهي. سو هن پنهنجي وطن جي هر ڪُنڊ ۽ پاسو گهمي ڏٺو ۽ پنهنجي وطن جي ماڻهن سان مليو، انهن جون ثقافتي، معاشي حالتن سان گڏ وطن جي فطري سرحدن جو تعين ڪندي اُنهن جو مطالعو ۽ مشاهدو ڪيو. ماڻهن سان ملي جلي ڪري اُنهن جي ريتن رسمن کي پرکيو ۽ پروڙيو آهي. پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ انهن سڀني پاسن کي تمثيلي رنگ ڏئي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪولي بيان ڪيو آهي. هن وقت شاهه سائينءَ جي شاعريءَ تي گهڻن ئي پاسن کان تحقيق ڪري لکيو ويو آهي. مثال طور جن عالمن شاهه جي شاعريءَ جي مختلف پاسن تي تحقيق ڪئي آهي، تن جا ڪجهه نالا يادگيريءَ خاطر هيٺ ڏجن ٿا.

1. شاهه لطيف جي ڪلام ۾ مرد جو ڪردار/ ڊاڪٽر محمد ابراهيم سنڌي
2. شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري/ ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو
3. سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف/ شاهنواز سوڍر
4. شاهه جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ/ ڊاڪٽر فهميده حسين
5. شاهه لطيف : شاعري ۽ فڪر/ ڊاڪٽر درشهوار سيد
6. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ هٽ جا هنر/ ڊاڪٽر الهرکيو ٻٽ ۽ سليم ڀٽو لطيفي
7. مرحوم محترم اڪبر سومرو شاهه سائينءَ جي ڪلام جي ڪن سُرن جي ڪجهه بيتن کي تصويري شڪل ڏني آهي جيڪا پڻ ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهي.

مٿين حوالن کان علاوهٰ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام دنيا جي مختلف ٻولين ۾ پڻ ترجمو ٿيل آهي. جن ۾ انگريزي، فرينچ، جرمن، عربي، سرائڪي، اردو، پنجابي ۽ براهوي ٻوليون اچي وڃن ٿيون. اهڙيءَ طرح شاهه جي هر سُر تي الڳ الڳ ننڍا ڪتابچا ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن ۽ ڪئين ڪانفرنسون پڻ ٿيون آهن. جن ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن پڻ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي ڪتاب ۽ مقالا وغيره لکيا آهن ته ڪن عالمن وري شاهه صاحب جي شاعريءَ تي فڪري ۽ نظرياتي ڪتاب ۽ مقالا لکيا آهن، جن ۾ ايڇ.ٽي.سورلي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سائين جي.ايم.سيد، محمد ابراهيم جويو، سليم ڀٽو لطيفي، عبدالحفيظ قريشي وغيره شامل آهن. ڪن عالمن وري شاهه صاحب جي ڪلام کي سهيڙي، سنواري هڪ رسالي جي صورت ۾

جوڙي پترو ڪري اسان تائين پهچايو آهي. انهن بزرگن جي نالن جي فهرست ڏگهي آهي. انهن مان وري قلمي نسخن جي صورت ۾ جيڪي رسالا سامهون آيا آهن تن جو تعداد لڳ ڀڳ 24 ڪن آهي. وري جيڪي ڇاپي ڪان پوءِ رسالا سامهون آيا آهن تن جو تعداد 23 ڪان به مٿي آهي، پر پوءِ به اڃا شاهه لطيف جي شاعريءَ ۽ ان جي فڪر تي تحقيق جو ڪم جاري آهي. شاهه کي پڙهڻ ۽ پرکڻ کان پوءِ هر ماڻهو ان کي پنهنجي پنهنجي مڪتبِ فڪر، سوچ يا نظريي طرف ڪٺي ٿو. ۽ ان جو مطلب يا مفهوم ڪڍي ٿو ته شاهه جو هر بيت ان جي سوچ جي ترجماني ڪندو آهي. هڪ وڏي شاعر جي اها ئي اعليٰ خوبي هوندي آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو بيو پاسو سنڌ جي قومي شاعر جي حيثيت وارو پاسو آهي. ها! جيڪي قومي شاعرن جون خوبيون هونديون آهن، تن ۾ وطن جي محبت، پنهنجي وطن جي ماڻهن ۾ همت، حوصلو، محنت ۽ بهادريءَ جا جذبا جاڳائڻ ۽ انهن جي هروقت همت افزائي ڪرڻ، پنهنجي وطن جي ترقي ۽ ان جي خوشحاليءَ جي لاءِ ڳالهه ڪرڻ، پنهنجي ديس واسين ۾ پنهنجي وطن لاءِ محبت پيدا ڪرڻ، ۽ وطن جي آزادي برقرار رکڻ لاءِ هميشه هر وقت تيار رهڻ، ديس واسين کي ٻڌي ۽ اتحاد، ميٺ محبت جو درس ڏيڻ، انهن سڀني سان گڏ پنهنجي وطن جي تاريخ کي اُجاگر ڪرڻ، تاريخ مان مثال، قصا ۽ ڪهاڻيون ڪٺي انهن کي پنهنجي قوم لاءِ همت، حوصلو ڏيڻ، وطن ۽ وطن جي ماڻهن لاءِ مسلسل جدوجهد ڪندڙ ڪردارن کي مثال طور پيش ڪرڻ آهي. اهڙن قومي هيرن کي ڪاميابيءَ جو اهڃاڻ (Symbol) ڪري پيش ڪرڻ آهي. پنهنجي ٻولي، ثقافت، تهذيب ۽ تمدن جو محافظ ٿي ڪري، پنهنجي شاعريءَ ۾ ان کي امر ڪري ڇڏڻ، اهي سڀ گڻ هڪ اعليٰ قومي شاعر ۾ هوندا آهن. شاهه صاحب هر مذهبي مت ڀيد کان مٿاهون رهيو آهي، ۽ ڪڏهن به ڪنهن فرقي يا مذهب جو ترجمان به نه رهيو آهي. هيءُ هر لحاظ کان عالمِ انسانيت لاءِ امن، ترقي ۽ بني آدم جي خوشحاليءَ جي ڳالهه ڪندڙ شاعر آهي.

دنيا جا وڏا شاعر جهڙوڪ ٽيگور، شيڪسپيئر، گوئٽي ۽ فردوسي وغيره پنهنجن پنهنجن ملڪن جا نمائندا شاعر آهن ته اهڙيءَ طرح اسان جو شاهه عبداللطيف ڀٽائي پڻ سنڌ وطن جو نمائندو ۽ قومي شاعر آهي.

جيئن "شاهه صاحب، سنڌ جي جملي رهاڪن کي بنا هندو مسلم فرق جي سنڌي ڪري تصور (پيش) ڪيو آهي. ۽ جن ماڻهن کي ساراهيو اٿس، تن مان اڪثر هندو هئا. راءِ ڏياچ هندو راجا هو، لاکو ڦلاڻي ڪڇ جو هندو راجا هو، راڻو سوڍو هندو هو، مومل هندواڻي هئي، سسئي هندو نسل جي هئي. اوڏ، جاڙيجا، ريباڙي، جوڳي، بابو، سنياسي، آديسي جن جو ذڪر شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ آندو آهي سي سڀ هندو هئا. ان کان علاوه هنگلور جي هلڻ، گنگا تي گجڻ ۽ سڱين وڄائڻ واري سامين ۽ جوڳين کي ڳايو اٿن(1)." اهڙيءَ طرح سان "شاهه صاحب لاکي ڦلاڻي ۽ جکري کي پنهنجي ڪلام ۾ درج ڪيو آهي ۽ ڪڇ جي مشهور تيرٿ داس نارايڻ سروور ۽ ڪوٽيشور هندن جي ماڳن جو ذڪر به ڪيو آهي. شاهه صاحب کي هندو- مسلمان لاءِ ڪو به ڀيد ڀاءُ ڪونه هو(2)."

شاعريءَ جي فلسفي کي بيان ڪرڻ ۽ ان کي ڏرتي ۽ دنيا جو شاعر ڪري پيش ڪرڻ يا ان جي علمي ۽ عقلي جاڻ کي بيان ڪرڻ لاءِ تمام ٿورا ڏاها ماڻهو آهن، جن شاهه صاحب کي نروار ڪيو آهي، جن ۾ سڀ کان پهرين انگريزن جي دور ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ، ايچ.ٽي سورلي، پيرومل، ڪلياڻ آڏواڻي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو ۽ مرزا قليچ بيگ وغيره ان کان پوءِ اسان جي هاڻوڪي دور ۾ جن بزرگن ۽ اسڪالرن کي اسان ڏٺو، تن ۾ سائين جي.ايم.سيد، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، رسول بخش پليجو، شيخ اياز ۽ عبدالواحد آريسر وغيره اچي وڃن ٿا. انهن شاهه لطيف جي شخصيت ۽ ان جي شاعريءَ کي هڪ نئين انداز ۾، ۽ هڪ سائنسي انداز ۾ بيان ڪندي اسان آڏو متعارف ڪرايو آهي.

اسان جي سنڌ ملڪ جي قومي شاعرن جي هڪ ٽِہ مورتي آهي جنهن ۾ "شاهه عبداللطيف ڀٽائي (1689ع-1752ع) سان گڏ عبدالوهاب سچل سرمست (1729ع- 1829ع) ۽ ڀائي چين راءِ ولد بچومل لنڊ 'سامي' (1743ع- 1850ع)" بہ شامل آهن. سو هي اسان جا حقيقي سڄڻ، سنڌ دوست، انسان دوست، علمي، عقلي ۽ روحاني شاعر آهن. جن جي شاعريءَ مان اسان کي محبت، انسانيت، سماجي قدر ۽ قومي جاڳرتا سان ترقي ڪرڻ لاءِ نوان ۽ جديد طريقن وارا گس ۽ رستا سمجهايل ۽ ڏسيل آهن. شاهه ۽ سچل جيئن تہ مسلمان گهراڻن ۾ پيدا ٿيا ۽ ان ئي ماحول ۾ وڏا ٿيا، تہ انهن پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪا ٻولي، محاورا، تشبيهون ۽ استعارا وغيره يا ائين ڪٿي چئجي تہ انهن مسلمان گهراڻن جي ماحول جي مطابق ٻوليءَ جا لُغوي لهجا استعمال ڪيا ۽ اِنَ کي بہ اُنَ وقت جي مطابق آسان فهم ۾ پيش ڪيو. ۽ جڏهن تہ سامي وري هندو گهراڻي واري ماحول ۾ ڄائو، نپنو ۽ وڏو ٿيو تہ وري هن اُن وقت جي لحاظ کان اُها ٻولي يا لغوي لهجا استعمال ۾ آندا، ۽ ٻولي، محاورا، تشبيهون ۽ استعارا وغيره يا اُنَ گهراڻي جي ٻولي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪتب آندي آهي.

ان جو مطلب اهو ٿيو تہ انهن اسان جي ٽنهي شاعرن پنهنجي پنهنجي ماحول ۽ حالتن مطابق پنهنجو قومي فرض ادا ڪندي پنهنجي قوم جي اصلاح ڪئي آهي ۽ دنيا جي رهنمائي ڪندي ڪاميابيءَ جا ڏس ۽ گس پنهنجي ان فلسفي شاعريءَ جي ذريعي ڏسيا آهن. اهوئي سبب آهي جو انهن شاعرن جي فڪري هڪ جهڙائيءَ اسان آڏو يا دنيا آڏو قومي تشخص ۽ قومي وحدت جو هڪ بيمثال ثبوت آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان انهن ٽنهي قومي شاعرن جي فڪر کي سمجهون ۽ عام ڪريون. سنڌ جي مفڪر سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي چواڻيءَ تہ "اسان کي اڄ جي حالتن تي افسوس آهي تہ اسان جي منڙي سنڌ طبعي طور اخلاقي مونجهاري ۽ جهالت جي ڪري اجائي وڳوڙ ۾ ڏڪي وئي آهي. اهڙين ڏکين حالتن ۾ اسان کي وري ٽنهين سِر " شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ ڀائي چين راءِ سامي " کي پڙهڻ، پُرجهڻ ۽ سمجهڻ جي سخت ضرورت آهي. اِهي اسان کي اِن اخلاقي مونجهاري ۽ بدبودار جهالت کان ڇوٽڪاري جي گس تي هلائي آزاديءَ طرف وٺي وڃن ٿا. جڏهن تہ اڄ جي تعليم اسان کي سجاڳ، ڏاهو ۽ مسيحا بڻائڻ جي بجاءِ، هيءَ اٽسهپ، ڇيڙاڪ، جهيڙاڪ، ناچو (وچ ڪُڏُڻو) ۽ نفاق وجهڻ وارو(انتها پسند) بڻائي ٿو. انهن مٿين بزرگن جي ڏنل فڪر ۽ تعليم اسان کي حقيقي انسان، سهپ وارو، سچار، سجاڳ، حقيقي ڏاهو، روادار ۽ همدرد بڻائي ٿو. مون کي اميد آهي تہ جلد آزاديءَ جي هوا گُهلندي، امن ٿيندو ۽ ضرور ٽنهين سنڌ جو جنم ٿيندو."

## شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ پڙهڻ، لکڻ ۽ ڪتابن جو ذڪر، فڪر ۽ تصور

### 1. سُر ڪلياڻ:

هيءُ سُر وحدانيت جو سُر آهي. هن سُر ۾ حق جي راهه (وحدانيت) جي راهه وٺڻ ۽ ان تي ثابت قدم ٿي هلڻ لاءِ سمجهايل آهي. دنيا جي ڏاهن مطابق هر مذهب مڪمل مذهب تڏهن چوائيندو آهي، جڏهن ان ۾ هينئين ٽي ڳالهيون لازمي هجن: (1) هڪ خلقڻهار (رَبُ) يا عبادت جي لائق هستي (2) ان جو نبي يا رسول ۽ (3) مقدس ڪتاب يا خدا طرفان موڪليل ڪتاب ۽ ان جي مطابق ڪي قاعدا قانون يا شريعت، نظريو يا فڪر وغيره. هن سر ۾ انهن ڳالهين جو ذڪر ٿيل آهي.

وحدہٗ لاشريڪ لہٗ چئي، چونڊو آءٌ
فرض، واجب، سُنتون، ٽِنيئون ترڪ مَ پاءِ
توبهَ سَندي تسبيح، پڙهڻ ساڻ پُڄاءِ
نانگا پنهنجي نفس کي، ڪا نئين راهه سُونهاءِ
تہ سندي دوزخ باهہ، تو اوڏيائي نہ اچي.

هيءُ پهرئين سُر جو بيت آهي، "سُرُ" راڳ کي ڪنهن خاص انداز ۽ ڍنگ سان، ادائگيءَ جو نالو آهي. سُر مان سريلو لفظ نڪتل آهي جيئن عام طور چئبو آهي تہ هيءُ سريلو فنڪار آهي وغيره. ڪلياڻ جي معنيٰ ۽ مفهوم تہ وسيع آهي، پر هت هن جي

معنيٰ سُک، خير ۽ امن آهي. هن پهرين سر ۾ شاهه سائينءَ پنهنجي حقيقي خالق ۽ پالڻهار جي هيڪڙائي ۽ وحدانيت جو ذکر ڪيو آهي ۽ اُنهيءَ جي ڏسيل راهه تي هلڻ جو تاڪيد ڪيو آهي. هن مٿئين بيت ۾ "پڙهڻ" تي زور ڏنل آهي. حقيقتن ڪي مڃيندي شاهه صاحب فرمائي ٿو ته ڏڻيءَ جي طرفان جيڪي ڪم رکيل آهن سي پورا ڪرڻ لازمي آهن، پر پوءِ به پاڻ کي هيٺو ۽ ڪمزور سمجهيٰ پنهنجي مالڪ کي راضي ڪرڻ لاءِ ان جا ڏسيل سبق پڙهڻ ۽ سمجهڻ سان منزل ملندي ۽ پُلجَڻ ڪا بچي پَئبو.

پڙهڻ معنيٰ ڄاڻ حاصل ڪرڻ آهي، پڙهڻ سان ماڻهو پاڻ کي سڃاڻي ٿو، پڙهڻ سان نُئي نئين راهه ملي ٿي ۽ ڪاميابيءَ طرف ويندڙ گس ڳولي لهي ٿو. پڙهڻ سان نُئي ماڻهو پنهنجو ڪردار جوڙي ٿو ۽ پاڻ کي ڪاميابيءَ ڏانهن موڙي ٿو ۽ سرخرو ٿئي ٿو. اِن بيت مان اسان کي سبق ملي ٿو ته پڙهڻ جي ڪيڏي وڏي اهميت آهي، پڙهڻ سان نُئي ماڻهو پروڙي ٿو، پرکي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي بهتر ۽ سنو ڪري هن جهان ۾ پيش ڪري ٿو ۽ پوءِ يقينن هُو ڪامياب ٿئي ٿو. توبهَه سَندِي تسبيح، پڙهڻ ساڻ پُڄاءِ.- توبهَه معنيٰ ته پنهنجي زندگيءَ جي ماضيءَ تي تنقيدي نظر وجهڻ ۽ پنهنجو خود تنقيدي جائزو وٺڻ آهي ۽ ڪيل غلطين تي پڇتاءُ ڪري پاڻ ۾ سڌارو آڻ ته ايندڙ وقت ۾ ڪاميابي ملنِي ۽ جَڳَ ۾ ماڻ، مرتبو ۽ عزت ۾ اضافو ٿيئي. پنهنجو خود جائزو وٺڻ به ته پاڻ کي پڙهڻ آهي، سمجهڻ آهي ۽ ان جو نتيجو يقينن سڌارو ۽ ڪاميابي آهي.

## 2. سُر يمن ڪلياڻ:

هيءُ ٻيو نمبر سُر يمن ڪلياڻ آهي، هن جي اصطلاحي معنيٰ آهي ته: من يا دل جي خواهشن کي روڪڻ يا ضابطي ۾ رکڻ، هيءُ شاهه صاحب جو سڄو سر اعليٰ معيار ۽ فلسفِي گهرائپ جو هڪ اعليٰ نمونو آهي. هن سُرَ ۾ فنا في الله ٿيڻ آهي. يا پنهنجي رب کي دوست بنائڻ آهي. هن ۾ حقيقي عشق ۽ تصوف جا ڪئِي راز ۽ رمزون ڏاڍي عُمدي نموني سان سمجهايل ۽ سُلجهايل آهن. هن سُر ۾ ماڻهوءَ کي پاڻ روڪي هڪ ضبط ۽ نظم ۾ هلائڻو آهي.

هن سُر ۾ شاهه صاحب جيڪي تشبيهون ۽ تمثيلون بيان ڪيون آهن. سي ان وقت جي سماجي حالتن، ريتن، رسمن ۽ ان وقت ۾ مُروج ڌنڌن ۽ ڪاروبار ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ، اصطلاح ۽ محاورا ( Terminologies) استعمال ڪيا آهن ۽ انهن ڪمن/ ڌنڌن/ هنرن ۾ استعمال ٿيندڙ اوزارن جي حوالي سان لفظ ڏنا ويا آهن- هن سُر ۾ لکڻ، پڙهڻ ۽ ڪتابن جو ذڪر ٻين سُرن کان وڌيڪ ڪيو ويو آهي، ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته ٻڌايل يا بيان ڪيل ڳالهه يا قصي/ ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ لکيل ڳالهه اهم ۽ پائدار آهي. لکت گهڻي دير تائين محفوظ رهي ٿي ۽ لکتن مان ماضيءَ جي خبر پوي ٿي، معلومات ملي ٿي ۽ اها معلومات اثر ڇڏيندڙ ۽ طاقتور ٿيندي آهي. هنن بيتن ۾ "پڙهڻ، لکڻ، ڪاتب، ورق، الف، اکر، سبق، مطالع، سِٽ، تعليم، ڦرهِي، پَنو، فِڪر، پُڇڻ، مَسُ ۽ ڪاڳرُ" وغيره جهڙا لفظ استعمال ڪيل آهن.

ايڪُ پيالو، ٻه ڄڻا، عشق نه ڪري ايئن،
ليکيا جي لِکڻ ۾، سي قرب رسندا ڪيئن،
هئڻ ڪيا هيئن، وانجئا پس وصالَ کي.

لکڻ= ڳڻ، لڇڻ، صحيح ڪرڻ
لِکڻ= حساب، ڳاٽيٺو، داخلا رکڻ

'ليکيا جي لِکڻ ۾، سي قرب رسندا ڪيئن،' جيڪي حساب ۾ نه آيا/ ڳاٽيٺي ۾ نه آيا/ نصيب ۾ نئي نه هئا، سي ڪيئن منزل تي پهچندا، سي ڪيئن مقصد ماڻيندا ۽ پاڻ حاصل ڪندا. نالو لکڻ معنيٰ ته نشانبر ٿيو، ظاهر ٿيو، ڪنهن خاص ڪم لاءِ چونڊيو ويو ۽ ان چونڊ واري قطار ۾ هن جو نالو پهرين نمبر تي آهي ته سڀ کان پهرين پڇا به هن کان ٿيندي، پر جي ان قطار ۾ هن جو نالو ڪونه آهي ته پوءِ پُڇا ڇا جي؟

صوفي صاف ڪيو، ڌوئي وَرَقُ وجود جو،
تنها پوءِ ٿيو، جيئري پَسڻُ پرين جو.

ورق= پنو، ڪاڳر، ڪتاب جو پنو، وجود جو هڪ حصو

ڪائنات سان گڏ انسان جو وجود به هڪ ڪتاب آهي، تنهنڪري صوفي پنهنجي 'اندر جي ورق' کي ڌوئي ۽ دل کي، نيت کي ۽ پنهنجي سوچ يا ارادي کي درست، چٽو ۽ صاف رکڻ لاءِ چوي ٿو.

ماڻهن کي پيو منجهائين ۽ وري مٿان پيو ٻڌائين ته مان کو اُتم ۽ اعليٰ آهيان! پاڻ پرست نه ٿي. اڙي! ڦِن عزازيل کان ٻچ ته عشق جي هڪ ذري جو ڪيڏو نه مزو آهي. اهي ڪتاب ۽ اهي اکر جيڪي تو پڙهيا آهن سي سڀ ڪجهه ٻ ته نه آهن پوءِ تون ڪيئن پاڻ کي منصف ٿو سڏائين!؟ تو ته پڙهيو ڪجهه ٻ ڪونه آهي، پڙهڻ ۽ ان کي وري پُرجهڻ ته اجا پري جي منزل آهي، تو ته اجا پورو پڙهيو ٻ ڪونه آهين.

• وِسريو مِ سَبَقُ، پهرين سِٽَ نه سنيران،
اجا هِيءُ ورق، هَئي مُطالعُ نه ٿيو!

مُطالِعُ= پڙهڻ، وري پڙهڻ، پڙهندو رهڻ

• ڪيو مطالع مون، هو جو ورق وصالَ جو،
تنهن ۾ تون هين ٿون، ٻي لات نه لحظي جيتري.

وصال= ملڻ، ملاقات ڪرڻ
لات= ذڪر، ياد، ڳالهه ٻَچارڻ، ٻولي
لحظي= ذرڙو، تمام ٿورڙو، رتي

اسان جڏهن ڪوبه ڪتاب پڙهندا آهيون ته جڻ ان جي لکندڙ(خالق) سان ملاقات ڪري رهيا آهيون ۽ هن سان جڻ گفتگو يا ڪچهري ڪري رهيا هجون. سو هن ۾ ٻ اِها ڳالهه چيل آهي ته جيڪو مون پڙهيو، تنهن ۾ ته، توسان ملڻ جي ڳالهه هئي، تو وٽ پهچڻ جي ڳالهه هئي ۽ جيئن مون پڙهيو پئي ته مون کي تون ئي تون ٿي نظر آئين، تنهنجو ئي ذڪر هو، تو تائين پهچڻ جو ڏس پتو ٻڌايل هو، جنهن تي مان هلي رهيو آهيان توسان ملڻ لاءِ، ڇو ته تون ئِي منهنجي مُون آهين. نه ته مان تو سِواءِ ڪجهه ٻ ته نه آهيان.

جو مون پڙهيو پاڻ لئي، سَبَقُ سابِقُ جو،
پهرين سُڃاڻم پانهنجي، نفس جو نِهو،
جت عرفان اصل ۾، ٿي روحن بروزُ ڪيو،
وَري وَرَقُ پيو، گَڏيم وَڏُ وصال جو.

سابق= اڳيون، پهريون،
پهرين= اول، اڳ ۾
عرفان= معرفت، سڃاڻپ، ساڃانهه
وَڏُ- =وڇوڙو، ڦٽ، وٿي، الڳ ٿيڻ، جدا ٿيڻ، اندر جو درد
وصال= ملڻ، ملاقات

جو تو پاڻ پڙهايو ۽ جيڪو مون پاڻ پڙهيو يا ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ پڙهيو هو، ان سبق جي ڄاڻ ئي ڪم آئي جو پنهنجو پاڻ کي ڄا... سڃاتم ۽ ڏٺم، جڻ پنهنجو پاڻ سان ملاقات ڪيم. جا جدائي ٿي هئي سا وري پنو پڙهڻ سان ختم ٿي ۽ روحن جو پاڻ ۾ ميلاپ ٿيو. جو وڏ پيو هو، جو وڇوڙو ٿيو هو، سو ختم ٿيو.

اکرَ ڄُتي هيڪَڙي، ٻهُون جي نه ٻجهن،
ڪوهه ڪِبو ڪي ٿن، سڄي سٽ... ڳالهڙي.

ڄُتي= ڇُهڻ سان، پڙهڻ سان، ڏسڻ سان، سمجهڻ سان
ٻهُون= ٻيُون، وڌيڪ، گهڻو
ٻُجهن= نه سمجهڻ، ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ ٻ نه سمجهن

مطلب ته اکر اکر ڪري ڳالهه ٻڌائڻ کان پوءِ ٻ نه سمجهن تن کي سڄي ڳالهه يا قصو ٻڌائي ڇا ڪبو، جيڪي سمجهن ئي ڪونه ٿا. اصل ڳالهه احساس جي هوندي آهي، احساس ئي ماڻهوءَ ۾ انسانيت جا گڻ پيدا ڪندو آهي. احساس ئي هڪ ٻئي کي سمجهڻ جو ماحول پيدا ڪندو آهي.

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوبَ ۾،
پاٺان ڏوهه ڇڙهن، جي ورق ورائن وِٿرا.

ڪڙهڻ= سمجهڻ، دل سان هنڊائڻ. پُرجهڻ، اصل حقيقت کي سڃاڻڻ
قلوب= دل، من، انسان جو اندر
ورق ورائن وترا = رڳو پيا پنا اٿلائن، سمجهن ڪونه ويتر وڌيڪ پيا پنا اٿلائين

هيءُ اهي عاشق آهن، جيڪي رڳو زبان سان پڙهن ٿا، پر ان کي هينئين سان هنڊائڻ يا دل سان ان کي سمجهڻ اچي ئي ڪونه. دل جيڪا انسان جي جسم جو مرڪز آهي ۽ ان مان ئي احساس ڦُٽن ٿا سو دل جي سچي لڳاءُ سان جو ٻ ڪم ڪبو سو پائيدار نتيجو ڏيندو. ڪنهن فڪر يا نظريي کي سمجهڻ، پرجهڻ، پروڙڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ ئي اصل حاصلات ٿئي ٿي.

پڙهيو پڙهيجاهُ، سبقُ اِنهين سور جو،
ميم رکجاهه من ۾، الف تنهن اڳياهُ،
ڇتان ڇوريجاهه، اِها لات لطيف ڇي.

پڙهيجاهہ= پيو پڙهندو رهہ، گهڻو پڙهجو، پڙهندو رهُہ
الف= ڀالشهار جي نالي جو پهريون اکر، الف بي جي پٽيءَ جو پهريون اکر
مير= نبي سڳوري جي نالي جو پهريون اکر، الف بي جي پٽيءَ جو چاليتاليهون اکر

الف معنيٰ خالق جنهن هيءَ ڪائنات خلقي، هيءَ ڌرتي خلقي ۽ ڌرتيءَ تي رهندڙ قومون انهن جون ٻوليون ۽ انهن جي رهڻ جو رنگ ڍنگ مختلف ڪيو تہ جيئن هُو هڪ ٻئي کي سڃاڻي سگهن، ۽ هڪ ٻئي جو قدر ڪن، احساس رکن ۽ قدرت جي طرفان جيڪا اُنهن کي شناخت مليل آهي، انهيءَ کي قائم دائم رکن. مير معنيٰ تہ رهبر، اهو رهبر جيڪو خالق جي طرفان موڪليو ويو آهي. جنهن وٽ هڪ آفاقي نظريو آهي، جيڪو عالمِ انسانيت جي ڇوٽڪاري ۽ هر قسم جي غلاميءَ جي ڇوٽڪاري جو نظريو آهي. تنهن کي پڙهہ ۽ خالق ۽ ان جي موڪليل رهبر کي مَنَ ۾ سمائي ڇڏ! تہ ڪاميابي ٿيندي.

اکر پڙهہ الف جو، ورق سڀ وسار،
اندر تـــون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

اکر پڙهہ الف جو= هڪ الف ۾ ئي ڪُل ڪائنات سمايل آهي، ان تي غور ڪر ۽ ان کي ئي سمجهہ، فڪر ڪر ڪائنات جي رازن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر، تہ توکي ان ۾ ڪئي راز سمايل نظر ايندا.

ورق سڀ وسار= ڪتابن جا صفحا يا پنا جيڪي تو اجايا پڙهيا آهن، جن مان ڪوبہ نتيجو ڪونہ ٿو نڪري اُهي سڀ وساري ڇڏ، بس هڪ الف (رستو) وٺ جيڪو توکي ڪاميابيءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿو.

اندر تون اُجار= پنهنجا خيال، ارادا، سوچ ۽ نيت کي صاف رک، تہ نتيجو بهتر ملندو نہ تہ تون ڇا بہ پڙهندين ۽ ڪيترو بہ پڙهندين اُن پڙهڻ ما ڪجهہ بہ ڪونہ ورندو- ها! تون پنهنجي اندر کي پڙهہ ۽ پاڻ تي فڪر ڪر تہ ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ اچئي.

جيئن جيئن ورق ورائين، تيئن تيئن ڏُنو ڏوهہ،
تنهن ڪهڻيءَ ڪبو ڪوهہ، جي رهڻيءَ رهيو نہ سُپرين.

ڪهڻي= چوڻ، ڳالهائڻ، اقرار ڪرڻ، قول، زبان سان ڳالهائڻ
ڪوهہ= ڇا، ڪُجاڙو
رهڻي= رهڻ، عمل ڪرڻ، پابند رهڻ، قائم رهڻ

جيئن پاڻ کي پڙهندي يا سمجهندي تيئن پاڻ ۾ وڏا عيب ۽ خاميون پسندي. ڇا ڪاڻ تہ تو زندگيءَ جو جيڪو طريقو اختيار ڪيو آهي سو تہ ٺلهو آهي خالي آهي، رڳو ان ۾ ڏيکاءُ آهي، پاڻ پڏائڻ آهي. جيڪڏهن ايئن پنهنجي زندگي گذاريئي تہ پوءِ تو وٽ ڪير ويهندو، ڪير ايندو، ڪير تنهنجو ٿيندو. محبوب جي تہ ڳالهہ پري ٿي!؟ ۾ عام ماڻهو بہ تو وٽ ڪونہ ايندو. تنهنڪري پاڻ کي سمجهہ ۽ پنهنجا عيب ڪَڍُ، پاڻ کي درست ڪر، پاڻ کي فڪري، علمي ۽ عملي طور ثابت ڪري ڏيکار، خالي ڏيکاءُ ۽ بناوٽي نہ ٿي.

• ڪاتبَ لکين جيئن، لايو لامُ الف سين،
اسان سَجَڻُ تيئن، رهيو آهي رُوح ۾.

ڪاتب= لکڻ وارو، لکندڙ، سنا اکر لکندڙ، تقدير لکندڙ

لايو لامُ الف سين= 'ل' کي اکرن ۾ لکبو تہ 'لامُ' جو آواز نهندو، لام سان الف ملائڻ جو مطلب اهو ٿيو تہ جيئن 'لا' سان الف مليل آهي، تيئن اسان سان سڄڻ بہ ايئن مليل آهي.

• ڪو ٿو ڪاڳرَ ڪورين، وينو وڃايين مَسُ،
ڏور تِنا ئين ڏسُ، اکرَ جنا ئين جڙيا.

ڪو= ڇو
ڪاڳر= پنو، ڪاغذ

ڪورين= ڦاڙين، چيرين، ڦاڙي پٽيون ڪرڻ، ڦاڙي ليڙون ليڙون ڪرڻ، ڇني ڌار ڪرڻ، نون پنن تي اجايو ليکا ڪيڻ يا اجايو لکڻ (اهڙو لکڻ جنهن مان ڪنهن کي فائدو ئي نہ پهچي، تنهن کان بهتر آ تہ اجايو مس ۽ ڪاڳر زيانُ نہ ڪجن)

ڏور= ڳولڻ، جدوجهد ڪرڻ، ڪوجنا ڪرڻ، تحقيق ڪرڻ

اکر جنائين جڙيا= جتان اکر جڙيا، نهيا، پيدا ٿيا، جنميان

”اپرو چند“ پر هن سُر ۾ سسئيءَ کي اٽل ارادي ۽ مضبوط سوچ ۽ خيال کي عورت جي ڪردار جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. عورت جسماني طور ڪمزور ٿي سگهي ٿي، پر خيالن، ارادن، سوچ ۽ فڪر ۾ مردن کان گهٽ ڪين آهي، پر ڪٿي ته مضبوط ارادي ۽ اٽل سوچ جي ڪري مردن کان به اڳيان آهي. تنهنڪري لطيف سائين مرد ڪردارن کان وڌيڪ عورت ڪردار تي اعتماد ڪري ٿو ۽ انهن کي ڪامياب جدوجهد جي لاءِ هڪ لازمي ۽ لازوال جُزُ سمجهي ٿو.

وهم وِرساياس، پنهون آئون پاڻ هُئِي،
پاڻُ وڃايم پانهنجو، پَئي پريان جي پاس،
رتي علم نه راس، ڏاران پسڻ پرينءَ جي.

ورساياس= ڀُلاياس، ڀُلايس، وساريس، گمراهه ڪيس

رتي= ذرو، ٿورڙو حصو

راس= مڪمل پورو

شڪ يا وهم اهي ڊپ جي ڪري پيدا ٿيندا آهن، ماڻهو جڏهن اڪيلو يا مايوس ٿيندو آهي، تڏهن هن کي هڪ اڻڄاتل خوف يا ڊپ ورائي ويندو آهي، پوءِ هيءُ هڪ وهم، گمان، شڪ ۽ بي يقينيءَ جي ڀُنتر ۾ هوندو آهي. هت لطيف سائين سنڌي ضاعفائن کي همٿ، حوصلو ۽ پنهنجو ساٿ ڏيندي چئي ٿو ته: چو تون ڀنتر جي شڪار ٿي آهين. تون همٿ ۽ اتساهُ آهين، تون ئي منزل آهين، تو ۾ ئي هن جهان جي ڪل قوت آهي. رڳو هڪ پير ته کڻ، اڳيان ته وڌ، پوءِ ڏس ڇا ٿو ٿئي. باقي ڪنهن به خوش فهميءَ يا غلط فهمي ۾ نه اچ، تنهنجي علم، ڄاڻ ۽ باخبر رهڻ سان ۽ تنهنجي اڳيان وڌڻ سان اها منزل حاصل ٿئي ٿي. جيڪا هن دنيا کي جرڪائي جنت مثل بڻائي ٿي.

ويو جاڳائي جَٽُ، ويري ڪنهن ولات جو،
سندو سُورنِ خطُ، ڏنم هوت هٿن سين.

ولات= ڏورانهون ملڪ

خط= لکتِ، لکيل پنو

جاڳڻ ۽ جاڳائڻ معنيٰ شعوري طور يا عقل، ڏاهپ سان يا سائنسي سوچ رکي هن سماج ۾ رهڻ آهي. مطلب ته پاڻ به شعور رکي ۽ قوم کي، پنهنجي سڄڻن کي به شعور يا ڄاڻ ڏئي هوشيار ڪندو رهي. شعور ڇا آهي؟ منهنجي نظر ۾ شعور انسان جي هوش حواس، ڄاڻ، باخبر رهڻ، فطري ۽ غير فطري تبديلين جي خبرچار رکڻ کي شعور چئبو آهي. شعور حاصل ڪرڻ جا ٻه طريقا آهن، هڪ ڪتاب پڙهي ڪري ۽ ٻيو ڏسي ۽ سمجهي ڪري، يا ائين چئجي ته هڪ مطالعي جي ذريعي ۽ ٻيو مشاهدي جي ذريعي، ماڻهو باخبر رهي سگهي ٿو. هاڻ شعور اوهان جو ويري به آهي ته سڄڻ به آهي. توهان جي ڄاڻ توهان جي دشمن جا لاءِ قابل قبول يقينن نه هوندي تڏهن هُو توهان جو دشمن ٿي پوندو ۽ توهان جي ڄاڻ يا شعور توهان جي قوم کي دائمي فائدو ڏئي ٿو ته پوءِ اهو شعور اوهان لاءِ ۽ اوهان جي قوم لاءِ فائديمند ٿي پيو. سو هن بيت ۾ جاڳائڻ (شعور) جو ذڪر ڪيل آهي ۽ جاڳڻ (شعور) جي ڏکن جو ذڪر ڪيل آهي

وائي: نوٽ: سُر سسئي آبري: متفرڪات: وائي نمبر 4

ادا، ڙي! ڏوٿي! آئون پڇان تو ٿي،
آئون اُنين مان آهيان، جي ٻانيڻ پڙهن پوٿي،
آئون پڇان تو ٿي.

ڏوٿي= اُٺ چارڻ يا پالڻ وارو، ڏٺ ڳڏ ڪرڻ وارو

ٻانيڻ= مذهبي ڄاڻ رکندڙ

پوٿي= مذهبي ڪتاب

## 6. سُر معذوري:

معذور مان عذر لفظ نڪري ٿو جنهن جي معنيٰ لاچار، بيمار، هيڻو يا ڪو بهانو آهي. هن سُر ۾ سسئيءَ جو ڪردار پنهنجي هيڻائيءَ جي باوجود ارادي جي پُختگي سان، اصل مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ اٽل ۽ اڏول ٿي هلڻو يا اڳيان وڌڻو آهي. هزارين مشڪلاتن ۾ به اڳيان وڌڻ ۽ منزل تي رسڻ جي جستجو ڏسيل آهي. تقدير- مقدر- نصيب- قسمت اِهي سڀ قدرت جي طرفان هوندا آهن، پر ان جي باوجود ماڻهو پنهنجي مستقبل لاءِ پاڻ پتوڙيندو آهي ۽ جاکوڙ ڪندو آهي. لاڳيتار محنت، جدوجهد، ثابت قدمي ۽ ارادي جي پختگي، ان منزل تي پهچائي ٿي،

چاڪاڻ ته لطيف سائين تمثيل ۾، قصن يا ڪهاڻين ۾ جيڪو فڪري طور پنهنجو شعر چيو آهي. تنهن ڪري پڙهڻ سان، اسان کي خبر پوندي ته انسان کي تمام آسان طريقي سان سمجهايو ويو آهي ته هن دنيا ۾ پنهنجي زندگي خوشحال ۽ آزاد طريقي سان گذاري سگهجي ٿي ۽ ان جو وس ۽ ان جو طريقو پاڻ انسان وٽ ئي آهي.

جهڙيءَ طرح الله سائينءَ پنهنجي پلي (قران شريف) ڪتاب کي آسان بڻائي، اسان ماڻهن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سو منهنجي سمجهه مطابق ان کي سمجهڻ جا ٽي رستا آهن. پهريون ته الله سائين پنهنجي وحدانيت ۽ هيڪڙائيءَ کي سمجهايو آهي ۽ عبادت کي اهميت ڏني آهي. ٻيون ته الله سائين پنهنجي پياري رسول ۽ آخري نبي صلي الله عليه وآله وسلم ۽ انسانيت جي رهبر جي معرفت اسان ڀُليلن کي سمجهائي ٿو يعني اطاعت مطلب ته پنهنجي هاديءَ جي حڪم جي پيروي ڪرڻ. ٽيون ۽ آخري آهي گذريل دور جي نبين جا تاريخي ۽ سچا قصا بيان ڪري اسان انسانن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، يعني هن دنيا ۾ پنهنجو ڪردار ڇا هئڻ گهرجي ۽ اهو ڪيئن ادا ڪرڻ گهرجي مطلب ته خدمت ڪرڻ آهي. اهڙيءَ طرح سان شاهه جي رسالي ۾ به سڀ کان پهرين الله جي وحدانيت جا سُر، جنهن ۾ مالڪ حقيقيءَ جي هيڪڙائي ۽ ان جي وڏائي بيان ڪئي وئي آهي. ان کان پوءِ اسان جي پياري نبي سڳوري ۽ ان جي آل جو بيان ڪيو ويو آهي. ۽ آخر ۾ پنهنجي وطن سنڌ جا لوڪ داستان ڪٺي انهن کي تمثيل ۾ بيان ڪري انسان جي خدمت ۽ اُن جي ”آزادي جي راهه“ يعني حق ۽ سچ تي جدوجهد ڪرڻ جو سبق ڏنل آهي.

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏکن آئون ڏڍي،
پيچان پير پُنهونءَ جو، وجهان وِڪَ وڌي،
لِڪئي آئون لڌي، ناته پٽن ڪير پند ڪري.

ڏڍي= زخمي ڪئي
وِڪ= قدم
لڌي= پئي
پٽن= بيابان، ميدان، برپٽ

پاهريون دشمن يا ڏاريون دشمن ڪونه ماري سگهندو آهي جيسين اسان جو پنهنجو غدار ٿي هُنن ڏارين دشمنن سان نه ٿو ملي. هت ڏاگهن، ڏيرن ۽ ڏونگرن جو ذڪر آيل آهي. مان هنن کي هيئن ٿو سمجهان ته ڏاگهو معنيٰ اُٺ هيءُ پالتو جانور آهي ۽ ان کي پالبو ۽ نپائبو آهي. پوءِ جڏهن هُو گهر جو ڀاتي ٿي رهندو آهي. مارو ماڻهو، ڳوٺاڻو ماڻهو ان جانور کي پنهنجي اولاد وانگر پيار ڪندو، ان کي پاليندو، نپائيندو، سنڀاليندو ۽ ان جو خيال ڪندو آهي. مطلب ته هن کي هُو پنهنجو سڄڻ ڪري پائيندو آهي. ٻيو ڏير هڪ اهڙو رشتو ناتو هوندو آهي جيڪو اسان جي زندگيءَ جو ويجهو ترين رشتو هوندو آهي. اسان جي زندگيءَ جي هر اٿڻي ويهڻي ۽ زندگيءَ جي هر ڪمزوريءَ جي هن کي خبر هوندي آهي. ٽيون آهي ڏونگر معنيٰ جبل: هي ته آهي ئي سخت، اٽل ۽ ڏکيو، سو هن مان اميد به اهڙيءَ سختي ۽ ڏکيائي جي آهي. هاڻ اهي سڀ خبرون سسئيءَ کي معلوم هيون ته منهنجو هت ڪير به ڪونهي، ڪو به سڄڻ ڪونهي، پر! پوءِ به مون کي اڳيان وڌڻو آهي ۽ پنهنجي منزل تي پهچڻو ضرور آهي. هت لطيف سائين سنڌ جي ڪمزور ضائفان/ عورت کي هڪ وڏو مثال بڻائي اسان جي آڏو ڪري بيهاريو آهي. ڇو ته عورت ماءُ بڻجي پالي ٿي، عورت زال بڻجي رشتو نڀائي ٿي. جڏهن ته ڌيءَ ۽ ڀيڻ جهڙو بي لوث رشتو به دنيا ۾ بيمثال آهي. ۽ پوءِ به هيءَ عورت ڏکن ۽ ڏولاون ۾ رهي ٿي سو ڇو؟

## 8. سُر ڪوهياري:

ڪوهياري معنيٰ ته جبل، جبل جهڙي مضبوطي يا پڪي پختي ۽ مضبوط اعصابن جي مالڪ. سسئي پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ خاطر ڏونگر ۽ جبل جهاڳي ٿي، سور، سختيون سهي ٿي، خطرا سِر تي کڻي پوءِ به هوءَ اڳتي اڃا به اڳتي وڌي ٿي. مضبوط ارادي سان ۽ ان يقين سان ته آخر ضرور مقصد حاصل ٿيندو ۽ ضرور ڪٿبو.

وائي:

(سُر ڪوهياري جو داستان پهريون: وائي نمبر پهرين)

گلا ڪامَ ڪري لکيو تان نہ ٽري،
ہَڙي جيڏيون! منهنجي وو شهر ڀنڀورَ ۾.
جيڪي لکيو لوحَ ۾، پاڙيان، تان نہ پڙي،
منهنجي وو شهر ڀنڀور ۾.

مَ= نہ
ہَڙي= اڙي! (سڏ جو انداز يا آواز)

مٿي ڏنل وائيءَ ۾ لکت جي اهميت تي زور ڏنو ويو آهي. "لکيو تان نہ ٽري....." لکت دائم ۽ قائم رهڻي آهي. جيڪا شيءِ لکت ۾ نہ آهي سا عارضي آهي ۽ هن جي ڪا حيثيت ڪا نہ آهي، انڪري جيڪو لکيو ويندو آهي سو اَمر آهي، تنهنڪري بهادريءَ سان همت سان حالتن جو مقابلو ڪبو.

### 9. سُر حسيني:

هيءُ سُر بہ سسئي پُنهون جي قصي تي ٻڌل آهي. هُونئن تہ رسالي ۾ ڏنل سڀئي ڪردار مردن توڙي ضاعفائن جا هجن تن سڀني ڪي جدوجهد، اُتساه ۽ همت جا مثال پيش ڪري اسان آڏو بيان ڪيا ويا آهن، پر انهن ۾ خاص طور تي سسئيءَ ڪي جدوجهد جي علامت ڪري پيش ڪيو آهي. هُوءَ جبل جهاڳي ٿي ۽ مستقل طور عمل ۾ رهي ٿي. هيٺين بيتن ۾ سِٽ، ليکو ڪرڻ ۽ اکر لفظن جو استعمال آيل آهي.

• مَٽِيئان مٿي مَڄُ، ہَريُم ٻاروچن جو،
مون ڪي طعنا تي ڏِيين، جيئن نہ پَرُوڙيين سَڄُ،
امڙ! اوري اَڄُ، سِٽَ سٽائيين سُور جي.

مَٽِيئان= مٿاهان، پهريان ڪان
سِٽَ= اکرن جي قطار، ڳالهہ، ڪو جملو، ڳجهي ڳالهہ
اوري= ويجهو، اورتي اڄ

• نہ ڪو ليکو ٿي ٿيو، نہ ڪو تتو ڏينهن،
تهان اوري نينهن، چنو آنڻ وارِيين.

نڪو ليکو ٿيو= حساب ڪتاب ڪونہ ٿيو، سڄي ڪر جو ڪو بہ پڇاڻو ڪونہ ٿيو
اوري نينهن= نيائي گذارڻ، دل جي ڳالهہ ٻڌائڻ، ناتو نيائڻ
چنو آنڻ وارِيين= جيڪي آنڻ تي ڏاڳو چاڙهي ڪتينديون آهن. انهن ٿي ڳنڍڻ وارو ڏاڳو معنيٰ ناتو يا رشتو ٽوڙي ڇڏيو. چني ڇڏيو.

• ڇاڻي جي ڇلتومِ، تہ پُوندو ڦِلڻُ فراق جو،
اڪرُ اِرادت جو، ڏُريائين ڌوتومُ،
پوءِ تان ڪونہ ڪيومِ، هوند ڪشالو ڪيچ ڏي.

ڦِلڻُ= بد بختي، بدنصيبي، نياڳائي
اڪر= ڳالهہ (جيڪا لفظن ۾ سوچي وڃي)
اِرادت= ارادو، تقدير
ڏريائين= شروعات
ڌوتومُ= ڌوئي صاف ڪرڻ، مَٽائڻ، ميسارڻ

### 10. سُر ليلان چنيسر:

هي سُر سنڌ جي تاريخي لوڪ عشقيہ داستانن مان هڪ آهي. هن ۾ انسان ڪي لالچ، لوڀ ۽ دنيا جي ظاهري رنگينيءَ ۾، جنهن ۾ انسان جو ڦاسي پوڻ آهي، اُن جي تمام سهڻي نموني سان اپٽار ڪيل آهي. انسان ڪي بہ ڊپَ هميشہ رهندا آهن، هڪ موت جو ۽ ٻيو ڪجهہ ڪسجي وڃڻ جو يا ائين چئجي تہ بہ صحيح آهي تہ هر ماڻهوءَ ڪي ٻن قسمن جي لالچ هر وقت رهي ٿي، هڪ پيسي ڏوڪڙ جي معنيٰ تہ بنگلا، ماڙيون، گاڏيون هجن سون هجي ۽ ٻي لالچ زندگيءَ ۽ صحت جي، زندگيءَ جي هر خواهش حوس پوري ٿئي ۽ موت ڪان بچيل رهجي! پر افسوس آهيٰ جو انسان انهن ٻن ڊپن ڪان آجو نہ ٿو ٿي سگهي، جيڪو ماڻهو ان خوف يا ڊپ تي حاوي ٿي ويو يا ان ڪان آجو ٿي ويو اُهو ماڻهو هن دنيا ۽ هن سماج ۾ سدا حيات ۽ امر رهندو. هن سُر ۾ لالچ ۽ لوڀ جي نتيجن جا وڏا مثال ڏنل آهن. دنيا ۾ قومن جا "قومي تشخص يا قومي وقار" تڏهن ٿي قائم رهي سگهن ٿا جڏهن اهي انهن ٻن قسمن جي ڊپن ڪان آجا ٿيندا.

مَٽيئي تي مُوهِجي، مُوڙهِي! ڪَپِٽي مَرَڪُ،
چئِي چنيسر ڄام سين، وٺو تو ڦَرَڪُ،
وري ويو ورڪُ، آيئِي ڏُنءُ ڏُهاڳَ جو.

مٽيو= هيرو، قيمتي پٿر
موهجي= لالچي

موڙهي= بي عقل، موڳي
فرق= ويڇو
ورق= وقت، دور، پنو

## 11. سُر مومل راڻو:

هي سُر سنڌ جي تاريخي عشقيه داستانن مان هڪ آهي. هن سُر جي نالي مان ئي خبر پوي ٿي ته هيءُ سُر ڏاڍي محبت ۽ درد سان پريل آهي، جنهن ۾ سچي محبت جا ازلي آهي تنهن ۾ ڏک، آزمائشون ۽ وڇوڙا به ازلي آهن، پر ان عشق ۾ سوچ جي مضبوطي، لالچ لوڀ کان پاڪ، سچائي ۽ اٽل ارادي وارو ماڻهو ئي ڪامياب ٿيندو آهي. هيٺين بيتن ۾ پڙهڻ، ۽ اکر اچارڻ يعني ٻولڻ يا ڳالهائڻ جو ذڪر آيل آهي. ڪو ڪتاب پڙهڻ به ته ٻڌڻ آهي، مطلب ٻڌائڻ يا ڳالهائڻ به پڙهڻ ئي آهي. ڪنهن ڪا ڪو قصو ٻڌبو جڻ ان قصي کي پڙهيو ويو آهي. سو هنن بيتن ۾ به ڪجهه اهڙو ئي سمجهه پريو سبق ڏنل آهي:

مومل ماري مِيرَ، آهيڙين کي آڪري،
سوڍيءَ گهڻا سَڪائِيا، پڙهيا، پَٽِتَ، پير،
هٽي تن کي تير، مٽيو جن مٿن ۾.

آهيڙين= شڪاري
آڪري= سخت
سَڪائيا= ڏڪايا، ڪنبايا، ڏڪاريا
پٽت= پنبت، هندن جا پڙهيل، عقل وارا، عالم، ٻانيڻ، جوتشي، ڌرمي قاعدا ڄاڻندڙ، ٻائو
وائي: نوٽ: داستان ٻيو ۽ وائي نمبر پهرين

راڻا جي رجپوتڻ، مومل سَهي پسندا.
پڙهيا، پٽت، پير، توٽي مير، همير مرندا،
مومل سهي پسندا.
اصل لکيو انگَ ۾، ٿيندو تان پَرَ ادا،
مومل سهي پسندا.

جيڪي اصل عاشق هوندا سي ئي مومل ماڻيندا، مومل منزل آهي ۽ جيڪي انقلابي هوندا آهن، اصل نج پج نئين جهان ۽ نئين سوچ جا هوندا آهن، انهن لاءِ منزل حاصل ڪرڻ ئي اصل انهن جو مقصد هوندو آهي. هُو لکئي کي به ميساري نئون ڪجهه لکي ويندا آهن، دنيا کي بدلائي ويندا آهن. هڪ نئين تاريخ لکي ويندا آهن.

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس،
چوٽا تيل چنبيليا، ها ها هو هميش،
پسيو سونهن سيد چي، نينهن اُڃن نيش،
لاڻ جي لبيسُ، آتڻ اکرُ نه اَڄهي.

آتڻ= ائٽ، چرخو، ڪپڙي اُٽڻ يا ناهڻ جو چرخو
اَڄهي= آواز نه ڪدي، ڳالهائي

محبوبن جو هار سينگار ڏسي ڪري عجيب حيرانگي اچيو وڃي ۽ تعريف ڪرڻ لاءِ لفظ ۽ اکر ئي کُٽيو وڃن، چا! پر ماڳهين ختم ٿيو وڃن. ۽ اهڙيءَ طرح مقصد ماڻڻ کان پوءِ سڀ ڏک ڏاکڙا ختم ٿيو وڃن. جڏهن انسان کي سونهن يعني محبوبن ملڻ، سُک يعني روحاني ۽ ذهني سڪون، امن يعني هر ڊپ کان آزاد زندگي ملي وڃي ته پوءِ ڳالهائڻ يا ڪجهڻ جي ڪابه گنجائش ئي نه ٿي رهي.

## 12. سُر مارئي:

هي سُر سنڌ وطن جي تاريخي داستان عمر مارئي جي قصي تي ٻڌل آهي. جيڪو هڪ عورت جي محبت جيڪا هُن پنهنجي وطن ۽ مِٽن مارن ۽ ڌرتي ڏٿين سان ڪئي آهي. ان کي شاهه صاحب نهايت منفرد ۽ عمدي نموني سان پنهنجي شاعريءَ ۾ ظاهر ڪيو آهي ۽ هن تاريخي داستان کي امر ڪيو آهي. وطن ۽ وطن واسين سان محبت 'فطرت' آهي. چوندا آهن ته 'وطن جي حب ايمان جو جُزُ آهي' ايمان چا آهي؟ منهنجي نظر ۾ ايمان اُها فطري همت يا طاقت آهي جيڪا قدرت جي طرفان ملي ٿي. جنهن کي انگريزيءَ ۾ Will power چوندا آهن. اها ايمان جي طاقت جڏهن محبت سان ملي ٿي تڏهن لازوال تبديلي اچي ٿي وڃي جيڪا قومن کي، ماڻهن کي ۽ هن سڄي وايو منڊل کي تبديل ڪري ٿي ڇڏي. سو لطيف جي هن سورميءَ جي وطن سان حُبَ بي مثال ۽ بي لوث آهي.

- قسمت قيد ڦوي، نا ته ڪير اچي هن ڪوٽ ۾،
آئي لکئي لوح جي، هنڌ ڏيکاريم هيءُ،
پرچي ڪين پنهوار ريءَ، جانِ جسو ۽ جِيءُ،
راڄا! راضي ٿيءُ، ته مارن مِلي مارئي.

پنهوار= مالوند، مال چاريندڙ، پنهنجا عزيز
راڄا= راجا، بادشاهه

- "قيد الماءِ" ڪَهن جو، سو مون پاند پيو،
"جَفَ القلمُ بِما هُوَ ڪائِنُ"، وهي قلم ويو،
اي قضا ڪم ڪيو، جيئن ٿـر مارو آن ماڙيئن.

قيد الماءِ= داڻو پاڻي، تقدير
جَفَ القلمُ بِما هُوَ ڪائِنُ= جيڪي ٿيو هو، سو لکي، قلم سڪي ويو(حديث)
قضا= تقدير ، قسمت

- جهڙو قيدالماءِ، تهڙو بندُ نہ ڪو ٻيو،
"جَفَ القلمُ بِما هُوَ ڪائِنُ"، لهي نہ ترُ تياءِ،
عـمـر تـو هـٿـاءِ، آجـائـي، ٿئي اَجڙين.

آجائي= آزادي
تياءِ= تنهن مان
اَجڙين= مال چاريندڙ، ڌنار، ٻڪرار

- نہ ڪو اير، نہ پير، نہ ڪو اوٺي آئيو،
مون وٽ آيو ڪونہ ڪو، پائرئان پري پيرُ،
ڪتابتون ڪيرُ، آڻي ڏيندم اُن جون.

اير= خبر چار آڻيندڙ، حال احوال ٻڌائيندڙ
پير= واٽهڙو، مسافر، پري ڪان نياپو ڪڻي ايندڙ
ڪتابتون= خط، نياپو، لکت، اندر جون ڳالهيون خبرون چارون

- الا! اوٺي آئين، جي نياپا نين،
آئون انين جي آهيان، توڻي مون نہ مڃين،
مس منهنجي هٿ ۾، ڪاغذُ ڪي آڻين،
لُڙڪ نہ لکڻُ ڏين، ڪريو پون قلم تي.

اوٺي= نياپا آڻيندڙ، اُٺ مسافريءَ لاءِ ڪم آڻيندڙ
اُنين= انهن

- جي امرُ هٿيو اڌ ڪري، سي ڪاغذ لکان ڪئين،
واڳيون جي وصال سين، تنين چاڙهي چيئن!
رئان راتو ڏينهن، جيئن اُن جي وائيءَ ۾ ور گهڻا.

امرُ= تقدير، حڪم، لکيو
واڳيون= ڪيئن، ٻڌل، جڙيل، هلڻ
وائي= آهہ، ڳالهہ، آواز
وَرَ= ڦير گير، هڪ هنڌ نہ ويهڻ، ڪُوڙ

- ڪونهي قـادرُ ڪو ٻيو، اُنهين جو اياڳُ،
قُلُ اَن يُصيبَنا اِلا ما ڪَتَبَ اللہ ،اِيءُ معذرت ماڳُ،
سيوئـي سيـاڳُ، مـارئـيءَ مساوِي ٿيـو.

اياڳُ= نياڳ (ياڳ)
معذرت= عذر ، پڇتاءُ، معافي
مساوِي= برابري، هڪ جهڙائي
قُلُ اَن يُصيبَنا اِلا ما ڪَتَبَ اللہ= چوءُ تہ ڪا بہ مصيبت اسان ڪي نہ رسندي، سواءِ انهيءَ جي جا خدا اسان جي حق ۾ لکي آهي (ق- ش 9، 51)

مٿين بيتن ۾ آزاديءَ جو ذڪر ٿيل آهي.

آزادي انسانن جي، آزادي مظلومن جي، آزادي عورتن جي، آزادي پورهيتن جي، آزادي خيالن جي سوچن جي، آزادي وسيلن جي، آزادي ڌرتيءَ جي، آزادي اُن بادشاهہ کان جيڪو هڪ هٺي لايو وينو آهي، آمر ٿيو وينو ماڻهن کي هيسائي ڪمزورن کي قيد ڪري پيو. ان ڏاڍ مان، ان قيد مان آجپي جي لاءِ وس ڪرڻا آهن جيئين: " عمر تو هٿاءِ، آجائي، ٿئي اَجڙين" عمر تو وٽان پورهيتن، مزدورن، هارين ۽ هيٺن جي آجائي/آزادي ٿا چاهيون. آزديءَ سان ملڪ مارو خوشحال ٿيندا، هيٺا سگهارا ٿيندا ۽ ماڻهن مان ڏپ ڊاءُ لهي ويندو. مارئي چئي ٿي تہ مان قيد ۾ آهيان ڪنهن ڏور هنڌ تي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ قيد آهيان، مون کي ڪنهن ڪٿي اچي بند ڪيو ويو آهي. مون کي ڪنهن سان بہ ملڻ نہ ٿو ڏنو وڃي ۽ نہ وري مون سان ملڻ لاءِ ڪو اچي ٿو. منهنجا پائر بہ مون سان ملڻ لاءِ نہ آيا، ۽ ڪو نياپو، ڪا چٺي، ڪا لکت جيڪا مون کي اها خبر ٻڌائي تہ منهنجي وطن ۽ منهنجي مارن جا حال ڪهڙا آهن؟ مان تہ آس اميد ۾ آهيان تہ منهنجا ديس واسي سجاڳ ٿيا هوندا ۽ هو منهنجي آزاديءَ لاءِ ايندا ۽ اِجهي ڪِي آيا، پر! افسوس "نہ ڪو اير، نہ پير، نہ ڪو اوٺي آئيو".

### 13. سُرُسُورٺ:

سنڌ جو هي تاريخي داستان آهي جيڪو قرباني، ايثار، قدر، مڃتا ۽ برداشت جو سُرُ آهي.

جو تو ڏيڻُ ڏياچُ! لاهيو اِي سِرُ سيڪو ڏي،
ڪي ناهہ جهڙو ڏي، جو سَنڌَ ٿئي سُلاليين.

سِرُ= جان ، جسم، مُنهن وارو حصو، سِسِي
سَنڌَ= اختيارنامو، لکت، دستاويز، چٺي

هن ۾ شاهه صاحب پنهنجا تجربا ۽ مشاهدا ۽ انهن دوستن، سائين، سامين ۽ جوڳين جو ذڪر ڪري اسان کي ڏاهپ جا ڏس ڏئي ٿو.

جي پانيين جوڳي ٿيان، تہ طمع ڇڏ تمام،
گولا جي گولن جا، تن جو ٿيءُ غلام،
صبر جي شمشير سين، ڪَرِ ڪيني کي قتلام،
تہ نانگا تنهنجو نام، لکجي لاهوتين ۾.

طمع= لالچ، لوڀ
گولا جي گولن جا= غلامن جا غلام، نوڪرن جا نوڪر
شمشير= تلوار، هٿيار، اوزار
ڪيني= بدنيتي، بغض، عداوت

ياد گُروڪن گودڙيا، پر بازار بيٺا،
پڙهن سُور سبحان جي، پين تنهن پيٺا،
جيلانهن منهن ميٺا، تيلانهن نشا چاڙهيائون نينهن جا.

گُرو= رهبر، ليڊر، مرشد
پڙهن سور= فڪر ڪن، ذڪر ڪن، ياد ڪن، تڪليفن کي سمجهن ۽ انهن جو حل ڪين
سبحان= ساراهہ، نيڪي ڪرڻ، تعريف ڪرڻ، ان هستيءَ جي ساراهہ ڪن، جنهن جي ساراهہ جڳائي ٿي، سڀ ساراهہ ان مالڪ جي
پين تنهن پيٺا= تنهن حوض مان پين ۽ پيٽ پرين
منهن ميٺا= ميٺوڙا مُنهن، ميٺ لڳل، نشان لڳل، پيلا منهن، ويچارا منهن

### 19. پورب:

هي سُر رامڪليءَ جو تسلسل آهي، هن ۾ سامين ۽ جوڳين جو ذڪر ٿيل آهي.

وائي :

جن جو وارث ٿون، الا! سي ڪيئن رهندا نيڻ منهنجا؟
آڳي اُپ خلقيا، پَلِي خلقيائين پُون،
جن جو وارث ٿون، الا!
آهيون 'الف' آسري، محمدؐ مجيو سُون،
جن جو وارث ٿون، الا!

وارث= مالڪ
آڳي= ڌڻي، آغا، مالڪ
پُون= ڌرتي، زمين، وطن
الفُ= الله سائين

### نتيجو:

لکڻ پڙهڻ جو تعلق ازل کان آهي جڏهن انسان بلڪل بي سمجهہ هو، تڏهن بہ هُو ليڪا ڪڍي، شڪليون ناهي ۽ ان کان پوءِ ڪي نشانيون جوڙي پاڻ کي سمجهہ پريو بڻائڻ جي ڪوشش پيو ڪندو هو. دنيا جي قديم آثارن مان ائين معلوم ٿيو آهي، جڏهن تہ ڪئي لکتون اڄ بہ منجهيل حالتن ۾ موجود آهن، انهن مان اسان جي موهين جي دڙي جي لکت پڻ هڪ آهي. هيءُ سڄو مضمون شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ٻن مرتب ڪيل رسالن مان جنهن ۾: هڪ- شاهه جو رسالو مرتب غلام محمد شاهواڻي ۽ ٻيو- شاهه جو رسالو مرتب علامہ آءِ.آءِ.قاضي تي آڌاريل آهي، جن ۾ ترتيب وار 30 ۽ 29 سُرَ ڏنل آهن جن جي هيٺيان حاشين ۾ معنيٰ پڻ ڏنل آهي. انهن گڏيل رسالن ۾ 19 سُر اهڙا آهن جن ۾ لکڻ، پڙهڻ، ڪتاب (لکت) وغيره جو ذڪر آيل آهي.ان جو مطلب ٿيو تہ لکڻ، پڙهڻ ۽ ڪتاب يعني لکت جي اهميت کي سمجهندي شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ ان جو اظهار ڪيو آهي.

شاهه کي پڙهندي اسان جي ذهن ۾، اسان جي مزاج مطابق ان کي سمجهڻ جو خاڪو ۽ تصور جڙي ٿو. اهڙيءَ طرح اسان جي فڪري سوچ پڻ اسان جي مزاج مطابق جڙي ٿي، پر اسان جو شاهه لطيف هڪ وڏي عالمي حيثيت جو شاعر آهي، ان جي شاعريءَ ۾ هڪ ڳُوڙهِي معنيٰ ۽ مفهوم سمايل آهي. تنهنڪري ان کي پڙهڻ بہ ان ڳُوڙهِي معنائن ۾ ئي پوندو. جو تہ 'هُو (شاعر) جُزَ مان ڪُلَ ڏانهن سفر ڪري ٿو ۽ ان ۾ هُو پنهنجي وطن جي ماڻهن سان گڏ دنيا جي لوڪن کي پڻ امن، محبت، خوشحالي،

آزادي ۽ برابري، رواداريءَ سان رهڻ جي ۽ ترقي ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو، اهوئي هن جو فڪري تصور آهي.

هن مضمون ۾ هر سُر جا بيت ۽ وايون جا اهي بند يا سِٽُون ڏنيون ويون آهن، جن ۾ لاڳاپيل عنوان جا لفظ ۽ تصور آهن. شامل ٿيل بيتن ۽ انهن جي ڪجهه لفظن جي معنيٰ پڻ ڏني وئي آهي. ڪجهه بيتن جي لاءِ راءِ جو پڻ اظهار ڪيو ويو آهي، جيڪا يقنن حتمي نہ هوندي! پر ان راءِ ڏيڻ جو مقصد هيءُ آهي تہ انهن بيتن ۽ واين ۾ عنوان سان لاڳاپيل لفظ ڪي چٽو ۽ واضح ڪيو وڃي. وري ڪن بيتن ۽ واين لاءِ ڪابہ راءِ ڪا نہ ڏني وئي آهي، جو تہ انهن ڪي سمجهڻ آسان آهي ۽ پڙهندڙ انهن جو مطلب ۽ مفهوم بہ آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو. ٻيو تہ پڙهندڙ کي بہ آزاد ڇڏيو ويو آهي تہ هُو پنهنجي مزاج مطابق پنهنجي راءِ مقرر ڪري ۽ پنهنجي ذهن کي استعمال ڪري، ڪنهن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ اهو طريقو بهتر هوندو آهي.

## مددي ڪتاب:


1. جي.ايم.سيد: (2005ع)،"پيغامِ لطيف"، حيدرآباد: روشني پبليڪيشن، (ڇاپو ٻيو)، ص 85-86
2. لالواڻي، جيٺو، ڊاڪٽر: (2013ع)، "ٻني- ڪڇ ۾ شاهہ ڀٽائي گهوٽ" سنڌي ٻولي(تاج جويو: ايڊيٽر)، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، جلد ڇهون، شمارو پهريون، ص 26
3. شاهواڻي، غلام محمد، (1993ع)، "شاهہ جو رسالو"، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
4. آءِ.آءِ.قاضي، علامہ، (1986ع)، "شاهہ جو رسالو"، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
5. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، (1988ع)، "جامع سنڌي لغات"، (جلد 1-5)، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
6. بيگ، مرزا قليچ، "لغات لطيفي"، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
7. ڀٽ، الهرکيو ۽ سليم ڀٽو لطيفي، (2008ع)، "هٿ جا هنر" (شاهہ جي رسالي جي موضوعاتي لغت) جلد-1، ڪراچي: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
8. پرمانند ميوارام، (1986ع)، "سنڌي انگلش ڊڪشنري"، ڄامشورو: سنڌالاجي.
9. جويو، محمد ابراهيم، "شاهہ سچل سامي".
10. ابڙو، آفتاب (سهيڙيندڙ)، "شاهہ لطيف بحيثيت مفڪر"، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
11. ڀٽ، الهرکيو، (1995ع)، "سنڌي طباعت ۽ اشاعت جي تاريخ"، حيدرآباد: گلشن پبليڪيشن.
12. ڄڳتياڻي، لالچند امر ڏنو مل، "شاهاڻو شاهہ"، ڀٽ شاهہ: ثقافتي مرڪز.
13. سنڌي ٻوليءَ جا مختلف پرچا ايڊيٽر تاج جويو
14. سيد، درشهوار، ڈاکٹر، 1994ء، شاہ لطیف شاعری اور فکر۔ کراچی، شاہ لطیف چیئر۔ کراچی یونیورسٹی۔
15. محمود الحسن. کشاف اصطلاحات کتب خانہ. اسلام آباد. مقتدرہ قومي زبان

16.R.N Chopra. 1992, Library Science Dictionary. New Delhi .Anmol Publication.


(نوٽ: هن مضمون ۾ شاهہ جو رسالو/غلام محمد شاهواڻي ۽ شاهہ جو رسالو/ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي ترتيب – ڏنل رسالن جي مطابق بيت ۽ وايُن جون معنائون ۽ حوالا ڏنل آهن.)

ڊاڪٽر عصمت فاطمه ويسر



# ويراڳي ڪلام جو فڪري فلسفو

ويراڳ هڪ ڪيفيت جو نالو آهي، جيڪا انسان ۾ موجود هوندي آهي. اها ڪيفيت ڪڏهن چهري مان نظر ايندي آهي، ته ڪڏهن شاعريءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي، اها ڪيفيت ڪڏهن خاموشي اختيار ڪندي آهي. اهڙي ڪيفيت جو ذڪر ڪندي شاهه عبداللطيف چوي ٿو ته:

گوندر هڻ نه پير، ور منجهين وَهُٽو،
سُورَن لايا سير، ڪڙهه ۾ قطارون ڪري.
*(آڏواڻي، 1997 ع: 349)*

ڏکن کي هٿ پير ناهن هوندا، پر اندر ۾ گهر ناهيو وينا هوندا آهن ۽ انسان جي اندر ۾ ويراڳ جو ڳاهه پيو ڳاهبو آهي. ويراڳ جي سمجهاڻي ڏيندي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”هنديءَ ۾ بيراڳ، سنڌيءَ ۾ ويراڳ،
ويراڳ: وڇوڙو، جدائي، ڏک، تڪليف،
سوز، گداز، غم، لڇڻ، تڙپڻ، بيچيني
(بلوچ، 1988 ع: 2993).“

ويراڳ ۾ وڪوڙيل ماڻهو هميشه بيچين رهندو آهي. اهڙو انسان هڪ پل به سُک ۾ نه هوندو آهي. دنيا جي ڪنهن شئي مان سڪون نه ايندو اٿس. جنهن ماڻهوءَ کي ويراڳ ورائي ويندو آهي، اُن کي ڪا به دوا درمل اثر نه ڪندي آهي. جنهن کي جدائيءَ جو ٻاڻ لڳندو آهي، تنهن تي دنياوي شيون ڪو به اثر نه ڪري سگهنديون آهن. اهڙو شخص سدائين سُڏڪندو رهندو آهي، مرڻ جيئڻ واري حالت ۾ هوندو آهي. اهڙي ڪيفيت کي شاهه عبداللطيف هن طرح بيان ڪري ٿو:

مون تان لڪائي گهٽو، روئڻ کي روشن،
رسيو ريزالن کي، منجهان زرديءَ ظن،
ويري مون وَرَن، ڳالهه ڪيائين ڳجهه جي.
*(آڏواڻي، 1997 ع: 344)*

ويراڳ انساني اندر ۾ ڏک ڀري ڪيفيت پيدا ڪرائي ٿو، اها ڪيفيت انسان ڪيترو به لڪائي، سندس چهري مان ظاهر ٿي پوندي آهي. محبت ۾ مليل درد انسان جي وس کان ٻاهر آهي، ڇو جو درد هميشه درد سر بنجي دل ۾ گهر ڪري وهندو آهي. ان حوالي سان شاهه سائين فرمائي ٿو ته:

ڳرن ۾ ڳرهيج، روئي ڪج مَ پڌرا،
تان سورائي سهيج، جان لاهيندڙ ڪو لهين.
*(آڏواڻي، 1997 ع: 349)*

دل جون ڳالهيون دل ۾ رک، روئي ٻين جي سامهون پڌريون نه ڪر، دنيا دل جي درد کي نه سمجهندي آهي، اهو ئي درد ڏيندڙ آهي. تيستائين درد واري ڪيفيت کي برداشت ڪندو رهه، جيستائين ڪو درد لاهيندڙ ملئي. اڳتي شاهه سائين فرمائي ٿو ته:

مُون مَنجهيئي مِينهَن، ڪوهه ڪريندس ڪڪرين،
سَرلو سارو ڏينهن، مون پريان جو نه لهي.
*(آڏواڻي، 1997 ع: 350)*

انسان جو اندر برهه سان ڀريو پيو آهي، جيڪو راتو ڏينهن، مينهن جيان وسي پيو، ٻين ڪڪرن جي ڪهڙي ضرورت آهي. ڪڪر ته ڪڏهن ڪڏهن وسندو آهي، پر ويراڳ ۾ ورتل ۽ محبت جي ماريل انسان جو اندر هر گهڙي پيو وسندو آهي. دل جي ڪيفيت جو اندازو لڳائڻ ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ جو اهڙي ڪا به مشين ايجاد ڪان ٿي آهي، جنهن سان درد جو ڪاٿو ڪري سگهجي. درد ته دل ۾ ناسور جي صورت اختيار ڪري ويندو آهي. اهڙو اظهار ڪندي شاهه سائين فرمائي ٿو ته:

نڪو سنتو سُورَ جو، نڪو سنتو سِڪَ،
عدد ناهه عشق، پڄاڻي پاڻ لهي.
*(آڏواڻي، 1997 ع: 347)*

پيروڪارن کي ڪو درس يا سبق ڏيڻ لاءِ جوڙيندا آهن. اهڙن ٻڌندڙن کي طالب، سالڪ ۽ ڀڳت چئبو آهي.

انگريزي زبان ۾ انهن کي 'Devotee' چئبو آهي. هن وضاحت مان اهو ظاهر ٿيو ته ويراڳي ڪلام مان مراد اهو ڪلام آهي، جنهن مان سالڪ کي ڪا نصيحت ملي، جنهن جي ٻڌڻ سان سالڪ روح جي راحت محسوس ڪري. اُن جي ٻڌڻ سان سالڪ پنهنجو پاڻ ۾ گم ٿي وڃي، جنهن جي ٻڌڻ سان سالڪ کي ذڪر ۽ فڪر ڪرڻ جو درس ملي ۽ سالڪ کي پنهنجي نفس مارڻ، پنهنجي محبوب سان ملڻ جي آس ۽ تمنا يا ان جي پيدا ڪيل خلق سان نياز، نوڙت، انڪساري ۽ خوش خلقيءَ سان پيش اچڻ جو درس ملي. سنڌ جي صوفي ۽ ڪلاسيڪل شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ ويراڳي ڪلام جو مفهوم ۽ مقصد سمجهائيندي ڪافي مثال ڏنا آهن. هن قسم جي ويراڳي ڪلام ۾ صوفيائي، ناصحائي، عاشقائي ۽ اخلاقي ڪلام يعني اخلاقي درس ڏيندڙ ڪلام جو ٻيو نالو آهي. ويراڳي ڪلام ۽ ٻئي قسم جي ڪلام ۾ فرق اهو آهي ته ويراڳي ڪلام جو واسطو سُر راڳ ۽ راڳداريءَ سان هوندو آهي، يعني ويراڳي ڪلام، راڳ جي سُرن جي آڌار تي ڳائبو آهي.

سنڌ جي ويراڳي شاعرن اهڙن ئي جوڳين، تارڪ الدين زاهدن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ لازوال ڪري پيش ڪيو، جيڪي پنهنجي تن کي تپسيا ڏيئي سرير کي ساڙي پاڻ فنا ڪري، ساريون راتيون جاڳي الله جي ٻندن لاءِ اهڙو رستو يا نجات جي راهه ڳوليندا رهندا آهن ۽ انهن خيالن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ سمائي ڇڏيو آهي. مولانا رومي (6هه سن 1193ع) فرمائي ٿو ته:

اوليا را در درون هم نغمهما ست،
طالبان رازبان حيات بي بهاست.
معنيٰ: خدا (رب) شناس بزرگن
جي اندر به ڪي اهڙا آواز ٿين ٿا،
جن جي ٻڌڻ سان طالبن کي بي
بها زندگي حاصل ٿئي ٿي.
(شاهواڻي، 2008ع: 85)

مطلب ته اهي آواز ٻڌڻ لاءِ اوهان کي ظاهري ڪنن جي ضرورت ناهي. اهي ٻڌڻ لاءِ اوهان اندر جي آواز کي محسوس ڪريو. هيءَ دنيا جنهن کي اوهان هميشه بقا واري جاءِ سمجهو ٿا، اها گهڙي پل جو کيل آهي. اوهان غافل آهيو، اوهان کي خدا جو آواز ٻڌڻ لاءِ سچيءَ دل سان مالڪ کي ياد ڪرڻو پوندو. دنيا جون لالچون ۽ لوڀ ختم ڪري هن دنيا کي فاني ڄاڻي مالڪ سان لنئون لائيندا ته اوهان کي خدا جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو. اڳتي مولانا رومي فرمائي ٿو ته:

هست هوشياري زياد ماضي،
ماضي و مستقبلت پرده خدا.
معنيٰ: "جيڪي ٿي گذريو آهي،
تنهن تي ويچار ڪرڻ به خوديءَ
جي ڄاڻ آهي، ماضيءَ جو ويچار
۽ مستقبل جي ڳڻتي ساڳيا پردا
آهن." (شاهواڻي، 2008ع: 88)

حقيقت اها آهي ته ماضيءَ کي ياد ڪري تڪليف رسندي آهي. اندر ۾ ساڳيو ئي ڏک ۽ رنج غم، ياد ايندا آهن. جيترو حادثي مهل تڪليف ٿئي هوندي، اها ياد ڪرڻ سان وري تازي ٿيندي. ماضي ڇڏي حال ۾ رهي رب پاڪ کان معافي گهرو. جيترو اوهان ماضي ياد ڪريو ٿا، اهو وقت توهان يادِ الاهي ۾ صرف ڪريو ته بهتر آهي. رب ڪريم آهي، پنهنجن ٻندن جون خطائون معاف فرمائيندو آهي. صرف سچيءَ دل سان توبهه تائب ٿيو. ان سلسلي ۾ سومرا دور جو شاعر پير صدرالدين (1290هه — 1411ع) فرمائي ٿو ته:

ڪيڙئين ڪتيو يارا، جڏهن ستو لوڪ،
تنهن پنهنجو ڪنّي وڌو، ڳچي ڳاڙهو طوق
(خواجه، 2005ع: 241)

جيڪي دل سان رب کي ياد ڪندا آهن، رب پاڪ به انهن کي ياد ڪندو آهي. الله پاڪ کي ظاهري عبادت جي ضرورت ناهي. لوڪ ڪان لڪي سچي محبت سان ياد ڪرڻ رب پاڪ کي پسند آهي.

ڪنهن پاسي ڪو ڪنارو ڪونهي، جنهن سمنڊ ۾ جهاز هلي پيو، سمنڊ موجون پيو هڻي. رب پاڪ سواءِ ڪو بہ مانجهي ڪونهي. هيءُ دنيا وڏو جار آهي. خدا جي ذات ئي امير آهي. خدا کان سواءِ ڪا بہ هستي ناهي جيڪا نجات ڏياري سگهي. ان جي ذڪر فڪر سان نجات ملندي. رب پاڪ جو مقدس نالو ئي ڪنارو سمنڊ ٿي سگهي ٿو. اي گرو نانڪ! رب پاڪ جو نالو وٺي جهاز ۾ چڙهہ تہ پار پهچي ويندين، ان جي نالي وٺڻ سان ڪو بہ خوف خطرو نہ ٿيندو. رب پاڪ جو نالو عظيم آهي، ان جي عبادت ۾ مصروف رهہ، اهو ئي نجات جو رستو آهي، ان جي رحمت انسان تي آهي.

جتي ويراڳي ڪلام ۾ پنجابي، هندي، گجراتي شاعريءَ جو تمام گهڻو حصو آهي، اتي سنڌ جي شاعرن بہ پاڻ ملهايو آهي. مون کي جيتوڻيڪ سنڌ جي شاعرن جي ويراڳي ڪلام تي ڪم ڪرڻو آهي، پر ڪجهہ هندي، گجراتي ۽ پنجابيءَ جي شاعرن جو بہ ويراڳي ڪلام نموني طور پيش ڪيو آهي، تہ جيئن ڪڙيءَ سان ڪڙي ملڻ سان ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي سگهي.

ويراڳي ڪلام ذريعي پنهنجن سالڪن طالبن کي نصيحت ڪندي قاضي قادن (1463-1551ع) فرمائي ٿو تہ:

ڀورين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي سو لهي،
من اندر مهپاءِ، تونئي اندر سپرين.
*(ٽنڪر، 1996ع: 65)*

قاضي قادن چوي ٿو تہ پاڻ مان خوديءَ کي ختم ڪر، پاڻ ۾ پاڻ کي وڃائي، رب کي ڳولي لهندين. پاڻ ۾ جهاتي پائي ڏس تہ صاحب تنهنجي اندر ۾ آهي، سپرين تنهنجي دل ۾ موجود آهي، تن ۽ من مارڻ کان سواءِ سپرين سان ڪڏهن بہ وصل ڪونہ ڪري سگهندين. قاضي قادن اڳتي فرمائي ٿو تہ:

ستو سنجهيئي منهين ويڙهي موئن جيئن،
نہ تو سنيل تڪ، نہ تو جهوري آهہ ڪا.
*(ٽنڪر، 1996ع: 65)*

سوير سمهڻ ۽ دير سان جاڳڻ ڪاهلن جو ڪم آهي. آرام طلبنڊڙ انسان کي ڪڏهن بہ مالڪ جو ديدار نصيب نہ ٿيندو، نہ ئي ان ۾ جستجو هوندي ۽ نہ ئي ڪا چُستي. ان مان الله جي مخلوق کي ڪو فائدو نہ رسندو، بي اونو انسان جانورن کان بدتر آهي. ڪاهل نہ پاڻ خوش رهندو، نہ اُن مان ٻين کي فائدو رسندو. صوفي شاعرن جي ڪلام جو مقصد انسان ۾ الله جي مخلوق لاءِ جستجو پيدا ڪرڻ آهي.

ساڳئي سلسلي جي ڪڙيءَ طور ميون شاهہ عنات رضوي (1644-1713ع) هن طرح ٿو موتين جي مالا پوئي:

اسين بندا تنهنجا، تون اسان جو ڌڻي،
ڏنا ڏوهہ بخشين، خاڪين تان ڪڻي،
مڙيئي نول نهاريان، جان هنئين سان هڻي،
تان سيئان ئي گهڻي، رحمت تنهنجي راڄيا.
*(بلوچ، 2010ع: 85)*

مالڪ تون خالق، اسان جو ڌڻي آهن، تون ئي اسان جي غلطين ۽ گناهن کي بخشڻ وارو آهين. تون ئي اسان گناهگارن تي پردو رکندڙ آهين. سڀ رستا نهاريا، پر سڀني پاسي توکان سواءِ ڪو بہ سهارو نظر نہ آيو. صوفي شاعرن جو ڪلام اسان لاءِ مشعل راهہ آهي. هيءُ دنيا اهڙو جار آهي، جيڪو انسان جي سمجهہ کان مٿي آهي، پر صوفي شاعر اسان ڀٽڪيل انسانن جي رهنمائي پيا ڪن. سندن ڪلام اسان لاءِ رب سان لنئون لائڻ جو گس ڏسي ٿو. اهڙي ڪلام ۾ دنيا ۽ آخرت جو پيغام آهي.

دنيا مان نااميد ٿيل انسانن لاءِ مخدوم نوحؒ (1506-1590ع) فرمائي ٿو تہ:

پيئي جا پرڀات، سا ماڪ نہ پاڻيو ماڻهئا،
روئي چري رات، ڏسي ڏڪوئين ڪي.
*(جوڻيجو، 2004ع: 62)*

مخدوم نوحؒ خبردار ڪندي چوي ٿو تہ جيڪا اوهان دنيا اڇي اجري ڏسي رهيا آهيو، سا ايتري اُجري ناهي، ان تي ڀُلجي نہ پئو، ماڻهن کي گمراهہ ڏسي رات بہ روئي ٿي تہ انسان خساري ۾ آهي، جيڪڏهن انسان هن دنيا جي لوڀ لالچ مان جان نہ ڇڏائي تہ نقصان ۾ ويندو.

پنهنجي طالبن کي خبردار ڪندي شاهہ ڪريم بُلڙيءَ وارو (1538-1623ع) فرمائي ٿو تہ:

هنيون ڏج حبيب کي لڳ گڏجن لوڪ،
ڪڏيون ۽ ڪروتو، اي چڱو سڱر ٽوڪ.
(ميمڻ، 2007: 53)

دل مالڪ جي طرف، دل ۾ صرف الله پاڪ جي محبت رک، باقي دنيا سان هلندو رهه، مسجد مندر سڀ سئيون جايون آهن، پر محبت مالڪ سائينءَ سان ٿي رهي.

ان سلسلي ۾ بابا بُلها شاهه (1680-1757ع) فرمائي ٿو ته:

سڄڻان دي وچوڙي ڪولون، تن دا لهو چاڻ دا،
دکان سولان ڪيتا ايڪا،
نه ڪوئي ساهوراٿيان نه ڪوئي پيڪا،
درد وهوٽي پئي در تيري تون هين، درد رنجاڻي دا.
سڄڻان دي وچوڙي ڪولون، تن دا لهو چاڻي دا،
ڪدِ ڪليجه ڪرني هان ٻيري،
اي پي نهين هي لائق تيري،
هور توفيق نهين وچ ميري.
سڄڻان دي وچوڙي ڪولون، تن دا لهو چاڻي دا،
هڻ ڪيون روندي نيڻ نراسي،
آپي اوڙڪ ڦاهي ڦاسي
هڻ تان چنڻ اوڪا هويا،
چاره نهين نماڻي دا،
سڄڻان دي وچوڙي ڪولون، تن دا لهو چاڻي دا،
بلها شاهه پيا هڻ گجي،
عشق دمي سر تي وجي،
چار ڏهاڙي سر تي وجي،
اوڙڪ ڪوچ نقاري دا.
سڄڻان دي وچوڙي ڪولون، تن دا لهو چاڻي دا،
(جکراڻي، 2005ع: 133)

صوفي شاعر سنڌ جا هجن يا پنجاب، هند، گجرات جا، پر پيغام سڀني جو ساڳيو آهي. اُئين سنڌ جو سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ فرمائي ٿو ته:

سڏين سيڻ نه وهون، نينهن نيائي نه ٿئي،
ڪاريءَ رات رت ڦڙا، جان جان نيڻ رون،

موٽڻ جنين ميهڻو، ڀڙ تي سيئي ڀون،
جن مسافر سپرين، سي مر رويو رُون.
(آڏواڻي، 1997ع)

شاهه سائين سچن عاشقن جو مثال ڏئي ٿو ته پيار، محبت ۽ پريم نياپن سان نه ٿيندو آهي ۽ عشق ۾ انڌيري راتين جو اڪيلو نڪرڻو پوندو آهي. عشق قربانين کان سواءِ نه ٿيندو آهي. نينهن نياپن سان ٿئي ها ته عاشق ايترا مجبور نه هجن ها. عاشقن کي رت جا ڳوڙها ڳاڙڻا پوندا آهن.

عشق جي باهه ۾ پچي لعل ٿيڻو پوندو آهي. محبت جي ميدان ۾ اهي ايندا، جن ۾ سُور، سختيون سهڻ جي طاقت هوندي هونءَ به عشق پاڻ عجب غيبي طاقت آهي. پلي ڪيترين به رڪاوٽون چو نه هجن، پيار پاڻ پيچرو آهي. اڳتي شاهه سائين فرمائي ٿو ته:

سامي ڪامي پرينءَ لاءِ ڪُسي ٿيا ڪباب،
جهڙو ڏسن ڏوهه ڪي تهڙو تن ثواب.
(آڏواڻي، 1997ع: 375)

شاهه سائين عاشقن، سامين، فقيرن جو ذڪر اهڙي ته دلبرانه انداز ۾ ڪيو آهي جو جڻ انهن جوڳين سان اسان گڏ پيا گهمون ۽ جوڳين ۽ ويراڳين کي ڪُسندي ڪباب ٿيندي اکين مان رت جا ڳوڙها وهائيندي سندن ڪچهريءَ ۾ ويٺا آهيون. شاهه سائين اڳتي فرمائي ٿو:

نسورو ئي نينهن جو، دل ۾ دود دکاءِ،
آٿي آڳ عشق جي ٻاري جان جلاءِ،
جندا! ائين جُڳاءِ، جيئن آتشان آب ٿئي.
(آڏواڻي، 1997ع: 375)

دل ۾ الله جي عشق جي اهڙي دونهين ڏکاءِ جو ان عشق جي باهه ۾ پاڻ کي ساڙي ڇڏ ۽ توکي ائين محسوس ٿئي جو ان باهه ۾ نه، پر پاڻي پيو گهمي. شاهه سائين اڳتي فرمائي ٿو ته:

ڪيهي ڪام ڪاپڙي، تا اهڙي روشن رَوَن،
نڪا دل دوزخ ڏي، نڪي بهشت گهُرن،
نڪو ڪر ڪفار سين، نڪو مسلماني من،
ايا ائين چون، پرين ڪجو پاهنجو.
(آڏواڻي، 1997ع: 380)

شاهہ سائين اهڙن عاشقن ويراڳين جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي ڪنهن مذهب ۾ نٿا ڦاسن ۽ دنيا جي هر شئي کان پاڻ کي پري ٿا رکن. جيڪي نہ مسلمان هئڻ تي فخر ۽ نہ ئي پاڻ کي هندو سمجهن ۽ نہ بهشت يا دوزخ جي فڪر ۾ رهن. اهڙن ويراڳين جو واسطو صرف رب پاڪ سان آهي. اهي الاهي عشق ۾ اهڙا مگن آهن، جو انهن کي دنيا جهان، مسلماني هندو، بهشت دوزخ، سک ڏک ۽ تڙپڻ جي پرواهہ ئي ناهي. عام طرح سان ڏٺو وڃي تہ عشق چاهي خدا سان هجي يا بندي سان، پر عشق تہ عشق آهي، جنهن ۾ ماڻهوءَ جي اُڄ، بُک سڀ مري ويندا آهن. سواءِ محبوب جي ٻي ڪا بہ صورت ڏسڻ ۾ ڪانہ ايندي آهي. عاشق هميشہ بيدپا هوندا آهن. شاهہ سائين اڳتي فرمائي ٿو:

پوڄا ڪرِ مَ پاڻ کي، ڪوءِ راول ٻن رجات،
لباسان لطيف چئي پل ويراڳي وات،
من ماري ڪر مٺ، تہ تيرٿ پسين تڪيو.
*(آڏواڻي، 1997 ع: 386)*

پنهنجي پوڄا نہ ڪر، نہ هٺ غرور ڪر. الله انهن کي ملندو، جنهن وٽ عاجزي هيناهين آهي.

سنڌ جو صوفي مست الست سچل سرمست (1739-1827ع) فرمائي ٿو تہ:

عاشق ڪيئي اداسي، وهواهہ ڳالهہ خاصي،
روز ازل کون لنؤن لنؤن منهنجي واهہ ورهہ واسي،
دلڙي اسان جي سهڻا سائين، پهريون ڪيتئي پياسي،
هيڏي هوڏي ڪين وياسي، باس اها اسان باسي،
بيخوديءَ مون باغ بهاران، خوديءَ کان خلاصي،
برهہ انجي ڪيو بيراڳي، "سچو" رنگ سنياسي.
*(انصاري، 1997 ع: 345)*

سچل سرمست فرمائي ٿو تہ عاشق جو اداس ٿيڻ ڪا خاص ڳالهہ جيڪا عام ماڻهو نٿو ڄاڻي، روز ازل کان منهنجي لنؤن لنؤن ۾ ورهہ جو واهہ واسو ڪري ويو آهي. اسان جي دل پهريون پياسي ڪري ڇڏي، هاڻي تہ اسان ۾ ڪو بہ هوش نہ رهيو آهي. سواءِ تنهنجي ياد جي، هيڏي هوڏي نهارڻ ڇڏي ڏنو. باس اها باسي تہ شل محبوب جو ديدار ملي، جڏهن کان توسان لنؤن لاتي آهي، تڏهن عشق جي ويراڳ ۾ وڪوڙجي ويا آهيون. اسان جي حالت سنياسي فقيرن جهڙي ٿي ويئي آهي. تنهنجي ذڪر ۽ فڪر کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهہ ئي ڪانهي.

## حوالا:


1. آڏواڻي، ڪلياڻ، 1997ع "شاهہ جو رسالو"، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، ص 349.
2. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 1988ع "جامع سنڌي لغات"، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص 2993.
3. آڪسفرڊ انگريزي — سنڌي ڊڪشنري، 2010ع، آڪسفرڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي، ص 281.
4. ايضاً، ص 469.
5. شاهواڻي، غلام محمد، 2008ع "مولانا جلال الدين رومي"، حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر، ص 85.
6. خواجہ نور افروز، ڊاڪٽر، 2009ع "سومرن جي دؤر جي ويراڳي شاعري"، ڪينجهر تحقيقي جرنل، سنڌي شعبو، ڄامشورو: سنڌ يونيورسٽي، ص 121.
7. لغاري، گل حسن، ڊاڪٽر، 2004ع "ابيات سلطان باهو"، حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر، ص 57.
8. سرن ڪيف، سرسوتي، 2006ع "ڀڳت ڪبير، فلسفو شاعري"، لاهور: فڪشن هائوس، 18 مزنگ روڊ، ص 25.
9. ايضاً، ص 26.
10. ڀُٽ، آدم، 2005ع "فريد، نانڪ، بُلها"، لاهور: نگارشات، مزنگ روڊ، ص 165.
11. ايضاً، ص 166.
12. نڪر، هيرو، 1996ع "قاضي قادن جو ڪلام"، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، ص 65.
13. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 1963ع "ميين شاهہ عنات جو ڪلام"، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ص 85.
14. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، 2004ع "سنڌي ادبي تاريخ"، (جلد پهريون)، حيدرآباد: سنڌي لينگئيج اٿارٽي، ص 62.
15. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، 2007ع "ڪريم جو ڪلام"، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، ص 53.
16. جکراڻي، غلام محمد ڊاڪٽر، 2005ع "ڪلام بلهي شاهہ"، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، ص 133.
17. رانيپوري، محمد صادق، مولانا، 1982ع "سچل جو سرائيڪي ڪلام"، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن، ص 345.

لطف الله سيال



# تنوير عباسيءَ جي سُر ڪيڏاري جو تنقيدي جائزو

## • تعارف

سنڌي ٻوليءَ جي علامتن، اهڃاڻن توڙي بقا جو ڪارڻ شاعري، کي سڏجي ته ان ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو. چوته لوڪ شاعري هجي، عشقيه داستانن جي پسمنظر ۾ سرجيل/ رچيل شاعري هجي، يا رزميه شاعري/ رجز هجن، اهي ٻوليءَ جون اُهي منظوم صورتون آهن، جيڪي ٻوليءَ توڙي ڌرتيءَ جي فلسفي جي پاڻمرادو وضاحت جي مترادف هونديون آهن.

جتي سنڌي ٻوليءَ کي شاهوڪار ڪرڻ لاءِ، اڻ ڳڻين شاعرن حال سارو رت، ست ڏئي، نور نچوئي پاڻ موکيو آهي، اُتي تنوير عباسيءَ جي ڌرتي توڙي ٻوليءَ لاءِ پيش ڪيل خدمتن کان منهن موڙڻ، سج کي ڪاري هيٺان بند ڪرڻ جي مصداق ٿيندو.

تنوير عباسي عهد جديد جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترن انهن شاعرن مان هڪ هو، جن سنڌي ٻولي توڙي شاعريءَ جي جهوليءَ ۾ سنڌر ستارا ٽاڪڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. تنهن هوندي به تنوير عباسيءَ جي ذات ڪنهن جي پاڇي ۾ پلجڻ بجاءِ ادب جي اُڀ تي نڪري نروار ٿي پنهنجو الڳ ٿلڳ رنگ منچ جوڙي ورتو، سندس حيثيت ان ساگر جيان رهي آهي، جتان ڪيترائي علم ۽ ادب جا پياسا اُڃ اُجهائيندا رهيا آهن.

تنوير عباسي، تحقيق جي ميدان ۾ جديد انداز سان تحقيق ڪري شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ موجود نون رُخن کي متعارف ڪرايو آهي، سندس اهو پورهيو تحقيق توڙي ادب جي دنيا ۾ اهو نرالو وکر آهي، جيڪو تحقيق جي هزارن ڪتابن تي ڇانئيل آهي ۽ جڏهن به جديد سائنسي انداز سان ڪيل تحقيق جو ذڪر ٿيندو، تڏهن تنوير عباسيءَ جو ٽن جلدن (موجوده وقت ۾ هڪ جلد ۾ موجود آهي) ۾ تحقيق جي صورت ۾ شاهه لطيف کي ارپيل پيار جو پورهيو سرفهرست هوندو.

تنوير عباسي، سنڌي ٻولي توڙي ادب جو اهو يگانو عاشق هو، جنهن تحقيق، شاعري ۽ نثر جي صورت ۾ تقريباً ويهارو کن ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي پيشانيءَ تي ٻنديا جيان سجايا آهن، جن جي چمڪ ڪڏهن به ڌنڌلي ناهي ٿيڻي.

تنوير عباسي جي شاعريءَ ۾ ڪيترائي رُخ موجود آهن، سندس شاعريءَ جي هر رُخ تي الڳ الڳ پي ايڇ.ڊي جو مقالو لکي سگهجي ٿو، پر هن مقالي ۾ فقط تنوير عباسيءَ جي ڪيڏاري کي شامل ڪيو ويو آهي، جيڪو سندس شاعريءَ ۾ موجود اڻ ڳڻين رُخن مان هڪ آهي.

تنوير عباسيءَ جي ڪيڏاري تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت انڪري محسوس ٿي، جو سندس هن رُخ تي ڪو خاطر خواهه ڪم ناهي ڪيو ويو، توڙي جو تنوير عباسيءَ جي ڪيڏاري کي سنڌ جو جديد ڪيڏارو چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو.

سنڌ ۾ هن کان اڳ ڪيڏاري جو بنياد ٻه واقعا ڄاڻايا وڃن ٿا، هڪ ڪربلا جو واقعو، جنهن ۾ امامن سڳورن ۽ سندن گهر ڀاتين توڙي ساٿين جي لازوال قربانين جو ذڪر آهي؛ ٻيو ڪرڙيءَ جي جنگ جو واقعو ڪيڏاري لکڻ جو محرڪ آهي، ڪرڙيءَ جي جنگ جي پسمنظر ۾ خليفي نبي بخش لغاريءَ جو سُر ڪيڏارو سرجيل آهي.

تنوير عباسيءَ جو ڪيڏارو سنڌ جي جديد ڪيڏاري جي حيثيت رکي ٿو، جنهن ۾ ان وقت جي جديد سنڌ (ورهاڱي کان پوءِ واري صورتحال جو پسمنظر) جي سورمن جي سورهيائيءَ ۽ ڌرتيءَ لاءِ

ڏنل جانين جي نظراني جو پسمنظر شامل آهي. سُر ڪيڏاري بابت وڌيڪ لکڻ کان اڳ ڪيڏاري لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم بابت ڄاڻ پڻ انتهائي ضروري آهي.

- **ڪيڏارو ۽ ان جو مفهوم**
  - **’ڪيڏارو‘ لفظ جي لغوي معنيٰ:**

جامع سنڌي لغات ۾ ڪيڏاري جي معنيٰ هينئينءَ ريت ڏنل آهي:

”ڪيڏارو ج ڪيڏارا: ذ. (ع. ڪَيد = مڪر. فريب) ف. جنگ- لڙائي) سن. ڪيد + وارو= ڪيڏارو). جنگ- ڪيدارو- لڙائي- معرڪو. جهيڙو. قتل عام. ماتم. (اسم خاص). هڪ سُر يا راڳڻيءَ جو نالو- جنگ جو سُر- درد ڀريو راڳ- ڪيدارو (1).“

  - **ڪيڏارو لفظ جي اصطلاحي معنيٰ:**

ڪيڏاري جي اصطلاحي معنيٰ توڙي جو جنگ جو ميدان ۽ پيش آيل واقعن جي پيشڪش جو اکين اڳيان ٿيندي محسوس ٿيندڙ احوال آهي، پر تنهن هوندي به مختلف محقق ۽ عالم ان کي ڪيئن ڏسن ٿا، ان جو مطالعو پڻ ضروري آهي.

ڊاڪٽر گربخشاڻي موجب: ”ڪيڏارو سنسڪرت لفظ ’ڪيدار‘ جي بگڙيل صورت آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’جنگ جو ميدان‘ هندستاني گوئين موجب ’ڪيداري‘ هڪ راڳڻي جو نالو آهي، جا ديپڪ راڳ جي پنجن پارياڻن (زالن) مان هڪ آهي (2).“

ڪلياڻ آڏواڻي جي نظر ۾: ”ڪيڏارو لفظ ’ڪيدار‘ جي بگڙيل صورت آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’جنگ جو ميدان‘. ’ڪيداري‘ هڪ راڳڻي آهي، جا ديپڪ راڳ جي پنجن زالن مان هڪ آهي، هن راڳڻيءَ کي ”سمپورڻ راڳڻي“ ڪري سڏيندا آهن (3).“

  - **ڪيڏاري جو مفهوم**

جنگ جي ميدان ۾ سِر جو سانگو لاهي، ڌرتيءَ لاءِ وڙهندي جان قربان ڪرڻ وارن جوڌن جي سورهيائيءَ کي پيش ڪيل منظوم پيشڪش ٿي ڪيڏاري جي مفهوم ۾ شامل ڪري سگهجي ٿي.

ڪيڏاري بابت محمد حسين ’ڪاشف‘ لکي ٿو ته:

”ڪيڏاري جو سُر ۽ ان جي شاعري اصل ۾ جنگي جوڌن جي انهي سبر ۽ سورهيائي، سچائي ۽ سرويچيءَ جو بيان آهي، جنهن ۾ هنن ميدان ڪارزار ڪي رت جو ريج ڏيئي ملهايو هجي: ڪيڏاري جي سُر بنيادي طور تي ڪربلا جي قضئي جي سلسلي ۾ وجود ورتو، جنهن ۾ امامن سڳورن جي بهادري ۽ انهن جي انهيءَ جنگ جي بيان سان هن سُر کي مخصوص ڪيو ويو (4).“

- **سنڌ ۾ ڪيڏاري جي شروعات**

سنڌ ۾ ڪيڏاري جي تاريخ به يقيناً اوترِي ئي پراڻي آهي، جيتري شاعريءَ جي تاريخ ۽ جنگين جي تاريخ پراڻي آهي. جنهن جو مثال سومرن جي دؤر جي مليل ڳاهن جي صورت ۾ سنڌي ادب ۾ موجود آهي، پر تنهن هوندي به سنڌي شاعريءَ ۾ ڪيڏاري جا مؤجد احسان فقير ۽ شاهه لطيف چيا وڃن ٿا. توڙي جو سنڌن ڪيڏاري جو پسمنظر ڪربلا جو واقعو آهي.

تاج جويو سنڌ ۾ ڪيڏاري جي شروعات بابت لکي ٿو ته:

”سنڌ ۾ جنگي پسمنظر ۾ سرجيل شاعري، قديم ”ڳاهن“ واري شاعريءَ جي صورت ۾ موجود آهي. جنهن ۾ دودي سومري جي داستان واريون ڳاهون ته سنڌ جي تاريخ جو املهه ورثو آهن، پر ”ڪيڏاري“ جو سرجاءُ، احسان فقير ۽ شاهه لطيف کان ٿيو. شاهه لطيف ۽ احسان فقير ڪيڏاري جي خوبصورت شاعري ڪئي آهي. ان جي سٽاءَ بيتن جي ادائگيءَ ۽ مواد مان سنڌي پسمنظر جي جهلڪ ته ملي ٿي، پر ٻنهي ڪيڏارن جو تاجي پيٽو ڪربلا جي قضيي ۽ امامن جي شهادت جي روايتي مضمون تي ٻڌل آهي (5).“

سنڌ ۾ ڪيڏاري جا ڪي ٻيا شاعر پڻ احسان فقير ۽ شاهه لطيف کان پوءِ سنڌي ادب ۾ ملن ٿا، جن ۾ عبدالرحيم گرهوڙي، صوفي صادق فقير، غلام حيدر تيرهيو سرفهرست آهن، جن جي شاعريءَ جا نمونا پڻ ملن ٿا.

تاج جويو سنڌ ۾ ڪيڏاري جي شروعات جي حوالي سان وڌيڪ لکي ٿو ته:

"شاهه لطيف ۽ احسان فقير ڪانپوءِ عبدالرحيم گرهوڙي، صوفي صادق فقير، غلام حيدر تيرهيي ۽ خليفي نبي بخش وٽ ڪيڏاري جي شاعريءَ جي روايت موجود ملي ٿي. عبدالرحيم گرهوڙيءَ جا پنج بيت ملن ٿا، جن ۾ ڪربلا جي قضيي جو ئي ذڪر آهي. شاهه شريف پاڏائيءَ جي شاگرد فقير غلام حيدر تيرهيي، امامن جي شهادت واري موقعي کي تاريخي روايت جي رنگ ۾ تفصيل سان بيان ڪيو آهي(6)."

سنڌ جي ٻن شاعرن، صوفي صادق فقير ۽ خليفي نبي بخش کي اها اهميت حاصل آهي، جو انهن ٻنهي شاعرن مذهبي وهڪري ۽ روحاني عقيدت کان هٽي ڪري سنڌ جي جنگي جوڌن جي شهادت کي پنهنجي ڪيڏاري جو موضوع بڻايو. صوفي صادق فقير جي ڪيڏاري جو پسمنظر توڙي جو سندس مرشد شاهه عنايت شهيد جي شهادت آهي، پر تنهن هوندي به سندس ڪيڏاري ۾ ڪربلا ۾ شهيد ٿيندڙ امامن جي واقعي جا عڪس نمايان نظر اچن ٿا.

تاج جويو سنڌ ۾ ڪيڏاري جي شروعات ۽ مذهبي جذبي ۽ روحاني عقيدت جي دائري مان نڪري، سنڌ جي سورهين لاءِ سِرجيل ڪيڏاري بابت لکي ٿو ته:

"صوفي صادق فقير ۽ خليفو نبي بخش لغاري ٻهريان ئي عوامي شاعر آهن، جن وٽ ڪيڏاري جو موضوع مذهبي جذبي ۽ روحاني عقيدت جي دائري مان نڪري، سنڌ جي سورهيه شهيدن جي ذڪر لاءِ وقف ٿيل نظر اچي ٿو. ٻنهي ڪيڏارن ۾ شهادت وارو مرڪزي نُڪتو موجود آهي. صوفي صادق فقير، پنهنجي مرشد شاهه عنايت جهوڪ واري جي شهادت کان 50 سال پوءِ، مرشد جي عقيدت ۾ ڪيڏارو لکيو، پر اُن جي پسمنظر ۾ امامن جي شهادت جو پڙاڏو ۽ جهلڪ به موجود آهي(7)."

تنوير عباسيءَ جو ڪيڏارو، جديد سنڌ (ورهاڱي کان پوءِ واري صورتحال جي پسمنظر ۾) جي دردن ۽ سورمن جي سورهيائيءَ ۽ جانين جي ڏنل نذرانن جي پسمنظر ۾ سِرجيل آهي.

ڊاڪٽر مهر خادم، تنوير عباسيءَ جي ڪيڏاري بابت لکي ٿو:

"تنوير جو ڪيڏارو، سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين، سنڌ جي وجود کان انڪارين جي خلاف، 4 مارچ جي جدوجهد، سنڌ جي قومي ورثي سنڌالاجيءَ کي ساڙڻ جو پسمنظر، سنڌ جي ڳڀرو جوانن جي خون، شهيد عبدالرزاق، شهيد فاضل راهو، توڙي ٿلاٽ جي شهيدن ۽ اورنگيءَ جي شعلن تي مشتمل ڪيڏارو آهي". (8)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، تنوير عباسيءَ جي ڪيڏاري بابت لکي ٿو:

"تنوير عباسيءَ جو ڪيڏارو شاگردن جي ان جدوجهد لاءِ آهي، جنهن نيٽ ون يونٽ جي قهري ڪوٽ کي چيهون چيهون ڪري ڇڏيو (9)."

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو تنوير عباسيءَ جي ڪيڏاري جي باري ۾ وڌيڪ لکي ٿو:

"ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي ڪيڏاري جا ٻه داستان (3، 4) ڪتاب سج تريءَ هيٺان ۾ آهن، ٽيون سنڌالاجيءَ جي سڙڻ جي رد عمل ۾ آهي ۽ چوٿون شهيد عبدالرزاق سومري جي سفاڪاڻ قتل تي لکيل آهي (10)."

- **تنوير عباسيءَ جو سُر ڪيڏارو**

هن اڀياس جو دائرو هيٺين سوالن تي مبني رکجي ٿو:

؟ جديد ڪيڏاري جا معيار ڪهڙا ٿي سگهن ٿا؟

؟ ڇا تنوير عباسيءَ جو سُرڪيڏارو، جديد ڪيڏاري جي معيارن تي پورو لهي ٿو؟

○ **جديد ڪيڏاري جا معيار**

عام طرح سان ڪيڏاري لاءِ اهو معيار آهي ته: اهڙي شاعري جنهن ۾ ميداني جنگ ۽ اتان جي حالات واقعن جو بيان اهڙي ته انداز سان ڪيو ويو هجي، جو جنگ جا ذڪر هيٺ آيل، اُهي سڀ منظر

وهنجي لال ٿي ويندا آهن. تڏهن به آزاديءَ سان عشق ڪندڙ انهن جوڌن جي ڇپن تي آجپي جا نعرا بغاوت جي گيت جي گونج بڻجي ويندا آهن. تنوير عباسي اهڙي ئي وارتا جي عڪاسي هن ريت ڪري ٿو:

ڳيرو ڳاڙها جوان، رت سان وهنتل بت سڄو،
نظر نظر جڻ تير آ پروون جڻ ته ڪمان،
چونڪ چونڪ ڇوٻول آ، گهڻيءَ گهڻيءَ گهمسان،
جاڳيا جنگ جوان، لڳندا نعرا نينهن جا.
(ص: 281)

جڏهن به وقت جي جابر جي اکين ۾ آجپي جي سج جا ڪرڻا، ڀڳل شيشي جي نوڪ جيان چڀڻ لڳندا آهن، تڏهن سندس بي ضميري هٿ ڪڙين ۽ ڏنڊا بيڙين کي جنم ڏيندي آهي. اتهاس جي وجود تي اهڙن اڻ ڳڻين واقعن جا نشان رهڙن جيان موجود آهن، جيڪي ان ڳالهه جا ساکي آهن ته، وقت جي ڏاڍ توڙي جو باضمير ماڻهن جي هٿن کي ڪڙين ۽ پيرن کي ڏنڊا بيڙين جي لوهي ڪڙين ۾ ڪڙي قيد ته ڪيو آهي، پر آجپي جو فڪر، عقاب جي اڏام جيان آهي، جنهن کي وقت جا فرعون ڪڏهن به قيد ناهن ڪري سگهيا. اهڙي ئي عڪاسي تنوير عباسي پنهنجي شاعريءَ ۾ هن طرح ڪري ٿو:

هٿن پيرن ۾ ڪڙيون روشن آهي ضمير،
فڪر نه ڄاڻي قِند، ڪي عشق نه ٿئي اسير،
ذهنن جا زنجير، ڪنهن نه گهڙيا آهن اڃا.
(ص: 282)

سنڌ تي جڏهن به ڏکيو وقت آيو آهي، سنڌ جي سورمن پاڻ ملهايو آهي. اهو معرڪو توڙي ڪرڙي جي جنگ جو هجي، ٺٻي جي جنگ جو هجي يا مياڻيءَ جي ميدان جو معرڪو هجي، سنڌ جي جوڌن وقت جي جابر جا ڏند ڪٽا ڪيا آهن. اهڙي ئي عڪاسي تنوير عباسي پنهنجي شاعريءَ ۾ هن ريت ڪئي آهي:

گهٽي گهٽي آ سنڌ جي جڻ مياڻيءَ جو ميدان،
ڳيرو ڳيرو ڳوٺ جو جڻ هوشوءَ جهڙو جوان،
ٽيندو اڄ ميدان، نعرا ٻڌبا نينهن جا.
(ص: 283)

ماضيءَ جي تاريخ جا ورق اُٿلائڻ سان ان ڳالهه جي وضاحت ٿئي ٿي، سامراجي قوتون جڏهن ڪنهن قوم جي ٻوليءَ جي قدامت توڙي ادب جي معيار جي خوف ۾ ويڙهجي ويندڙيون آهن، تڏهن سڀ کان پهريان ان قوم جي ڪتابن جي ذخيرن کي نظرِ آتش ڪيو ويندو آهي. ڇوته ڪتاب هر قوم جي ٻولي، علم توڙي ادب جا سرچشما ٿين ٿا. شر پسند عناصرن پاران سنڌالاجي کي ڏنل باهه، جيڪا هر باشعور شخص جي لاءِ اهڙي ئي درد جو مظهر هئي، جهڙو درد جسم مان ساهه نڪرڻ وقت ڪوئي محسوس ڪري سگهندو آهي. تنوير عباسي اُن درد جي احساس جو اظهار هن ريت ڪري ٿو:

سنڌالاجي جا سڙي، جڻ روشن ٿي وئي واٽ،
ٻرندي رهندي لاٽ، جاهل علم نه ٿئي فنا.
(ص: 331)

صدين کان شاهه لطيف جو رسالو ڌرتي توڙي ڌرتي واسين جي وجود جي علامت جي اهڃاڻ طور جابرن جي اک ۾ ڪنڊي جي ڇُهنب جي چڀڻ جي درد جيان ڏکندو رهيو آهي، شاهه لطيف جي رسالي ۾ شاعريءَ جي روپ ۾ جيڪو شعور جو فڪر موجود آهي، سو هر اُن جبر جي ديوار جي پيڙهه ۾ وڏاڻ جي زوردار وار جيان آهي، جنهن جي جهٽڪي سان ياجوج ماجوج جا لڳ پي ڪاندارجي وڃن. اهوئي ڪارڻ آهي، جو جڏهن سنڌالاجيءَ کي باهه ڏني ساڙيو ويو، ان ۾ ڪيترائي قيمتي اثاثا جن ۾ شاهه لطيف جو رسالو به شامل هو، سڙي ويا، پر انسانيت جي انهن دشمنن جي پليت ارادن جي تڪميل نه ٿي سگهي، توڙي جو اهو هاجو سنڌ ڌرتيءَ جي تاريخ ڪنهن وڏي سانحي کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ ناهي. تنوير عباسي پنهنجي شاعريءَ ۾ ان سانحي جي عڪاسي هن طرح ڪئي آهي:

رسالو سڙندو ڏسي، مُرڪيو ڀٽ جو گهوٽ،
سڙي نه سگهندي سنڌڙي، چڙهندي ويندي چوٽ،
ڳيڙو ڳاڙها گهوٽ، جنهن لئه سر صدقي ڪندا.
(ص: 332)

دنيا جي تاريخ ساکي آهي تہ توڙي جو جابرن ڪنهن ڌرتي جي قيمتي اثاثن ’ڪتابن‘ کي ساڙي اهو پئي سوچيو آهي تہ شايد هنن شعور جون پاڙون اُکيڙي ڇڏيون آهن، پر حقيقت جي آئيني هميشہ سندن اهڙي ڪروڌ جي اُبتي عڪاسي آهي، اهڙن شڪري جي پنجن مان سلهہ ڪٽندڙ جابرن جي پيشانيءَ تي تاريخ هميشہ ڏوڙ سان ملامتن جي آڱرين جا نشان ٺاهيندي رهي آهي. اهڙي ئي وارتا جي عڪاسي تنوير هن ريت ڪئي آهي:

ويري ماري جڪ، آڏو منهنجي علم جي،
ساڙن ٿا جيڪي پوي، تن جي منهن ۾ رک،
محبت جن جي من ۾، تن جا ڪک بہ لک،
ڪاريءَ وارا ڪک، ويري تنهنجي پاند ۾.
(ص: 332)

جڏهن بہ ڪنهن قوم جي ڪارآمد فردن جو سفاڪانہ قتل ڪيو ويو آهي، ان قوم جي شاعرن پنهنجي دل توڙي دماغ تي سانداڻ جي شديد ڌڪن جي وار جو درد محسوس ڪيو آهي ۽ باشعور شاعرن، شعور جي جلندڙ چِتا جي درد جي گهرائيءَ کي شاعريءَ جي رنگين ڪپڙن ۾ ويڙهي عالمي شعور جي اکين ۾ گرم سيخن جو درد اوتي انسانيت جو لاٿل عَمامو بيهر پهرائڻ جي ڪامياب ڪوشش پئي ڪئي آهي. تنوير عباسي پڻ اهڙي ئي درد کي محسوس ڪندي لکي ٿو:

ڪيڏا ڪيڏارا، ڳايان پنهنجي سنڌ لئہ،
مٽيءَ ۾ ملندا وڃن، ماڻهو موچارا،
ڪڏهين هچارا، ترٻا پنهنجي سنڌ مان.
(ص: 354)

سنڌ اها ڀاڳوند ڌرتي آهي، جتي هميشہ اهڙن امر انسانن جو جنم پئي ٿيو آهي، جن پنهنجن ديس واسين جي پيرن ۾ پنبڻيون رکي، وارن کي هنڌ جيان پئي وڇايو آهي. اهڙن امر انسانن جو وجود جتي پنهنجن لاءِ هير جي هڳاءَ ۽ گلابي پنکڙين جي ڇهاءَ جيان رهيو آهي، اُتي ڌارين لاءِ تير ڪمان ۽ ڪنهن زوردار طوفان جي شدت جيان رهيو آهي. اهڙن امر انسانن جو سفاڪانہ قتل ظاهري طرح تہ ڪين ڌرتيءَ واسين جي اکين کان اوجهل ڪري ڇڏي ٿو، پر سندن ڪردار تاريخ جو اٽمڻ باب بڻجي وڃي ٿو. اهڙي ئي پيڙا تنوير عباسيءَ جي اندر ۾ جڏهن ڪر موڙي ٿي، تڏهن سندس سُڏون ان درد جو مظهر بڻجي پون ٿيون:

پيار جنهين جو هير جان، ۽ ڪاوڙ طوفان،
پنهنجن جي لئہ پنکڙي، ڌارين لئہ تير ڪمان،
اهڙو مرد مهان، مٽيءَ ۾ ملي ويو.
(ص: 354)

ڌرتيءَ جي آجپي جو خوبصورت خواب جڏهن اکين جي سرزمين تي عُقاب جيان اچي لهندو آهي، تڏهن لال لباس پهري عشق، شاهہ عنايت شهيد، مخدوم بلاول، هوشو، هيمون ۽ شهيد سورهيہ بادشاهہ جو روپ ڌاري بغاوت جي علم جيان نڪري نروار ٿي آڪاس جون بلنديون ماپڻ لڳندو آهي. عشق جي اها رسم جنهن قوم کي ورثي ۾ ملندي آهي، ان قوم جا سپوت عشق کي امام ڄاڻندي سر تريءَ تي رکي ڌرتيءَ کي دان ڏيڻ لاءِ هروقت تيار رهندا آهن. جن جي اکين ۾ عشق لالائيءَ جيان لهي ايندو آهي، انهن جو سمورو جسم توڙي جو گولين سان پروڻ هوندو آهي، سيني ۾ گولين جا گهاوَ هوندي بہ درد جي پچار سندن چپن جو گيت ناهي بڻجندي، اهڙي ويلا ۾ بہ سندن آواز ڌرتيءَ جي آجپي جو نعرو بڻجي گونجندو رهندو آهي. اهڙي ئي جديد سنڌ (ورهاڱي کان پوءِ) جي سپوتن جي جانين جي نذرانن جي پيشڪش جي عڪاسي تنوير عباسي پنهنجي شاعريءَ ۾ هن ريت ڪري ٿو:

مرن مارڳ منجهہ، گولين سان پرڻ جٺو،
نہ ڪا دانهن نہ ڪوڪ آ، نہ ڪا ڪنجهو ڪنجهہ،
گوليون سيني منجهہ، تہ بہ نعرا هٿن نينهن جا.
(ص: 480)

آجپي جي اُميد پکي جي اُن اُڏار جيان هوندي آهي، جنهن جو جنم سندس ماءُ جي ڪوڙي ۾ ٿيندو آهي، پر ماريءَ جي شوق جا پڃرا سندس لاءِ عمر جي ماڙيءَ جي قيد جيان هوندا آهن ۽ جڏهن ڪيس اُمالڪ هٽ ترين تان اُڏار جي آزادي جا لمحا نصيب ٿيندا

آهن، تڏهن اُن پکي لاءِ اها اُڏار سموري حيات جو ثمر هوندي آهي. ونيون جڏهن پنهنجي زندگيءَ جو اهم اڏ سندن ور، خوشيءَ سان چپن تي مرڪ سجائي ساٿن موڪلائي، ڪين ڌرتيءَ جي حفاظت لاءِ موڪليندي آهن، تڏهن سُون مائرن جي جيتامڙن ٻارن جي آزادي جو سُندر سپنو سندن اکين ڪي آخري سجدي جو مظهر بڻجي پوندو آهي. اهڙي زيبائتي عڪاسي تنوير عباسيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ هن ريت ڪئي آهي:

سنڌ تہ سکي ٿئي، آءٌ ڏهاڳڻ ئي چڱي،
نياٽيون سياٽيون، تن جو ونگو وار نہ ٿئي،
منهنجو ننڍڙو پٽ جو، تي آزاد جيئي،
ڏولائو جو ڏيهہ تي، اهو شال لهي،
منهنجو ڪانڌ مري، ماري موذين جو هزار.
(ص: 482)

## نتيجو:

✓ اهڙي شاعري جنهن ۾ جديد سنڌ (ورهاڱي ڪان پوءِ) جي درد ڪهاڻيءَ، سورمن جي سورهيائي ۽ ڌرتيءَ جي حفاظت لاءِ ڏنل جانين جي نظرانن جي پيش ڪش اهڙي تہ انداز سان ڪئي وئي آهي، جو پڙهندڙ پنهنجي اکين اڳيان واقعن جو ورجاءُ ٿيندي محسوس ڪري ٿو.

✓ تنوير عباسيءَ جو ڪيڏارو سنڌ جي جديد ڪيڏاري جي حيثيت رکي ٿو، جنهن ۾ ان وقت جي جديد سنڌ (ورهاڱي ڪانپوءِ) جي سورمن جي سورهيائيءَ ۽ ڌرتيءَ لاءِ ڏنل جانين جي نذراني جي پسمنظر جي عڪاسي اهڙي تہ زيبائتي انداز سان ٿيل آهي، جو پڙهندڙ پنهنجي اکين اڳيان واقعن جو ورجاءُ ٿيندي محسوس ڪري ٿو.

## حوالا:

1. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، (2005ع)، "*ٽئين جامع سنڌي لغات*"، (جلد ٻيو)، (ج- ڪ)، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، (ڇاپو پهريون)، ص 1395.
2. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، (2012ع)، "*رسالو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عرف شاهہ جو رسالو*"، ڪراچي: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، (ڇاپو چوٿون)، ص 808.
3. آڏواڻي، ڪلياڻ، (2004ع)، "*رسالو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي*"، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، ص 311.
4. ڪاشف، محمد حسين، (2012ع)، (*شاهہ سچل ۽ خليفو قاسم*)، ڪراچي: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، (ڇاپو پهريون)، ص 165.
5. جويو، تاج، (2015ع)، "خليفي نبي بخش جي شاعري ۽ سندس دور"، *خليفي نبي بخش جي شاعراڻي عظمت*، مرتب: پروفيسر ڊاڪٽر قادر بخش مگسي، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن (ڇاپو پهريون)، ص 54.
6. جويو، تاج، حوالو ساڳيو، ص 54-55.
7. جويو، تاج، حوالو ساڳيو، ص 55.
8. مهر، خادم، ڊاڪٽر، (2011ع)، "*تنوير عباسيءَ جون علمي ادبي خدمتون*"، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، (ڇاپو پهريون)، ص 91.
9. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، (2000ع)، "*تنوير عباسي هڪ مطالعو*"، حيدرآباد: گنج بخش ڪتاب گهر، (ڇاپو پهريون)، ص 70.
10. حوالو ساڳيو، ص 71.

## مددي ڪتاب:

1. عباسي، تنوير، (1989ع)، "*تنوير چئي*"، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.

۽ روحاني فيض سبحان سندس لقب "قطب العالم" هو، تنهن جي مجلس ۾ "سنڌي ذاڪرن" پڙهيو. اهو بيت شيخ چوهڙ جي ملفوظات "تذڪره، قطبيه" ۾ موجود آهي، جيڪو سن 1540ع- 1545ع مطابق 1952/946-47ع ڌاري لکيو ويو. يعني ڀٽائي صاحب جي ولادت کان اٽڪل 149 سال اڳ، اهو بيت قلمبند ٿيو، ۽ شيخ عبدالجليل جي آڏو ان کان به اڳ اهو سنڌي بيت پڙهيو.

هن وضاحت جو مقصد هيءُ آهي ته اسان لطيف سائين جي علمي، ادبي پسمنظر کي چٽو ڪريون، سندن ڄاڻ جي وضاحت ڪريون. اِهو بيت رسالي جي سُر گهاتو ۾ قلمبند ٿيل آهي، ۽ پڪ سان لطيف سائين اِهو بيت فقيرن آڏو ورجايو هوندو، جيڪو هُنن سندن سمجهي رسالي ۾ آڻي چڙهيو.

سُر گهاتوءَ جو ذڪر آيو ته اچو ته لطيف سائين جي ڪلاچيءَ واري سفر جي اُپٽار ڪريون، لطيف سائين سامين جو سنگ چڙهيو، پوءِ وڌيڪ مشاهدي ماڻڻ لاءِ پنهنجي سر سفر ڪيو. هُو مورڙي جي دانائيءَ ۽ بهادريءَ جي داستان کان پوريءَ طرح سان واقف هو. هيءُ داستان سنڌ جي بين مڙني قصن ۾ پنهنجي ڳالهه جي لحاظ کان بنهه نرالو آهي. هن قصي ۾ ماڻهن جو سامونڊي جانورن سان مقابلو آهي، ۽ سنڌ جي ملاحن جي همت، حرفت ۽ دانائيءَ جو داستان آهي. هتي قصي جي ڪن ٽاڻن جي اُپٽار ڪرڻ اجائي نه ٿيندي. ڪلاچ جو ڪُن ڪهڙي جاءِ تي هو، ان جي اجا ڪا تصديق نه ٿي سگهي آهي، البت موجوده دور جا عالم انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته "ڪلاچي" موجوده "ڪراچي" واري پيٽي جو نالو هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جي راءِ موجب "جيڪڏهن ڪن مان مراد اونهو ۽ عميق سمنڊ ونجي ته اهو غالباً ڪراچي کي سامهون هو." ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ هڪڙو خوني مانگر مڇ رهندو هو، جنهن جي ڊپ کان ڪوبه پيڙياتو ان طرف مڇيون مارڻ نه ويندو هو. نتيجو اهو ٿيو جو اها پيٽي بُٺ بڻجي ويئي، ۽ پيڙياتا ٻئي طرف واجهه وجهڻ لڳا، جيئن لطيف سائين چئي ٿو:

جتي گهاتو تيئن گهوريو، تتي واري بُٺ،
سر سُڪا، ساڪي ڳيا، سَهسين سانٽين مَٺ،
نڪا بوءِ بازار ۾ نڪا ڇُلرَ ڇَٽ،
جتي ڏنيرين جي اڳي هئي اُگهٽ،
سي پڙ پسئو پٽ، وڃن مارو موٽئا.

مورڙي جي ڇهن ڀائرن انهيءَ مانگر مڇ کي مارڻ جو پهه ڪيو. ڪين گهڻو ئي روڪيائون، پر مڙس نه مڙيا. نيٺ همراهن وڃي مانگر مڇ سان مُنهن ڏنو، پر ڇهه ئي ڀائر مڇ جو ڪاج ٿي ويا، جيئن لطيف چئي ٿو:

ماڪ پچائين مولهيا، مٿان رات پيئي،
اولُون اُجهڻ لڳيون، وئڙا ونجهه وَهي،
ڪلاچيان ڪَهي، ڪڏهن ڪونه آئيو.

—

ڪالهه ڪَلاچيءَ ويا، ڇتيون ڪٽي ڇُڳير،
ڀائرن پيرو نه ڪئو، ادن ڪي اوير،
اهڙي خاص ڪير، ڪُن ورائي جهليا.

مورڙو پنهنجي ڀائرن ۾ ڪوجهو ۽ نِبل هو، انهي ڪي جڏهن پنهنجن ڇهن ڀائرن جي مرڻ جي خبر پئي تڏهن مانگر مڇ مارڻ جو پهه ڪيائين. هن کي خبر هئي ته سندس ڀائر لاشڪ سورهيه هئا، جو پنهنجي خوداعتماديءَ سان ٽانگا ۽ تار پيلي آخر وڃي ڪَلاچي جي ڪُن تي ڪاهيائون، ۽ پنهنجي همت سان هڪ ٻئي جي مدد لاءِ ڪمر ڪشي بيٺا ۽ وڃي مانگر مڇ جي مُنهن پيا، سندس انهيءَ هوڙائي سندن اُنت آندو، پر مانگر مڇ سان مقابلي لاءِ دانائيءَ جي ضرورت آهي، چاڪاڻ ته اُتي وڃڻ کان پوءِ ڪيترن ئي جوڌن جوانن ۽ ڪونتر ڪُوپن جون متيون مُنجهيو وڃن. لطيف سائين پنهنجي مشاهدي

جي نظر انهيءَ ڪيفيت جي هِنن لفظن ۾ وضاحت ڪئي آهي:

گهنگهر يا گهڻ ڄاڻ، موڙهي مَٽِ مَهائيين،
ويا گڏجي وير ۾، پيا مُنهن مَهراڻ،
اڳيان پويان ٽاڻ، ويا ويچارَن وسري.

مورڙو سهي سنيري مانگر مڇ سان وڙهيو، هن اهڙو ڪَل جو ڪاٿو نهرايو، جو ان ۾ لهي اونهي عميق ۾ لٿو ۽ مانگر مڇ سان مقابلو ڪري، ان کي ختم ڪيائين. هتي هيءَ ڳالهه چوڻ اجائي نه ٿيندي ته سنڌ جي هنرمند ملاحن ۽ ميربحرن ڪافي آڳاٽو ڪاٺي جي ڪل وسيلي سمنڊ ۾ لهڻ جو تخيل پيش ڪيو. اِهو تصور اڄ حقيقي صورت ۾ دنيا جا ٽوبا استعمال ڪن ٿا.

قصي جي انهيءَ پسمنظر ڪان اسان جي سداحيات شاعر لطيف چڱيءَ طرح واقف هو. انهيءَ داستان جي پيٽي ائين پسڻ خاطر هن هنگلاج ڪان پوءِ ڪَلاچي جي ڪُن جي مشاهدي لاءِ پنڌ ڪيو، ۽ جڏهن ڪَلاچيءَ جي ڪُن يا سمنڊ وٽ لطيف سائين پهتو، تڏهن سڄو داستان سندس اکين آڏو حقيقت جي صورت اختيار ڪري بيٺو. ملاحن جي اها ننڍي وَسئون جنهن جو مورڙي جي داستان ۾ ذڪر هو، اُها لطيف سائين ائين آباد ڏٺي، اتي ئي کيس هن قصي جي هڪ ٻئي ڪردار جي ڄاڻ پوي ٿي. اها هئي گهاتوئڙن جي ڀيڻ 'سيرَهين' اها ڀيڻ جنهن جا ڇهه ڀائر مانگر مڇ جي ٻڪ ٿيا. جيئن لطيف چئي ٿو:

ڏهاٽي ڏِنم ڪيترا، جنين ماريو موڪَ،
گهر ۾ گهاتوئڙن جا، مارينم ٿوڪ،
لڏي وڃان لوڪ، اُونهي ويا اوهري.

—

مُون اڏاريا مُڇُڙا، الله! گهاٽو آڻ،
ميان! مُدارن سين، مون کي، قادر! وَجهه مَ ڪاڻ،
هَٿ منهنجي هاڻِ، قدرُ لٿو جن ري.

لطيف سائين پنهنجي وڏي نظر سان قصي جا ٽاڻا سمجهيا، ۽ قصي جي ٽاڻن کي حقيقت جي صورت ۾ پنهنجن بيتن ۾ سدائين لاءِ سموهي ڇڏيو. لطيف سائينءَ جي تجسس ۽ ڳولا وارو جذبو اڃا به اڳتي وڌڻ ۽ ڏسڻ جو خواهشمند رهيو. سنڌ جا داستان ۽ قصا، انهن جا ماڳ مڪان، تاريخي لحاظ کان نهايت اهم آهن. جيستائين پنهنجي نظر سان انهن جو مشاهدو نه ڪيو ويندو، تيستائين ڳالهه ۾ اهو وزن پيدا نه ٿيندو، جنهن جا اِهي داستان حقدار آهن. اهو سبب آهي حضرت شاهه صاحب پنهنجي سفر جي انتها نه ڪئي، ۽ مورڙي جي ماڳ کي نهاريندي، انهن کي ڏسندي، پُرجهندي چيائين ته:

جنُن جُهڳا پائيين جهوڳ ۾، ائين نه مَرن مَڇَ،
سَبَرَ ڏارِ سمنڊَ جا، ڪي رائون رڳي رَڇ،
هي چارون ۽ ڇڇ، اُجان اوڙاهه آڳاهون ٿيو.

مورڙي جي ڇهن ڀائرن ۽ هڪ ڀيڻ جون ست قبرون موجوده ڪراچي شهر ۾، ڪڏي ڪان ماريپور ڏانهن ويندڙ رستي تي ۽ موجوده سرڪيولر ريلوي اسٽيشن جي سامهون، هڪ چؤسول تي، اڄ به موجود آهن، ۽ انهيءَ ڪان سڏ پنڌ پري، مٿي هڪ اڪيلي پٿر جي قبر "مورڙي جي قبر" جي نالي سان مشهور آهي. انهيءَ ڪانسواءِ ڪراچي جي شهر باباءِ ڀٽ ٻيٽن، توڙي ابراهيم حيدري وارن علائقن ۾ مورڙي پوٽا ملاح موجود آهن، جيڪي پاڻ کي مورڙي جو اولاد سڏائين ٿا، جيڪي ٽن ڀائرن، ڪَلاچي وارا لاڙا ۽ بندري ۾ ورهايل آهن.

موجوده ٽاڻن ۽ اهڃاڻن جي بنيادن تي اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته مورڙي جو ڪوٺ مانگر مڇ سان جنگ وارو ماڳ موجوده ڪراچي شهر وارو ساموندي ڪنارو آهي، جيڪو لطيف سائين پاڻ اچي ڏٺو، ۽ اتي جو پورو مشاهدو ڪيو.

1- ڪتاب "فردوس العارفين". ص 63، عمر 40 سال (4).
2- ڪتاب "لواريءَ جا لال"، ص 46، عمر 40 سال (5).
3- ڪتاب "ڪلام گرهوڙي". ص 14، 48 ۽ 49، عمر 40 سال (6).
4- ڪتاب "شرح ابيات سنڌي" ص 76، عمر 40 سال (7).
5- ڪتاب "شاهه جو رسالو". ص 36، عمر 40 سال (8).
6- ڪتاب "گرهوڙي جون پيشنگويون." ص 54، عمر 40 سال (9)

ليڪن هتي جا ماڻهو، گرهوڙي رحه بابت چون ٿا ته "پاڻ 12 هين ربيع الاول، سومر جي رات، صبح جو سوير پيدا ٿيا ۽ ساڳي ربيع الاول مهيني ۾، جمعي جي ڏينهن شهادت جو رُتبو ماڻيائون. سندن عمر 63 سال هئي. گرهوڙي رحه ظاهر ۾ ته ذات جا مگريا هئا، پر باطن ۾ اعليٰ، اُوچي ۽ مقدس ذات جا مالڪ هئا." (والله اعلم باصواب)

۽ بيو احوال هن ريت ٻڌائين ٿا ته "ڪربلا جي جنگ ۾، جهاد خاطر، حضرت امام حسين رضه سان 72 ماڻهو شامل هئا ته گرهوڙي رحه به هِن جنگ ۾ 72 ماڻهو آندا هئا. جيڪي ماڻهو شهيد ٿيندا ويا، ته اُنهن جون سِسيون ڌڙ کان ڌار ٿينديون، آسمان طرف اُڏامنديون ويون، اُهي جتي جتي لهنديون ويون ته اُتي اُنهن شهيدن جون درگاهون قائم ٿينديون ويون."

اهڙيءَ ريت ٻيون به ڪيتريون ئي ڳالهيون صرف عقيدتمنديءَ جي دائري ۾ داخل ڪيل ۽ اُتان اخذ ڪيل، بيان ڪيون وڃن ٿيون. جيئن گرهوڙي رحه جي پيشنگوئي آهي. هِن پيشنگوئي ۾ به ڪي ڪي ڳالهيون اهڙيون داخل ڪيل آهن، جن جو دين اسلام سان پري پري تائين ڪو به تعلق ڪونهي. حقيقت ۾ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحه دين اسلام جو وڏو عالم، مجتهد، شريعت پاڪ جو پورو پورو پابند ۽ اسلام جي خلاف هڪ ڪک به برداشت نه ڪرڻ وارو عاشق رسول (صلي الله عليه وآله وسلم) هو. اُن عالم سڳوري ڏانهن، ڪُجھ غير منطقي ۽ غير شرعي ڳالهيون منسوب ڪرڻ، خام خيالي کان سواءِ ٻيو ڪُجھ به نه آهن.

هِن ماڳ تي ڪيترائي وقت جا وڏا وڏا عالم، مفتي سڳورا، دين اسلام جا ڄاڻو، مجاهد، متقي ۽ محقق ماڻهو به اچن ٿا. اُهي شريعت پاڪ جي دائري کان ٻاهر ٿيل ڪمن بابت منع به فرمائين ٿا، پر ماڻهن کي اُن تي عمل ڪرڻ جي همت ۽ توفيق نه ٿي ٿئي.

## 4- شهادت گاهه جي صورتحال:

جنهن ماڳ تي، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيؒ شهادت نوش فرمايو هو، اُهو ماڳ پٽ جي متاهين بجاءِ، هيٺ تليءَ ۾ موجود آهي. اُن ماڳ تي، اُهو اصلوڪو ڪنڊي جو وڻ، جنهن جي هيٺان گرهوڙي رحه کي شهيد ڪيو ويو، سو اڄ تائين صحيح سلامت ۽ سائو ستابو بيٺو آهي ۽ ٻُور به جهلي ٿو. پڻائي صاحب ڪنهن اهڙي ئي ڪنڊي جي وڻ سان مخاطب ٿيندي فرمايو هو:

ڪَندا! ٻورَ ڏٽين جو، جي تومُتڙو سُورُ،
ته لاٿن مٿي ٻُورُ، هُوندَ نه چاڙهيئي هيترو. (10)

هن شهادت گاهه جي ٻاهران، ڏِنگرن جو وڏو لوڙهو ڏنل آهي ۽ لوڙهي جي اندر، هڪ ننڍي ڪوٺي تعمير ڪري، شهادت گاهه واري هنڌ کي محفوظ بنايو ويو آهي. ڪوٺيءَ جي ڇت مان، ڪنڊي جو وڻ ٻاهر نڪتل آهي، جيڪو هوا ۾ لُڏي لمي ٿو. البت ڇت جو سوراخ ايترو ويڪرو آهي، جو طُوفاني هوائن لڳڻ سان به اُهو ڇت کي لڳي، اُن کي نقصان نٿو پهچائي.

شهادت گاهه جي آسپاس اڪ، ٻلڙ، ٻير، ٻُوهه، پيِر، ديويون، سَر، سِٽهه، قوڳ، ڪانهن، ڪرڙ، ڪنڊا، ڪُونڀٽ، کٻڙ، کِپ، ڳِگُر، لوا، نم ۽ ٻين به ڪيترن ئي قسمن جا ٻُوٽا، گاهه، وڻ ۽ ولين جا نمونا موجود آهن. هتي جي جر جو پاڻي مِٺو ۽ پيئڻ لائق آهي، جيڪو نلڪن يا کُوهه مان ٻوڪيءَ ذريعي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

هِن مقالي جي پُڄاڻي، گرهوڙي رحه جي بيت سان ڪجي ٿي ته:

جوڳي پنهنجي جُوءِ ويا، ٿا جُهڙ جِئُن نيڻ ڇهڻن،
سُخن سامِيئڙنِ جا، ٿا هِينئڙي مَنجهه هُرَنِ،
سَجو موٽُ مَگَن، اڏ ڪَنا آرام لئي. (11)

## حوالا:


(1) دائودپوٽو ڊاڪٽر عمر بن محمد، 1995ع، "شمس العلماءُ"، ڪلام گرهوڙي، ڇپائيندڙ: ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ڇاپو ٻيو، ص 34

(2) ايضاً، ص 35

(3) ايضاً، ص 35.

(4) بلوچ خان ميرنقشبندي، 2002ع، "فردوس العارفين"، ڇپائيندڙ: مينيجنگ ڪاميٽي جماعت لواريءَ شريف، ڇاپو پهريون، ص 63.

(5) گربخشاڻي هوتچند مولچند ڊاڪٽر، 2007ع، "لواريءَ جا لال"، ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت گهر حيدرآباد سنڌ، ڇاپو پهريون، ص 46

(6) ڏسو حوالو نمبر 1، صفحا 14، 48 ۽ 49.

(7) سومرو عبدالغفار ڊاڪٽر، 2008ع، "شرح ابيات سنڌي"، ڇپائيندڙ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو: ڇاپو پهريون، ص 76

(8) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، 2009 ع، "شاهه جو رسالو"، ڇپائيندڙ: ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ ڇاپو پهريون، ص 36

(9) شبيراحمد پروفيسر، مخدوم، 2011ع، "گرهوڙي جون پيشنگويون"، ڇپائيندڙ: گلشن پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون، ص 54

(10) گوهر عبدالغفار دائود پوٽو، ڊاڪٽر، 2009ع، "شاهه جو رسالو" (الف- ب وار) ڪراچي: ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڇاپو ٽيون، ص 149

(11) ڏسو حوالو نمبر 1، ص 262.


## نئون ڪتاب



**ڪتاب:** خط ۽ خيال

**(مرزا قليچ بيگ ۽ جي.ايم.سيد جا تعلقات)**

**ترتيب ۽ تحقيق:** ڊاڪٽر آزاد قاضي

**ڇاپو پهريون:** **2018ع**

**قيمت:** -/60 رپيا

**ڇپائيندڙ:** جي.ايم.سيد لٽريري سوسائٽي، حيدرآباد

ڪٽي اچي اتي پهتو. سيني کي سڳ سوڌو وٺي، اتان جي حاڪم راءِ ڪنگهار وٽ آيو. راءِ ڪنگهار مرزا باقيءَ کي سڃاتو. سندس بڇڙا حال ڏسي ڏاڍو افسوس ڪيائين، ۽ پوءِ سندس مدد پڻ ڪيائين ۽ پاڻ ڪيس عزت سان رهايو. سمن جي چڱي مڙس نالي صاحب ڪيس پنهنجي ڌيءُ نالي ٻائي ڏني. هي صاحب خان سمو جاڙيجي نک مان هو. مرزا باقي گهڻو وقت ڪڇ ۾ رهي پنهنجي سَهري ۽ راجپوتن سمن جي بهادرن جو وڏو لشڪر وٺي ٺٽي آيو (5).“

ٺٽي شهر ۽ ان جي آسپاس سمن جا وڏا راڄ رهندا هئا جن جون نکون، پاڙا الڳ الڳ هئا. پاڻ ۾ مٽي مائٽي هُين. تاريخون شاهد آهن ته، ارغونن ۽ ترخانن جي ظلم ۽ ستم کان تنگ ٿي ڪيترن ذاتين وارا ماڻهو جن ۾ سما به هئا، ٺٽي مان لڏي وڃي ٻيا شهر ۽ ڳوٺ وسايا. چو ته ارغون ۽ ترخان وڏا ظالم، بيرحم ۽ ڌاري قوم هُئي، انهن کي مقامي ماڻهن جو ڪو به لاچار نه هو. اهڙي ظالم قوم بابت تاريخ طاهري جيڪا 1030ھ مطابق 1621ع ۾ لکي، (جيڪا سمن جي حڪومت جي خاتمي کان پوءِ جي آهي). اهو لکي ٿو ته، ”آئون ٽن پيڙهين کان ارغونن ترخانن گهراڻن سان لاڳاپو رکندو اچان ٿو. مون کي هنن جي ننڍي وڏي هر ڪا ڳالهه چڱي طرح معلوم آهي، ص 110.“

ارغونن ۽ ترخانن جي ظلم ۽ ستم بابت ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته، ”هنن ظالمن جي ظلم ڪري ڪيترن ئي ذاتين وارا خاندان پنهنجي اصل ذات مَٽائي ڇڏي، هُو جيڪو ڌنڌو ڪندا هئا. اُها ئي ذات سڏائڻ لڳا. جيئن لوهار، واڍا، ڪوري، ڪٽي، رنگريز، ڪنڀاڻي، ماڇوئي، مالدار هئڻ سبب اوٺار، گابار، ريڍار وغيره سڏجڻ لڳا. ٺٽي جي ٻن عالم بزرگن ”ٻرند يا پرند“ ۽ صاحب سمو جي اولاد مان صاحب سما، جيڪي ٻيئي گهراڻا اهل علم هئا، انهن ٻنهي قبيلن ٺٽو ڇڏيو. مخدوم صابر جي وڏن اچي ولهار جو علائقو وسايو، جيڪو هاڻي ٽنڊي الهيار ضلعي ۾ آهي. هيءُ علائقو سرسبز آباد علائقو هو. انهيءَ نسبت سان ولهار سڏيو ويو. جنهن ۾ رهڻ ڪري هي بزرگ ولهاري سڏجڻ لڳا. مخدوم صابر جو والد محترم مخدوم عثمان وڏو عالم ۽ اڪابر هو. ان

ديني تعليم ٺٽي مان حاصل ڪئي هئي ۽ اهو جڏهن هن نئين ماڳ تي آيو ته، ديني درسگاهه قائم ڪيائين، ڪيس ٽي پٽ هئا. (1) وڏو ميان صابر (2) وچٽ ميان مهراڻ (3) ننڍو ميان اڪرم. انهن ٽنهي جو جنم ولهار ۾ ٿيو ۽ وفات به اُتي ڪري ويا. مخدوم صابر جي وفات جي تاريخ موجود آهي، ٻين جي ڄاڻ ناهي. صابر جي وفات 1135ھ مطابق 1722ع تي ٿي.

شاهه صاحب جڏهن سنڌ جي عالمن، عارفن سان ملاقاتون ۽ صحبتون ڪيون ته هن مخدوم صابر ولهاريءَ سان پڻ ملاقات ڪئي، ان وقت شاهه صاحب جي ڄمار 33 سال هئي، جنهن وقت مخدوم صابر وفات ڪئي هئي. پاڻ نقشبندي سلسلي جو مبلغ هو. ان وقت مخدوم صاحب پيرسن هو. جنهن بابت ڊاڪٽر بلوچ شاهه جي رسالي جلد 8-9 ص- 36 تي لکي ٿو ته، ”ميون صابر وقت جو وڏ عالم، عارف ۽ تقويٰ جو صاحب هو. هُو سمن جي ”ٻرند“ پاڙي مان هو. پرڳڻي ”ولهار“ ٽنڊي الهيار کان ڏکڻ اوڀر طرف درسگاهه قائم ڪئي هئائين، جيڪا اڳتي ٽالپرن جي دور ۾ وڏي اوج تي پهتي. ميون صابر قرآن شريف جي تعليم تدريس جو عالم ۽ وڏي فقيري حال وارو بزرگ هو، جنهن جي ديدار لاءِ شاهه عبداللطيف پاڻ وڏي چاهه سان وٽس هلي ويو. ميين صابر سنه 1135ھ مطابق 1722ع ۾ وفات ڪئي ۽ مخدوم پير محمد هالائي ”صد داغ بدل“ جي فقري مان سندس وفات جو سال ڪڍيو. جيئن اهو پڪو تاريخي سال آهي. انهيءَ ڪري شاهه صاحب سنه 1135ھ ۾ يا ان کان اڳ ۾ ساڻس مليو هوندو؟ ميين صابر کي به (2) پُٽ هئا، هرهڪ: (1) مخدوم معروف (2) ميان فقير محمد، اهي ٻئي مخدوم صاحب جي قائم ڪيل درسگاهه ۾ پڙهيا ۽ وقت جا وڏا عالم ۽ عارف ٿيا. اهي ٻئي بزرگ به تصوف جي حوالي سان پنهنجي والد محترم ميين صابر وانگر نقشبندي سلسلي سان واڳيل هئا.

سنڌ ۾ تصوف جي چئن وڏن سلسلن مان پهريائين سُهروردي، پوءِ نقشبندي ۽ ان کان پوءِ قادري سلسلو ۽ بعد ۾ چشتي سلسلي جون به خانقاهون قائم ٿيون. جن ماڻهن جي ديني ۽ روحاني، اصلاح ڪئي. موجود وقت ۾ هن علائقي بلڙي شاهه ڪريم تعلقي

(17) ديهه گهوڙاباڙيءَ ۾ ڳوٺ مڙهو ۾ ارباب قاسم سمو.

(18) ڪيٽي بندر وٽ وڏيرو احمد سمو.

(19) ساڪري ڪان اولهه طرف ڳوٺ مرحوم قاسم سمو.

(20) ٻگهاڻ وٽ ڳوٺ وڏيرو يعقوب سمو.

## واڌارا:

(1) ميان خالد ولد عبدالخالق ولد پير محمد سمو "ولهاري"، هي پڻ صاحب سما نک جي رشتيداريءَ ۾ اچن ٿا.

(2) ڊاڪٽر بلوچ "رهاڻ هيرن ڪاڻ" (جلد- 1، ص 37)، موجب:

سما هڪڙا محلا ٿي يعني اهي جيڪي پنهنجي محلي پاڙي پنهنجي ڪٽنب مان شادي ڪن. قاضي احمد وارا اصلي "محلي سما" گهراڻو آهن. لاڙ طرف ڳوٺ جام تماچي ان جو پاڻ يا سوٽ ديهه مڙهي ڪان ڏکڻ طرف ديهه سمڪي ۾ رهن ٿا.

(3) تاريخ طاهري موجب:

صاحب سمو هن پنهنجي نياڻي "ٻاڻي" جو سڱ مرزا باقيءَ کي ڏنو، جنهن مان مرزا مظفر ڄائو. جيڪو ان وقت 1030هه مطابق 1621ع ۾ ڪڇ جي پاسي رهندو هو. مرزا باقي 980هه ۾ ٺٽي ۾ حاڪم ٿيو. 993هه ۾ وفات ڪيائين. ان وقت شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو حال حيات هو، جنم (944هه ۽ وفات 1032هه).

(4) سنڌ جي سمن جي پوشاڪ بابت تاريخي شاهدي:

سنڌ ۾ سما ٻين قبيلن کان اڳ ۾ مسلمان ٿيا، جڏهن مسلمان ٿيا ۽ اسلام قبول ڪيائون ته، انهن پردي خاطر پنهنجي عورتن کي ڪنجرو جيڪو اڳي انهن جو قومي ويس هو. انهيءَ ڪنجري کي پويان "پٽا" ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو لڳائي پٽي ڍڪي. سنڌ ۾ اهو مسلمان عورتن جي لاءِ اڳتي هلي ويس بڻجي ويو. ياد رهي ته اڳي عورتون ڪنجري جي پوئين پاسي پٽي ڪونه لڳائينديون هيون. اڄ به سنڌ ۾ ڪوڙ اهڙيون ذاتيون ۽ خاندان آهن، جن جون عورتون ڪنجري کي پٽي ڪونه ٿيون لڳائين. پر هاڻ ته ڪنجرو ختم ٿي ويو آهي، هاڻ ته چولي ۽ گهاگهري ۽ گگهي جو رواج آهي.

(5) گهوڙا ٻاري کان ڪجهه مفاصلي تي ميين پوٽا سما رهن ٿا ۽ ديهه سمڪيءَ ۾ صاحب سمي جو پراڻو دڙو اڄ به موجود آهي.

(6) ديهه ڪرچ ترائي شهر جي ويجهو اتر طرف ڏاڏا محمد علي سمو ڳوٺ آهي. اهي به صاحب سما نک مان آهن. انهن جو وڏيرو 1964ع ۾ گذاري ويو. ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته، "جام سمو" پيريءَ ۾ دهليءَ جي مغل شهزاديءَ سان شادي ڪئي، جنهن مان جام انڙ ٿيو، جيڪو وڏو پهلوان ۽ همت وارو هو.

## ميان مخدوم صابر ولهاري جي خاندان مان ميون علي محمد ولهاري جون سياسي ۽ سماجي خدمتون:

ميان صاحب تمام محنتي، جفاڪش ۽ ايماندار انسان آهي. پاڻ شهيد بينظير ڀٽي جي پارٽيءَ ۾ 2003ع ۾ آيو. هي ٽنڊي الهيار ضلعي جو پيپلز پارٽي طرفان صدر به رهيو ۽ پاڻ هن وقت ضلع ٽنڊي الهيار جو چيئرمين آهي. ايماندار ۽ مخلص انسان آهي. انهيءَ مخلص ۽ سادگيءَ جي ڪري سندس حريف به ڪوڙ آهن. پر عزت، ذلت وري به مالڪ مهربان جي هٿ ۾ آهي، جنهن هن کي ڪيترن ئي مخالفن جي ڪري وري به وڏي عزت بخشي آهي.

## حوالا:

(1) "رهاڻ هيرن ڪاڻ"، جلد (1) ص- 38

(2) "ڪاوش دنيا"، آچر 7 سيپٽمبر 2014ع.

(3) "رهاڻ هيرن ڪاڻ"، جلد (8) ص- 475.

(4) ڪتاب "لاکو ڦلاڻي"، ص- 59-69.

(5) "تاريخ طاهري"، ص 111.

(6) "مخطوطات"، ص 439 کان 451.

(7) "ڪاوش مڊ ويڪ"، مئگزين 13 آگسٽ 2014ع.

(8) ٽماهي "مهراڻ"، 1957/4-3ع.

(9) ٽماهي "مهراڻ"، 1957/4-3ع، ص 612.

(10) "تاريخ طاهري"، ص 111 کان 167.

(11) "رهاڻ هيرن ڪاڻ"، جلد (1) 39.

## ميين صابر ولهاريءَ کان پوءِ جو شجرو

**ميون صابر** (وفات: 1135هه/1722ع)

- ميان معروف (وفات: 1171هه)
  - محمد مقبول
    - غلام علي
    - محمود
      - عباس علي
      - فضل علي
  - فضل علي
  - غلام محمد
    - محمد حسن
    - دوست محمد
      - لطف علي
        - ميان ولي محمد
          - علي محمد ولهاري (مرحوم)
            - لطف علي
              - علي محمد (موجود)
              - محمد مقبول
            - ولي محمد
              - علي حيدر
    - ميان غلام علي
    - عبدالعليم
    - ولي محمد
    - محمد باقر
    - محمد افضل
- ميان فقير محمد
  - احمد
    - حافظ
      (هن 1164 مطابق سن 1750ع ۾ وفات ڪئي ۽ شاهه عبداللطيف اجان حيات هو.)



محمد عرس "اظهر" سولنگي

# سنڌ تي پٺاڻن جا حملا

قديم زماني کان سنڌ ڌار ملڪ جي حيثيت سان قائم ۽ دائم رهي آهي. سنڌ جا قديم ماڳ، مڪان صاف ڏيکارين ٿا ته هيءُ ملڪ تهذيب ثقافت جو مرڪز رهيو آهي. معاشي، اقتصادي ۽ زرعي لحاظ کان ڏيهان ڏيهه مشهور هو. سنڌونديءَ مان نڪتل واهن ۽ ڍنڍن جي ڪري سڄي سنڌ ۾ زرعي پيداوار وڏي مقدار ۾ ٿيندي هئي. هتي ڪڻڪ، جوئر، ٻاجهري، جَوَ ڳاڙها ۽ اڇا چانور، ڪپهه، ڪمند، تماڪ، پنگ، آفيم، نير، چڻا، مٽر، سرنهن، ڄانڀو، ججهي انداز ۾ ٿيندو هو. سنڌ ۾ باغات جي ڪري، ميوا، ٻاجيون، گلقل جام ٿيندا هئا. انب، سنگترا، ناريل، پپيتا، ڊاک، ليمان، ڪيلا، نارنگيون، زيتون، ڏاڙهون، صوف، توت، انجير، گدرا، هنداڻا جام ٿيندا هئا. گهاٽن ٻيلن ۾ چوپايو مال، جنهن ۾ مينهون، رڍون، ٻڪريون، گهوڙا اٺ ۽ ٻيا جانور پاليا ويندا هئا. کير، مکڻ، ڏُڌ جام ٿيندو هو. انڪري، سنڌيءَ ۾ عام چوڻي هئي ته "سنڌ ۾ کير جون نديون وهنديون هيون."

سنڌ ۾ سرن، ۽ چاندي جا زيور، غاليچا، ڪپڙو، ململ، مٽي جا ٿانوَ، ڪاشيءَ جون سرون، جنديءَ جو اعليٰ ڪم، بندوقون، تلوارون، صندوقون، گهوڙن جون زينون، اٺن جا پاکڙا، چمڙي جو سامان، عاج جا چوڙا جام تيار ٿيندا هئا. سنڌ جا مشهور شهر ٺٽو، سيوهڻ، سن ۽ نصرپور هئا. ان کان علاوه لهري بندر، ٻکر، روهڙي، سکر، ڪنڊيارو، دربيلو، گنبٽ ۽ هالاڻي وغيره صنعت ۽ واپار جا اهم مرڪز هئا. جتان شيون ڏيساور موڪليون وينديون هيون. سنڌ جي مندرن ۾ بت ۽ مجسما، سون ۽ جواهرن سان جڙيل هوندا هئا. ملتان ۾ ٽي سؤ ٽيهه سون سان پريل ديڳيون هيون. ان کان علاوه هنگلاج، سيوي، الور، پارينگر، ديبل، برهمڻ آباد ۾ بت ۽ مجسما سون ۽ جواهرن سان سينگاريل هوندا هئا. جتي سوين مڻ سون دفن ٿيل هو.

ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته سنڌ ڪيڏو نه شاهوڪار ملڪ هو. اهو ئي سبب هو جو سنڌ تي ڌارين جون ڪاهون ٿينديون رهيون ۽ سنڌ کي لٽي ڦري ٻڙيانگ ڪري ڇڏيو. سنڌي قوم جو قتل عام ڪيو. هتان جي ڳوٺن، وستين واهڻن کي تباهه وبرباد ڪري ڇڏيو. سنڌ تي ڌارين جيڪي ڪاهون ڪيون، انهن ۾ نادرشاهه، احمد شاهه ابدالي ۽ مدد خان پٺاڻ جي ڪاهن کي غير معمولي حيثيت سان ياد ڪيو ويندو آهي.

## نادرشاهه جي ڪاهه:

نادرشاهه جو اصل نالو نادر ڦلي هو. سندس پيءُ جو نالو امام قلي افشار هو. نادرشاهه سترهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي پيءُ سميت ازبڪن هٿان گرفتار ٿيو. پوءِ اتان ڀڄي بابل بيگ وٽ نوڪر بيٺو ۽ پوءِ ان کي قتل ڪري سندس ڌيءُ سان شادي ڪئي، ۽ پوءِ ڌاڙيلن جو ٽولو ٺاهي وڏا ڌاڙا هڻڻ لڳو. 1735ع ۾ نادرشاهه ايران کي آزاد ڪرائي حڪومت ڪرڻ لڳو. نادرشاهه سن 1738ع ۾ ڪابل فتح ڪيو. ان وقت ڪابل مغل شهنشاهت جو سرحدي صوبو هو.

## نادرشاهه جي لاهور تي ڪاهه:

نادر شاهه پشاور کان لاهور پهتو. نادرشاهه لاهور ۽ ملتان جي ناظم کي لکيو ته مقابلي جي همت اٿئي ته شوق سان مقابلو ڪر، اگر فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ته عوام مصيبت ۾ اچي ويندئي ۽ انهن سان جيڪا ويتن ٿيندي، ان جو ذميوار تون خود هوندين. بهتر آهي ته منهنجي دربار ۾ اچي حاضر ٿيءُ ۽ رعيت کي نقصان کان بچاءِ. انهيءَ پيغام ملڻ کانپوءِ زڪريا خان شڪست تسليم ڪئي. نادر شاهه لاهور ۾ ڪجهه عرصو گذارڻ کانپوءِ دهليءَ روانو ٿي ويو.

## نادر شاھ جو دھليءَ تي حملو:

محمد شاھ کي جڏھن نادر شاھ جي حملي جي خبر پئي تہ ھن نظام الملڪ کي دکن مان گهرايو. ان کان علاوھ ٻين جليل القدر صوبيدارن سان گڏ دھليءَ مان پڄي ڪرنال پهتو ۽ فيصلو ڪيو تہ ڪرنال ۾ ويهي نادرشاھ سان مقابلو ڪيو وڃي. مغل صوبيدار سعادت خان ڪجھ پنهنجي ماڻھن سان گڏ بادشاھ جي دربار ۾ پهتو. عين ان وقت نادرشاھ جي دستن سعادت خان جي فوج تي حملو ڪري ڏنو. ۽ سامان ڦري سعادت خان کي زخمي ڪري وڌو ۽ سعادت خان کي نادرشاھ گرفتار ڪيو، محمد شاھ جا ٻہ سالار نظام الملڪ ۽ وزير اعتماد الدولہ عيادت لاءِ ويا تہ انهيءَ چيو تہ آءٌ پنهنجو فرض پورو ڪري چڪو آھيان ۽ صرف مان درخواست ڪريان ٿو تہ نادر شاھ جو رستو روڪي دھلي وڃڻ نہ ڏنو وڃي. مگر محمد شاھ جي ٻن سالارن مان ھڪ جي وفات ۽ ٻئي جي گرفتاري ڪري فوج ۾ بدنظمي پيدا ٿي پئي. نظام الملڪ ڪوشش ڪري صلح جو بندوبست ڪيو ۽ نادرشاھ کي ٻہ ڪروڙ روپيا ڏيڻا ڪيا ۽ محمد شاھ، نادر شاھ سان دوستانہ تعلقات قائم ڪيا.

خان دوران جي وفات بعد جيڪا جڳھ خالي ٿي، ان جو اميدوار سعادت خان ھو. ليڪن سعادت خان گرفتار ٿي چڪو ھو. انڪري خالي جڳھ نظام الملڪ کي ملي ويئي. ان تي سعادت خان کي سخت ڪاوڙ آئي ۽ نادر شاھ کي دھلي تي ڪاھ ڪرڻ جي صلاح ڏني.

نادر شاھ پنهنجي ھڪ سردار کي سعادت علي خان سان گڏ دھلي موڪليو ۽ محمد شاھ کان فرمان حاصل ڪيو تہ شھر جون ڪنجيون نادرشاھ جي سردار جي حوالي ڪيون وڃن.

8 ذوالحج 1151ھجري (8 مارچ 1739ع) تي نادر شاھ دھلي پهتو. ان عرصي دوران نادر شاھ جي فوج تي ھر طرف کان حملا شروع ٿي ويا ۽ اھو افواھ ھلايو ويو تہ نادرشاھ مارجي ويو آھي. اھا خبر جڏھن نادر شاھ کي پئي تہ ھُو صبح جو خود گهوڙي تي چڙھي چانڊني چونڪ وٽ سونهري مسجد پرسان پهتو تہ ۽ پنهنجي فوج کي قتل عام جو حڪم ڏنو. صبح کان شام تائين خون جون نديون وھي ھليون. ھن قتل عام ۾ معصوم ٻارڙا، ضعيف، پوڙھا، مرد، عورتون، گهڻي تعداد ۾ ماريا ويا. شام جي وقت نظام الملڪ عاجزانہ التجا ڪئي ۽ ان کان پوءِ قتل عام بند ٿيو. دھليءَ ۾ قتل عام کان علاوھ شھر ۾ لٽ مار پڻ ڪئي وئي. تقريباً ستر ڪروڙ روپيا نقد ۽ قيمتي پٿر ڪوھ نور، تخت طاؤس ۽ ٻين مغل بادشاھن جا اٺ تخت بہ کڻي ويو ۽ ان کان علاوھ محمد شاھ، نادر کي درياءَ اٽڪ جو علائقا جنھن ۾ سانگڙھ، ڪابل، غزني، ھزارہ جات، بکر، سکر، خدآباد، ٺٽو ۽ ٻيا اھي سڀ شھر ۽ ڳوٺ قلعا، زرخيز زمينون، بندر سڀ نادر شاھ حوالي ڪري ڇڏيا. اھو فرمان 4- محرم 1152ھجہ (2 اپريل 1739ع) ۾ جاري ڪيو.

نادر شاھ جڏھن دھلي کان ٻھرين رمضان 1152ھ مطابق 21 نومبر 1739ع ۾ ڪابل پهتو ۽ افغانستان جي وڏن سردارن کي گهرايو ۽ چاليھ ھزار افغان فوج ۾ شامل ٿي ويا. ۽ ان کي بخارا ۽ خوارزم تي حملي جو ارادو ھو. ڪجھ وقت بعد نادرشاھ ميان نورمحمد ڪلهوڙي کي حڪم ڪيو تہ ھُو ساڻس ڪابل ۾ ملي.

ميان صاحب ان تي ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو. انڪري نادرشاھ سنڌ تي حملي ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو. 8 رمضان 1152ھجہ مطابق 28 نومبر 1739ع تي ڪابل مان فوج وٺي 25 ڊسمبر 1739ع تي نادر شاھ ديري غازي خان پهتو. دائودپوٽن نادرشاھ کي ھر ممڪن تعاون جو يقين ڏياريو ۽ دائود پوٽن جو سردار رئيس امير صادق محمد خان ديري اسماعيل خان پهچي فرمانبرداريءَ جو اقرار ڪيو. نادرشاھ ميان نورمحمد کي ديري غازي خان ۾ ڪيس ملاقات جو فرمان جاري ڪيو. ميان نورمحمد کي نادري حملي جي جڏھن خبر پئي تہ ھن مقابلي ڪرڻ جو ارادو ترڪ ڪري پنهنجو مال متاع وٺي عمرڪوٽ روانو ٿيو. عمرڪوٽ جي چوڌاري ريگستان ھو ۽ محفوظ علائقو ھو. ميان نورمحمد پنهنجي ساٿين کي چيو

ته سامان کي جيترو جلد ٿي سگهي ساڙائي ڇڏيو ۽. جيئن نادري فوج کي رسد پهچي نه سگهي.

## نادر شاهه جي عمرڪوٽ تي چڙهائي:

”تاريخ سنڌ عهدِ ڪلهوڙا (جلد اول)“ جو مصنف غلام رسول مهر لکي ٿو ته نادر 14 ذوالقعد 1152 هجري (پهرين فيبروري 1739ع) تي لاڙڪاڻي پهتو، اتي کيس خبر پئي ته ميان صحرائي علائقي ڏانهن نڪري ويو آهي ۽ اتي سامان ڦٽي ڪري سوار وٺي نڪتو.

جڏهن نادرشاهه شهدادپور پهتو ته ميان صاحب کيس تحفا موڪليا. مگر نادر شاهه کي اهي شيون مطمئن ڪري نه سگهيون. رات ڏينهن پنڌ ڪندي عمرڪوٽ جي پرسان پهتو. هارٽ لکي ٿو ته ميان نورمحمد خان پنهنجي خزاني کي پوري روانو ٿيڻ وارو هو ته نادر شاهه اتي پهچي ويو. تاريخ سنڌ جو مصنف غلام رسول مهر (جلد پهرين) صفحي نمبر 460 ۾ لکي ٿو ته ”بهرحال نادر شاهه لاڙڪاڻي کان ٽيندو شهدادپور پهتو، اتي چند اهڙا ماڻهو کيس مليا جيڪي ميان صاحب جا مخالف هئا. نادر شاهه رستي جو پڇيو جيڪو انهن رستي جو ڏس ڏنو، باقي اهو تعداد نه ٻڌايو ته ميان صاحب سان ڪيتري فوج ساڻ آهي.“

جيئن ته نادري فوج سان مهاڏي اٽڪائڻ لاءِ سنڌ جا مانجهي مڙس هميشه اڳرا رهيا آهن. ڪتاب جي ساڳي مصنف صفحي نمبر 461 ۾ لکي ٿو ته ماڇين جو جٿو ميان صاحب جي فوج کان پوئتي رهجي ويو هو، جن نادرشاهه جي فوج جو رستو روڪي ڇڏيو. ان کان علاوه مهيرين جو جٿو پڻ نادرشاهه جي فوج سان مهاڏو اٽڪايوءِ ان جو رستو روڪي ڇڏيو. نادر شاهه شهدادپور مان ميان نورمحمد کي پيغام موڪليو ته تون هتي اچ، آءٌ توکي خلعت ۽ حڪومت سان سرفراز ڪريان. پيغام ملڻ کانپوءِ ميان صاحب مشڪي گهوڙي تي سوار ٿي شاهه بهاري، جام نندي، مير چاڪر، مير بهرام، مير شاهو ۽ شيخ غلام محمد کي پاڻ سان وٺي نادر جي دربار ۾ پهتو. ميان صاحب گهوڙي تان لهي عاجزيءَ سان نادرشاهه سان مليو. نادرشاهه ميان صاحب کي گرفتار ڪري لاڙڪاڻي آندو، جتي ميان صاحب نادرشاهه سان نئون عهدنامو ڪيو، جنهن موجب هن لاڙ ۽ وچولي جا پرڳڻا نادرشاهه جي حوالي ڪيا ۽ ان سان گڏ ويهه لک روپيا ساليانو خراج ڏيڻ منظور ڪيو. نادرشاهه ميان کي اهي پرڳڻا موٽائي ڏنا ۽ کيس ”نواب شاهه قلي خان“ جو خطاب ڏنائين. پوءِ ميان کان کي قيمتي ڪتاب ڪسي سندس بن پٽن: محمد مراد ياب خان ۽ غلام شاهه کي ضمانت طور پاڻ سان وٺي ويو. نادرشاهه جي سپه سالار طهماسپ قلي خان جلائر دائود پوٽن کي سنڌ مان تڙي ڪڍيو. سن 1150ھ- 1739ع ۾ ميان نورمحمد ڪڪرالي ۽ ڏاريجن جي جام ۽ راڻي کي تونجاڻي سان شڪست ڏيئي، نصرپور تائين ملڪ فتح ڪيائين پوءِ فاتحانه انداز سان ميان صاحب پنهنجي رفيقن سان اگهم ڪوٽ کان ٿٽي پهتو.

نادرشاهه سنڌ تي حملي ڪرڻ کانپوءِ جيڪا لٽ مار ڪئي ان جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

(1) انندرام ”مخلص“ جو چوڻ آهي ته ٻاويهه لک روپيا نادرشاهه کي هٿ لڳا، جيڪي عمرڪوٽ ۾ دفن ٿيل هئا ۽ هڪ هيرو به هٿ آيو.

(2) تحفة الڪرام ۾ لکيل آهي ته نادرشاهه هڪ ڪروڙ روپين جرمانو وٺي ملڪ واپس ڪيو.

(3) ”هيوز“ جو چوڻ آهي ته ويهه لک روپيا ساليانو بطور جرمانو ميان صاحب کي عائد ڪيو ويو.

(4) ”اينڪن“ جو چوڻ آهي ته هڪ ڪروڙ روپيا ڏنڊ حاصل ڪيو ويو ۽ وڏيڪ خراج جو وعدو ڪيو ويو.

(5) ”هيگ“ جو چوڻ آهي ته ميان جو دفن ڪيل خزانو تقريباً هڪ ڪروڙ روپيا هو ۽ ٻيو سارو خزانو نادر شاهه جي حوالي ڪيو ويو.

(6) ”مسٽر ايڊ واٽي“ جو چوڻ آهي ته عمرڪوٽ جي تهه خانن ۾ جيڪو خزانو دفن ٿيل هو، اهو هڪ ڪروڙ روپين جي لڳ ڀڳ هو، ان کان علاوه ميان تي ساليانه ويهه لک روپيا خراج وڌو ويو.

### نادرشاهه جو حملي جا سنڌ تي منفي اثرات:

نادرشاهه کي ظالم، جابر حڪمران جي حيثيت سان ياد ڪيو ويندو آهي. نادرشاهه سنڌ جي جن جن علائقن ۾ ويو، اتي جي ماڻهن جو قتل عام ڪيو، فصل ساڙائي ڇڏيا، مدرسه ۽ ڪتب خانه ساڙائي رک ڪري ڇڏيا، ننڍڙ صغير ٻارڙا ٻه سندس ظلم جو شڪار بڻيا. مطلب ته نادرشاهه سنڌ تي ڏمر جي نشاني طور ياد ڪيو وڃي ٿو.

### احمد شاهه ابدالي:

احمد شاهه ابدالي سنه 1160هجري مطابق 1747ع ۾ نادرشاهه جي قزلباش امير صالح بيگ ترڪمان سان گڏجي سازش ڪري نادرشاهه کي قتل ڪيو. افغانستان، خراسان ۽ سنڌ جي الهندي وارا علائقا نادري خزانن سميت احمد شاهه ابداليءَ جي قبضي هيٺ اچي ويا. سنه 1728ع ۾ نادرشاهه آقا محمد حسن قاچار جي پيءُ کي قتل ڪرائي ڇڏيو هو. نادرشاهه جي قتل ٿيڻ بعد محمد حسن قاچار ايران تي قبضو ڪيو.

انهن ڏينهن ۾ هرات جي ابدالي سردار آزاد خان خراسان تي ڪاهون ڪرڻ شروع ڪيون هيون، ڪانئس پوءِ عبدالله خان بن حيات خان ابدالي سن 1229هجريءَ ۾ هرات جي ايراني نائب جعفر قلي کي قتل ڪري، هرات ۾ ابدالين جي رياست جو بنياد وڌو. امير محمود جي ايران تي ڪاهه ڪرڻ وقت ابدالين مشهد تي قبضو ڪيو، سنه 1142هه ۾ نادرشاهه هرات تي قبضو ڪرڻ وقت زمان خان ابدالي جي ٻن پٽن: ذوالفقار خان ۽ احمد خان کي پاڻ وٽ گهرائي زمان خان کي هرات مٿان حاڪم مقرر ڪيو، سندس وفات بعد هرات جي حڪومت نادرشاهه، احمد خان جي حوالي ڪئي. نادرشاهه جي قتل ٿيڻ بعد افغان سردارن يڪراءِ احمد خان ابداليءَ کي "احمد شاهه ابدالي" جي لقب سان پنهنجو امير تسليم ڪيو.

احمد شاهه ابدالي افغان قوم تي دراني نالو رکيو. احمد شاهه ابدالي جي حڪومت جون سرحدون اتر ۾ جيحون درياءَ کان وٺي ۽ اولهه ۾ عمان جي نار تائين هيون. احمد شاهه سنڌ جي حڪومت ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي حوالي ڪري ڪيس "شاهنواز خان" جو لقب ڏنو.

### احمد شاهه ابدالي جي سنڌ تي ڪاهه:

شروعات ۾ احمد شاهه ابدالي خراسان جي جنگين ۾ مصروف رهيو، تنهنڪري ميان نورمحمد سندس خاموشيءَ مان فائدو وٺي ويهه لک روپيا ڍل ڏيڻ بند ڪئي، سن 1754ع ۾ احمد شاهه ابدالي سنڌ تي ڪاهه ڪئي. ميان نورمحمد خوف کان ريگستان ڏانهن ڀڄي ويو ۽ سنه 1168هجر، 1754ع ۾ اتي وفات ڪري ويو، سندس مڙهه موري کان ٻارنهن ميلن جي مفاصلي تي دولت پور پرسان دفنايو ويو.

افغان سردارن سنڌ تي ڪيترائي حملا ڪيا ۽ هتان جا فصل اجاڙيا. شهرن ۾ قتل عام ڪيو. عورتون، معصوم ٻار، پوڙها ۽ ڳڀرو افغانن جي تلوارن جو کاڄ بڻايا ويا، لُٽ مار ڪري خزانو خالي ڪيو ويو، هن کوهن ۾ زهر ملائي ڇڏيو. جنهنڪري ڪيترائي ماڻهو زهر جي ڪري فوت ٿي ويا.

### مدد خان پٺاڻ جي سنڌ تي ڪاهه:

جوڌپور جي شڪست جون خبرون ٻڌي، ميان عبدالنبي جا حوصلا پست ٿي ويا. هن مير نصيرخان کان مدد گهري، خان قلات پنهنجي نائب سردار زرڪ خان سان هڪ بروهين جو لشڪر چاڙهي موڪليو. سنڌ جا جتوئي، نومڙيا ۽ ڪوسا ۽ ٻيا راڄ به ميان سان شريڪ ٿيا. لاڙڪاڻي پرسان جنگ لڳي، جنهن ۾ زرڪ خان ٽالپرن کان شڪست کاڌي، هڪڙي طرف ميان عبدالنبي گادي هٿ ڪرڻ لاءِ حيلا ۽ سازشون ڪري رهيو هو، ته ٻئي پاسي سنڌ تي ڪاهون ٿي رهيون هيون، سنڌي پنهنجي وفاداري تي قائم رهندا پئي آيا ۽ سنڌ جي بچاءَ لاءِ لڙندا پئي آيا. ان موقعي جو فائدو وٺندي مدد خان پٺاڻ سنڌ تي ڪاهه ڪئي.

مدد خان پٺاڻ، تيمور شاهه جو سپهه سالار هو، جنهن 1780ع ۾ بهاولپور جي نواب رڪن الدولہ بهاول خان تي تيمور شاهه جي حڪم سان ڪاهه ڪري نواب کان رهيل خراج وصول ڪيو ۽ تيمورشاهه سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ جو حڪم ڏنو. مدد خان پٺاڻ سن 1780ع ۾ طوفان وانگر سنڌ تي ڪاهي

جو جيئن تائين سنڌ جا دولت مند ڳوٺ ۽ شهر افغانن ڦُري ناس ڪيا.

جونءِ ۽ فتح باغ جا وسندڙ به شهر افغانن ڦري ناس ڪري ڇڏيا، اهي شهر باغات ۽ پئداوار جي ڪري مشهور هئا جو هن قيامت صغريٰ جي ڪري تباهه ٿي ويا.

سنڌي ڳوٺاڻا ٻري ڪان افغان جا گهوڙا ڏسي گهوڙا گهوڙا ڪندا ڳوٺ خالي ڪري ڀڄڻ لڳا. سنڌين ۾ "گهوڙ گهوڙا" يا "گهل گهل" ڪرڻ جو رواج مدد خان جي ڪاهه ڪري پيو. مددخان پٺاڻ لٽ مار شروع ڪري ڏني. ان کي شڪ هو ته ميان عبدالنبي مون سان ڪوڙا واعدا ڪيا آهن، انڪري ميان جي خاص مشيرن تاجو ليکي سندس پٽ بلاول کان علاوه سندن ٻين ساٿين کي هٿن، پيرن ۽ ڳچيءَ ۾ زنجير وجهي، پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڪيو ته انهن کي ماري لڪل خزاني بابت معلومات حاصل ڪيو.

"فريئرنامه" جو بيان آهي ته مدد خان پٺاڻ انهن کي گهرايو ۽ انهن جي عضون کي ڏنبن سان ٽوڙي ڇڏيو ۽ هر منزل تي انهن سان اهو سلوڪ رکيو ويو. مدد خان جي ظلم جبر جو نقشو "فتح نامه" ۾ ظاهر آهي ته مدد خان پٺاڻ کي خدا جو خوف هو نه افغان لشڪر سنڌين کي چرين وانگر ماريندا هئا. جتان به لنگهندا هئا ته اتان جي آبادي کي ويران ڪندا ويندا هئا.

همه موذي وَناڪس ونابڪار،
همه نيش زن ڪزدم وَکهنه مار.

ترجمو: هو تمام موذي، نالائق نابڪار هئا، سڀ وڇن ۽ زهريلن نانگن وانگر هئا.

همه باضعيفان ستيزان جو برق،
همه روز ميدان گريزان جو برق.

ترجمو: ضعيفن سان وڙهڻ لاءِ بجليءَ وانگر تيز هئا. ڪٿي مقابلي جي صورت پيدا ٿيندي هئي، ته بجليءَ وانگر ڀڄي ويندا هئا.

رعيت ڪشد تيغ شاد بي دريغ،
گريزند پينند چون روءِ تيغ.

ترجمو: انهن جي تلوار رعيت جي گردن تي بي دريغ هلندي هئي، جڏهن مقابلي جي لاءِ تلوار مٿي ٿيندي هئي ته هو ڀڄي ويندا هئا.

مدد خان وڏو ظالم ۽ سفاڪ هو. ان وقت جيڪڏهن ڪنهن کي ظلم ڪندي ڏسندا هئا ته ان تي مدد خان جو نالو رکندا هئا.

**فريئر نامه جو بيان:** ان سلسلي ۾ فريئرنامه جو خلاصو هيٺ ڏجي ٿو:

"هن ظالم جاهل سڄيءَ سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي ۽ سڀني سنڌين جي عزت برباد ٿي ويئي آهي.

مائونٽ اسٽوارٽ الفنسٽن 1809ع ۾ ڪابل ويو هو. اهو لکي ٿو ته: مدد خان سنڌ کي تلوار ۽ باهه سان ويران ڪيو ۽ ان جي غارت گري ان حد تائين شديد هئي جو سندس مهم کان پوءِ اهڙو ڏُڪر پيو جو ان جي تلافي اڄ تائين نه ٿي سگهي. ان ڪانپوءِ اهڙي وبا پکڙي جو هزارين ماڻهو فوت ٿي وَيا.

هيگ جو بيان ته مدد خان جتان جتان لنگهيو، ڳوٺ ۽ شهر ڦري ڀڙڀانگ ڪيا ۽ باهه ڏيئي ساڙائي ڇڏيا ۽ بي انداز ماڻهو قتل ڪيا. اهڙيءَ طرح مدد خان پٺاڻ سنڌ تي ظلم، جبر، ڏاڍ ۽ ڏمر سان حڪومت ڪري واپس ڪابل موٽي ويو.

## حوالاءِ مددي ڪتاب:

1. 'تاريخ سنڌ' عهد ڪلهوڙا، (حصو پهريون) مصنف: غلام رسول مهر.
2. 'تاريخ سنڌ' عهد ڪلهوڙا (حصو ٻيون) مصنف: غلام رسول مهر.
3. 'جنت السنڌ' مصنف: رحيمداد خان مولائي شيدائي.
4. 'تحفة الڪرام' مصنف: ميرعلي شيرقانع ٺٽوي مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، عنوان- عباسي ڪلهوڙا خاندان جي حڪومت جو بيان.
5. 'سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو' مصنف: پروفيسر عبدالله مگسي، عنوان: يارمحمد ڪلهوڙو سنڌ جي آزاديءَ جو علمبردار.
6. 'جان جان هئي جيئري' مصنف: پروفيسر عبدالله مگسي، عنوان: ڪلهوڙا دؤر جي معاشي حالت.
7. سومرن، سمن ۽ مغلن جي دور حڪومت ۾ هنڌ جي اقتصادي ترقي يا واڌارو، سوينئر نمبر- 14 ڊسمبر 1996ع مقالا نگار- پروفيسر ثريا سولنگي.

رسول بخش ٻگهيو



# سيني قصن ۾ سهڻو قصو: يوسف زليخا

هيءُ قصو 'يوسف زليخا' جي نالي سان مشهور آهي، جو نهايت قديم قصو آهي جنهن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. هن ۾ حضرت يوسف عليه السلام جو گهڻو ذڪر آهي، انڪري حضرت يوسف عليه السلام جي نالي سان يوسف سوره مشهور آهي. ۽ الله پاڪ پنهنجي ڪلام مجيد ۾ هن قصي کي "احسن القصص" سڏيو آهي، ۽ هن سوره جا ٻيا نالا پڻ بيان ڪيل آهن، سوره نمبر 12 هين آهي، هن ۾ 12 رڪوع آهن ۽ 12 رڪوعن مان 6 رڪوع ڪن 12 هين پاره ۾ ۽ 6 رڪوع 13 پاره ۾ آهن.

اسان جڏهن قصن، ڪهاڻين ۽ داستانن جو بيان ڪنداسين ته معلوم ٿيندو ته هن صنف جو انسان ذات سان گهرو تعلق نظر ايندو. جنهن جو انسان جي دل ۽ دماغ تي تمام گهڻو ۽ گهرو اثر پئي ٿو. قصا، ڪهاڻيون ۽ داستان قديم زماني کان انسان کي سيني به سيني ورثي ۾ مليا آهن. ڏنو وڃي ته وندر ۽ وررنهن لاءِ قصي ۽ داستان گوئي جي صنف لوڪ ادب جو اهم ۽ مکيه حصو آهي. مهذب ۽ متمدن قومون پنهنجي هن سرمايي کي سهيڙڻ ۽ محفوظ رکڻ لاءِ تمام گهڻي ڪوششون ڪنديون آهن. هن صنف ذريعي ماضيءَ جي تهذيب، تمدن، معاشرتي ۽ فڪري لاڙن، ريتن، رسمن ۽ رهڻي ڪهڻي وغيره جي ڄاڻ انسان حاصل ڪري سگهي ٿو. هيءُ صنف هڪ قومي ورثو ۽ خزانو آهي.

الله پاڪ پنهنجن پاڪ ڪتابن ۽ صحيفن ۾ انسان جي سڌاري ۽ ترقي، زندگي گذارڻ جي ڍانءَ ۽ طور طريقي ۽ عبادتن جي قاعدن ۽ اصولن سان گڏوگڏ، انسان جي فلاح ۽ بهبودي ۽ عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ اڳين قومن جي تاريخي قصن ۽ واقعن کي بيان ڪرڻ فرمايو آهي. قرآن پاڪ ۾ بيان ڪيل قديم قصا ۽ داستان بيان ڪرڻ جو مقصد عبرت ۽ نصيحت پرائڻ آهي. انهن سيني قصن، ڪهاڻين، داستانن ۽ واقعن ۾ يوسف زليخا جي قصي کي قرآن مجيد ۾ سهڻي ۾ سهڻو قصو سڏيو ويو آهي.

هن قصي جا اهم ڪردار حضرت يوسف عليه السلام، حضرت بيبي زليخا، حضرت يعقوب عليه السلام. عزيز مصر جنهن جو نالو قطفير هو، دائي عذرا ۽ انهن ڪانسواءِ حضرت يعقوب جا ٻيا 11 پٽ ۽ ريان بادشاهه وغيره شامل آهن. يوسف جو مشتق 'اسف' آهي، جنهن جي معنيٰ آهي افسوس، ارمان ۽ غم. جڏهن ته عبراني ٻوليءَ ۾ يوسف جي معنيٰ آهي برڪت. اضافو- ڪثرت گهڻائي. سوره يوسف ۾ حضرت يوسف عليه السلام جو ئي قصو آيل آهي. زليخا جو نالو قرآن مجيد ۾ ڪٿي به نه آيو آهي. قرآن پاڪ ۾ صرف هڪ عورت ڏانهن اشارو ڪيل آهي، پر زليخا نالو مفسرن ۽ محققن جي تحقيق مطابق آيل آهي، ڪن مفسرن ۽ محققن هن عورت جو نالو زليخا لکيو آهي ۽ ان جو لقب 'راعيل' لکيو آهي ته ڪن مفسرن ۽ محققن هن عورت جو نالو 'راعيل' ۽ لقب 'زليخا' لکيو آهي. زليخا جو 'زلخ' مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٿلهو ٿيڻ، ڦلجڻ ۽ ڪنهن شيءِ سان دروازي کي بند ڪرڻ. عزيز مصر جو نالو به قرآن مجيد آهي. جو ڪن جي چوڻ مطابق وزيراعظم هو ۽ ڪن جي چوڻ مطابق وزير خزانه هو. حضرت يعقوب عليه السلام جنهن جو نالو اسرائيل (يعني خدا پاڪ جو ٻندو) هو ان کي 12 پٽ هئا جن مان بني اسرائيل جا 12 قبيلا وجود ۾ آيا. (اسرا- ۽ ايل-

الله يعني الله جو ٻانهو)

حضرت يعقوب عليه السلام کي: بيبي راحيل مان (1) حضرت يوسف ۽ (2) بن يامين ٻه پٽ هئا. بيبي لياه ۽ليا مان:

(1) روبيل (2) شمعون (3) لاوي (4) يهودا (5) ريان (6) يشحر ۽ هڪ نياڻي دينہ تولد ٿيا.

ٻن ٻانهين زلفيٰ ۽ (1) بلهہ مان (1) نفتالي (2) وان (3) جاد (4) آسر پيدا ٿيا. حضرت يعقوب عليه السلام جن پهريان شادي ليا يا لياه سان ڪئي ۽ ان کان بعد ۾ راحيل سان شادي ڪئي. ڪي مفسر قرآن مجيد ۾ لکن ٿا تہ حضرت يعقوب عليه السلام ليا يا لياه ۽ راحيل جيڪي ٻئي ڀينرون هيون هڪبئي پنيان ٻنهي سان سندن حياتيءَ ۾ شادي ڪئي، تڏهن اتين جائز هو. ليڪن مفسر حضرت علامہ مولانا محمد ادريس ڏاهري صاحب جن لکيو آهي تہ ليا جي وفات کان پوءِ حضرت يعقوب عليه السلام راحيل سان شادي ڪئي هئي.

حضرت يعقوب عليه السلام جن حضرت اسحاق عليه السلام جا فرزند هئا ۽ حضرت اسحاق عليه السلام جن حضرت ابراهيم عليه السلام جا فرزند هئا. حضرت اسحاق بيبي ساره مان حضرت ابراهيم عليه السلام کي تولد ٿيو. ڪن مفسرن ۽ محققن جي لکت مطابق حضرت يعقوب عليه السلام جن جي ولادت 1836 ق.م ٿي ۽ 1689 ق.م ۾ وفات ٿي. حضرت يوسف عليه السلام جي ولادت 1745 ق.م، ۾ ٿي ۽ ان وقت حضرت يعقوب عليه السلام جن جي عمر 91 سال هئي.

ڪتاب "سيده بيبي زليخا رضي الله عنها ڪا فراق" جي مؤلف غلام اڪبر اڄڻ سڪندري ڪوڙائيءَ لکيو آهي تہ: حضرت آدم عليه السلام جو ذڪر قرآن مجيد جي 12 سورتن ۾، حضرت نوح عليه السلام جو 6 سورتن ۾، حضرت ابراهيم عليه السلام جو 18 سورتن ۾، حضرت لوط عليه السلام جو 9 سورتن ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام جو 29 سورتن ۾، حضرت شعيب عليه السلام جو 3 سورتن ۾، حضرت عزيز عليه السلام جو 2 سورتن ۾، حضرت سليمان عليه السلام جو 4 سورتن ۾ ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام جو 9 سورتن ۾ ذڪر آيل آهي ليڪن حضرت يوسف عليه السلام جو ذڪر مسلسل هڪ پوري سوره ۾ بيان آهي، ان لحاظ کان هيءُ قصو 'احسن القصص' آهي.

حضرت علامہ مولانا محمد ادريس ڏاهري صاحب جن هن سوره جي نازل ٿيڻ جي شان نزول جا ٽي قول بيان ڪرڻ فرمايا آهن:

(1) حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي اصحابن سڳورن عرض ڪيو تہ يا رسول الله جيڪڏهن قرآن پاڪ ۾ ڪو سهڻو قصو نازل ٿئي تہ ٻڌجي تہ الله تعاليٰ هيءَ سوره نازل ڪئي (روايت سعدبن ابي وقاص رضي الله عنہ) (2) يهودين، قريشي ڪافرن کي چيو تہ عاد ۽ ثمود جا قصا عام آهن باقي حضرت محمد ڪريم صلي عليه وسلم جن کان پڇڻ تہ حضرت يعقوب عليه السلام ۽ سندس اولاد مصر ۾ ڪيئن پهتو؟ ۽ جڏهن ڪافرن حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن کان هيءُ سوال پڇيو تہ هيءَ سوره نازل ٿي (3) يهودين، حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن کان پڇيو تہ اسان کي حضرت يعقوب ۽ سندن پياري پٽ حضرت يوسف عليه السلام متعلق ٻڌايو (مفسر ضهاڪ حضرت عبدالله بن عباس کان روايت آندي آهي)

حضرت يعقوب عليه السلام جن حضرت يوسف عليه السلام سان تمام گهڻي محبت ۽ پيار ڪندا هئا ڇاڪاڻ تہ (1) حضرت يعقوب عليه السلام جن الله پاڪ جا نبي هئا ۽ کين معلوم ٿي چڪو هو سندن وارث حضرت يوسف عليه السلام ٿي ٿيندو ۽ کين نبوت عطا ڪئي ويندي (2) حضرت يوسف عليه السلام جن (۽ سندن ڀاءُ بن يامين) سيني ڀائرن ۾ ننڍا هئا ۽ ننڍي هوندي ئي سندس ماءُ وفات ڪري وئي هئي ۽ هو يتيم نبي ٿي پيا هئا.

(3) حضرت يوسف عليه السلام جن پنهنجي والد بزرگوار جي بيحد عزت ۽ خدمت ڪندا هئا ۽

ٿوري جهلڪ آهي.

حضرت بيبي زليخا، حضرت يوسف عليه السلام جو خواب ۾ حسن ۽ ڳالھ ٻڌي، حيران ۽ پريشان ٿي وئي، هن جي حالت روزانو خراب ٿيندي وئي، بادشاھ سلامت خود پريشان ٿي ويو ۽ بيبي زليخا جي حالت ڏسي کيس بند ڪري ڇڏيو. شاھ طب موس يا (طيموس) جي هڪ عمر رسيده خادم هئي، جنهن شهزادي زليخا جي خراب حالت ڏسي ڪانئس پڇيو ته ڇا ڳالھ آهي. شهزاديءَ خواب واري ساري ڳالھ ان عمر رسيده خادم کي ٻڌائي ۽ خادم سندس دلجوئي ڪندي رهي.

جيئن چوندا آهن ته عشق ۽ مشڪ لڪي نه ٿا سگهن. سو بادشاھ سلامت به پريشان ٿي پيو ۽ سندس شادي ڪرائڻ لاءِ سوچيائين، مفسر ۽ محقق لکن ٿا ته 19 بادشاهن ۽ ڪيترن شهزادن نڪاح لاءِ چيو، ليڪن شهزادي انڪار ڪندي رهي ۽ جڏهن عزيز مصر جو پيغام آيو ته شهزادي ان سان نڪاح ڪرڻ قبوليو. شهزاديءَ کي راضي ڏسي سندس والد صاحب به خوش ٿيو ۽ نهايت ڌام ڌوم ۽ وڏي ڏاجي ۽ ملڪيت ڏيڻ سان بادشاھ پنهنجيءَ نياٽيءَ جي شادي عزيز مصر سان ڪئي، جيتوڻيڪ عزيز مصر جنهن جو نالو قطفير هو سو بدشڪل هو، ليڪن شهزاديءَ خواب ۾ ڏٺل شخصيت جنهن پاڻ کي عزيز مصر ٿي ٻڌايو، تنهن سمجهيو ته عزيز مصر اهو ئي آهي جيڪو مون کي خواب ۾ نظر آيو آهي، انڪري ڏاڍي خوش هئي، پر جڏهن شادي ٿيڻ بعد ڏٺائين ته عزيز مصر جيڪو هن خواب ۾ ڏٺو هو، اهو نه هو بلڪ هيءُ ڪو ٻيو بدشڪل هو، تنهن کي ڏسڻ بعد شهزادي زليخا، بيهوش ٿي وئي ۽ سجاڳ ٿيڻ تي هن پاڻ کي مارڻ جو فيصلو ڪيو پر ٻانهي يا (دائي زليخا جي) کيس روڪيو ۽ ٻڌايو ته تون صبر ڪر. صبر جو ميوو مٺو آهي ۽ عزيز مصر نامرد آهي ۽ اهو عزيز مصر وسيلو بڻيو، ان حقيقي عزيز مصر جي ملڻ جو. شهزاديءَ صبر ڪيو جڏهن ته عزيز مصر جي شهزاديءَ سان بي حد محبت ۽ الفت هئي. ليڪن بيبي زليخا صبر، تحمل، شرافت ۽ نهايت پاڪدامنيءَ سان هڪ بدشڪل ۽ ڪوجهي عزيز مصر سان پنهنجي ڏکن، سورن ۽ درد ڀري زندگي گذاريندي حقيقي عزيز مصر کي ياد ڪندي رهي.

حضرت يوسف عليه السلام جن جي ڀائرن، حضرت يعقوب عليه السلام کان اجازت ملڻ بعد خوشيءَ ۾ حضرت يوسف عليه السلام کي ڪلهن تي کڻي ٻاهر نڪتا. ان وقت حضرت يوسف عليه السلام جن جي ڀيڻ زينت خواب ڏٺو ته يوسف کي بگھڙ کائي رهيا آهن. خواب مان سجاڳ ٿي ته پيءُ وٽ آئي ۽ ڪانئس حضرت يوسف عليه السلام جو پڇيائون ۽ حضرت يعقوب عليه السلام کيس ٻڌايو ته يوسف عليه السلام پنهنجن ڀائرن سان گڏ گهمڻ ۽ سير ڪرڻ ويو آهي. زينب روئندي رڙندي سندن پٺيان وئي ۽ وڃي پنهنجي ڀاءُ يوسف عليه السلام کي پهتي ۽ کيس واپس ٿيڻ لاءِ چيائين ليڪن حضرت يوسف عليه السلام واپس نه ٿيو ۽ ڀيڻ کي چيائين ته دعا ڪر آءُ ڀائرن سان گڏ آهيان ۽ سير سفر ڪري واپس اچان ٿو ۽ زينب روئندي واپس آئي. حضرت يوسف عليه السلام جا ڀائر جڏهن گهڻو نڪري ويا ته هڪ ميدان تي سندس ڀائرن حضرت يوسف کي زمين تي ڪيرائي مارڻ لڳا سڀ ڏاڍو ساڻن وڙهيا ۽ روبيل ته ڪنڌ مروڙي قتل ٿي ڪيو ته حضرت يوسف عليه السلام عام يهودا کي چيو ته ڇا توهان چپ ڪري منهنجي هيءَ حالت ڏسي رهيو آهيو. يهودا ڀائرن کي روڪيو ۽ پنهنجو واعدو ياد ڏيارو ته توهان واعدو ڪيو هو ته هن کي قتل نه ڪنداسين. بلڪ ڪنهن کوھ وغيره ۾ اُڇلائينداسين، جتي خود به خود ختم ٿي ويندو يا ڪي قافلي وارا کڻي وڃي ڪنهن ولايت پهچائيندس. ۽ پوءِ سڀني ڀائرن يڪراءِ طور حضرت يوسف عليه السلام کي کوہ ۾ اُڇلائڻ جو فيصلو ڪيو. ان وقت حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن حضرت يوسف عليه السلام کان پڇيو ته تو خواب لڌو هو ته توکي سج چنڊ ۽ 11 ستارا سجدو ڪري رهيا آهن هاڻي انهن کي چئه ته توکي ڇڏائين.

واضح رهي ته حضرت يوسف جي پائرن کي گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ کان اهو خواب معلوم ٿي چڪو هو.

جنهن کوهه ۾ حضرت يوسف عليه السلام کي اُڇليو ويو، اهو کوهه شام کان مصر ويندڙ شاهراه تي هو جيڪو شدادبن عاد کوٽايو هو. هڪ روايت آهي ته حضرت هود عليه السلام جي قوم ۾ هڪ بزرگ دعا گهري ته منهنجي عمر ايتري ٿئي جو آءٌ حضرت يوسف عليه السلام جو حسن ۽ جمال ڏسي سگهان ته ان کي غيبي آواز آيو يا هاتف ان کي غيب مان آواز ڏنو ته هڪ کوهه جيڪو شداد بن عاد کوٽايو آهي، ان کوهه ۾ وڃي رهه، ته حضرت يوسف عليه السلام اتي کوهه ۾ خود بخود ڪنهن ريب (پائرن طرفان) جي ذريعي پهچي ويندو. پوءِ اهو شخص ان کوهه ۾ اچي رهيو ۽ عبادت الٰهيءَ ۾ مشغول رهيو ۽ جڏهن حضرت يوسف عليه السلام کي پائرن کوهه ۾ اڇلايو ته ان شخص حضرت يوسف عليه السلام جو ديدار ڪيو ۽ حضرت يوسف عليه السلام کي گلي لڳايو هو.

حضرت يوسف عليه السلام جي پائرن جي ڪيل فيصلي مطابق حضرت يوسف کي ان کوهه ۾ اڇلايو ويو. هڪ روايت مطابق اهو کوهه حضرت يعقوب عليه السلام جي رهائش گاه کان 12 ميل ته ڪن وري 10 ڪلوميٽر لکيو آهي. مولانا خورشيد فاضل تفسير و حديث پنهنجي ڪتاب ”داستان يوسف“ ۾ ڪُنهان کان ٽن ميلن جي فاصلي تي کوهه لکيو آهي، جو مصر ۽مدين جي وچ تي آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته بيت المقدس جي قريب هو ۽ اردن جي جهنگل ۾ نهايت خطرناڪ جاءِ تي هو جنهن جو منهن ويڪرا پر اندر سوڙهو هو. کوهه ۾ ڪيرائڻ وقت حضرت يوسف عليه السلام ڪناري ۾ هٿ وڌا ته ڪيس وري ٻاهر ڪڍي هٿ پير ٻڌي پوءِ کوهه ۾ اڇلايو ويو. هڪ طرف حضرت يوسف عليه السلام کي پائرن هڪ خطرناڪ کوهه ۾ اڇلايو ۽ جڏهن ته ٻئي طرف الله پاڪ جل شان حضرت جبرائيل عليه السلام جو عرش تي هڪ ٽنبي وٽ هو، ان کي حڪم ڪيو ۽ حضرت يوسف عليه السلام اڃا کوهه جي اڌ وٽ مس پهتو ته حضرت جبرائيل عليه السلام کوهه ۾ پهچي ويو ۽ حضرت يوسف عليه السلام کي آهستي ۽ آرام سان هڪ پٿر تي وهاريو. ڪي مفسر ۽ محقق لکن ٿا ته اها تاريخ 10 محرم الحرام جي هئي، حضرت يوسف عليه السلام کي پائرن کوهه ۾ اڇلائڻ جو مشورو 9 محرم الحرام تي ڪيو هو. کوهه ۾ اڇلائڻ وقت حضرت يوسف عليه السلام جي قميص لاهي ورتي وئي هئي ته جيئن ان کي رت مکي حضرت يعقوب کي ڏيکاريندا سين ته حضرت يوسف عليه السلام کي بگهڙ کائي ويا. کوهه ۾ اڇلائڻ بعد وري حضرت يوسف عليه السلام جا پائر کيس مٿان پٿر اڇلائي هنيا ته يهودا کين ان عمل ڪرڻ کان بہ روڪيو.

حضرت جبرائيل جڏهن نهايت آرام سان حضرت يوسف عليه السلام کي پٿر تي وهاريو ته سندس ٻانهن يا سندس ڳچيءَ ۾ ٻڌل هڪ تعويذ کوليو ته ان ۾ بهشتي پوشاڪ پيل هئي. هيءَ اها پوشاڪ هئي، جيڪا حضرت ابراهيم عليه السلام کي آڙاهه ۾ جڏهن اڇلايو ويو هو ته سندس يعني حضرت ابراهيم عليه السلام جا ڪپڙا لهرايا ويا هئا ۽ الله پاڪ جي حڪم سان حضرت جبرائيل جنتي وڳو کڻي اچي حضرت ابراهيم عليه السلام کي پهرايو هو ۽ اهو وڳو حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي فرزند حضرت اسحاق عليه السلام کي محفوظ ڪري رکڻ لاءِ ڏنو هو ۽ حضرت اسحاق عليه السلام وري اها پوشاڪ پنهنجي فرزند حضرت يعقوب عليه السلام پاڻ وٽ رکي، وري اها پوشاڪ پنهنجي فرزند حضرت يوسف عليه السلام جي ڳچيءَ ۾ يا ٻانهن ۾ تعويذ ڪري ٻڌي هئي. واضح رهي ته جنتي پوشاڪ جي اها اهم خصوصيت آهي ته ان کي ويڙهي تعويذ جيترو بنائي سگهجي ٿو جڏهن ته کولڻ وقت مڪمل پوشاڪ ٿي پئي ٿي. اهڙي طرح اها ابراهيم عليه السلام پوشاڪ حضرت جبرائيل حضرت يوسف عليه

السلام کي کوھ ۾ تعويذ مان ڪڍي پهرائي. ۽ جبرائيل امين جتي آب وطعام حضرت يوسف عليه السلام جن کي پيش ڪيو. پوشاڪ پهرڻ سان کوھ روشن ٿي ويو، اردو ڪتاب "سيده بي بي زليخا رضي الله عنها کا فراق، جي مؤلف غلام اڪبر اڄڻ کهڙائيءَ لکيو آهي ته ان وقت کوھ ۾ تمام خطرناڪ نانگ هئا جن پاڻ ۾ مشورو ڪيو ته گهرڻ کان ٻاهر نه نڪرو متان حضرت يوسف نبي الله اسان کي ڏسي مغموم ٿئي. سبحان الله وڏن نانگن کي به الله پاڪ جي نبيءَ جو ادب ۽ احترام هو. ان کوھ ۾ هڪ اژدها زهريلو وڏو نانگ) پنهنجي ٻرَ مان ٻاهر نڪرڻ جو ارادو ڪيو ته جبرائيل عليه السلام هڪل ڏنس جو هُو ٻوڙو ۽ موڳو ٿي ويو پر ان جو نسل قيامت تائين ٻوڙو رهندو.

## حضرت يوسف عليه السلام جو کوھ مان نڪرڻ:

حضرت جبرائيل عليه السلام جي ڏسيل دعا ۽ ڪي ٻيون دعائون به تفسيرن ۾ اچن ٿيون، انهن جي پڙهڻ ۽ رب پاڪ کي اهڙي سهڻي انداز سان حضرت يوسف عليه السلام ياد ڪيو جو ملائڪن کي اهو آواز ڏاڍو وڻيو ۽ رب ڪريم کي عرض ڪيائون ته يا الله کوھ مان ڪيڏو نه منو آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي، اسان کي مهلت ڏي ته ويجهي کان ٻڌون ۽ پوءِ الله پاڪ جي حڪم سان ملائڪ آسمان کان هيٺ لهي آيا ۽ حضرت يوسف عليه السلام جو آواز ٻڌي مانوس ٿيا. هڪ روايت مطابق حضرت يوسف عليه السلام جبرائيل امين ۽ ٻين دعائن جي ڪري صرف ٽي ڏينهن کوھ ۾ رهڻ بعد ٻاهر نڪتا.

قافلي جو ظاهر ٿيڻ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي تفسير سوره يوسف ۾ لکيو آهي ته عرب هميشه مشرق ۽ مغرب جي واپار ۽ تجارتي لاڳاپن ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا رهيا. اڳئين دور ۾ ائين ٿيندو هو جو آفريڪا ۽ هندستان مان واپار جو سامان خشڪيءَ رستي سان اچي يمن ۽ حضرموت جي ساحلن تي پهچندو هو ۽ اتان خشڪي رستي بحرِ احمد جي ڪناري، حجاز، مدين ۽ وادي القريٰ کي پار ڪري شام پهچندو هو ۽ شام جي سرحد کان مصر پهچندو هو. هن بابت توريت ۾ بيان هن طرح آهي ته، حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن ڏٺو ته اسماعيلين جو هڪ قافلو جلعا (شام) ۾ هڪ جبل ڏانهن آيو جيڪي اٺن تي خوشبودار شيون ۽ مسالا کڻي مصر ڏانهن وڃي رهيو هو. (اسماعيلين جو وطن مدين هو) مدين بحر احمد ۽ عقبه جي ڪناري تي هو جو حجاز ۾ هو، سو اڄ به ان نالي سان سڏجي ٿو. بني اسرائيل به ان کي ان نالي سان سڏيندا هئا. اهو قافلو جڏهن کوھ جي ويجهو پهتو ته انهن کي پاڻيءَ جي ضرورت ٿي ۽ هڪ ڄڻو کوھ تي آيو ۽ ڏول کوھ ۾ لاٿو ته ان ڏول ۾ هڪ حسين وجميل نينگر نڪري آيو. ڏول ڪيڻ وارو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان کي نهايت قيمتي سرمايو سمجهي لڪائي ڇڏيو. هيءَ قافلو مدين کان مصر وڃي رهيو هو. هن ڏول واري شخص هن حسين نينگر کي وٺي اچي قافلي وارن کي ٻڌايو ۽ هن کي لڪائي محفوظ ڪري ڇڏيو.

ٻئي طرف حضرت يوسف عليه السلام جا ڀائر قميص کي ٻڪريءَ يا ٻگهڙ جو رت هڻي پيءُ وٽ کڻي آيا ۽ زار وقطار روئڻ لڳا ۽ حضرت يعقوب عليه السلام جي پڇا تي چيائون ته بابا سائين يوسف عليه السلام کي ٻگهڙ کائي ويا هيءَ قميص ڏسو رت سان ڀريل آهي حضرت يعقوب ڏٺو ته قميص کي ڪاٻه رهند وغيره نه هئي لڳل ۽ نه ڦاٽل هئي تي حضرت يعقوب ڪين ڪوڙو ڪيو ۽ ٻگهڙ جڏهن حضرت يعقوب عليه السلام جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته (ان کي الله ڳالهائڻ جي قوت ڏني) ان چيو ته اسلام عليڪ يا نبي الله! اسان کي نبين سڳورن جو گوشت کائڻ حرام آهي ۽ اسان هرگز حضرت يوسف نبي الله کي نه کاڌو آهي اسان ان ڳالھ کان آزاد آهيون. ۽ حضرت يوسف عليه السلام پنهنجن پٽن کي فرمايو "توهان جي نفس توهان جي لاءِ هڪ ڳالھ بنائي پوءِ صبر بهتر آهي ۽ الله کان ئي مدد گهران ٿو انهن ڳالهين لاءِ جيڪي

توهان گهڙي رهيا آهيو. حضرت يعقوب کي خواب مان معلوم ٿي چڪو هو ته يوسف کي زنده رهڻو آهي ان کي الله پاڪ تاج نبوي پهرائيندو، ڪيس خوابن تي يعقوب کي پورو يقين هو ته منهنجو يوسف زنده آهي ان کي علم وحڪمت ۽ نبوت ۽ سلطنت سان نوازيو ويندو. ليڪن فراق جدائيءَ ۾ حضرت يعقوب روئي روئي پنهنجيون اکيون اڇيون ڪري ڇڏيون ۽ غم و درد ۾ رهيو.

حضرت يعقوب عليه السلام جا فرزند ان علائقي کي ڏسي رهيا هئا ته هنن جي نظر قافلي تي پئي ۽ جڏهن هنن ڏٺو ته کوهه جنهن کي ”جب الحزن“ (ڏکن وارو کوهه) سڏيندا هئا ته ان ۾ يوسف ڪو نه هو، ته هو سڌو قافلي وارن ڏي آيا ۽ چيائون ته اسان جو هڪ غلام ڀڄي ويو آهي جيڪو توهان کي هٿ آيو آهي. قافلي وارن چيو ته ها، اسان وٽ هڪ نينگر آهي. پوءِ حضرت يعقوب عليه السلام جي فرزندن پنهنجي ڀاءُ يوسف کي قافلي جي اڳواڻ مالڪ بن ذعر کي 20 درهمن ۾ وڪڻي ڏنو. قافلو هلندو رهيو رستي ۾ جڏهن حضرت يوسف پنهنجي والده جي قبر ڏٺي ته اُتي بيهي عرض ڪيائين: ”امان حضور مون کي منهنجن ڀائرن بابا يعقوب عليه السلام کان جدا ڪري ڇڏيو آهي. اي امان جيجل اگر تون منهنجي هيءَ حالت ڏسين ته ڏاڍو روئين. اي امان انهن منهنجن ڳلن تي چماٽون هڻيون. آهن جن کي تون پيار مان چمندي هئينءَ، امان انهن مون کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. کوهه ۾ اڇلايو ۽ مٿان پٿراءُ ڪيو. مون کي اُجيو ۽ بکيو رکيو ويو. هنن مون تي رحم نه ڪيو، هنن مون کي ويهن درهمن ۾ وڪڻي غلام بنائي ڇڏيو، قافلي وارن مون کي لوهه جون بيڙيون پيرن ۾ پارايون آهن مون کي قيدي بنائي پاڻ سان وٺيو پيا وڃن.“ دانهون ڪندي ڪندي بيهوش ٿي ڪري پيو، جڏهن هوش ۾ آيو قبر مان سندس امڙ جو آواز آيون ته: ”صبر ڪر! اي منهنجين اکين جا ٺار! اي پيارا فرزند! اي منهنجيءَ دل جا ميوا، صبر ڪر ۽ تنهنجي صبر جو اجر الله تعاليٰ وٽ آهي.“

دعا گهرڻ بعد حضرت يوسف عليه السلام قافلي ڏانهن روانو ٿيو ته مليح اسود، جنهن جي نظرداريءَ ۾ حضرت يوسف عليه السلام ان قافلي ۾ اعلان ڪيو ته يوسف ڀڄي ويو ۽ پوءِ پوئتي ڏسڻ لاءِ اچي رهيو هو ته حضرت يوسف عليه السلام خود هن ڏانهن اچي رهيو هو ۽ مليح اسود هن کي پڪڙي چيو ته واقعي تنهنجن مالڪن وڪري ڪرڻ وقت سچ ڳالهايو ته خيال رکجو هيءُ نينگر (غلام) ڀڳوڙو آهي. حضرت يوسف عليه السلام چيو ته رستي ۾ منهنجي امڙ جي مزار اچي وئي مان ان تي بيهي دعا گهري ۽ پوءِ مان خود به خود توهان ڏانهن اچي رهيو هئس مليح اسود دير ڪا نه ڪئي ۽ يوسف عليه السلام جي ڳلن تي چماٽون هنيون ۽ پيرن کان پڪڙي منهن ۾ ڪيرائي ڪيس مارڻ شروع ڪيو ته يوسف عليه السلام بيهوش ٿي ويو ۽ سجاڳيءَ بعد حضرت يوسف عليه السلام وڏي درد مان دانهن ڪري الله پاڪ کي عرض ڪيو ته منهنجا مولا ڪريم منهنجي ۽ هن ظالم جي درميان فيصلو ڪرڻ فرماءِ! هڪ روايت مطابق اها يوسف جي دانهن ايتري ته درديلي هئي جو ملائڪن جي سردار حضرت جبرائيل امين يڪدم دانهن ٻڌڻ شرط الله پاڪ جي حڪم سان هيٺ لهي آيو ۽ حضرت يوسف عليه السلام کي چيائين ته جيئن حڪم ڪيو تيئن ڪريان، ليڪن حضرت يوسف ڪيس صبر جي هدايت ڪئي ۽ حضرت جبرائيل پنهنجو پَرُ زمين تي هنيو ته انتوڪار ٿي ويو. ۽ هڪ ٻي روايت مطابق ته آسمان تي ڪارو ڪڪر ظاهر ٿيو، جنهن مان وڏا وڏا وزني باهه جا ٽانڊا، وسڻ شروع ٿي ويا، قافلي وارن کي يقين ٿي ويو ته اسان ختم ٿي ويندا سين، پوءِ مالڪ بن ذعر اعلان ڪيو ته ڪنهن کان ڪا غلطي ٿي آهي جنهنڪري هيءُ مصيبت اسان تي نازل ٿي رهي آهي. ايتري ۾ مليح اسود پنهنجو ڏوهه قبول ڪيو ۽ بيان ڪيو پوءِ مالڪ بن ذعر، حضرت يوسف وٽ ڊوڙندو آيو ۽ ڪانئن دعا لاءِ عرض ڪيائون ۽ حضرت يوسف عليه

السلام دعا گهري ۽ مليح کي ڏوهه بخش ڪيو، پوءِ باهه جا شعلا بند ٿي ويا ۽ ڪکر به گم ٿي ويو. پوءِ قافلي جي اڳواڻ حڪم ڏنو ته حضرت يوسف عليه السلام (غلام) کي سخت ڪپڙا لاهي نرم ۽ ڀلا ڪپڙا پهرايا وڃن، جن رسين ۾ ٻڌل هو، اهي رسيون ڇوڙيون ويون ۽ سنا ڪپڙا کين پارايا ويا، ان بعد قافلو روانو ٿيو ۽ جڏهن قافلو مصر جي شاهراهه تي بستان وٽ پهتو ته اتي قافلي وارن ماني کاڌي ۽ حضرت يوسف کي پاڻ سان گڏ ماني کارائي. حضرت يوسف عليه السلام اهو پهريون پيرو قافلي وارن سان ماني کاڌي پوءِ قافلو تلبلستان پهتو ته اتان جا ماڻهو ۽ حاڪم حضرت يوسف عليه السلام جي حسن کي ڏسي حيران ٿي ويا ۽ حضرت يوسف عليه السلام کان پڇيائون ته توکي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ ته حضرت يوسف فرمايو ته مون کي الله جلشانهٗ پيدا ڪيو آهي، پوءِ هنن چيو ته جنهن توکي پيدا ڪيو آهي اسين ان تي ايمان آڻيون ٿا ۽ چئن هزار (4000) ماڻهن مٿن ايمان آندو ۽ انهن بت ڀڃي ڇڏيا. پوءِ حضرت يوسف عليه السلام کين هڪ الله جي عبادت ڪرڻ جي تعليم ڏني. ان کان پوءِ تلبلستان کان 18 ميلن جي فاصلي تي قافلو قدس شهر ۾ پهتو ۽ اتي جي بادشاهه کي خواب ۾ حڪم ٿيو هو ته هڪ قافلو شهر ۾ داخل ٿي رهيو آهي جنهن ۾ هڪ تمام ڀلو شخص به داخل ٿي رهيو آهي، ان جو شاندار استقبال ڪر. ننڊ مان اُٿڻ بعد بادشاهه عظيم الشان دعوت ۽ استقبال جو انتظام ڪيو ۽ اهڙي ته دعوت ڪئي جو قافلي جو اڳواڻ حيران ٿي ويو ۽ سوچيائين ته اڳ ته منهنجي اهڙي عزت ڪڏهن ڪا نه ٿي ۽ هاڻي هن غلام (يوسف) جي ڪري ئي ڀلائي ٿي آهي. بادشاهه به حضرت يوسف عليه السلام کي ڏسي سڃاڻي ويو ليڪن راز ڳجهو رکيائين. قافلي جي ٻين ماڻهن ته طرحين طرحين جا کاڌا نوش ڪيا، ليڪن حضرت يوسف عليه السلام لاءِ چانور ۽ کير تيار ڪيو ويو جيڪي پاڻ کاڌائون. واضح رهي ته الله پاڪ جا پيارا ٻانها چلي ڪڍڻ بعد چانور ۽ کير کائيندا آهن.

اڪيلائپ ۾ بادشاهه حضرت يوسف کان پڇيو توهان ڪير آهيو ته حضرت يوسف کيس جواب ڏنو ته آءٌ اهو ئي آهيان، جنهن جي دعوت ۽ استقبال ڪرڻ جو خواب ۾ اوهان کي حڪم ٿيو. بادشاهه حيران ٿي حضرت يوسف عليه السلام کان پڇيو ته اوهان کي منهنجي خواب جو ڪنهن ٻڌايو؟ حضرت يوسف عليه السلام جواب ڏنو ته مون کي ان الله پاڪ ٻڌايو، جنهن توهان کي منهنجي استقبال ۽ دعوت لاءِ حڪم فرمايو. پوءِ بادشاهه مسلمان ٿيو ۽ ان بادشاهه جي گهر جا بُتَ ٽڪرا ٽڪرا ٿي اچي حضرت يوسف جي پيرن ۾ پيا ۽ پوءِ ساري شهر جا بت ڀڄرائي ڇڏيائون ۽ سڄو شهر مسلمان ٿيو. ان کان پوءِ قافلو عسقلان روانو ٿيو ۽ عسقلان جي بادشاهه کي اطلاع مليو ته هڪ حسين و جميل غلام مصر ۾ وڪامڻ وڃي رهيو آهي ته بادشاهه هڪ هزار جو لشڪر وٺي اهو حسين غلام قافلي وارن کان کسڻ جي ارادي سان روانو ٿيو ۽ هن پنهنجي لشڪر کي پنهنجي مقصد کان واقف نه ڪيو هو جڏهن بادشاهه جي نظر حضرت يوسف عليه السلام تي پئي ته بادشاهه بيهوش ٿي ويو. بادشاهه جو لشڪر بادشاهه جي فڪر ۾ ئي رهيو ته قافلو هنن کي پار ڪري روانو ٿي ويو ۽ بادشاهه ٽي ڏينهن بيهوش رهيو. قافلو هلندي هلندي اچي نيل نديءَ جي ڪناري تي پهتو ۽ اتي قافلي جي اڳواڻ غلامن کي وڪرو ڪرڻ لاءِ کين تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ غلامن کي سينگاريو ويو ۽ حضرت يوسف عليه السلام کي به وهنجاري سهنجاري ڀلا ڪپڙا پهرائي سندس مٿي تي موتين جو تاج رکيو ويو.

جڏهن مصر جي شهرين کي خبر پئي ته نهايت هڪ حسين نينگر وڪامڻ لاءِ آيو آهي، ته انڪري ان جي خريداريءَ لاءِ ڪئين امير اچي گڏ ٿيا، وڏي خلق ڏسي مالڪ بن ذعر پڇيو ته توهان ماڻهو ايتري تعداد ۾ ڇو اچي گڏ ٿيا آهيو ته ماڻهن چيو ته ان غلام جو ديدار ڪراءِ، مالڪ خلق ڏسي تنگ ٿي پيو، پوءِ کيس ڪنهن صلاح ڏني ته ان غلام جي ڏسڻ لاءِ هڪ شرط رک ته: ”جيڪو هڪ سونو دينار

جمع ڪرائي اهو پلي ان غلام جو ديدار ڪري، ظاهر آهي ته سونو دينار ڪير ڪو نه ڏيندو ۽ تون تڪليف ڪان بچي ويندين." قافلي جي اڳواڻ اهو اعلان ڪيو ته ماڻهو هڪ هڪ سونو دينار جمع ڪرائيندا ويا ۽ ڇهه لک (600000) دينار سونا جمع ٿي ويا. هر هڪ دينار ۾ به سو (200) درهم آهي. اهڙي طرح 12 ڪروڙ درهم گڏ ٿي ويا، پوءِ مالڪ بن ذعر يوسف جي ديدار لاءِ دروازو کوليو ۽ ماڻهن ديدار ڪيو بيهوش ٿي ويا. حضرت ابن عباس جو قول آهي ته حضرت يوسف عليه السلام جو ديدار ڪندڙ هڪڙا چريا ٿي ويا، هڪڙا مست ٿي ويا، هڪڙا وري حيران ٿي نظر آيا. ديدار ڪندڙن ڪانپوءِ وري رهيل ماڻهو آيا ته مالڪ بن ذعر به به سونا دينار رکيا ته به ڏهه هزار دينار گڏ ٿي ويا ۽ پوءِ انهن به ديدار ڪيو. اهڙي طرح حضرت يوسف عليه السلام جي ديدار جا ڪل 00000، 20، 12 (اڪرين ٻارنهن ڪروڙ ۽ ويهه لک درهم) مالڪ بن ذعر کي مليا جڏهن ته حضرت يوسف عليه السلام کي پائرن صرف ويهن درهمن ۾ وڪرو ڪيو هو. هڪ طرف حضرت يوسف عليه السلام جي پائرن ڪين ويهن درهمن ۾ وڪرو ڪيو، ٻئي طرف خريدار کي صرف حضرت يوسف عليه السلام جي ديدار جا 12 ڪروڙ ۽ 20 لک درهم ملن ٿا. تڏهن ته ڪنهن شاعر چيو آهي ته:

اگر محبت ہوتی خون کے رشتوں میں،
یوسف کیوں بکتے مصر کے بازاروں میں۔

ٽن ڏينهن ڪانپوءِ خريدارن واڪ ڏنو ليڪن خريد ڪري نه سگهيا. ٻئي ڏينهن به خريدار آيا ليڪن خريد ڪري نه سگهيا.

عزيز مصر پنهنجي گهرواريءَ کي چيو ته تون به وڃي ڏس ته ان غلام کي خريد ڪيون چو ته هڪ طرف عزيز مصر کي اولاد ڪونه هو ۽ ٻي ڳالهه ته عزيز مصر پنهنجي گهر واريءَ سان بي حد محبت ڪندو هو، انڪري بيبي سڳوريءَ جي دلجوئيءَ لاءِ ان غلام کي خريد ڪرڻ ٿي چاهيو. حضرت بيبي زليخا کي ته خواب واري عزيز مصر سان محبت هئي، انڪري پنهنجي مڙس عزيز مصر کي چيائين ته مون کي عزيز مصر ڪانسواءِ ڪير به نه گهرجي، آخر عزيز مصر خود پاڻ اچي پهتو.

يوسف عليه السلام جي خريدارن ۾ هڪ عورت بازعه نالي جيڪا نهايت مالدار ۽ شاهوڪار هئي اها به آئي هئي ان جڏهن حضرت يوسف عليه السلام کي ڏٺو ته حيران ٿي وئي ۽ ڪانئس پڇيائين ته ڇا واقعي تون غلام آهين ته حضرت يوسف عليه السلام وراڻيو ته ها! مان عبدالله (الله جو غلام) آهيان وري بازعه سوال ڪيو ته توکي ڪنهن ٺاهيو آهي. حضرت يوسف عليه السلام فرمايو ته مون کي الله تعاليٰ ٺاهيو آهي، پوءِ بازعه الله تي ايمان آڻي سڀ ملڪيت الله جي نالي تي ورهائي ڇڏي ۽ هڪ جهوپڙيءَ ۾ وڃي رهي ۽ الله پاڪ جي عبادت ۽ ذڪر ڪندي رهي ۽ هڪ عورت صرف نالي ڳڻائڻ لاءِ خريدارن جي لسٽ ۾ سُٽ جا 20 سير ڪَتيل سُٽ کڻي آئي هئي.

عزيز مصر جمعي جي ڏينهن حضرت يوسف عليه السلام کي خريد ڪرڻ لاءِ آيو هو، ٻين ڪيترن واپارين وڏا وڏا واڪ ڏنا پر عزيز مصر جو اعلان ٻڌي چپ ٿي ويا.

عزيز مصر چيو ته مان هن غلام جي تور جيترو سون ڏيندس، هن جي تور جيتري چاندي به ڏيندس، هن جي تور جيترو زمرد به ڏيندس، هن جي تور جيترو حرير به ڏيندس، هن جي تور جيترو ڪافور به ڏيندس، هن جي تور جيترا هيرا به ڏيندس، هن جي تور جيترو ياقوت به ڏيندس، عنبر به ڏيندس ۽ ريشم پڻ هن جي تور جيترو ڏيندس، مالڪ بن ذعر قبول ڪيو ۽ سودو پڪو ٿيو. ان وقت حضرت يوسف عليه السلام جو وزن 5 مڻ هو. خريد ڪرڻ ڪانپوءِ عزيز مصر جڏهن حضرت يوسف عليه السلام کي ڏٺو ته مالڪ بن ذعر کي چيائين مون جيتري قيمت تي حضرت يوسف عليه السلام کي خريد ڪيو آهي اها هن جي حسن ۽ جمال کان گهٽ آهي ۽ هاڻي آءٌ مصر جي خزانن جا دروازا کولي ڇڏيان ٿو ۽ تون ٻنان تور جي جيڪي وٺڻي سو ڪڻ!!!

مصر جي خزاني جا سڀ دروازا کوليا ويا ۽ مالڪ بن ذعر بنا طور جي خزاني مان سڀ شيون ڪنيون ۽ جڏهن خزانا ڊوئي دنگ ڪيائين ۽ حضرت يوسف عليه السلام کان آخر ۾ موڪلايائين ۽ آخري ديدار ڪيائين ته مالڪ بن ذعر بيهوش ٿي ويو ڇو ته هاڻي حضرت يوسف عليه السلام جو حقيقي جمال ۽ جلوو سامهون اچي ويو هو ۽ جڏهن مالڪ بن ذعر هوش ۾ آيو ته حضرت يوسف کانئس پڇيو ته توکي ڇا ٿيو. هينئر هن جي حالت بدلجي چڪي هئي. روئي رهيو هو افسوس جا هٿ مهٽي رهيو هو ته يوسف عليه السلام کي ڇو وڪيم ۽ حضرت يوسف کي روئندي چيائين ته يوسف اسان ته توکي پنهنجو غلام ڪري سمجهيو ۽ وڪرو ڪيو. توهان کي توهان جن ڀائرن به غلام ڪري صرف 20 درهمن ۾ وڪيو ۽ مون کي ته دنيا جي وڏي طاقت واري ملڪ مصر جو سارو خزانو ملي ويو، پر جڏهن تنهنجو حقيقي حسن ۽ جمال ظاهر ٿيو آهي، ته سمجهان ٿو ته مصر جو سارو خزانو حقير آهي. وڌيڪ چيائين ته: جن جون اکيون روشن آهن، انهن کان پڇو ته قليل ڪير آهي ۽ ڪثير ڪير آهي؟

پوءِ مالڪ بن ذعر، حضرت يوسف کي عرض ڪيو ته سائين حقيقت ۽ راز کولي ٻڌايو. حضرت يوسف عليه السلام ان شرط تي ته ڪنهن کي نه ٻڌائيندين، پوءِ سارو ڀائرن ۽ پيءُ جو احوال ٻڌايو، پوءِ مالڪ بن ذعر زارو قطار روئڻ لڳو ۽ ڪيل گستاخين جي معافي گهرڻ لڳو. هڪ روايت مطابق مالڪ بن ذعر کي حضرت يوسف عليه السلام جي دعا سان 24 پٽ ڄاوا هئا ۽ ساري ملڪيت انهن پٽن ۽ زال جي حوالي ڪري، تجارت ۽ واپار ڇڏي الله جي عبادت ۾ گذاريندي آخر دارالفنا کان دارالبقا ڏانهن روانو ٿيو. واضح رهي ته حضرت يوسف عليه السلام، مالڪ بن ذڪر کان ڀائرن وارو "بيع نامه" واپس ورتو هو.

حضرت يوسف عليه السلام کي خريدڻ جي برڪت: عزيز مصر کي پنهنجن درٻارين چيو ته توهان سڀ ڪجهه لٽائي ڇڏيو، هاڻي حڪومت جو ڪاروهنوار يا چرخو ڪيئن هلندو. عزيز مصر انهن کي چيو ته توهان وڃي ڏسو ته ڪجهه خزانو بچيو آهي يا سڀڪجهه ڪٽي ويا آهن. درٻاري جڏهن ڏسڻ ويا ته خزاني جون صندوقون سون، زمرد، ياقوت، ريشم، مشڪ، عنبر، ڪافور ۽ حرير سان پهريان کان وڌيڪ ڀريون پيون آهن. خزانچين اچي عزيز مصر کي ٻڌايو ته عزيز مصر کي شڪ پيو ته درٻارين مالڪ بن ذعر کان مال واپس ڪسي ورتو آهي، بلڪ هن جو مال به لٽي ڪٽي آيا آهن، پوءِ عزيز مصر پنهنجن درٻارين سان گڏ مالڪ بن ذعر وٽ ويو ۽ ڏٺائين ته ان وٽ سمورو مال موجود هو جيڪو عزيز مصر حضرت يوسف عليه السلام جي قيمت ۾ ڏنو هو. ۽ پوءِ اچي ڏٺائين ته خزانن جون صندوقون پهريان کان به وڌيڪ ڀريون پيون آهن، تڏهن تمام حيرت ۾ پئجي ويو. پوءِ عزيز مصر، حضرت يوسف کان ان راز متعلق پڇيو ته حضرت يوسف عليه السلام فرمايو ته: اهو رب ڪريم جو ڪرم آهي. انهن صندوقن کي الله پاڪ ٿي ڀريو آهي. ڇاڪاڻ ته متان توکي ماڻهو مهڻا ڏين ته تو هڪ غلام خاطر مصر جو خزانو لٽائي ڇڏيو ۽ ٻي ڳالهه ته تنهنجو مون تي احسان نه رهي ۽ تنهنجين نگاهن ۾ منهنجو شان بلند رهي.

پوءِ عزيز مصر پنهنجي زال يعني بيبي زليخا کي چيو ته هن يعني حضرت يوسف عليه السلام جو پورو پورو خيال رکج ۽ هن لاءِ هڪ جداگانه محل اڏائڻ لاءِ پڻ زليخا کي چيائين. ڪن روايتن ۾ اچي ٿو ته بيبي زليخا کي سندس دائيءَ حضرت يوسف عليه السلام لاءِ جدا محل اڏائڻ لاءِ صلاح ڏني هئي. جڏهن ته بيبي زليخا حضرت يوسف عليه السلام کي ڏسڻ سان ئي سڃاڻي ورتو هو ته هيءُ اهو ئي نوجوان آهي، جنهن کي هن خواب ۾ ڏٺو هو. بائيبل ۾ اچي ٿو ته قطفير (يعني عزيز مصر) سڀ ڪجهه حضرت يوسف عليه السلام جي حوالي ڪري ڇڏيو هو.

حضرت بيبي زليخا عاليشان عمارت تيار

ڪرائي عزيز مصر کي گهمايو، عزيز مصر محل جي ڏاڍي تعريف ڪئي ۽ چيائين تہ هن محل جو نالو "بيت السرور" رکو. مؤرخن لکيو آهي، تہ حضرت يوسف عليه السلام کي زليخا جي گهر ۾ 7 سال گذري چڪا هئا ليڪن هيءَ ڪاميابي حاصل نہ ڪري سگهي هئي بالآخر جڏهن زليخا عشق ۾ بيحال ٿي وئي تہ يوسف عليه السلام سان اها ئي ڳالھ ڪئي جيڪا قرآن پاڪ ۾ فرمائي وئي آهي: "تہ جنهن عورت جي گهر ۾ (حضرت يوسف عليه السلام) رهندو هو ان عورت ان کي پنهنجي طرف مائل ڪرڻ چاهيو."

بيبي زليخا جيڪو محل ٺهرايو، ان کي هڪ بعد ٻيو، ويندي ڪل 7 ڪمرا بهترين ٺهيل هئا. بيبي زليخا حضرت يوسف عليه السلام کي گهرايو ۽ ان کي سينگار ڪرڻ لاءِ درٻارين کي حڪم ڪيو ۽ خود بيبي زليخا جيڪا هڪ حسن جي ديوي هئي، ان جي منهن مان نور پيو چمڪندو هو. ان جي باوجود پاڻ بہ سينگار ڪيو، پلا ڪپڙا ۽ گهه پهريا ۽ چمڪندڙ هار ڳچيءَ ۾ پاتو ۽ پوءِ حضرت يوسف کي آندو ويو تہ چڻ هُو چوڏهين جي چنڊ مثل ٿي دروازي تي پهتو جنهن جي حشمت عطارد جهڙي هئي. (عطارد هڪ سيارو آهي جنهن کي دبيرالفلڪ بہ چيو ويندو آهي. هيءُ سيارو ٽئين آسمان تي آهي. سج جي چوگرد ڦرڻ وارن سيارن مان هيءُ سيارو سج کي وڌيڪ ويجهو آهي، ان جو قطر 38000 ميل ۽ سج کان ان جو فاصلو 3 ڪروڙ 60 ميل آهي ۽ سج جي گرد 88 ڏينهن ۾ پنهنجو هڪ چڪر پورو ڪري ٿو.) بيبي زليخا ڪيس بيت السرور جي پهرين ڪمري ۾ وٺي آئي ۽ ان جو تالو بند ڪري، پوءِ ٻئي ڪمري ۾ وٺي آئي، آخر دروازا بند ڪندي آئي ۽ اچي ستين ڪمري ۾ يوسف عليه السلام وٽي پهتي ۽ ان جو بہ دروازو بند ڪيو ۽ پنهنجي خواهش ظاهر ڪئي ۽ يوسف کي چيو تہ منهنجي طرف ڏس تہ منهنجي حسن و جمال جي توکي خبر پئي. ليڪن حضرت يوسف چيو تہ تنهنجي حسن و جمال کي ڏسڻ جو حقدار صرف تنهنجو مڙس آهي ۽ اهوئي ڪافي آهي. بيبي زليخا يوسف کي چيو تہ هي مڪان مون صرف تنهنجي لاءِ ئي بنايو آهي ۽ هن جو نالو بيت السرور رکيو ويو آهي. حضرت يوسف عليه السلام فرمايو خبردار ائين نہ ٿئي جو هيءُ محل جنهن جو نالو تو بيت السرور رکيو آهي ۽ اهو محل "بيت الاحزان والتبور" (ڏکن ۽ هلاڪتن جو گهر) ۽ جهنم بنجي وڃي. ان ڪشمڪش ۾ هئا تہ:

## قرآن پاڪ جي ارشاد مطابق:

"۽ بيشڪ ان عورت ارادو ڪيو ۽ هُو بہ عورت جو ارادو ڪري ها جيڪڏهن پنهنجي رب پاڪ جو دليل نہ ڏسي ها ۽ اسان اهو ئي ڪيو يا ائين ئي ڪيو تہ ان کان برائي ۽ بيحيائي ڦيرائي ڇڏيون، بيشڪ هُو اسان جي چونڊيل ٻانهن مان آهي."

اگر پنهنجي رب جو برهان (دليل) نہ ڏسي وٺي ها. برهان ڇا آهي: (1) اها حجت باهره جا زنا جي قباحت تي دلالت ڪري ٿي.

(2) ڪي مفسر فرمائين ٿا تہ: برهان مان اها مراد مڪتوب آهي جا يوسف عليه السلام جن بيت السرور ۾ لکيل ڏٺو تہ: لاتقربوالزنا- زنا جي قريب نہ وڃو.

(3) ڪي مفسر لکن ٿا تہ ان وقت حضرت يوسف کي هڪ فرشتي چيو تہ: اي يوسف عليه السلام توهان هي خراب ڪردار هرگز ادا نہ ڪجو، انڪري جو توهان جو اسم گرامي تہ انبيائن جي فهرست ۾ لکجي چڪو آهي.

(4) ڪن مفسرن جو چوڻ آهي تہ جڏهن زليخا حضرت يوسف کي برغلائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مٿان ڇت ڦاٽي پئي تہ حضرت يوسف پنهنجي والد حضرت يعقوب عليه السلام کي ڏٺو تہ هُو پنهنجي آڱر پنهنجي منهن (وات) ۾ دٻائي وبٺو آهي، جهڙي طرح اسين پنهنجن ٻارن کي ڪنهن ڳالھ کان روڪيندا آهيون.

حضرت قتاده رضي الله عنہ جن فرمائين ٿا تہ: جڏهن حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجي آڱر

ڏندن تي رکي ۽ اها نظر آئي ته رب ڪريم سيدنا يوسف عليه السلام کي پنهنجي برهان ڏيکاري ۽ پاڻ حضرت يوسف عليه السلام برائي ته نهيو، پر ارادو ڪرڻ به نه فرمايو.

پوءِ حضرت يوسف چيو ته ”يا الله! پڇڻ ڪم منهنجو ڪلف ڪولڻ ڪم تنهنجو.“ پوءِ حضرت يوسف دروازن ڏانهن ڀوڙيو ۽ تالو خود به خود ٽٽندو ويو ۽ دروازو کلندو ويو. تان جو بيبي زليخا، حضرت يوسف عليه السلام کي آخري دروازي تي اچي پهتي ۽ پوئتي هٽائڻ لاءِ ڪيس قميص مان ورتو ته قميص ڦاٽي پئي ۽ دروازي تي عزيز مصر هنن کي ڏٺو. زليخا يڪدم ڀوڙي اچي عزيز مصر کي چيو ته: ”اي عزيز مصر! ڏس جنهن کي تو محبت ۽ چاهت سان پاليو آهي. ان جي جواني تنهنجي عزت جي خلاف ٿي وئي آهي. هي مون کي بي آبرو ڪرڻ چاهي ٿو. اي عزيز مصر! جو شخص تنهنجي گهر واري سان برو ارادو رکي ٿو ته ان کي يا قيد ڪيو وڃي يا دردناڪ عذاب ڏنو وڃي.

حضرت يوسف ان ڳالهه کان انڪار ڪيو آخر ننڍو ٻار جو نهايت معصوم هو ۽ زليخا جي عزيزن جو ٻار هو، ان کي رب ڪريم ڳالهائڻ جي قوت ڏني ۽ ان شاهدي ڏني ته جي پٺيان قميص ڦاٽل آهي ته زليخا جو ڏوهه آهي جي اڳيان ڦاٽل آهي ته يوسف جو ڏوهه آهي. ٻار جيڪو زليخا جي گهر وارن مان هو ۽ ان جي عمر چار مهينا هئي. ٻار زليخا جو ماروٽ هو. حضرت يوسف بلڪل مطمئن رهيو. ان ننڍي ٻار اٿي بيهي عزيز مصر جي سامهون شاهدي ڏني ته:

(1) هر دروازي وٽ ڪلف ٽٽل ڪريو پيو هو.

(2) ڪنجيون زليخا جي ڪيسي مان نڪتيون.

(3) ڪمرا هڪٻئي پٺيان زليخا ٺهرايا هئا. حضرت يوسف نه ٺهرايا هئا.

(4) گهر جي ٻلتين کي اڳ ئي خبر هئي ته زليخا حضرت يوسف سان محبت ڪري ٿي.

(5) زليخا جو منهن زرد، لٿل ۽ گهٻرايل هو جڏهن ته يوسف عليه السلام مطمئن نظر پئي آيو.

(6) زليخا پٺيان ڀوڙندي جو آئي، جو ته يوسف اڳيان ڀوڙندو ويو ٿي ۽ پٺيان زليخا ڀوڙندي نه بلڪ وڙهندي اچي ها ته يوسف مطمئن نه هجي ها.

(7) ڪنهن حرڪت لاءِ خريد ڪيل غلام ستن دروازن جا دروازا بند ڪري نه ٿو سگهي.

(8) زليخا صفائي پيش ڪرڻ جي بجاءِ يوسف کي ڌمڪي ڏيڻ لڳي ۽ ڪيس، عزيز مصر کان سزا ڏيارڻ لاءِ چيو. ۽ يوسف گناه کان انڪار ڪيو.

(9) زليخا سينگاريل هئي ليڪن يوسف سادو هو.

بيبي زليخا جو اهو ٻهريون قُصور هو، نه ته ايتري عمر نامرد سان گڏ نهايت پاڪدامني ۽ صفائيءَ سان گذاري انڪري ئي مائهن (مردن خواه عورتن) تعجُب ڪاڏو ۽ عزيز مصر جو به زليخا تي مڪمل اعتماد هو، انڪري ئي يوسف جهڙي نوجوان حسين کي پنهنجي گهر ۾ رهايو، نه ته ائين هرگز نه ڪري ها! پر زليخا جي پاڪدامني ايتري ته مشهور هئي جو ان جي خلاف اها ڳالهه ٻڌي عورتون به حيرت ۾ پئجي ويون. مولانا محمد ادريس ڏاهري صاحب لکي ٿو ته جيڪڏهن ڪن عالمن بيبي زليخا جي خلاف لکيو آهي يا جملا استعمال ڪيا آهن، ته اها سندن سمجهه جي ڪوتاهي آهي.

هي، ڳالهه خاص ڪري امير گهراڻن جي عورتن کي ڏاڍي ڏکي لڳي ڇاڪاڻ ته ان وقت امير گهراڻن جي غلامن ۽ نوڪرن کي حويليءَ ۾ اچڻ جي اجازت هوندي هئي، انڪري سڀئي عورتون ان ڳالهه کان خائف رهيون ۽ بيبي زليخا ڏي طعنا ڏياري موڪليائون. جڏهن زليخا اها حالت ڏٺي ته هن انهن جي زبان کي روڪڻ لاءِ هڪ تدبير سوچي ۽ شاهي گهراڻي جي هڪ روايت مطابق چاليهن عورتن کي دعوت طعام ڏياري موڪلي ۽ جڏهن اهي زليخا جي گهر ۾ پهتيون انهن جي ويهڻ جي جاءِ نهايت سينگاريل هئي ۽ انهن لاءِ زليخا اهڙا ته لذيذ کاڌا تيار ڪرايا جو انهن نه ڪڏهن ڏٺا ۽ نه ڪڏهن ٻڌا هئا. هرطرف کان نوڪريائيون ڦري

رهيون هيون ۽ خدمت چاڪري ڪري رهيون هيون، مصر جون حسين و جميل 40 عورتون حلقو ٻڌي مَسند تي ويٺيون هيون، جڏهن انهن جي آڏو ڪاتو رکيو ويو ۽ ان ڪاتي سان گڏ ميوا به رکيل هئا ۽ هر هڪ جي هٿ ۾ ڇري به ڏني وئي هئي.

زليخا حضرت يوسف عليه السلام کي عجز ۽ نياز سان عرض ڪيو ته اي منهنجي اکين جا نور تنهنجي تمنا ۽ عشق منهنجي دل ۾ گهر ڪري ويو آهي. ماڻهن ۾ تنهنجي محبت جي ڪري خوار ٿي رهي آهيان، مون کي طعنا ملي رهيا آهن، مان تسليم ٿي ڪيان ته مان تنهنجين نظرن ۾ خوار بلڪ بي اعتبار آهيان ليڪن هن خواري ۽ بي اعتباريءَ سان مون کي مصري عورتن جي سامهون وڌيڪ رسوا ۽ شرمسار نه ڪيو. زليخا جي عجز ۽ نياز وارين ڳالهين جي سبب يوسف عليه السلام جي دل ذرا نرم ٿي ۽ زليخا حضرت يوسف کي بهترين پوشاڪ پهرائي. سندس چيلهه جيڪا نهايت سنهي هئي ان تي سونو ڪمربند ٻڌو. مٿي مبارڪ تي هيرن جواهرن ۽ موتين سان جڙيل تاج رکيو، جنهن مان دل کي خوش ڪندڙ هزارين ترورا ۽ چمڪاٽ نظر اچي رهيا هئا ۽ جوتي تي لعل ۽ موتي لڳل هئا، پوءِ زليخا، يوسف عليه السلام کي عرض ڪيو ته انهن سڀني جي سامهون نڪري اچ، پوءِ زليخا عورتن کي چيو ته ميوا ڪٽي کائو. ايتري ۾ يوسف عليه السلام جن ٻاهر نڪتا ته عورتن پنهنجا هٿ وڍي ڇڏيا.

منبه پنهنجي پيءُ کان روايت آندي آهي ته جن عورتن هٿ وڍيا هئا، انهن مان 19 مري ويون. باقي جيڪي 21 بچيون، اهي يوسف عليه السلام جي پويان لڳيون ۽ کين عرض ڪيائون ته اسين به مصر جون حسينائون آهيون. تون زليخا کي پنهنجو ڪر يا اسان مان جيڪا توکي پسند اچي، ان سان پيار ڪر!

ليڪن يوسف عليه السلام ڪنهن ڏانهن به اک کڻي نه ڏٺو، پوءِ انهن عورتن هار کائڻ بعد زليخا سان گڏجي فيصلو ڪيو ته عزيز مصر کي چيئون ته يوسف جيل جو حقدار آهي ۽ کيس جيل موڪليو وڃي، آخر عزيز مصر پنهنجي ناموس بچائڻ لاءِ يوسف عليه السلام کي جيل موڪليو ۽ ان سان گڏ ٻن ٻين شخصن جن تي اهو الزام لڳايو ويو ته هنن ڪاڌي ۾ زهر ملائي عزيز مصر ۽ بادشاهه کي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو، انهن مان هڪ انگورن مان رس ڪڍندو هو ۽ ٻيو بورچيخانو سنڀاليندو هو. حضرت يوسف کي جيل واري ڳالهه پسند آئي ڇاڪاڻ ته جڏهن مصر جي حسينائن خلوت ۾ هر هڪ يوسف عليه السلام کي برائيءَ جي دعوت ڏني ته يوسف عليه السلام دعا گهري هئي ته:

"اي پروردگار جنهن ڪم جي لاءِ هيءَ عورتون مون کي دعوت ڏين ٿيون، ان جي مقابلي ۾ مون کي قيد وڌيڪ پسند آهي. اگر تون مون کان انهن جي فريب کي نه هٽائيندين ته مان انهن جي فريب ۾ اچي ويندس ۽ نادانن ۾ داخل ٿي پوندس. جيتوڻيڪ عزيز مصر کي به خبر هئي ته حضرت يوسف عليه السلام جو ڪردار بي داغ آهي، تنهن هوندي به ان خواريءَ کان بچڻ جي لاءِ ۽ عورت جي خواهش تي حضرت يوسف کي جيل موڪلڻ جو حڪم صادر ڪيو هو."

نقل آهي ته عزيز مصر جا ٽي قيد خانا (جيل) هئا:

(1) سجن العذاب هڪ تهه خانو هو، جنهن ۾ نانگ ۽ وڇون هوندا هئا ۽ رات ڏينهن اونداهه هئي.

(2) سجن القتل- اهو به زمين جي اندر 40 گز هو. بادشاهه جنهن تي سخت ناراض ٿيندو هو ته ان کي ان جيل ۾ وڌو ويندو هو جو تهه تائين پهچڻ کان اڳ مري ويندو هو.

(3) سجن العافيت: اهو محل جي بلڪل ويجهو هو ۽ جنهن ۾ پنهنجي خاص ماڻهوءَ تي ناراضگيءَ جي صورت ۾ ان کي ان جيل ۾ وڌو ويندو، هيءُ جيل زمين تي چند جاين تي مشتمل هو.

حضرت يوسف عليه السلام کي سجن العافية ۾ وڌو ويو هو. ليڪن جيل موڪلڻ کان اڳ ۾ زليخا جيل خانه جي عملدار کي نئون جدا مڪان تيار

چيو تہ پنهنجي آقا وٽ واپس وڃ ۽ ان کان پڇو تہ انهن عورتن جو ڇا حال آهي، جن پنهنجا هٿ وڍي ڇڏيا هئا. بيشڪ منهنجو پروردگار انهن جي مڪرن ۽ فريبن کان خوب واقف آهي.“

بادشاهہ قاصد جي احوال تي انهن عورتن ۽ بيبي زليخا کي دربار ۾ گهرايو ۽ کانئن پڇيائين: اوهان جڏهن يوسف کان نفساني خواهش طلب ڪئي تہ ان وقت اوهان جو معاملو ڪيئن هو؟ عورتن چيو تہ الله لاءِ پاڪائي آهي تہ اسان کي ان لاءِ برائيءَ جو علم نہ آهي ۽ نہ برائي محسوس ٿي. پوءِ زليخا بہ چيو تہ:

ترجمو: عزيز جي زال چيو تہ هينئر حق ظاهر ٿيو آهي، مون ان کان نفساني خواهش طلب ڪئي هئي ۽ يقينن اهو سچن مان آهي. ۽ چيائين تہ منهنجي غلطي آهي، مان غلطيءَ جو اقرار ڪريان ٿي. يوسف پاڪ، صاف ۽ سچن پاڻهن مان آهي، ان جو ڪوبہ قصور نہ آهي.

عورتن ۽ بيبي زليخا جي اقرار بعد بادشاهہ حضرت يوسف عليه السلام کي گهرايو. بادشاهہ جو نالو ريان بن وليد هو. يوسف عليه السلام جيل مان نڪرڻ وقت سڀني جيل وارن لاءِ هيءَ دعا گهري.

ترجمو: يا الله انهن مان سٺن پاڻهن جون دليون نرم فرماءِ

جيل جي دروازي تي لکيائين:

ترجمو: هي آزمائش جون منزلون ۽ جيئرن جون قبرون، دشمنن جون خواريون ۽ دوستن کي آزمائڻ جا ذريعا آهن. حضرت يوسف عليه السلام، بادشاه جي دربار تي اچي فرمايايو:

ترجمو: ”يعني مون لاءِ منهنجو رب مخلوق جي شر کان ڪافي آهي، ان جي پناهہ غالب ۽ ثنا وڏي آهي. ان ڪانسواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق نہ آهي.“

حضرت يوسف عليه السلام عربيءَ ۾ سلام ۽ عبرانيءَ ۾ دعا گهري تہ بادشاهہ حضرت يوسف عليه السلام کي چيو تہ هي ڪهڙيون ٻوليون آهن؟ حضرت يوسف عليه السلام جواب ڏنو تہ هيءُ عربي ۽ عبراني ٻوليون آهن. پوءِ بادشاهہ حضرت يوسف عليه السلام کان روبرو خواب جو تعبير ٻڌو تہ حيرت ۾ پئجي ويو. ۽ پوءِ بادشاهہ جيڪو 70 ٻوليون ڄاڻندو هو، تنهن حضرت يوسف عليه السلام کان انهن 70 ٻولين ۾ سوال پڇيا ۽ جنهن ٻوليءَ ۾ بادشاهہ سوال ڪيو ٿي تہ حضرت يوسف عليه السلام ان ئي ٻوليءَ ۾ ڪيس جواب ڏنو ٿي. واضح رهي تہ حضرت يوسف عليه السلام 900 ٻوليون زمين وارن انسانن جون ڄاڻندو هو، 900 ٻوليون آسمانن وارن جون ڄاڻندو هو. 900 ٻولين پکين جون ۽ 900 ٻولين ڪيڙن ۽ جيتن جون ڄاڻندو هو.

حضرت مجاهد فرمايو آهي تہ بادشاهہ حضرت يوسف عليه السلام وٽ دين حق کي قبول ڪري مسلمان ٿيو ۽ ان سان گڏ بيشمار ٻين ماڻهن بہ دين حق قبول ڪيو ان لاءِ جو حضرت يوسف عليه السلام انهن ماڻهن ڏانهن نبي ڪري موڪليو ويو هو.

مصر جي بادشاهہ حضرت يوسف عليه السلام کي چيو تہ اي سچا بزرگ توهان اڄ کان پوءِ اسان وٽ وڏي مرتبي ۽ وڏي عزت ۽ وڏي مانَ وارا ٿي رهندا ۽ اسان توهان کي هر معاملي ۾ امين مقرر ڪري ڇڏيون ٿا، تہ حضرت يوسف عليه السلام فرمايو تہ مون کي پنهنجي ملڪي خزاني تي مقرر ڪيو (يعني وزير خزانہ بڻايو) بيشڪ مان ان خزاني جي حفاظت ڪرڻ ۽ ملڪي معاملات کان پوريءَ طرح واقف آهيان. بادشاهہ حضرت يوسف عليه السلام کي خزانن جو مالڪ بڻائي ڇڏيو. ان سال ئي قطفير، عزيز مصر وفات ڪئي.

هڪ طرف حضرت يوسف عليه السلام خزانن جو مالڪ بڻجي ويو ۽ هن زراعت تي وڏو ڌيان ڏنو ۽ آبادگارن کي گهڻو ڪجهہ نوازيو تہ هو زراعت جو ڪم زور ۽ ڌيان سان ڪن. تہ ٻئي طرف بيبي زليخا عزيز مصر جي وفات بعد محل ڇڏي هڪ هنڌ وڃي اڪيلائپ ۾ جهوپڙي اڏي حضرت يوسف عليه السلام جي ياد ۾ (يعني اصلي عزيز مصر جي

ياد ۾) وڃي رهي ۽ پنهنجي ملڪيت، هيرا، ياقوت وغيره يوسف جي نالي تي ضرورتمندن ۾ ورهايا. ۽ پنهنجو سڀ ڪجهه لٽائي ڇڏيائين.

جڏهن زليخا تنگ ٿي پئي ته پنهنجي "بُتَ" جنهن جي هوءَ عبادت ڪندي هئي، ان کي چيائين ته توکي مون تي رحم نه آيو ۽ منهنجي ڪهڙي حالت ٿي وئي آهي تو منهنجي ڪا به مدد نه ڪئي. هاڻي مان توکان بيزار آهيان، ائين چئي "بُتَ" کي اڇلائي ڇڏيائين.

حضرت يوسف عليه السلام جو ڪلمون پڙهيائين ۽ چيائين ته مان ان خداوند ڪريم تي ايمان آڻيان ٿي جو حضرت يوسف جو رب آهي ۽ ان بعد صبح شام الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول رهي. ان بعد حضرت يوسف عليه السلام حسب دستور گهوڙي تي سوار ٿي اچي رهيو هو ته زليخا هيءُ لفظ چيا:

ترجمو: "يعني پاڪ آهي اها ذات، جنهن بادشاهن کي گناهن جي شامت جي ڪري غلا ۽ غلامن کي عبادت ۽ اطاعت جي برڪت سان بادشاهه بنائي ڇڏيو." الله تعاليٰ هَوا کي حڪم ڪيو ته زليخا جا اهي لفظ يوسف جي ڪنن ۾ پهچاءِ ۽ حضرت يوسف عليه السلام جي ڪنن ۾ بيبي زليخا جا مٺيان لفظ پهتا. جن مٿس اهڙو اثر ڪيو جو سندس اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا ۽ زليخا جا لفظ ٻڌي هڪ غلام کي حڪم ڪيائين ته پوڙهيءَ جو مقصد پورو ڪر. غلام زليخا وٽ پهچي ڪيس چيو ته توهان جي ڪهڙي حاجت آهي؟ ته زليخا فرمايو ته منهنجو ڪم يا حاجت صرف يوسف عليه السلام ۾ آهي ۽ پوڙهي (زليخا) کي غلام قصرِ شاهي ۾ پهچايو. حضرت يوسف عليه السلام جڏهن (ٻاهران) گهر موٽي آيو ته بادشاهي ڪپڙا لاهي دُرويشانه ڪپڙا پهري عبادت الهيٰءَ ۾ مشغول ٿي ويو، ته اتي هن کي پوڙهي ياد آئي ۽ غلام کي گهرائي کانئس پڇيائين ته پوڙهيءَ جي حاجت پوري ڪئي؟ غلام وراڻيو ته پوڙهي چئي پئي ته منهنجو ڪم صرف يوسف پورو ڪري سگهي ٿو. انڪري مان ان پوڙهيءَ کي توهان جي محل شاهيءَ ۾ اچي وهاريو آهي. پوءِ يوسف عليه السلام غلام کي فرمايو ته پوڙهيءَ کي وٺي اچ. پوڙهي حاضر ٿي چيو ته اسلام عليڪم! يوسف عليه السلام جيڪو ڪنڌ جهڪائي ويٺو هو تنهن تي رقت طاري ٿي وئي ۽ وعليڪم السلام چئي فرمايائين اي پوڙهي مون کي اُهي ئي لفظ ورائي ٻڌاءِ جيڪي هَوا جي ذريعي منهنجن ڪنن تائين پهتا هئا. بيبي زليخا چيو ته مون عرض ڪيو هو ته:

ترجمو: حضرت يوسف عليه السلام فرمايو: سَچ ٿي سچ آهي ليڪن هاڻي ٻڌاءِ تنهنجو ڪهڙو ڪم آهي؟ زليخا عرض ڪيو ته حضرت توهان جلدي مون کي وساري ڇڏيو؟ ته يوسف عليه السلام فرمايو ته توهان ڪير آهيو. مان توهان کي نه سڃاڻو! زليخا چيو ته مان اهو انسان آهيان جو جڏهن مون توکي ڏٺو ته سڀڪجهه وساري صرف توکي ئي چونڊيم ۽ توهان لاءِ ساري جواني ۽ خزانا ختم ڪري ڇڏيم. مان اها ئي زليخا آهيان، تنهنجي جدائيءَ جي ڪري مون لاءِ دنيا مصيبت جو گهر بنجي وئي آهي.

زليخا جو حال ٻڌي حضرت يوسف روئي ڏنو ۽ ڪيس چيائين ته زليخا تنهنجو حسن وڪمال ۽ شاهي حشمت ڪيڏانهن وئي. زليخا چيو ته مون کان ان ذات سڀ ڪجهه کسي ورتو، جنهن توکي قيدخاني مان ڪڍي هن وڏي بادشاهيءَ جو مالڪ بنائي ڇڏيو آهي.

حضرت يوسف عليه السلام چيو ته زليخا ڇا ضرورت آهي. زليخا عرض ڪيو ته ضرورت پوري ڪندين؟ حضرت يوسف چيو ته انشاءَ الله تعاليٰ پوري ڪندس! زليخا عرض ڪيو ته منهنجون ٽي ضرورتون آهن.

(1) الله تعاليٰ کان دعا گهرو ته منهنجون اکيون واپس اچن يعني نظر واپس اچي.

(2) منهنجو اڳوڻو حسن و جمال واپس اچي

(3) مون کي وري جواني اچي.

حضرت يوسف عليه السلام دعا گهري ته

زليخا جون اکيون روشن ٿي ويون، حسن ۽ جمال بہ واپس اچي ويس ۽ نوجوان ٿي پئي. پوءِ زليخا وري عرض ڪيس تہ توهان هاڻي مون سان نڪاح ڪيو. ان تي حضرت يوسف عليه السلام خاموش ٿي پنهنجو مٿو مبارڪ جُهڪائي ويٺو تہ جبرئيل عليه السلام نازل ٿيو ۽ حضرت يوسف عليه السلام کي فرمايائين تہ الله تعاليٰ توهان لاءِ سلام ڏنا آهن ۽ فرمايو آهي تہ زليخا جي اها آرزو (نڪاح ڪرڻ واري) بہ پوري ڪر. اڄ تائين زليخا توکي تدبير ۽ حيلي سان حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن محروم رهي ۽ هاڻي هيءَ مون (الله) کان گهري ٿي ۽ تنهنجي ٿي ڪري تنهنجي الله تي ايمان آندائين، انڪري ان جي اُميد پوري ڪر. حضرت يوسف عليه السلام اهو رباني حڪم ٻڌي بادشاهه سان ڳالهه ڪئي ۽ بادشاهه مصر جي سمورن اميرن کي دعوت ڏئي وليمو ڪيو. جنهن ۾ ملائڪ بہ شريڪ ٿيا ۽ ملائڪ گهوٽ- ڪنوار لاءِ بهشتي وڳا کڻي آيا ۽ عرض ڪيائون تہ الله تعاليٰ هي ڪپڙن جا جوڙا موڪليا آهن ۽ شادي مبارڪ بہ ڏني آهي ۽ اهڙي طرح الله جي حڪم سان حضرت يوسف عليه السلام جو بيبي زليخا سان نڪاح ٿي ويو.

حضرت يوسف عليه السلام جي تاجپوشي:

حضرت ابن عباس رضي الله عنه جن کان روايت آهي تہ جڏهن سال کان هڪ ڏينهن وڌيڪ ٿيو تہ بادشاهه "جشن شاهانہ" ملهايو ۽ ان ۾ حضرت يوسف عليه السلام کي گهرائي هڪ سوني تخت تي وهاريو جنهن تي موتين ۽ ياقوتن جو جڙاءُ هو. ان سوني تخت جي ڊيگهہ 30 هٿ ۽ ويڪر 10 هٿ هئي ان تي ٽيهہ بهترين قالين وڇايل هيون ۽ انهن جي مٿان 7 سنهيون چادرون وڇايل هيون ۽ پاسن کان ريشم لڳل هئس. حضرت يوسف عليه السلام جو رنگ برف وانگر ۽ چهرو مبارڪ چوڏهين جي چنڊ وانگر چمڪندڙ هو. تخت تي ويهڻ کانپوءِ يوسف عليه السلام کي تاج پهرايو ويو. ۽ سندس ڪلهن تي بادشاهه پنهنجي تلوار رکي ۽ نيازمندي ۽ عقيدت سان ڪيس تمام بادشاهي ڪنجيون سندس حوالي ڪيون. ان وقت مصر جي گاديءَ جو هنڌ ممفس (منف) هو، جنهن جا آثار اڄ بہ قاهره جي ڏکڻ ۾ 14 ميلن جي مفاصلي تي ملن ٿا. (تفسيرالقرآن (جلد ٻيون)، صفحو 424- ابوالاعليٰ مودودي)

جڏهن حضرت يوسف عليه السلام مصر ۾ آيو هو تہ ان وقت راڄڌاني جو هنڌ "عميسس" هو جو تهذيب وتمدن جو وڏو مرڪز هو. اهو شهر ان هنڌ ئي هو جتي هن وقت "صان" جو شهر آهي. ان هنڌ عميسس جو محل وقوع اڀرندي طرف نيل نديءَ جي ڀرسان هو. (قصص القرآن- ص 288)

تاجپوشي بعد حضرت يوسف عليه السلام 7 سالن ۾ ملڪي معيشت کي ترقي وٺرائڻ تي زور ڏنو، خاص ڪري اناج وارن فصلن تي زور ڏنو. ۽ هارين کي وڌ ۾ وڌ سهولتون ڏنيون ۽ هر سال پيدائش مان گهربل اناج کان ٻچندڙ اناج جي حفاظت لاءِ اناج کي انهن ئي سنگن ۾ رکڻ جو حڪم جاري ٿيندو رهيو ۽ ان اناج لاءِ حضرت يوسف عليه السلام نوان- پراڻا گدام پرائي ڇڏيا. ۽ ملڪ خوشحال ٿي ويو. خير خوشيءَ سان 7 سال سڪار وارا ختم ٿي ويا ۽ هاڻي وري 7 سال ڏڪار وارا آيا جن ۾ برسات بند ٿي وئي ۽ سرسبز علائقن مان ڌوڙ اڏامڻ لڳي، زرخيز زمينون بنجر بڻجي ويون. حضرت يوسف عليه السلام جي تدبير سان جيڪو اناج گودامن ۾ سنگن ۾ ئي محفوظ رکيو ويو هو، اهو راشن بنديءَ تي هلايو ويو ۽ ملڪي ضرورت پوري ڪرڻ سميت ٻاهرين ملڪن جي ضرورتن کي پڻ مناسب قيمت تي ڏنو ويو. انهن ملڪن ۾ ڪنعان جو علائقو پڻ ڏڪار جي پيٽ ۾ اچي ويو هو. ڪنعان مان حضرت يوسف عليه السلام جا ڀائر پڻ اناج خريد ڪرڻ لاءِ مصر پهتا. انهن حضرت يوسف عليه السلام کي ڪو نہ سڃاتو. ڇاڪاڻ تہ هنن جي گمان ۾ بہ اها ڳالهہ ڪا نہ هئي تہ يوسف عليه السلام سون چٽيل ڪرسيءَ تي ويٺل هوندو، حضرت يوسف جي ڀائرن کي عمده جاءِ تي وهاريو ويو. دستر خوان تي قسمين قسمين کاڌا رکرائي انهن کي ڪارايا ويا. حضرت يوسف

راشن جو انتظام ۽ نظرداري پنهنجي هٿ هيٺ رکي هئي. جيئن ته حضرت يوسف جا ڀائر ڏهه هئا انڪري هنن کي ڏهه اُٺ اناج جا ڏنائين، جڏهن ته ڀائرن يارهين ڀاءُ لاءِ به اناج گهريو جنهن لاءِ يارهون اُٺ به ڪاهي آيا هئا، پوءِ حضرت يوسف ته حال احوال مان سڀڪجهه سمجهي ويا هئا. ليڪن هنن کي چيائين ته هن وقت مان اوهان کي يارهين ڀاءُ جو حصو ڏيان ٿو ليڪن آئنده ان ڀاءُ کي به وٺي اچجو، نه ته وري اوهان کي اناج نه ڏنو ويندو. ۽ حضرت يوسف پنهنجن درٻارين کي چيو ته هنن ڪنعانين جي رهواسين اناج جو جيڪو معاوضو ڏنو آهي، اهو به انهن جي اناج ۾ وجهي ڇڏيو ۽ درٻارين ائين ئي ڪيو. جڏهن حضرت يوسف جا ڀائر پنهنجي ڳوٺ پهتا ۽ اُٺن تان سامان لاٿائون ته ڏٺائون ته هنن جيڪو اناج جو معاوضو ڏنو هو، اهو به اناج مان نڪتو. پوءِ جڏهن وري ٻيو ڀيرو اناج وٺڻ لاءِ يوسف جي ڀائرن تياري ڪئي ته هنن حضرت يعقوب عليه السلام کي عرض ڪيو ته ابا جان! بنيامين کي اجازت ڏيو ته وڌيڪ اناج ملندو حضرت يعقوب عليه السلام ڀريان انڪار ڪيو ليڪن گهڻين منٿن ميڙن بعد حضرت يعقوب عليه السلام بنيامين کي مصر ولايت وڃڻ جي اجازت ڏني ۽ يارنهن ڀائر ئي اچي مصر پهتا ته حضرت يوسف عليه السلام کين عزت ڏني ۽ طعام ڪارائڻ وقت ٻه ٻه ڪري وهارڻ جو حڪم ڪيائين جڏهن ٻيا سڀئي ٻه ٻه ٿي ويٺا ته بنيامين اڪيلو ٿي ويٺو ۽ روئي رهيو هو ته ڪاش منهنجو ڀاءُ يوسف زنده هجي ها ته مان به ان سان گڏ وهان هان ۽ گڏجي ڪاڌو کائون هان پوءِ حضرت يوسف بنيامين کي پاڻ سان وهاريو ۽ پاڻ سان گڏ کاڌو کارايو ۽ پوءِ حڪم ڪيائين ته ٻه ٻه هڪ هڪ ڪمري ۾ سمهن (آرام ڪن) ۽ بنيامين اڪيلو آهي، انڪري ان کي منهنجي حوالي ڪيو. پوءِ بنيامين حضرت يوسف عليه السلام سان گڏ رهيو ۽ ڪيس ٻڌايائين ته مان تنهنجو ڀاءُ يوسف آهيان ۽ سڄو احوال ڀائرن جو ڪيس ٻڌايائين ۽ صبر جي تلقين ڪيائين. ۽ ڪانئس والد صاحب ۽ گهرو حالات جي سڄي خبر ورتائين. ان بعد حضرت يوسف بنيامين کي چيو ته واپس ڀائرن ڏي هليو وڃ. بنيامين انڪار ڪيو، پوءِ صلاح مشوره بعد بنيامين ڀائرن ڏي ويو ۽ جڏهن حضرت يوسف جا ڀائر ڪنعان واپس ٿي رهيا هئا ته بنيامين جي سامان ۾ شاهي پيالو حضرت يوسف رکرائي ڇڏيو. جڏهن قافلو ڪجهه اڳتي نڪتو ته پوئتي اهلڪارن ڏنو ته بادشاهه وارو پيالو گهر نه آهي ۽ اهلڪار هن قافلي پويان لڳا ۽ اچي ان کي پهتا ۽ جاچ ڪيائون ته بنيامين جي سامان مان پيالو نڪتو ۽ بنيامين کي حضرت يوسف جي دربار ۾ وٺي آيا، اتي ڀائرن چيو ته هيءُ اسان جو سڳو ڀاءُ نه آهي ۽ هن جو هڪ سڳو ڀاءُ هو، ان به چوري ڪئي هئي جو هُو پنهنجي ڦڦيءَ وٽ رهندو هو، ڪيس ان نپايو هو. ۽ جڏهن حضرت يعقوب پنهنجي ڀيڻ کان ان يوسف جي وڏي ٿيڻ تي ڪانئس گهر ڪئي ته هاڻي مون کي منهنجو پٽ واپس ڪر ته يوسف جي ڦڦيءَ انڪار ڪيو، پر مجبورن هن کي پيءُ ڏانهن روانو ڪيائين ليڪن محبت جي ڪري هن جي چيلهه ۾ حضرت اسحاق عليه السلام جو هڪ قيمتي پٽڪو ٻڌي ڇڏيائين ته چوريءَ جي الزام ۾ يوسف واپس ٿئي ۽ يوسف جي جوان ٿيڻ بعد سندس ڦڦيءَ پٽڪي جي گم ٿيڻ جو سڀني سان ذڪر ڪيو ۽ اهو پٽڪو حضرت يوسف جي چيلهه ۾ ٻڌل نظر آيو ۽ حضرت يعقوب شريعت مطابق حضرت يوسف کي سندس ڦڦيءَ جي حوالي ڪيو ۽ سندس ڦڦي يوسف کي پاڻ وٽ مملوڪ بنائي رهائي ڇڏيو.

اها ڳالهه يوسف جي ڀائرن کي ذهن ۾ هئي انڪري هنن چيو ته بنيامين جو ڀاءُ به چوري ڪئي هئي (معاذ الله) پوءِ ڀائرن حضرت يوسف کي عرض ڪيو ته بنيامين جو والد وڏي عمر جو آهي جيڪو هن جي جدائي برداشت ڪري نه سگهندو، انڪري مهرباني ڪري اسان مان ڪو ان جي بدلي پاڻ وٽ وهاريو، پر حضرت يوسف اها قانون جي انحرافي سمجهي، انڪري ائين ڪرڻ کان جواب ڏنائين. پوءِ ٻين ڀائرن کي وڏي ڀاءُ چيو ته اوهان وڃو ۽ مان

هتي رهان ٿو، پوءِ ٻيا پٽر قافلي سان گڏ ڪنعان پهتا ۽ ساري حقيقت پنهنجي پيءُ کي ٻڌايائون ۽ ثابتيءَ لاءِ عرض ڪيائون ته ڀلي توهان ان ڳوٺ وارن کان پڇو جتي اسان کان جهڙتي ورتي وئي هئي. يا قافلي وارن کان پڇو جيڪو حضرت يعقوب عليه السلام جا پاڙيسري هئا. ڪجهه ڳالهه ٻولهه بعد حضرت يعقوب عليه السلام پٽن کي چيو ته توهان پنهنجي ڀاءُ جنهن کي مصر ۾ ڇڏي آيا آهيو ان کي ڳولي لهو ۽ اتي حضرت يوسف عليه السلام کي به ڳولي لهجو ۽ هڪ خط عزيز مصر ڏانهن به لکي ڏنائين، ته هيءُ خط منهنجو کڻي وڃو ۽ عزيز مصر کي ڏجو.

## حضرت يعقوب عليه السلام جو خط بنام عزيز مصر:

”هيءُ يعقوب اسرائيل بن اسحاق بن ابراهيم خليل کان عزيز مصر جي طرف خط آهي. اما بعد ياد رکو ته اسان جي گهراڻي تي الله تعاليٰ جي طرف کان آزمائش ٿيندي رهي آهي. مثال طور: اسان جي ڏاڏي ابراهيم عليه السلام کي باهه جي آڙاهه ذريعي آزمايو ويو ته ان صبر ڪيو. منهنجي چاچي حضرت اسماعيل عليه السلام کي ذبح ڪرڻ سان آزمايو ويو ته ان صبر ڪيو، ۽ مون يعقوب کي منهنجي پٽ يوسف جي گمشدگي ۽ جدائيءَ سان آزمايو ويو جو فراق ۾ پنهنجين اکين جو نور به وڃائي ويٺس ۽ جسم ڪمزور ٿي ويو ليڪن صبر ڪيم. هاڻي وري توهان منهنجو فرزند بنيامين روڪي ڇڏيو آهي ۽ توهان جي خيال ۾ اهو چور آهي ليڪن اسان جو گهراڻو چوري ڪرڻ کان پاڪ آهي. بهتر آهي ته توهان منهنجو فرزند واپس موڪليو جي نه ته مان اهڙي دعا گهرندس جو توهان جي ستن پيڙهين تائين اثر ڪندي“

حضرت يعقوب عليه السلام مٿيون خط ۽ ڪجهه مُوڙي پٽن کي ڏئي کين عزيز مصر ڏانهن روانو ڪيو. ۽ هو مصر ۾ اچي پهريائين پنهنجي ان ڀاءُ يهودا سان مليا جيڪو پاڻهي رهي پيو هو ۽ پوءِ گڏجي وڃي عزيز مصر سان مليا ۽ والد صاحب جو خط کين ڏنو ۽ پنهنجن مشڪلاتن جو ذڪر ڪيو ته اي عزيز مصر هن دفعي اسان وٽ نهايت ٿي ٿوري پونجي آهي، اسين توهان جي پوري قيمت ادا ڪري نه ٿا سگهون. اسان تي ڪرم نوازي ڪري اناج عنايت ڪرڻ فرمايو، الله تعاليٰ توهان کي اجر ۽ ثواب عطا ڪرڻ فرمائيندو.

حضرت يوسف جو خط- بنام حضرت يعقوب:

مصر جي بادشاهه کان يعقوب اسرائيل (بنده خدا) جي طرف هي خط آهي. اما بعد يا شيخ! توهان جو خط مون کي مليو. مون ان کي پڙهيو ۽ ڄاڻ معلوم ٿي توهان ان ۾ پنهنجن ابن ڏاڏن صالحن جو ذڪر ڪرڻ فرمايو آهي ۽ انهن صبر ڪيو آهي ۽ ڪامياب ٿيا آهن. توهان کي عرض ٿو ڪيان ته توهان به صبر ڪرڻ فرمايو“ فقط والسلام.

هيءُ خط جڏهن حضرت يعقوب عليه السلام کي پهتو ته حضرت يعقوب عليه السلام خط ڏسي سڃاتو ته هي خط حضرت يوسف عليه السلام جو لکيل آهي.

”هيءُ خط حضرت يوسف عليه السلام جو ڪنهن وقت حضرت يعقوب عليه السلام وٽ پهتو هو ۽ ڪنهن پهچايو هو، ان جو تفصيل مختلف ڪتابن ۽ تفسير پڙهڻ بعد به مون کي معلوم ٿي نه سگهيو، باقي هنن ٻنهي خطن جو ذڪر مون کي مليو جيڪو هن بيان ۾ مون (راقم الحروف) ڄاڻ خاطر لکي ڇڏيا آهن.“

حضرت يعقوب عليه السلام جن جي طرفان ٿوري پونجي ڏئي پٽن کي عزيز مصر ڏانهن موڪليو ۽ پنهنجن مشڪلاتن جو به ذڪر ڪرڻ به فرمايو. قرآن پاڪ ۾ آهي ته: ”اي عزيز مصر اسان ۽ اسان جو اهل وعيال وڏي تڪليف ۾ ڦاٿل آهي ۽ اسان نهايت ٿورو ملهه کڻي آيا آهيون، توهان اسان کي (ان جي عيوض) پورو اناج ڏيو ۽ خيرات ڪيو جو خدا پاڪ خيرات ڪندڙن کي ثواب عنايت فرمائي ٿو.“ (پ 13 رڪوع 4)

حضرت يوسف عليه السلام کين فرمايو ته: ٻڌايو اهو به توهان کي ياد آهي جو توهان يوسف ۽

ان جي پاڻ سان ڪيو ۽ پوءِ کين "بيعہ نامہ" ڏيکاريو جيڪو انهن سيدنا يوسف کي وڪرو ڪرڻ بعد مالڪ بن ذعر کي لکي ڏنو هو ۽ حضرت يوسف وري مالڪ بن ذعر کان ان وقت ورتو هو جڏهن مالڪ بن ذعر، عزيز مصر کي حضرت يوسف خزانن جي ڍيرن ۾ وڪرو ڪري ڏنو هو. "بيعہ نامہ" ڏسڻ سان برادران عزيز مصر يوسف عليه السلام اهي هٿ اکر سڃاتا ۽ خيال ڪيائون تہ عزيز مصر کي يوسف عليه السلام جي ڪنهن خبر ٻڌائي ۽ سوچيائون تہ هيءُ خود حضرت يوسف تہ نہ آهي. (ايتري ۾) حضرت يوسف نقاب هٽايو ۽ مٿي تان تاج الڳ ڪيو تہ برادران يوسف، يوسف جي شڪل وشمائل ڏسي سڃاتائون ۽ يوسف عليه السلام کي چيائون تہ تون يوسف ٿي آهي؟ تہ حضرت يوسف جن فرمايو تہ: "مان يوسف آهيان ۽ هيءُ بنيامين منهنجو سڳو ڀاءُ آهي. خدا تعاليٰ اسان تي احسان ڪيو آهي جو شخص الله تعاليٰ کان ڊڄي ٿو ۽ صبر ڪري ٿو تہ الله بيشڪ نيڪو ڪارن جو اجر ضايع نہ ٿو ڪري."

يوسف جا ڀائر ڏاڍا پريشان ٿيا ۽ پشيمان ٿيا ۽ معافي گهرڻ لڳا تہ حضرت يوسف کين فرمايو تہ: "اڄ توهان تي ڪا بہ ملامت نہ آهي، الله توهان کي معاف ڪري ۽ اهوئي سڀني مهرباني ڪندڙن کان وڌيڪ مهربان آهي." پوءِ ڪانئن ساري خاندان ۽ والد گراميءَ جو حال احوال ورتو، حضرت يوسف فرمايو تہ: هيءُ منهنجو ڪُڙتو (قميص) کڻي وڃو ۽ والد گرامي جي اکين تي رکندو تہ سندن اکيون کُلنديون ۽ روشن ٿي وينديون ۽ توهان سڀني گهر ڀاتين کي مون وٽ وٺي اچو. حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنہ جن کان روايت آهي تہ اها قميص حضرت ابراهيم عليه السلام واري هئي جيڪا کين جبرئيل عليه السلام نمرود طرفان آڳاهہ ۾ وجهڻ وقت پارائي هئي جاڪاڻ تہ نمرود حضرت ابراهيم عليه السلام جي قميص بہ لاهي پوءِ آڳاهہ ۾ وڌو هو. پوءِ اها قميص حضرت اسحاق سانديي رکي جنهن وري پنهنجي فرزند حضرت يعقوب عليه السلام کي ڏني هئي ۽ حضرت يعقوب وري حضرت يوسف کي ڳچيءَ ۾ سون يا چانديءَ ۾ مڙهي پارائي ڇڏي هئي پوءِ اها قميص يوسف جي ڀائرن کڻي مصر کان ڪنعان روانا ٿيا تہ حضرت يعقوب کي يڪدم حضرت يوسف جي خوشبوءِ اچڻ لڳي ۽ پاڻ پاڙي وارن کي ٻڌايائون تہ مون کي يوسف جي خوشبوءِ اچي رهي آهي. واضح رهي تہ مصر ۽ ڪنعان جي وچ ۾ 8 مراحل يعني 80 فرسخ هو. هرهڪ فرسخ ٽن ميلن جي برابر آهي تہ = 240 3+80 ميل ٿيا.

30 ميلن جي هڪ منزل يعني هڪ مرحلہ تہ 3+80 = 240 ميل ٿيا. يعني 240 ميلن تان حضرت يعقوب کي حضرت يوسف جي قميص مان حضرت يوسف جي خوشبوءِ آئي. برادران يوسف جي ڀائرن ۾ وڏي ڀاءُ وٽ قميص هئي، ان وقت ريح صبا الله تعاليٰ کان اجازت گهري تہ قميص کڻي ويندڙ مبشر کان پهريان مون کي اجازت ڏني وڃي تہ ان مبشر کان اڳ مان تنهنجي پياري پيغمبر کي خوشخبري ٻڌايان. الله پاڪ جي اجازت بعد ان ريح صبا حضرت يعقوب کي حضرت يوسف جي ملڻ جي خوشبوءِ ذريعي اچي خبر ڏني. هڪ روايت آهي تہ حضرت يوسف پنهنجي والد بزرگوار ڏانهن قميص رواني ڪرڻ وقت تمام گهڻو سامان ۽ 200 سواريون پڻ روانيون ڪيون تہ جيئن انهن تي سوار ٿي سمورو اهل وعيال جن جو تعداد 93 هو، نوڪر، غلام ۽ ڪنيز وغيره کي ڪنعان کان مصر وٺي اچن. جڏهن برادران يوسف جا ڀائر ڪنعان پهتا تہ يهودا اڳتي وڌي پنهنجي والد بزرگوار کي عرض ڪيو تہ بابا حضور، يوسف زنده آهي، تہ حضرت يعقوب عليه السلام چيس تہ يوسف جو ڇا حال آهي؟ تہ يهودا جواب ڏنس تہ يوسف تہ مصر جو بادشاهہ آهي، تہ يعقوب عليه السلام پڇيس تہ مان شهنشاهيءَ کي ڇا ڪندس مون کي ٻڌاءِ تہ هُو دين تي ڪيئن آهي؟ تہ يهودا چيس تہ هُو دين تي مڪمل قائم آهي. پوءِ حضرت يعقوب عليه السلام جي مُنهن مبارڪ تي رکي تہ سندن اکيون روشن ٿي

ويون. جيئن قرآن پاڪ ۾ اچي ٿو ته:
(ترجمو) "جڏهن خوشخبري ڏيڻ وارو (حضرت يعقوب وٽ) پهتو ته قميص (ڪُرتو) حضرت يعقوب عليه السلام جي مُنهن تي وڌو ۽ هُو (حضرت يعقوب) اکين کان ڏسندڙ ٿي پيو ۽ چوڻ لڳو ته مون توهان کي نه چيو هُو ته مان رب پاڪ جي طرفان اهو ڄاڻان ٿو جو توهان نه ٿا ڄاڻو.

جڏهن حضرت يعقوب مصر جي قريب پهتو ته يوسف عليه السلام کي اطلاع مليو ۽ يوسف عليه السلام ۽ ريان بادشاهه 4000 پيادل فوج ۽ 3000 سوار ۽ شهر جا معززين ۽ عام ماڻهو حضرت يعقوب عليه السلام جي استقبال لاءِ شهر کان ٻاهر پهتا. هر سوار کي چاندي جي ڍال ۽ سون جو جهنڊو ڏنو ويو، ان وقت هيءُ سڀ سواريون ۽ ملڪيت وغيره حضرت يوسف جي ئي ملڪيت هيون. جڏهن حضرت يعقوب عليه السلام جي نظر استقبال ڪندڙ هجوم تي پئي ته ڪين خوشي ٿي. ۽ ساڳئي وقت عجب ۾ پڻ پئجي ويا، ته جبرئيل امين، حضرت يعقوب عليه السلام کي عرض ڪيو ته ٿورو مٿي به نهاريو، توهان استقبالي لشڪر ڏسي تعجب ڪائو پيا جڏهن ته مٿي سڀ ملائڪ سڳورا حاضر آهن جيڪي توهان کي خوش ڏسي پاڻ ملائڪ به خوش نظر اچي رهيا آهن ۽ خوشي ملهائي رهيا آهن.

جڏهن ته اهي ملائڪ توهان جي اڳ حزن ۽ ملال (ڏک) ۾ محزون (ڏکويل) هئا. حضرت يعقوب عليه السلام مٿي نهاري ڏٺو ته ملائڪ به خوشيءَ مان جڻ ته جشن ملهائي رهيا هئا. پوءِ حضرت يعقوب عليه السلام، حضرت جبرئيل عليه السلام کان پڇيو ته انهن ۾ يوسف ڪهڙو آهي؟ حضرت جبرئيل عليه السلام، حضرت يعقوب عليه السلام کي ٻڌايو ته جيڪو ڇٽيءَ جي هيٺان نهايت شان وشوڪت سان اچي رهيو آهي، اهو حضرت يوسف آهي. حضرت يعقوب پنهنجي فرزند حضرت يوسف کي ڏسي سواريءَ تان لهي پيو ۽ يهودا جي ڪلهن تي هٿ رکي پيادل هلڻ لڳو. جڏهن حضرت يعقوب سواريءَ تان لٿو ته جبرئيل عليه السلام حضرت يوسف وٽ حاضر ٿيو ۽ ڪين عرض ڪيائين ته توهان جا والد بزرگوار پيادل هلي رهيا آهن انڪري توهان به سواريءَ تان لهي پيادل هلو. جڏهن حضرت يعقوب ۽ حضرت يوسف هڪٻئي جي ويجهو پهتا ته حضرت يوسف سلام ڪرڻ جو ارادو ڪيو ته جبرئيل عليه السلام ڪين عرض ڪيو ته اي حضرت يوسف سلام ڪرڻ ۾ پهرين پنهنجي والد بزرگوار کي اڳرائي ڪرڻ ڏيو. ڇاڪاڻ ته هو ئي افضل آهي. ۽ پوءِ حضرت يعقوب عليه السلام چيو ته: "اسلام عليڪ يا مُذهِبَ الاحزان" پيءُ پٽ هڪٻئي سان چنبڙي پيا ۽ خوشيءَ مان روئي رهيا هئا ته ملائڪ سڳورا به روئي رهيا هئا. لشڪر تي عجيب ڪيفيت طاري ٿي وئي. خوشيءَ مان گهوڙا به هٽڪڻ لڳا. پوءِ حضرت يوسف سڀني کي چيو ته توهان عزت سان مصر جي شهر ۾ داخل ٿيو ۽ جڏهن قافلو شاهي تخت وٽ پهتو ته يوسف عليه السلام پنهنجي والد بزرگوار ۽ سندس اهل وعيال کي نهايت پروقار طريقي سان دربار شاهيءَ ۾ داخل ڪرڻ جو حڪم صادر ڪرڻ فرمايو ۽ تمام درباري پنهنجين پنهنجين نشستن تي ويٺا. حضرت يعقوب کي تخت شاهي تي نهايت مٿانهينءَ واري جاءِ تي وهاريو ويو. ۽ ٻين کي حسب مراتب نشستن تي وهاريو ويو. پوءِ حضرت يوسف به تخت شاهي تي جلوه گر ٿيڻ فرمايو. ته ان وقت سمورا درباري حسب دستور تخت شاهي جي سامهون تعظيمي سجدي ۾ هليا ويا. ان صورتحال کي ڏسي خاندان يعقوب به سجدي ۾ هليا ويا.

(هن وقت سڀني جي ملڻ ڪري حضرت يعقوب جو پورو خاندان خوش هو. ٻئي طرف ڏڪار واري وقت ماڻهن پهريائين:

پهرين سال ماڻهن درهم ۽ دينار ڏئي اناج خريد ڪيو. ٻئي سال ماڻهن زيور ۽ جواهرات ڏئي اناج خريد ڪيو. ٽئين سال ماڻهن چوپايو مال ۽ جانور ڏئي اناج خريد ڪيو. چوٿين سال ماڻهن پنهنجا غلام ۽ ٻانهيون وڪرو ڪري اناج خريد

کيو. پنجين سال ماڻهن پنهنجيون جاگيرون ۽ ايراضيون وڪرو ڪري اناج خريد ڪيو. ڇهين سال ماڻهن پنهنجو اولاد وڪرو ڪري اناج خريد ڪيو. ستين سال ماڻهن پنهنجو پاڻ وڪرو ڪري غلام بڻيا.

اهڙي طرح مصر ۽ آسپاس ملڪن جا ماڻهو حضرت يوسف عليه السلام جا غلام ٿي ويا ۽ حضرت يوسف عليه السلام جي عظمتن ۽ ڪمال جي تڪميل ٿي. جو ڪين نبوت به ملي، سڀ عوام غلام به بڻيو جو پوءِ ڪير به نه ٿي چئي سگهيو ته يوسف غلام آهي. هاڻي سڀ سندس ئي غلام آهن)

شهر کان ٻاهر ڀرين ملاقات (پيءُ ۽ پٽ جي) ۾ محبت، عظمت تي حاوي رهي، جڏهن ته هتي تخت شاهي وٽ عظمت محبت تي حاوي رهي ۽ سڀ جا سڀ سجده ريز ٿي ويا ۽ حضرت يوسف کي پنهنجي ننڍپڻ وارو خواب ياد اچي ويو ۽ عرض ڪيائين ته بابا حضور! هيءُ ان خواب جو تعبير آهي جو الله پاڪ سچو ڪري ڏيکاريو، پوءِ حضرت يوسف جن حضرت يعقوب کي پنهنجي خاص محل (حويلي) ۾ وٺي ويو ۽ حضرت يوسف جو اولاد، پنهنجي ڏاڏي جي سامهون باادب ٿي اچي بيٺو. حضرت يوسف پنهنجي خاندان جو تعارف ڪرايو. حضرت يعقوب انهن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ حضرت يوسف، بيبي زليخا سان به پنهنجي پيءُ کي ملايائين ۽ عرض ڪيائين ته هيءُ منهنجو اولاد مون کي بيبي زليخا مان ئي آهي. بيبي زليخا، حضرت يعقوب جا هٿ مبارڪ چميا ۽ عرض ڪيائين ته توهان هن محل ۾ مستقل رهڻ فرمايو. ليڪن حضرت يعقوب عليه السلام بيبي زليخا کي فرمايو ته مون کي هيءُ شاهاڻي رهائش ناپسند آهي ۽ مون کي رهائش لاءِ اهڙي جهوپڙي تيار ڪرائي ڏيو جهڙي جهوپڙي ڪنعان ۾ منهنجي رهڻ لاءِ آهي.

حضرت يوسف کي بيبي زليخا مان ٻه فرزند هئا. هڪ جو نالو افرائيم ۽ ٻئي جو نالو ميشا هو. افرائيم کي وري ٻُون پٽ ۽ رحمت نياڻي پيدا ٿيا. ۽ اها رحمت ئي حضرت ايوب عليه السلام جي گهر واري (يعني زال) ۽ ٻُون مان يوشع پيدا ٿيو جو حضرت موسيٰ عليه السلام جو خاص خليفي طور مشهور آهي.

سيده زليخا کا فراق (اردو ڪتاب) مؤلف خاڪپائي خادمانِ عاليہ مسڪين گمبٽ، خيرپور ميرس ضلع اڪبر اُجڻ سڪندري ڪهڙائي"

جڏهن ته حضرت علامه مولانا محمد ادريس ڏاهري صاحب، حضرت يوسف عليه السلام جي پٽن جا نالا (1) افرائيم ۽ (2) منشا لکيا آهن ۽ رحمت حضرت يوسف عليه السلام جي نياڻي ڪري لکي آهي جيڪا حضرت ايوب عليه السلام جي گهر واري هئي. (احسن البيان في تفسير القرآن، جلد 5، ص 159)

حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي والد بزرگوار حضرت يعقوب عليه السلام کي وٺي پنهنجي خزانن سان گڏ ڪاغذ جي ڪارخانن جو به معائنو ڪرايو. (ڪاغذ جي ايجاد به حضرت يوسف عليه السلام جي مرهون منت آهي.) حضرت يعقوب فرمايو ته پٽ يوسف ڪاغذ جي هيترن ڪارخانن جي باوجود توهان مون ڏانهن هڪ خط به نه لکيو. جڏهن ته توهان مون کان 8 مرحلن جي فاصلي تي هُئين. حضرت يوسف عليه السلام فرمايو ته: ابا حضور مون کي خط لکڻ کان حضرت جبرئيل عليه السلام روڪيو هو. حضرت يعقوب فرمايو ته حضرت جبرئيل کان خط لکڻ کان روڪڻ جو سبب پڇ ته حضرت يوسف فرمايو ته بابا حضور توهان خود ان کي گهرائي پڇوس. حضرت يعقوب عليه السلام حضرت جبرئيل کي گهرائي ڪانئس پڇيو ته اي جبرئيل توهان حضرت يوسف کي مون ڏانهن خط لکڻ کان ڇو روڪيو؟ حضرت جبرئيل امين فرمايو ته: الله تعاليٰ توهان کان امتحان وٺڻ ٿي چاهيو ته ڏسان ته حضرت يعقوب ڪيترو ٿو صبر ڪري هيءُ هڪ آزمائش هئي. ان وضاحت ڪانپوءِ ثابت ٿئي ٿو ته حضرت يعقوب ته حضرت يوسف ڏانهن خط لکيو هو ليڪن حضرت يوسف جو

حضرت يعقوب ڏانهن لکيل خط جنهن جو مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان، اهو خط نہ لکيو ويو هو بلڪ ائين ڪن ليکڪن لکي ڇڏيو آهي (والله علم) هڪ روايت مطابق حضرت يعقوب جن حضرت يوسف وٽ 24 سال زنده رهيا ۽ آخر ۾ وصيت ڪئي هئائين تہ ڪيس شام ۾ سندس والد بزرگوار حضرت اسحاق عليه السلام جي پير ۾ رکيو وڃي، پوءِ جڏهن حضرت يعقوب 147 سالن جي عمر ۾ 1689ق.م - ۾ وصال فرمايو تہ سندس مڙهہ صندوق ۾ وجهي حضرت يوسف عليه السلام خود پاڻ کڻائي حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسحاق عليه السلام جي مزارن پرسان دفن ڪرايو. اتفاق سان ان ڏينهن "عيص" جو بہ انتقال ٿيو جيڪو حضرت يعقوب جو ڀاءُ هو ۽ امڙ جيجل جي بطن مبارڪ ۾ بہ حضرت يعقوب سان گڏ هو ۽ ٻنهي کي هڪ قبر ۾ گڏ دفن ڪيو ويو. جهڙي طرح ماءُ جي بطن مبارڪ ۾ گڏ هئا. ٻئي هڪ ڏينهن جاڙا جاول هئا، ٻنهي جي عمر هڪ جيتري 147 سال هئي تہ قبر ۾ بہ گڏ رهيا.

حضرت يعقوب عليه السلام جن جو وصال 1689ق.م، ۾ ٿيو تہ سندن جنم جو سال 1836ق.م ٿيندو.

## وفات حضرت يوسف عليه السلام:

ڪاشفيءَ لکيو آهي تہ حضرت يوسف کي خواب ۾ سندن والد بزرگوار حضرت يعقوب آيو ۽ ڪيس چئي رهيو هو تہ پٽ يوسف تنهنجي ديدار جو شوق آهي، تن ڏينهن جي اندر مون وٽ پهچي وڃ. پوءِ حضرت يوسف سجاڳ ٿيو تہ سيني گهر ڀاتين کي گڏ ڪيائين (ڪن جو چوڻ آهي تہ بيبي زليخا اڳ ئي وفات ڪري چڪي هئي) ۽ وصيتون ڪيائين ۽ پنهنجي مملڪت جو وليعهد پنهنجي فرزند افرائيم يا (افرائيم) کي مقرر ڪيائين. ڪن روايتن ۾ وري اچي ٿو تہ يهودا کي وليعهد مقرر ڪيائين. پوءِ حضرت يوسف خدا پاڪ جي حضور ۾ عرض ڪيو تہ (قرآن پاڪ ۾ آهي تہ)

ترجمو: اي منهنجا رَب! تحقيق ڏني تو مون کي بادشاهي ۽ مون کي خوابن جو تعبير ڪرڻ سيکاريئي. اي آسمانن ۽ زمين جا ناهيندڙ تون ئي منهنجو ڪارساز آهين. دنيا ۽ آخرة ۾. ۽ مون کي مسلمان ڪري وفات ڪراءِ ۽ شامل ڪر مون کي صالحن سان. ڪن روايتن ۾ اچي ٿو تہ بيبي زليخا ان وقت زنده هئي وصال ڪا نہ ڪري وئي هئي. تنهن جو حضرت يوسف جي دعا ٻڌي تہ چوڻ لڳي تہ.

هڪ فارسي شاعر جي شعر ۾ جنهن جو ترجمو هي آهي:

(1) يا الله! يوسف جي جدائيءَ جي مان طاقت نہ ٿي رکان يا الله يوسف جي روح سان گڏ منهنجو بہ روح گڏ

(2) وفا جي قانون مطابق اهو سنو نہ آهي تہ يوسف دنيا ۾ نہ رهي ۽ مان رهان.

(3) پوءِ يوسف چيو تہ زليخا کي گهرايو. الوداع جي وقت ان کي مون وٽ پهچايو.

(4) پوءِ (جنهن کي يوسف حڪم ڪيو زليخا جي آڻڻ جو) ان چيو تہ زليخا غم جي سبب تمام ضعيف ٿي وئي آهي مٽي ۽ رت ۾ ملي وئي آهي.

(5) ان (زليخا) جي جانِ، اچڻ جي طاقت ئي نہ ٿي رکي، ان (زليخا) کي ان جي حالت تي ئي ڇڏيو.

(6) جبرئيل امين حاضر ٿيو ۽ هڪ صوف کڻي آيو، جنهن ۾ جنت جي باغ جي زينت هئي.

(7) جڏهن حضرت يوسف اهو صوف هٿ تي رکيو ۽ ان کي سنگهيو تہ ان جو روح پرواز ڪري ويو.

(8) جنهن وقت يوسف عليه السلام جو روح ان صوف جي خوشبوءِ سان پرواز ڪري ويو تہ ان وقت حاضرين ۾ شور برپا ٿي ويو.

(9) زليخا پڇيو هيءُ شور ڇا جو آهي، جنهن سان زمين ۽ آسمان پُر ٿي ويا آهن.

(10) انهن چيو تہ بادشاهہ سلامت تخت ڇڏي وصال ڪري ويو.

(11) اها ڳالهہ ٻڌي زليخا ٽي ڏينهن زمين تي ليٽي رهي.

(12) جڏهن چوٿين ڏينهن هوش ۾ آئي ته پوءِ وري اها ئي ڳالهه ٻڌي، ٻيو پيرو بيهوش ٿي وئي.

(13) ٽئين ٽئين ڏينهن بعد ائين ئي ٽي پيرا ٿيندو رهيو.

(14)جڏهن چوٿون پيرو هوش ۾ آئي ته يوسف جي ڳولا ڪيائين.

(15) ٻيبي زليخا کي ان ڪانسواءِ ٻي ڪا به خبر نه ڏني وئي ۽ ان کي خزاني جي طرح مٽيءَ ۾ رکيو ويو.

(16) هڪ ڏک واري گهر مان هڪ جنبش سان ٻاهر آئي ۽ يوسف جي وفات واري جاءِ ڏانهن رواني ٿي.

(17) ڪڏهن مٽي ڪان ڪڏهن پيرن جي طرف چمندي رهي ۽ دل مان آواز ڪندي رهي.

(18) جڏهن ان جو درد ۽ حسرت حد ڪان وڌيو ته خاڪ بوسيءَ جي رسم جي مطابق سِرُ مبارڪ هيٺ ئي رکيو.

(19) پنهنجون اکيون پنهنجين آڱرين سان ئي ڪڍيائين (۽) نرگس کي نرگسدان ڪان ٻاهر ڪڍيو.

(20) نرگس کي مٽي جي پيالي مان ڪڍي مٽيءَ تي رکي ڇڏيو چو ته نرگس مٽيءَ تي ئي پوکڻ بهتر آهي.

(21) زليخا رت سان ڀريل پنهنجو مُنهن مبارڪ مٽيءَ تي رکيو ۽ ڪمزور حال ۾ زمين کي چميو ۽ پنهنجي جَانِ الله پاڪ جي حوالي ڪري ڇڏي.

(22) اهو عاشق سنو آهي جو ان (محبوب) جي جدائيءَ ۾ مري وڃي. دوست جي خلوت گاهه ۾ پنهنجي جان اهڙي طرح ئي ڏجي.

(23) حريفن جڏهن ان جو اهو حال ڏٺو ته آسمان کي چيرڻ واري آهه وفغان بلند ڪئي.

(24) (انهن) ان (زليخا) جي مُنهن کي صاف ڪيو يا ڪرايو ۽ حضرت يوسف جي پر ۾ ڪين دفن ڪري ڇڏيو.

واضح رهي ته حضرت يوسف جي دفنائڻ تي جهڳڙو ٿيو هو ۽ هر ڪنهن پاڙي يا طرف وارا اهو پيا چاهين ته اسان جي پاڙي يا طرف هي بابرڪت شخصيت رکي وڃي. ڇاڪاڻ ته ان ۾ هو پنهنجي خوشحالي پيا سمجهن. بالآخر فيصلو ٿيو ته هڪ سال ڪين هڪ طرف دفن ڪيو وڃي ۽ ٻئي سال ٻئي طرف ڪين دفن ڪيو وڃي.

ڀهريان جنهن طرف حضرت يوسف کي دفن ڪيو ويو ته ان طرف خوشحالي ئي خوشحالي ٿي وئي. پر ٻئي طرف وري قحط سالي ٿي وئي ان ڪانپوءِ سڀني اتفاق ڪيو ته حضرت يوسف عليه السلام جي مزار مبارڪ درياهه مصر جي وچ ۾ هجي، انڪري سنگمرمر جي هڪ صندوق بنائي وئي، جنهن کي زنجيرن ۾ ٻڌي درياهه جي وچ ۾ هيٺ لاهي رکي وئي. هڪ فارسيءَ واري شاعر چيو آهي:

(1) سخت پٿرن ۾ سوراخ ڪري درياهه نيل ۾ رکيو ويو.

(2) هڪ بحرشنائي ۾ غرق ٻيو جدائي ڪان تشنہ لب.

(3) فلڪ جي بيوفائيءَ جو حال ڏسو ته موت ڪان پوءِ ان کي يوسف ڪان جدا ڪري ڇڏيو.

(4) معلوم نه آهي، ان کي عشاق سان ڪينو چو آهي جو انهن جي مرڻ ڪانپوءِ به آسودو نه ٿو ڇڏي.

حضرت موسيٰ عليه السلام جي وقت حضرت يوسف عليه السلام جي مزار مبارڪ:

حضرت عروه بن زبير ڪان روايت آهي ته جڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام مصر ڪان بني اسرائيل کي وٺي ٻاهر نڪرڻ جو ارادو ڪيو ته الله پاڪ جو ڪيس حڪم ٿيو ته حضرت يوسف عليه السلام جي جسد اطهر کي به ساڻ کڻي وڃن ۽ اها سندس يعني حضرت يوسف عليه السلام جي

جي ترجمي سان هيءُ قصو سنڌيءَ ۾ جوڙيو جو ناقص صورت ۾ "انڊيا آفيس- لئبرري" لنڊن ۾ موجود آهي. ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ لکيو آهي تہ اهو مصنف ملوڪ نہ پر احمد ئي آهي. جو اڳتي هلي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب خود بہ لکيو آهي تہ هيءُ قصو احمد نالي شاعر جو ئي جوڙيل آهي. مسٽر ڪرسٽوفرشيڪل پنهنجي مضمون ۾ بہ احمد شاعر لکيو آهي ۽ ڪاتب محمد ملوڪ آهي. ڊاڪٽر شڪيل، خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي حوالي سان ان قصي جي وضاحت ۾ لکي ٿو تہ: "شايد هي احمد شاعر اهو آهي جنهن ملاحسين ڪاشفي جي ڪتاب "روضة الشهداء" جو سنہ 1172هہ مطابق 1758ع ۾ شعري ترجمو ڪيو. ان مان سمجهيو تہ محمد ملوڪ ڪاتب جنهن 1180هہ ۾ وفات ڪئي آهي تہ پوءِ هيءُ قصو 1180هہ کان اڳ احمد نالي شاعر هن قصي جو منظوم ترجمو ڪيو هوندو. (2) مولوي محمد حسين ٺٽوي پنهنجي تصنيف "سيربستان عرف قصص الانبيا" (1177هہ مطابق 1763ع) جوڙي تيار ڪيو. جنهن ۾ پڻ يوسف زليخا جو قصو بيان ڪيل آهي. اهو هيو سنڌيءَ ۾ ترجمو آهي. جڏهن تہ پهريون قصو احمد نالي شاعر جو ئي آهي. مولوي محمد حسين جيتوڻيڪ ڪتاب 1177هہ ۾ لکيو ليڪن 1382هہ ۾ شايع ٿيو. (3) تفسير احسن القصص. مخدوم عبدالله نرئي وارو جنهن جي ولادت 1150 مطابق 1737ع ۾ هڪ ننڍڙي ڳوٺ نرئي ۾ ٿي. مخدوم صاحب 1236هہ 1823ع ۾ وفات ڪئي سندس مزار سري ڳوٺ ۾ آهي. مخدوم عبدالله نرئي واري انهي ترجمي ۽ تفسير کي 26 رمضان المبارڪ 1196هہ مطابق 4 سيپٽمبر 1782ع تي لکي مڪمل ڪيو. هن کي نظم جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. (4) "سنڌي بيت زليخا" جيئن تہ سنڌ اندر هندن مسلمانن ۾ آزاد طبعي اخوت ۽ پائيچاري جو عنصر موجود نظر اچي ٿو. هيءُ قصو "سنڌي بيت زليخا" هندو شاعر "ديوان خوشيرام" جو جوڙيل آهي، جو 1305هہ مطابق 1888ع ۾ شايع ٿيو. وري ٻيو ڀيرو 1889ع ۾ ڇپيو، ان مان ان جي مقبوليت ۽ اهميت جي خبر پئي ٿي (5) "يوسف زليخا" هيءُ قصو ميان عبدالواحد "سائل" بن حاجي محمد لقمان حيدرآبادي جو مثنوي جي انداز ۾ جوڙيل آهي سومر ڏينهن 17 محرم الحرام 1306هہ مطابق 23 سيپٽمبر 1888ع تي لکي پورو ڪيو. هن ڪتاب کي ليٿو پريس جي ماهر خوشنويس ميان علي محمد خلق مخدوم ميان محمد متعلويءَ 30 شوال المڪرم 1313هہ مطابق اپريل 1896ع تي نقل ڪري مڪمل ڪيو جو رئيس ميان عزيز الله ۽ مخدوم ميان عبيدالله جي سعيي ۽ ڪوشش سان ميان عبدالواحد تاجران ڪتب خانہ حيدرآباد سنڌ جي اهتمام سان سنہ 1315هہ مطابق 1897ع ۾ مطبع عزيزي گلدستہ محبوبي ٽنڊي مير حسين علي خان مان ڇپجي پڌرو ٿيو. هي ڪتاب 278 صفحن تي مشتمل آهي. شيخ محمد ابراهيم خليل جو چوڻ آهي تہ هيءُ مثنوي اصل مثنوي جامي تان ورتل آهي، پر ان ۾ قحط وارو قصو وڌايل آهي جو قرآن پاڪ ۾ آيل آهي. (نئين زندگي اپريل 1961ع).

(6) "سنڌي يوسف زليخا منظوم" جي نالي سان سيد غلام مرتضيٰ شاهہ مرتضائي ٺٽوي (المتوفي 1905ع) مثنوي لکي آهي. ڪتاب جي اختتام جو سال 1308هہ مطابق 1890ع ڄاڻايو آهي. هن سموري مثنوي جو تعلق يوسف زليخا سان آهي. هي ڪتاب 1310هہ مطابق 1892ع ۾ ليٿو تي ڇپيو، پوءِ ٻيو ڀيرو 1339هہ مطابق 1920ع ۾ ڇپيو. (7) "يوسف زليخا ۽ اخوان يوسف" هن مثنويءَ جو جوڙيندڙ مولوي غلام الله ولد ميان محمد دائود عباسي آهي، ساڪن چوديرو تعلقو واره ضلع قنبر شهدادڪوٽ هي ڪتاب ٻن ڀاڱن (1) يوسف زليخا

۽ (2) اخوان يوسف ۾ ورهايل آهي جو ويڙهومل کنڊ مل لاڙڪاڻويءَ ڇپايو هو. پهريون ڀاڱو 1318هه مطابق 1900ع ۾ مڪمل ڪيو ۽ 1328هه مطابق 1910ع ۾ ڇپيو. ۽ ٻيو ڀاڱو 1346هه مطابق 1927ع تي پورو ڪيو.

ڊاڪٽر شيخ ابراهيم خليل لکيو آهي ته هيءَ مثنوي بحر وزن کان ڪريل آهي، سلاست ۽ رواني، نالي ماتر به ڪا نه اٿس. (8) "پرت نامه سنڌي يعني يوسف زليخا" هيءَ مثنوي مولانا تاج محمود امروٽي، مولانا جامي جي مثنوي تان اخذ ڪري لکي آهي. سڀ کان پهريان هن مثنوي کي مولانا تاج محمد امروٽيءَ جي هڪ معتقد وڏيري حاجي حاتم خان ڇپرايو. پوءِ مولوي محمد عظيم اٺند ستر شڪارپو واري هن ڪتاب کي 5 ڀيرا ڇپرايو. (9) "يوسف زليخا" هي 33 بيتن تي مشتمل آهي جو سگهڙ محمد ولد جان محمد ڳوٺ ٻاراچاڻي تعلقو شهدادپور جو ويٺل هو، ان جو لکيل هو. سندس ولادت 1383هه مطابق 1866ع ۾ ٿي هئي. (10) "بياض جيلاني" (قصو حضرت يوسف عليه السلام) هيءَ سيد زين العابدين شاهه جيلاني "زينل" (المتوفي 16 جنوري 1976ع جي جوڙيل آهي. هيءَ مثنوي واري انداز ۾ بيان ٿيل آهي جا 7 بابن تي مشتمل آهي. سندس فرزند سيد محمد عارف شاهه جيلاني نورائي شريف واري 1963ع ۾ مدينه پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان ڇپرائي پڌري ڪئي. هي هو مختصر يوسف زليخا جي قصن جو تعارف جيڪي سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ منظوم ترجما ڪيا ويا.

## يوسف زليخا جا سنڌي نثر ۾ ترجما:

(1) "يوسف زليخا جو وڏو قصو" تاليف ميان عبداللطيف 1899ع ۾ لاهور ۾ ڇپيو.

(2) "چمن دلپذير عرف يوسف زليخا سنڌي" تاليف منشي سلامت راءِ 1901ع ۾ شايع ٿيو.

(3) "يوسف مصري" جوڙيل اديب ۽ صحافي ديوان پرمانند ميوارام جو، جيڪو 1915ع ۾ ڇپيو.

(4) دُريتيم گوهر نايابه تصنيف ميان فتح محمد قريشي کهڙن وارو (المتوفي: 1974ع) هيءَ 1935ع ۾ ڇپيو. سيد حسام الدين راشدي جي قصي ڪانپوءِ هيءَ ڪتاب معياري نثر ۾ اچي ٿو. هن تصنيف جي ديباچي ۾ هي فقرو "حضرت يوسف عليه السلام جو قصو قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ سٺو قصو ڪري شمار ڪيو آهي. هيءَ اهڙو قصو آهي، جنهن جي هر واقعي ۾ اخلاقي سبق سمايل آهي." خانبهادر محمد صديق ميمڻ جو لکيل آهي.

(5) "يوسف زليخا" هيءَ داستان، رشيد احمد لاشاري جو تاليف ٿيل آهي. هن جو چوٿون ڇاپو 1955ع ۾ ڇپيو. رشيد احمد لاشاري 1970ع ۾ وفات ڪئي. هن داستان کي وري 2000ع ۾ سٺي نموني ڪمپيوٽر ۾ ڪمپوز ڪري ڇپرايو ويو آهي.

(6) "داستان يوسف زليخا" هي داستان ميان گل محمد صوفي آزاد (و- 1948ع) جو لکيل آهي جو 1960ع ۾ پهريان ڇپيو ۽ وري 1965ع ۾ ٻيو ڀيرو ڇپيو.

(7) "شعله عشق" هي انگريزيءَ ۾ ضياء الله جي غلام علي جو لکيل آهي، جنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو سندس فرزند مشتاق عليءَ ڪيو آهي.

(8) "احسن القصص" (حضرت يوسف جو قصو) تاليف پروفيسر لطف الله بدوي (وفات: 19 نومبر 1968ع)

هائوس مسجد نبوي هو. لڙائي لاءِ جوانن کي ڏک ڏوڙ ۽ ريهرسل ڪرائي ويندي هئي يعني فوجي ڇانوڻي جو تصور به اتان مليو ٿو، ان سان گڏو گڏ جنگي هٿيار پڻ اتي ئي رکيا ويندا هئا، جنهنڪري مسجد اندر محراب وجود ۾ آيو، يعني هٿيارن رکڻ جي جاءِ، اهڙي طرح جيڪي جنگي قيدي پڪڙيا هئا، تن کي به مسجد جي ٿنڀن سان ٻڌبو هو معني اها ئي جاءِ هئي جوجيل خاني جو ڪم به ڏيندي هئي، ان کان سواءِ هڪ جامع تربيت گاه به هو، جتان قرآن پاڪ جا مفسر، حديث جا حافظ، اسلام جا مبلغ، دين جا واعظ، هدايت جا هادي ۽ نصاح پيدا ٿيا، اهو سندن ئي فيض آهي، جو پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جي وفات کان پوءِ به ساڳي علم جي آبياري واري سنت زنده رهندي پئي اچي ۽ اهو سلسلو قيامت جي ڏينهن تائين جاري ۽ ساري رهندو، جيئن نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جو فرمان آهي ته:

"...... وان العلماءَ ورثه الانبياء، وان الانبياءَ لم يورثوا دينارا و لا درهما، و انما ورثوا العلم، فمن اخذه اخذ بحظ وافر"[3]
(بيشڪ علماء، نبين جا وارث آهن ۽ نبين جو ورثو دينار ۽ درهم نه هوندو آهي، سندن ورثو علم آهي، جيڪو اهو حاصل ڪندو ، ان چڱ دين جو وڏو حصو حاصل ڪيو)

علم وارن لاءِ الله تعالي جو فرمان آهي ته: "والذين أوتوا العلم درجات"[4] (علم وارن جا وڏا درجا آهن) ٻي جاءِ تي ارشاد رباني آهي ته: "قل هل يستوي الذين يعلمون و الذين لا يعلمون"[5] (چئو ته ڇا جيڪي ڄاڻن ٿا ۽ جيڪي نه ٿا ڄاڻن، سي پاڻ ۾ برابر آهن.)

تعليم ۽ تدريس جو سلسلو پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم کان وٺي جو هليو آهي، سو اڄ تائين هلندو پيو اچي ۽ سندن نائب به اڄا تائين ان ئي درس و تدريس جي مسند کي سنڀاليندا پيا اچن، اهڙن مڪتبن ۽ مدرسن جي حوالي سان اسان کي قديم زماني ۾ أندلس جو دارالعلوم غرناطه، بغداد جو دارالعلوم نظاميه ۽ مصر جي جامعه ازهرکان سواءِ دمشق، مراڪش، سمرقند، بخارا، آزربائيجان ۽ پوءِ وري نجد حجاز ۽ سنڌ ۾ منصوره، ديبل، سيوستان، بوبڪ ۽ ٺٽو وڏا علم جا آبشار ڏسڻ ۾ اچن ٿا، تنهن وقت ٺٽي کي ته بغداد ثاني به چيو ويندو هو، جو ٻاهرين دنيا جا ڪيترا علم جا پياسي هت اچي پنهنجي علمي اُڄ اُجهائيندا هئا، ان کان پوءِ اسان کي ويجهڙي دؤر ۾ هندوستان اندر ديوبند ۾ مڪتب/مدرسو، سهارنپور ۾ مڪتب/ مدرسو، ڏاٻيل ۾ مڪتب/ مدرسو، رائي بريلي ۾ مڪتب/ مدرسو ۽ دهلي ۾ مڪتب/ مدرسو ملن ٿا، جن دين اسلام جي اشاعت لاءِ وڏو ڪم ڪيو، ڪٿي جو سندن نصاب جو بنياد "درس نظامي" ئي هو پر ان ۾ هر قسم جي علم ۽ فن جي سکيا ڏني ويندي هئي، جو دنيا جي ڪنهن به يونيورسٽي مان فارغ التحصيل هنن جي آڏو بيهي نه سگهندو هو، انهن مڪتبن/ مدرسن مان پڙهي ڪامياب ٿي سَند حاصل ڪرڻ واري کي "مولوي" چيو ويندو هو. هنن مولوين جو ايترو ته علمي ڌاڪو ڄمي ويو هو، جو مسلم ڪاليج علي ڳڙهه ۽ جامعه مليه دهلي جا شاگرد به پاڻ کي "مولوي" سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا، جڏهن ته مولوين سان سندن ڪو تڪ ئي نه ملندو هو، سندن ڏاڙهي مُڇون ڪوڙيل، مٿان اگهاڙا، ڪِن ڪِن جي ته پوشاڪ به يورپين هئي پر پوءِ به پنهنجي نالي جي مهڙ ۾ "مولوي" ضرور لکندا هئا. اوهان مسلم ڪاليج علي ڳڙهه جي پراڻن شاگردن جي فهرست ڏسندؤ ته پڙهندڙن ۾ ججهو تعداد "مولوين" جو ڏسڻ ۾ ايندو.

چون ٿا هڪ ڀيري سر سيد احمد خان، دارالعلوم ديوبند جي باني مباني حضرت مولانا محمد قاسم نانوتوي ڏانهن ويو ته، سائين هاڻي هيئنئن ٿا ڪريون جو مسلم ڪاليج علي ڳڙهه جا شاگرد هڪ هفتو

---

[3] رواه احمد، والترمذي، وابو داؤد، وابن ماجه، والدارمي
[4] القران الڪريم: سورت المجادله، آيت- ١١
[5] القران الڪريم: سورت الزمر، آيت 9

دارالعلوم ۾ پڙهندا ته وري دارالعلوم جا شاگرد هڪ هفتو مسلم ڪاليج ۾ پڙهن ته جيئن ٻنهي ڌرين مان وڇوٽيون ختم ٿين ۽ پوءِ مولانا ان تي راضپو ظاهر ڪيو جو ڪيترو وقت اهو سلسلو به هلندو رهيو.

- **سنڌ ۾ مُلا مڪتب:**

سن 1843ع ۾ جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي ته، هنن هتي تعليم جي ڪميءَ کي ڏيان ۾ رکندي اهڙن اسڪولن جو قيام پي چاهيو، جن ۾ ديني دنياوي ٻئي علم پاڙهيا وڃن، جيڪڏهن انهن اسڪولن ۾ رڳو انگريزي خواندن کي پي رکيائون تڏهن به ڳالهه نه پي ٺهي چو جو وٽن عربي فارسي ۽ ديني علم جي ڄاڻ ڪا مڙئي هئي، سو هنن سمجهيو ته، اهڙن اسڪولن کي مُلا ۽ مولوي ئي ڪامياب ڪري سگهن ٿا، جي نه رڳو عربي فارسي پرسنڌي ٻوليءَ سان گڏ وسيع ديني ۽ اسلامي معومات پڻ رکن ٿا.

انگريز، مولوين جي علميت کان چڱي ريت ۽ ڀلي ڀت واقف هئا، چو ته سن 1853ع ۾ جڏهن سر بارٽل فريئر[1] سنڌي صورت خطي پي جوڙي ته، کيس سنڌ ي ٻولي لاءِ بنيادي ۽ معياري خطي صورت مخدوم ابوالحسن سنڌي[2] واري ئي ملي هئي، جو سندس ڪتاب "مقدمة الصلوٰت"[3] ان وقت به "مخدوم ابوالحسن جي سنڌي" جي نالي سان مشهور هو.[4] انهن مڙني ڳالهين انگريزن کي متاثر ڪيو ته هي ئي ماڻهون آهن جي هر لحاظ کان قابل ۽ ڪارائتا آهن، سو چو نه انهن کان ئي خدمت ورتي وڃي، سندن هي خيال به هو ته، مسلمان پنهنجي اسلامي مدرسن جي ڀيٽ ۾ سرڪاري اسڪولن سان گهڻ رغبت رکن

---

[1] جڏهن سر بارٽر فريئر سنڌ جو ڪمشنر ٿيو ته، ان وقت جي سرڪار ورنيڪيولر ٻوليءَ جو خيال ڪيو، چو ته فارسيءَ سان ته گورن جو لڳ لاڳاپو ڪونه هو، ڪين ئي سنڌي سڪثي، جيئن سنڌين سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ آساني ٿئين، تنهنڪري سڀني ڪامورن لاءِ عام اشتهار ڪڍيائون ته، اڳتي لاءِ دفتر سنڌي ۾ رکيو وڃي، ان حڪم نامي کان پوءِ ديوان ڪندن مل حيدرآبادي، جو ساهتيءَ جي مشهور شهر ڪنڊيارو ۾ مختيارڪار هو، سو جڏهن به ڪا رپورٽ مٿي موڪليندو هو ته، اول فارسي ۾ لکي پوءِ ان جو سنڌي ۾ ترجمو ڪري موڪليندو هو، چون ٿا ته، جڏهن اٺ تي چڙهندو هو تڏهن "ومن يتوكل علي الله فهو حسبه" ۽ جڏهن ڪنهن ڪم جو ارادو ڪندو هو تڏهن "انشاء الله" ضرور چوندو هو.

سن 1852ع ۾ فارسي بند ٿي ۽ سنڌي شروع ٿي، انگريزن کي پنهنجي ڪامورن کي حسابه تاريخ، جاگرافي ۽ ٻيا علم جو سنڌي ۾ سيکارڻا هئا، تنهن لاءِ "مسٽر ايلس" کي مقرر ڪيائون ته، هو انگريزي علمي ڪتابن جا سنڌي ۾ ترجما ڪرائي، تنهن هڪ سال اندر سڄا ڏهه ڪتاب لکرايا (بحواله ملا اسڪول مخزن حيدرآباد سنڌ، ماه جنوري، سال 1933ع، جلد 14، نمبر 1، ص- 18،17،16 (تلخيص)

[2] مخدوم ابوالحسن بن عبدالعزيز ٺٽوي سنڌي يارهين صدي هجري جي پهرين اڌ ۾ ڪنهن سال ٺٽي ۾ پيدا ٿيو، سندس ولادت جو سال اٽڪل 1075ھ/ 1664ع چيو وڃي ٿو. پر ان جو يقيني ثبوت ڪونه ٿو ملي، بلڪ ڪن اهڃاڻن مان سندس ولادت هن سال کان پنجاهه ورهيه اڳ پئي معلوم ٿئي. ترام

[3] مخدوم ابوالحسن جو هي ڪتاب ان وقت عام طورمڪتبن ۾ پاڙهيو ويندو هو، سو سندس وفات بعد مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (ت- 1174ھ/ 1761ع) ان ۾ اصلاح جي ضرورت محسوس ڪئي ۽ "اصلاح مقدمة الصلواة" نالي هڪ ڪتاب فارسي ۾ لکيائين، جنهن ۾ مخدوم ابو الحسن لاءِ نهايت عقيدت ۽ احترام جو اظهار ڪندي "اصلاح" جي لکڻ کي واضح ڪيائين پر مخدوم محمد هاشم جي هڪ ٻئي همعصر ٺٽوي عالم مخدوم محمد قائم سنڌي "اصلاح مقدمة الصلواة" جي رد ۾ هڪ رسالو "الرد علي اصلاح مقدمة الصلواة" عربي ۾ لکيو، هن رد جو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي وري هڪ سخت جواب "حمل السلاح علي معاند الاصلاح" جي نالي سان سن 1152ھ/ 1739ع ۾ لکيو، جنهن جو نالو پوءِ بدلائي "الشفاء الدائم علي اعتراض القائم او تنويرالاصباح علي مسالك الاصلاح" رکيائين. ترام

[4] ياد رکڻ گهرجي ته، اسان جا اڳانا عالم ۽ بزرگ عربيءَ فارسي جي گهڻي ڄاڻ هوندي به پنهنجي مادري ٻولي ۾ لکندا هئا، جيئن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پنهنجا ڪتاب جهڙوڪ: ڪنزالعبرت، بناء الاسلام، مفتاح الصلوٰة ۽ سورت مُلڪ جو تفسيرسنڌي ۾ لکيو، شاهه ڀٽائي جو رسالو سنڌي ۾ هو، ڪڇ جي بزرگن جو ڪتاب "بدرالمنير"، شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جو رسالو ۽ بيان العارفين وغيره سنڌي ۾ موجود هئا، ان مان معلوم ٿيو ته، انگريزن جي اچڻ کان اڳ سنڌي لکڻ جو عام رواج هو ۽ سڀ فارسي خوانده مسلمان توڙي هندو، سنڌي لکي ڄاڻندا هئا. ترام

لاڙڪاڻي ۽ گهوٽڪي ڪان وٺي خيرپور ضلعي جي آخري چيڙي تائين، ٻي هيٺين سنڌ (Lower Sindh) جنهن ۾ موجوده ضلعي نوشهرو فيروز ڪان وٺي ڪراچي جي سمنڊ ڪناري تائين. ان وقت سڄي سنڌ لاءِ هڪڙو ئي تعليمي آفيسر هوندو هو، جو (Educational Inspector in Sindh) ۽ وري ٻنهي ڊويزنن لاءِ الڳ الڳ (Deputy Educational Inspector in Upper Sindh) ۽ (Deputy Educational Inspector in Lower Sindh) هو .

- **مُلا مخزن جو اجراءُ:**

ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد پاران انهن اسڪولن ۽ استادن جي فلاح و بهبود لاءِ ۽ هر موقعي، موڙ ۽ تعليمي خبرن ڪان ڪين واقفيت لاءِ ڏيڍ لاءِ جون سن 1920ع ڪان ماهوار ”مُلا مخزن“ جاري ڪيو ويو، جو اٽڪل پنجٽيهه ورهيه ڪن هليو، هن مخزن جا شروعاتي، ماهه جون ۽ جولاءِ سن 1920ع وارا ٻه پرچا ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان ۽ ان ڪان پوءِ اٽڪل ٻن سالن تائين يعني ماهه آگسٽ سن 1920ع ڪان ماهه آڪٽوبر سن 1922ع تائين، ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر اپر سنڌ جي سربراهي ۾ جيڪب آباد مان ڪڍيا ويا، ان بعد ماهه نومبر 1922ع ڪان ماهه اپريل سن 1955ع تائين باقاعدي حيدرآباد مان شايع ڪيا ويا. هي مخزن خاص طرح سنڌ جي مُلا مڪتبن لاءِ جاري ٿيو هو، جنهن ۾ ملا اسڪولن جي تعليمي ۽ انتظامي سڌارن بابت هدايتون، ٻارن جي تربيت، حقوق الوالدين، استادن جي فلاح و بهبود، زناني تعليم جي تائيد ۾ مضمون، صحت ۽ سلامتي لاءِ هدايتون، زراعت، واپار، هنرن جي ترقي، عام واقفيت، اسلامي تاريخ، صالحن جي صحبت، ذڪر، مشهور عالمن ۽ فاضلن جون سوانح عمريون، اسلامي احڪام، تهذيب و اخلاق، سنڌي ادب، دينيات متعلق معياري مضمون، اسلامي تصوف، تفسيرالقرآن، احاديث نبوي، آثار قديمه، ملڪي رفتار، ايجادات ۽ نظم و نثر تي مڪمل معلومات ڏني ويندي هئي. خاص ڪري مُلا اسڪولن ۾ نصابي ڪمن ۽ پڙهائي جي فن تي روشني، مختلف نصابي ڪم جهڙوڪ: مادري زبان، لکڻ پڙهڻ، رياضي، تاريخ جاگرافي، سائنس، اسلاميات وغيره ڪيئن پڙهائجن ۽ انهن ڪمن جي پڙهائڻ لاءِ ڪهڙيون امدادي شيون ڪتب آڻجن، ازانسواءِ هن مخزن ۾ ايڊيٽر جا نوٽ، ملڪي خبرون، سائنسي ايجادات، ملا اسڪولن کي سرڪار طرفان مليل گرانٽ جو تفصيل ۽ تعليم کاتي جا هدايتي ۽ اطلاعاتي سرڪيولر پڻ شايع ٿيندا هئا، مطلب ته هي مخزن نه رڳو تربيت يافته ۽ غير تربيت يافته مُلن لاءِ ڪارائتو هو پر علم سان تعلق رکندڙ مڙني ماڻهن لاءِ گهڻو لاڀائتو هو، جڏهن ته سال 1902ع ڪان ماهوار ”اخبار تعليم“ جو ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جي پرنسيپال راءِ بهادر ديوان تارا چند شوقيرام آڏواڻي (ڄم 1850ع ۽ ديهانت 1938ع ) جاري ڪيو هو، سو پڻ ”ملامخزن“ وانگر ساڳي ئي مقصد لاءِ ڪم ۾ ايندو هو.

- **استادن جي تربيت:**

ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ مُلا مڪتب جي استادن کي ٽن ٽن مهينن جا ڪورس پڻ ڪرايا ويندا هئا ته جيئن منجهن پڙهائڻ جو نئون جوش جذبو، مهارت ۽ اُتساهه پيدا ٿئي. هت اسين سڄي سنڌ جي ٽنهي يعني حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻو ڊويزن[*] جي اسڪولن جي، سن 1930/1931ع واري فهرست جو عڪس ڏئي رهيا آهيون، جنهن مان اسان کي مُلامڪتب، مُلا استادن ۽ ڪين مليل امداد (Grant) جو پتو پوي ٿو:[**]

---

[*] ياد رکڻ گهرجي ته هي روينيو ڊويزن نه پر اسڪولن جي انتظامي ڊويزن آهي. برام

[**] ملا اسڪول مخزن: حيدرآباد سنڌ، ماهه مئي، سال 1931ع، ج 12، مخزن نمبر 5، ص 2 تا 14/ماهه جون، سال 1931، ج- 12، مخزن نمبر 6، ص- 1 تا 11/ماهه نومبر، سال 1931ع، ج 12، مخزن نمبر 11، ص 15 تا 27

۱۴

ملا سڪولس مڪتبن نمبر ۵، مهنو مي سنه ۱۹۳۱.

| جريان نمبر | تعلقو | مڪتب | ملا يا مئنيجر | ساليانيءَ جاءِ جي گرانٽ | گرانٽ | ر |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ۳۴ | ٽنڊو الهيار | ٽنڊو الهيار | محمد صالح | ۳۲۵ | .. | |
| ۳۵ | ميونسپل | ٽنڊو الهيار | محمد هاشم | ۱۷۵ | .. | |
| ۳۶ | نصرپور | نصرپور نمبر ۱ | حافظ اسحاق | ۱۳۵ | .. | |
| ۳۷ | " | نصرپور نمبر ۲ | محمد بخش | ۶۱۰ | .. | |
| ۳۸ | هالا | هالا نوان مردانو | عبدالرحمان | ۱۰۲۵ | .. | |
| ۳۹ | " | هالا نوان نائيت | عبدالرحمان | ۲۹۰ | .. | |
| ۴۰ | " | هالا نوان گرلس سڪول | حافظ محمد | ۲۲۰ | .. | |
| ۴۱ | " | مٽياري | حافظ محمد | ۴۷۰ | .. | |
| ۴۲ | عمرڪوٽ ميونسپل | عمرڪوٽ مدرسه اسلام | حيدر علي شاه | ۲۶۵ | .. | |

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

نحمده و نصلي علىٰ رسوله الكريم.

لسٽ ملا سڪولن جي ساليانه گرانٽ جي، ڊويزن سکر.

سال ۱۹۳۰-۳۱ع.

| نمبر | نالو ملا جو | نالو سڪول جو | تعلقو | ساليانی گرانٽ |
|---|---|---|---|---|
| | | ميونسپال. | | |
| | عبدالرزاق | گهوٽڪي | گهوٽڪي | ۱۶۰ |
| | حبيب الله خان | گڙهي ياسين | گڙهي ياسين | ۴۰۵ |
| | ڪرم عليشاه | سکر | سکر | ۱۲۵ |
| | سردار عليشاه | " | " | ۲۵۵ |
| | امير بخش | " | " | ۳۵۰ |
| | حڪيم غلام حيدر | شڪارپور | شڪارپور | ۴۳۹ |
| | خليفه غلام حيدر | " | " | ۴۹۰ |
| | حاجي شاهه | " | " | .... |
| | عبدالڪريم | " | " | ۱۲۵ |
| | | لوڪل بورڊ. | | |
| | محمد ابراهيم | آباد لاڪا | سکر | ۲۵۰ |
| | عبدالله | ڏاريجا | " | ۲۰ |
| | عبدالحڪيم | قبو جامع شريف | " | ۱۶۰ |
| | حافظ محمد مرزان | رسعر | " | ۲۰ |
| | مولوي سليمان | دين پور | " | ۱۰۰ |
| | حافظ اسماعيل | دل | " | ۸۲ |

L (17) 214—1

٤ ملا اسڪولس مڪتبن نمبر ٦ مهني جون سن ١٩٣١ع.

| ڄاڻايل نمبر | نالو ملا جو | نالو اسڪول جو | تعلقو |
|---|---|---|---|
| ٥٥ | ملا سوڍو | ڪاڪيپوٽو | ڳڙهي ياسين |
| ٥٦ | محمد رمضان | ڏوڳي جاکري | " |
| ٥٧ | قادر بخش | مرزاپور | " |
| ٥٨ | حبيب الله | ڪوٽ عبدالله | " |
| ٥٩ | دوست محمد | ويسر | " |
| ٦٠ | مولوي محمد هاشم | ٺٽون ڳوٺ | " |
| ٦١ | مولوي عبدالله | ٻاڏاڄي | پنوعاقل |
| ٦٢ | محمد عظيم | مارڪ جاڄڙ | " |
| ٦٣ | الهه وڌايو | ڳاڙهڪو | " |
| ٦٤ | محمد رمضان | خدا بخش مهالو | " |
| ٦٥ | شير محمد | ڦلاڻي | " |
| ٦٦ | محمد صديق | امان الله انڍڙ | " |
| ٦٧ | محمد عالم | شير محمد بلو | " |
| ٦٨ | مظفرالدين | قادو انڍڙ | " |
| ٦٩ | امام بخش | جيجهرو | " |
| ٧٠ | ملا سونو | خاصو | " |
| ٧١ | محمد صالح | شاهپور | " |
| ٧٢ | محمد رمضان | جواريو مهالو | " |
| ٧٣ | عبدالحڪيم | پيرو انڍڙ | " |
| ٧٤ | عبدالرحمان | ڳڙهي قادر بخش | " |
| ٧٥ | محمد موسيٰ | دادلوءِ | " |
| ٧٦ | محمد عالم | ڪمال انڍڙ | " |
| ٧٧ | محمد عالم | سومر ڏڪڻ | " |
| ٧٨ | مائي نواز خاتون | ڳوٺ هارون | " |

ادل سومرو



## غزل

تو بنا هي گيت ٿو سُڏڪو لڳي، تون ڏئين ٿي ٿهڪ منهنجي حال تي،
گهر ٻہ پنهنجو اوپرو جڻ ٿو لڳي. منهنجي دل ۾ جڻ تہ ٿو ڪوڪو لڳي.

مصنوعي لفظن سان ڪن ٿا آجيان، پاڻ ٿو پنهنجي ڪري واڪاڻ هُو،
ڪوبہ ناهي جو هتي پنهنجو لڳي. آدمي ڪيڏو نہ ٿو هلڪو لڳي.

هرڪو جملو جڻ تہ ٿو حملو ڪري، مان وڇوڙي جون ڪيان ٿو ڳالهيون،
دوستيءَ جو هي نئو لهجو لڳي. توڪي دوست! ٿو اِهو چرچو لڳي.

"مونکي تنهنجي آهہ وڻندي شاعري"، بددعا مون کي نٿي تون ڏئي سگهين،
سِڀ اِها تنهنجي مون کي تمغو لڳي. خط هي مون کي نئو تنهنجو لڳي.

پيار جي دنيا جو پنهنجو رنگ آ، "پاڻ گڏجي گهارينداسين زندگي"،
درد ٻي محبوب جو تحفو لڳي. ڳالهہ ٿي هاڻي اها سپنو لڳي،

## شاعري

ڪنهن به شيءِ ڪنهن به عمل جو جڏهن تقابلي جائزو وٺبو آهي، ته ان کي ٽن دورن ۾ ورهائبو آهي. ماضيءَ حال ۽ مستقبل ۾ - ۽ ان کان پوءِ ڪو نتيجو ڪڍبو آهي ۽ ائين ٿي جيڪڏهن اسان سنڌي شاعريءَ کي ٽن دورن ۾ ورهائينداسين ته ان جو نتيجو ايڏو سولو نه نڪرندو! سڀ کان پهرين ته سنڌ جي اوائلي شاعري جيڪا سيني به سيني منتقل ٿيندي رهي آهي ان شاعريءَ جي جيڪڏهن توهان- اسان کي سهيڙ ڪرڻي پوندي ته، اُن لاءِ اسان کي سنڌ جي ڀرارين ڏانهن ڏسڻو پوندو ۽ سنڌو دريا جي ڪناري سان رهندڙ اوائلي ڳوٺن جي ماڻهن سان ملڻو پوندو ۽ خانه بدوشن (اهي جيڪي سنڌ جي سيني تي ڪڏهن ڪنهن ڪنڌ ته ڪڏهن ڪناري رهندا پيا اچن) سان رهاڻيون رچائڻيون پونديون ۽ انهن کان سنڌ جي اوائلي ادب کي دريافت ڪرڻو پوندو ۽ توهان کي اهو ڏسي ڏاڍي حيرت ٿيندي ته، سنڌ جا ڪجهه امڙا به علائقا آهن، جتي رابطي جي رسي ڀرارڙي توڙي ڳوٺ ۽ شهر کان ڪٽيل آهي ۽ امڙا علائقا ٻئي هنڌ به هوندا، جيڪي مون ڏٺا آهن اُهي ڪيرٿر جي پٽي ۾ آهن ۽ اُتان جي ماڻهن وٽ لوڪ ادب ته پاورفل آهي جو، انهن جي زباني جڏهن توهان اُهو ٻڌو ته، ڏندين آڱريون اچي وڃن ۽ اُهي ماڻهو نج سنڌي ٻوليءَ جي واهپي کان ويندي، قصي گوئي ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ آهن، چوڻ جو مقصد ته، سنڌي ادب شاهوڪار آهي ۽ ان جي سهيڙ ضرور آهي ته، جيئن اسان اِهو ڪاٿو ڪري سگهون ته سنڌي ادب ماضيءَ جي پيٽ ۾، حال ۾ ڪٿي بيٺو آهي ۽ ان جو آئيندو ڪٿي دنگ ڪندو. ان منطق تي ضرور سوچجي!

**احمد شاڪر**

ڪتاب: "روشني آهيون اسين"
ص 5 تان ڪنيل



## امداد حُسيني

## نظم

رَهبرن رهزني ڪئي توسان
رهزنن رهبري ڪئي تنهنجي
حال محرم اُلا ڪيئي جن کي
تن وجي مخبري ڪئي تنهنجي!

جن کي تو ڄاڻ وارو وڻ سمجهيو
سي سنڌ پير لاءِ ڪاٺ ٿيا
تنهنجي ٻاران ڪُڇي سگهيا ٿي جي
سي سڀئي موت جهڙي ماٺ ٿيا!

وِهُ ڪئورو پري ڏٺئون توکي
هِڪَ ٿي تِڪَ پي وڃڻ جي لئه
زهر زم زم ڪري ڏٺئون توکي
ائين ماري ڇڏيئون جيڻ جو چئي.

## غزل

نانءُ تنهنجو لکي رهيو آهيان،
نانءُ تنهنجو پڙهي رهيو آهيان.

زخم تي هٿ ڌري ڇڏيو آهي،
مُرڪندي لُڙڪ پي رهيو آهيان.

آڳ ٿي ماڪَ، آڳ ٿي مُکڙي،
ڏس تہ روئي کِلي رهيو آهيان.

ماڳ آهي نہ آهہ ناهہ پَتو،
مارڳ آهي هلي رهيو آهيان.

ڪو ڳُڏائي اهو وڃي هُن کي،
زندگي آهہ جي رهيو آهيان.

وقت جي آڱرين ۾ سگريٽ جنءَ،
مان مسلسل دُکي رهيو آهيان.

زندگي تو سوا سڄڻ سائين،
زهر آهي تہ پي رهيو آهيان.

آڳ جو پاڻ آهيان "امداد"،
ڏسُ اُن جو ٻُجي رهيو آهيان.



امين ڀٽو

## غزل

پن ڇڻ هئي يا دل جي موسم اُداس هئي،
گل جي مٿان ٿي برسي شبنم اُداس هئي.

ميلاپ جي گهڙي ۾ مالي جڏهن ويئين،
چوري جو چير جي پر چم چم اُداس هئي.

وڻ جي ودڻ جو مرثيو پڙهيو پئي هوا،
پنڇين جي پٽ پرين هر اک نم اُداس هئي.

مون کي لڳو لڳن ۾ پريو هو لوڻ ويو،
جڏهن ڏٺي مون پنهنجي جانم اُداس هئي.

تنهنجي هي گفتگو ۾ آيو زهر ڪٿان،
منهنجي اکين مان وهندڙ رم جهم اُداس هئي.

## غزل

توڙي وچ ۾ ڪا جدائي ڪانہ آ،
هاڻ رغبت پر اهائي ڪانہ آ.

آئون تنهنجو ٿي ازل ڪان ها چري،
تومان ويئي جو چريائي ڪانہ آ.

ڪو تہ آهي جيڪو تاريندو وچي،
ڪنهن بہ ٻوڙڻ ڪان گهٽائي ڪانہ آ.

تنهن ڪري توکي وڃائي هو ڇڏيو،
هاڻو مون ۾ ئي سچائي ڪانہ آ.

روز جي جڪتاڻ ڇا جي لئہ رکون،
ء جدا ٿيڻ ۾ برائي ڪانہ آ.

قيد تنهنجي زلف ۾ اڄ ٻي "امين"،
مون ڪٿي حاصل رهائي ڪانہ آ.



# خالد احمداڻي

## غزل

اوهان مُکن تي نقاب سانديا،
نوان اسان لاءِ عذاب سانديا!

اوهان جون نظرون ڇڏيون هٽائي،
اسان وجي پوءِ شراب سانديا!

رچي رڱن ۾ ويا اسان جي،
اوهان هي کهڙا شباب سانديا!

اوهان نه آيا مگر سنجها جو،
اسان هٽن ۾ گلاب سانديا!

اوهان کي حاصل ڪرڻ جا جانان!
اکين ۾ ڪيڏا خواب سانديا!

اوهان وٽان ڪئين ملن وفا جا،
اوهان جفا جا ڪتاب سانديا!

## غزل

ڪونه برسيا ڪڪر ريگزارن مٿان،
رات ساري ٻريا ديپ جارن مٿان!

ڇوڙ جانان ڇتا، گيت ڳائي لتا،
واهه ڪينچل ڪري تنهنجي وارن مٿان!

تنهنجي آمد جي لاءِ، اڄ ڏسي ڪيترا،
ڦول اُٿي رکيم تنهنجي چارن مٿان!

سج لهندو ويو سانوري سانجهه جو،
هُو بينا هئا ٻئي ڪنارن مٿان!

خود خدا پي پيو هُن کي ڏسندو رهيو،
جوڪري پئي رني ڪا مزارن مٿان!

مٺي ڪان اڳ ۾ روئي ڳاٽي پئي ڇيو،
منهنجون ناهن مياروُن ادارن مٿان!

هُن کي جُهي ائين مون کي محسوس ٿيو،
پير بجلي جي جڻ آهي تارن مٿان!

هُن جي هٿ جو ڪنگڻ، هورڙيان اک ڇنيڻ،
ياد هُن جي لٽي آبشارن مٿان!

هي ته آهن فقط چيت ’خالد‘ رڳو،
پير پنهنجا سدا هِن ترارن مٿان!

## سيد سراج



### وائي

زندگيءَ جي ڪلهه شلهَ،
تو سوا ڏڙڪي نه سگهندي

چنڊ تارا ۽ هوائون ڇا خيالن جي اُڏامَ،
زندگيءَ جي ڪلهه شلهَ،
تو سوا ڏڙڪي نه سگهندي

راتِ ڪان ڪويل ڏکي آ، انب جي ٻي چين لامَ،
زندگيءَ جي ڪلهه شلهَ،
تو سوا ڏڙڪي نه سگهندي

تو سوا سڀ ڪوڙ آهي، سڀ اُجايا خيال خلمَ،
زندگيءَ جي ڪلهه شلهَ،
تو سوا ڏڙڪي نه سگهندي

### غزل

ماڻهو ماڻهو مان پَريو،
رشتو اطميناڻ پريو.

هو رومال تي پيار لکي،
ڏاڳن ۾ اَرمان پريو.

سِٽ هڪڙي ئي ڪافي آ،
جو ٿا پوءِ ديوان پريو.

صرف نه اوڙي مظلومن،
آهُن ۾ طوفان پريو.

تجربي تي ويا آهيون،
رنگ ڏيو عنوان پريو.

زين ڪوسو

## غزل

قلم تنهنجي ۾ ڪندا آيا ڪٿان؟
نرم هٿڙن ۾ ڏنڊا آيا ڪٿان؟

خون لفظن جو اگر تو ناهي ڪيو،
پوءِ ڪاغذ تي ڇنڊا آيا ڪٿان؟

ادب ۾ ڏس بي ادب پيا ڪاهجي،
عقل جا ايڏا انڌا آيا ڪٿان؟

گارگند آهي شيوو جن جو،
گفتگو ۾ اهڙا گندا آيا ڪٿان؟

سنگت جا جن لتاڙيا سڀ قاعدا،
ڪوڪلا سي ڪنڌا آيا ڪٿان؟

ماڻهپائي جن وڃائي ”زين“ آ،
بي وڙا هي بندا آيا ڪٿان؟

## غزل

رکي ڪاون پير،
تو اچان توڏي سڪي.

ڪونه سڄاڻان ڳوٺ ۾،
ڪنهن سان اير نه پير،
تو اچان توڏي سڪي.

رات سناٽي ۾ ٻڌي،
ڇر ڇر ڇمڪي ڇير،
تو اچان توڏي سڪي.

وڃائي ويهان ٿو سمڪ،
جڏهن ڪرين ٿي دير،
تو اچان توڏي سڪي.

تون وٽ آهن سرس سک،
مون وٽ ڏکن ڍير،
تو اچان توڏي سڪي.

متان ڪرين پنڌ پرين،
پٿون ٿين نه پير،
تو اچان توڏي سڪي.

تون آهين اُجرو اڇو،
مان هان مير ئي مير،
تو اچان توڏي سڪي.

ڇرڪ پريم اڄ اوچتو،
خدا ڪندو خير،
ٿو اچان توڏي سڪي.


امداد حسيني

## پرينءَ جي پڳهارَ
بادل جمالي


مدد علي سنڌي


ايوب عمراڻي


بهادر ٿالپر

## ڏي وٺ ۽ نڌيڻ جي شادي
عباس سارنگ

# ڪهاڻيون

رچرڊ برٽن "The Book of Thousand Night" ۾ لکيو تہ جيئن تہ (ڪهاڻيون) سڄي دنيا ۾ وڌن ٿيون، انڪري عجب ناهي جو قصا گوئي جي شروعات تڏهن کان ٿي. جڏهن انسان پيرن تي بيهڻ سکيو" رچرڊ برٽن جي مٿئين راءِ مان ائين لڳي ٿو تہ قصا گوئي / ڪهاڻي انسان جي شروعاتي ڏينهاڙن کان هلندي اچي ٿي. ان دوران ڪهاڻيءَ ڪيترائي مرحلا طئي ڪيا آهن. جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي شروعات 1930ع جي ڏهاڪي ۾ ٿي، جنهن جي شروعات ڪهاڻي "ادو عبدالرحمان" کان ٿي جنهن جو ڪهاڻيڪار امر لال هنگوراڻي هو، هي ڪهاڻي دنيا جي ڪيترن ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي آهي، ان کان پهريان 1914ع ۾ ماهوار رسالن ۾ طبعزاد ۽ ترجمو ٿيل ڪهاڻيون بہ ڇپجڻ لڳيون. ان دور جي لکيل ڪهاڻي "حرمکي" جا اهم جاءِ واري ٿي. جنهن کي سنڌي جي پهرين اصلوڪي ڪهاڻي سمجهيو وڃي ٿو. 1930ع جي ڏهاڪي کان اڄ تائين سنڌي ڪهاڻي پنهنجو پاڻ ملهايو آهي ۽ ڪيترن ڪهاڻيڪارن ان کي پنهنجي عروج تي پهچايو آهي، اڄ بہ ڪيترن ئي ڪهاڻين کي اهم حيثيت حاصل آهي.

هر دور ۾ سنڌ جي مٿان ڪيترائي جبر جا دور آيا، انهن دورن جي عڪاسي ڪهاڻيڪارن پنهنجي ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جي ذريعي ڪئي، جا جابجا سماجي مسئلا، طبقاتي تضاد، سياسي ۽ اقتصادي اڻ برابريون، ڪاروڪاري جو رجحان ۽ غربت ۾ پيڙجندڙ طبقو، انهن موضوعن سنڌي ڪهاڻيڪارن کي لکڻ لاءِ اُتساهہ ڏنو ۽ انهن ڪهاڻيڪارن خوبصورت ڪهاڻيون لکيون، انهن مسئلن جي نہ صرف نشاندهي ڪئي وئي پر انهن جي حل لاءِ واٽ بہ ڏسي.

**ٻہ اکر: پارس حميد**

ڪتاب: 'پنل اکڙيون'

ص 20 تان ورتل

ماءُ جي ڳالهہ تي جواب ڏيڻ ضروري نہ سمجهيائين. هزار وارا ڪجهہ نوٽ پيءُ کي ڏيندي چيائين:

"بابا، مون وٽ اجهو هي وڃي بچيا آهن، هيءُ وٺ مون کان نہ تہ اِهي بہ ويندا خرچ ٿي."

پيءُ چار ئي نوٽ الڳ الڳ ڪري، اکين سامهون جهلي ڏٺا. وري انهن کي ملائي، هن کي ڏيکاريندي، جهيڻي آواز ۾ چيائين:

"هِنن مان ڇا ٿيندو ابا؟ هيءُ تہ رڳو اٽي لاءِ بہ پورا ڪونہ پوندا. بجلي ۽ گئس جا بل، دوڪان جو ڪٽتو، دوائن جو خرچ، ٻارن جون خرچيون، ماڻهن جي اوڌر. حساب ڪر تہ ڏهن هزارن ۾ بہ گذارو مشڪل ٿيندو. رڳو چار هزار ڏيئي جند ٿو ڇڏائين، آءٌ مڙهو مڙس ڪٿان آٽي پوري ڪندس...؟"

"ابا، خبر بہ اٿئي، تہ منهنجي پگهار آهي ئي ڏهہ هزار ان مان ڪراچيءَ جهڙي گورخ شهر ۾ رهي، گذارو بہ ٿو ڪيان، تہ هر مهيني اوهان کي بہ رقم موڪليان ٿو. وڌيڪ ڇا ڪريان؟"

"پٽ، ڪراچيءَ ۾ رڳو تون ڪونہ ٿو رهين، پنهنجي ٿر جا ٻيا بہ ڪيترائي نوجوان رهن ٿا. اهي تہ ماڻهن کي مالامال ڪيو وڃيا آهن. ڪن مينهون ورتيون آهن، تہ ڪن ڪيلي جا ٺيڪا ورتا آهن. تون پنهنجيون عياشيون ڇڏين تہ سترين نہ. تنهنجي پگهار تہ اسپتال جون نرسون کايو ٿيون وڃن، باقي بچت..."

"ڇا...؟ ڇا...؟ اهو ڇا پيو چوين ابا...؟"

هو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو، پيءُ کي جملو پورو ڪرڻ نہ ڏنائين:

"آءٌ نرسن سان عياشي ٿو ڪيان، اهو تون ٿو چوين ابا...!!" هيڏانهن... هيڏانهن منهنجي مُنهن ۾ تہ ڏس. هيءُ منهن توکي عياش ماڻهوءَ جو ٿو لڳي...؟ ٻڌاءِ ابا...؟ ان کان چڱو هو، تہ گولي هڻي ڇڏين ها. پر اهڙو غليظ بهتان نہ هڻين ها مون تي...!!"

هن جي جوابي وار تي پٽس ٿورو جهڪو ٿيو، هو تڏهن بہ جوش مان ڏڪندو رهيو. ماڻس اُٿي هِن وٽ آئي، ڪيس ٺارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

"ٿڌو ٿيءُ پٽ، صبر ڪر. مڙهي جو بلڊ پريشر وڌي ٿو وڃي، تہ پوءِ اچي ڪاري جي خبر ئي نٿي پويس. وٺو "گُل ٽُڪي" اٿ منهنجا پرين. وهنجي تيار ٿيءُ وڃي دوستن سان مل. سڀ تنهنجي انتظار ۾ هوندا. شاباس پٽ..." ماءُ جي دلاسي کان پوءِ بہ هو ڪڙهندو رهيو.

"آءٌ ڪراچيءَ ۾ ڪلمورو تہ ڪونہ لڳو آهيان، جو نوٽن ۾ ڪيڏندو هجان. آءٌ تہ هڪ ننڍڙي خانگي اسپتال ۾ خسيس گارڊ آهيان، "گارڊ". يعني چوڪيدار، جنهن وٽ نہ رشوت آهي، نہ ڦرمار، نہ بونس آهي، نہ ڪميشن فقط سُڪي پگهار آهي. جيئن پرئي درياهہ ۾ بہ ڪتي کي جڀ تي پاڻي هوندو آهي...!

آءٌ بہ انسان آهيان، نوجوان آهيان، منهنجي بہ دل ڪري ٿي تہ عمدا وڳا پايان، پلا بوٽ پايان، ٽچ موبائل کڻي گهمان، آهي ڪنهن کي منهنجي خواهشن جو خيال...؟ جڏهن بہ ٿو اچان، تہ ڦر ڦران تي زور هوندو اٿو. هر وقت ڳجهن وانگر پٽيندا ٿا رهو...!!"

هُو زور زور سان ڳالهائيندو، ٻاهر نڪري ويو. ڳوٺ ۾ ڳوليندو رهيو، تہ ڪو موٽر سائيڪل وارو دوست ملي وڃيس، جيڪو ڪيس روڊ تائين ڇڏي اچي... ڪجھ دير کان پوءِ، مايوس ٿي موٽي آيو... پنهنجا ٻڙيل پڪڙيل ڪپڙا ڳوڙهي ٿيلهي ۾ وجهي، بنا ٻڌائڻ ۽ موڪلائڻ جي ائين ڪٺي منهن ڪري نڪتو... ڏر تتيءَ ۾ وزني ٿيلهو کڻي، اڍائي ڪلوميٽر پنڌ ڪندي هُو اندران توڙي ٻاهران ڇَرغي جيان ٽانڊن تي پچندو رهيو...

•••

ڪراچيءَ پهچي، اسپتالِ جي ڪينٽين ۾ هٿ منهن ڌوئي، ٿڌي پاڻيءَ جا بہ گلاس پي، سامت ۾ آيو. تہ بہ گِرهہ مانيءَ جا هڻي ورتائين. ٿيلهو کوليائين، تہ ڪپڙن جي وچ مان پلاسٽڪ جي ٿيلهي

”ها، موڪل ورتي پوري ٿي.“

”اڙي هي ڇا، هٿن سان گڏ پيرن کي به مينڌي هڻي آيو آهين...! آهي ته خير نه؟“

شهلا ڀرپور حيرت جو اظهار ڪيو.

”ها، خير ئي آهي، بس، هي ٿورو ائين ئي...“

هو وضاحت ڪرڻ کان لنوائي ويو.

”چانهه جو موڊ آهي؟“

شهلا مرڪندي کانئس پڇيو.

”ٿورو ترس، مئنيجر اڄ راؤنڊ هڻي وڃي، پوءِ ويهي پيئنداسين. آنٽي ڪيئن آهي؟“

”ٺيڪ آهي، روز ٿي تنهنجو پڇي. اڄ هلي مل جائينس.“

”آءٌ راؤنڊ لڳائي ٿو اچان...“

هو ٽيلارو ڪندو، اسٽاف سان هيلو هاءِ ڪندو، مينڌيءَ بابت سوالن جا جواب ڏيندو رهيو. شام جو شهلا سان گڏ سندس گهر پهتو، ته هن جي ماءُ مينڌيءَ بابت ڪيترائي سوال پڇيا.

”پٽ سنڌي ماڻهو مينڌي ڪن خاص موقعن تي ئي هڻندا آهن. گهڻو ڪري ته شاديءَ جي موقعي تي، يا وري ڪي مڱڻيءَ جي موقعي تي به هڻندا آهن. باقي عام حالتن ۾ ته مرد مينڌي ڪونه لڳائيندا آهن.“

”آنٽي اوهان صحيح ٿيون چئو، دراصل... اصل ۾ گهر وارا ڀهرئين کان ئي تياري ڪيو ويٺا هئا. منهنجي پهچڻ سان ئي ڪٿي رسم ڪري ورتائون.“

”ڪهڙي رسم پٽ؟“

شهلا جي ماءُ وڏي تشويش مان پڇيو.

”شاديءَ جي.“

شادي لفظ ٻڌڻ سان ئي هن کي وڏو جهٽڪو لڳو! منهن جو رنگ ئي بدلجي ويس.

”منهنجي مڱڻي ننڍي هوندي کان ئي، منهنجي سؤٽ زينب سان ٿيل هئي. هن ڀيري نڪاح ڪرائي، سِر ميل ڪرائي ڇڏيائون.“

شهلا چانهه ۽ بسڪٽ کڻي آئي، تڏهن به ماڻس جڻ ته لاتعلق ٿي رهي.

”موڊ جو خراب آهي امي؟ وڏيرو خان اسان وٽ آيو آهي، هن سان ڪِلي، خوش ٿي ڳالهاءِ. موڊ ٺيڪ ڪر.“

”ڇا ٿيو منهنجي موڊ کي، ٺيڪ ته آهيان.“

”ڪچھ تو ہے، جس کی پردہ داری ہے“.

شهلا شرارت مان شعر پڙهيو. ماڻس هن جي سادگيءَ تي چڙي پئي. رڙ ڪري چيائينس:

”ڪجهه سمجهين به ٿي بيوقوف! وڏيرو خان شادي ڪري آيو اٿئي...!!“

”ڇا...!!!“

شهلا کان اوچتي رڙ نڪري ويئي. پرين هنن جي ردِ عمل تي حيران ٿي ويو.

”اِهي سنڌي وڏيرا، سدائين ائين ئي ڪندا آهن. اُٺ وانگر جيڏانهن مُنهن، تيڏانهن منزل. پنيان ڪير مري يا بچي، هنن جو ڪجهه نه وڃي...“

”آنٽي اوهان جو اوچتو پريشان ٿي وڃڻ، منهنجي سمجهه ۾ نٿو اچي. ٿوري وضاحت ڪندؤ؟“

”پٽ هاڻي ڇا وضاحت ڪجي، وضاحتن جو وقت ويو گذري... توسان ملي، شهلا ڏاڍي خوش ٿي هئي. هر وقت تنهنجيون تعريفون ڪندي هئي، اصل ۾ هيءَ توکي پسند ڪرڻ لڳي هئي. مون به چاهيو پئي، ته اوهان جي شادي ٿي وڃي. اجنبي شهر ۾، نوڪريءَ سان گڏ، توکي ڇوڪري به ملي وڃي. ۽ بونس ۾ نهيل نڪيل گهر به. شهلا جي پندرهن هزارن واري پگهار ۾ تو وارا ڏهه هزار به شامل ٿي وڃن، ته ٺيڪ ٺيڪ رقم ٿي پوندي. زندگي سک ۽ سڪون سان گذرندي، پر وقت اهڙو ڪو ڦيرو کاڌو. جو اسان جون حسرتون، حسرتون ئي رهجي ويون...“

”چاهيو ته شايد مون به اهوئي پئي آنٽي، پر نه ته آءٌ ان جو اظهار ڪري سگهيس، نه وري شهلا طرفان ئي ڪو اهڙو اشارو مليو.“

”اڇا ته شروعات هئي پٽ. اڳتي هلي سڀ ڪجهه ٿي پوي ها! پر توکان صبر نه ٿيو. خدا توکي خوش رکي. اسان جي نصيب ۾ نه هئين تون...“

ماحول ڏاڍو اُداس ٿي ويو. انڪري هن موڪلائڻ ئي بهتر سمجهيو.

”آءٌ هاڻي اجازت وٺندس آنٽي. شهلا کي سڏ ڪيو ته موڪلائي وڃانس. آهي ڪٿي؟“

”وڃي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ پنهنجي قسمت تي روئندي هوندي، هن جي ذهن تان اهو صدمو سڄي زندگي ڪونه لهندو! پڻ ناراض نه ٿين ته هڪڙي ڳالهه چوانءِ...؟“

”حڪم ڪريو، ناراض ڇو ٿيندس؟“

”تون واقعي شهلا کي چاهين ٿو، ته هيءُ اڄ به توسان شادي ڪري سگهي ٿي، پر ان لاءِ توکي پنهنجي وفاداريءَ جو ثبوت ڏيڻو پوندو...“

”وفاداريءَ جو ثبوت... مثال طور ڇا...؟“

”پهرئين گهر واريءَ کي طلاق ڏيڻي پوندئي...!!“

جملي ٻڌڻ سان، پرينءَ جي اندر مان باهه جو شعلو ڀڙڪو ڏيئي اٿيو، جيڪو سندس نس نس ۾ اُماڙيون پري ويو...!!! هُو قاتل اکين سان ڪيس ڏسندي، بنا ڪجهه چوڻ جي ٻاهر نڪري ويو.

***

شهلا پرينءَ جي دوستيءَ کي ڄڻ ته ڪنهن جي نظر لڳي ويئي. هُو هڪ ٻئي کان پري پري رهڻ لڳا. جيڪو اسپتال جي پوري اسٽاف محسوس ڪري ورتو هو. پرين رائونڊ ڪندي، ڊسپينسريءَ وٽان لنگهيو، ته سِسٽر اُلفت جي مٿس نظر پئجي ويئي:

”گارڊ صاحب، ڪڏهن ته منٿ اسان وٽ به ويهو. پري کان ئي جهاتي پائي هليا ٿا وڃو.“

هُو بنا ڪجهه چوڻ جي، لڙي اندر ويو، ويهڻ لاءِ ڪيس اسٽول ڏيندي سِسٽر اُلفت پڇيو:

”ڇا پيئندؤ؟“

”ٿئنڪيو سِسٽر، آءٌ ڪو مهمان ڪونه آهيان، ڪيئن سڏيو اٿوَ؟“ هيڏي هوڏي نهاري، هُن رازدارانه انداز ۾ پڇيس:

”اڄڪلهه سِسٽر شهلا ۽ اوهان ڪجهه پري پري ٿا نظر اچو. ڇا تان ناراض آهيو؟“

”ڪا ناراضگي ڪانهي، پهرئين وانگر ئي آهيون.“

”پهرئين وانگر ته ڪونه آهيو. نٽا ٻڌائڻ چاهيو، ته ڀلي نه ٻڌايو، پر ڪا ڳالهه آهي ضرور. اِها مائي ميڪ اپ جو سهارو وٺي، ڇوڪري ٿيڻ جي ڪوشش ڪري پيئي، پر ڇوڪري اٿوَ ڪانه! ٽيهن جي پيٽي واري ”اڌڙوٽ“ اٿوَ. ٻه پيرا مڱڻو ٿيو هيس، ٻئي پيرا ٽُٽي ويس. هينئر واندي آهي، ته لڳي آهي اوهان جي پويان، ان کان بچجو...!“

”اهو ٻڌائڻ لاءِ مون کي سڏيو اٿوَ؟“

هُو ڪاوڙ مان اُٿي بيٺو.

”هُوءَ اوهان جي دوست آهي، اوهان سان گڏ ڪم ٿي ڪري، دوست جو ڪجهه ته لحاظ ڪريو.“

هُو ٻاهر نڪري ويو، سِسٽر اُلفت ٻڙ ٻڙ ڪندي پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويئي.

***

شاديءَ کان پوءِ بنا پروگرام جي ٻه پرينءَ ڳوٺ جا ٻه ٽي چڪر ڏنا. ڪجهه مهينن پڄاڻان خوشخبري مليس ته ”هُو پيءُ ٿيڻ وارو آهي.“ ان ڳالهه ڪيس زينب ڏانهن ڪجهه وڌيڪ مائل ڪري ڇڏيو. آخر اهو وقت به اچي ويو، جنهن جو سڀني کي انتظار هو، دائي ڀاڳل کي سڏايو ويو، جنهن زينب کي تپاسي چيو:

”پريشانيءَ جي ڪا ڳالهه ڪانهي، ويهه ۾ پنج ڇهه ڪلاڪ لڳي سگهن ٿا. سڀ دعا ڪريو ته خير ٿئي.“

پرينءَ کي فون ڪري، پئسا ڪٺي فوراً پهچڻ لاءِ چيو ويو. دائيءَ جي سنوڻ سانت آڌ مَک ۽ پٽ پٽان ۾ پورو ڏينهن گذري ويو. ان دوران هوءَ ڪين تسليون ڏيندي رهي. ٻئي طرف زينب جي حالت جيئن پوءِ، تيئن نازڪ ٿيندي ويئي، هوءَ تڪليف کان لڳاتار دانهون ڪندي رهي. نيٺ آڌيءَ رات ڌاري دائيءَ هٿ ڪنيو ۽ صلاح ڏني ته ”مائيءَ کي هينئر جو هينئر شهر ڪٺائي وڃو ڪنهن وڏي ڊاڪٽرياڻيءَ وٽ، متان ٻار کي ڪو نقصان نه ٿي پوي.“

پاڙي مان ڪجهه پئسا اوڌر وٺي، صبح جو زينب کي اسپتال پهچايو ويو. ڊاڪٽرياڻيءَ ٻڌايو ته:

"ٻار پيٽ ۾ ڪمزور ٿي ويو آهي. مائيءَ جي زندگيءَ کي سخت خطرو آهي. آپريشن ڪرڻو پوندو. پنجويهه هزار رپيا پهرئين جمع ڪرايو."

"ڊاڪٽرصاحب، اسان مسڪين ماڻهو آهيون، ايڏي وڏي رقم نه ڏيئي سگهنداسون. مهرباني ڪري اسان سان ڪجهه رعايت ڪريو."

"بابا، اهي رعايتي پئسا ٻڌاياٿمانوَ. نٿا ڏيئي سگهو، ته ڪمرو خالي ڪريو. ٻيا ماڻهو ويٺا آهن، انتظار ۾..."

"ڊاڪٽر صاحب، اسان کي ڪجهه مهلت ڏيو. اسان جو ماڻهو پئسا کڻي ڪراچيءَ مان اچڻو آهي."

اسپتال مان ڪنهن جي موبائل تان فون ڪري، پرينءَ کي سڄي صورتحال ٻڌائي ويئي. ڳوٺ جي مسڪين نياڻيءَ جي خبر ٻڌي، ڪن خدا ترس ماڻهن مسجد مان اعلان ڪري، چندو گڏ ڪرڻ شروع ڪيو. پرينءَ جون سر توڙ ڪوششون به ڪارگر ثابت نه ٿي سگهيون. مجبوريءَ هن جي پيرن ۾ ڏانوڻ وجهي ڇڏيا. ٻه دفعا انڪار ٻڌڻ کان پوءِ، مَردينَ ڪُسندي، هُو ٽيون ڀيرو درخواست کڻي مئنيجر وٽ پهتو. وڏي بحث ۽ ايلازن کان پوءِ وري به هن کي انڪار ڪيو ويو. هُو روئڻهارڪو ٿي، پنهنجي اسٽول تي اچي ويهي رهيو. سندس حالت ڏسي شهلا هن وٽ هلي آئي:

"مئنيجر ڇو پئي گوڙ ڪيو؟ ڇا مسئلو آهي؟"

"بس، ائين ئي گوڙ ڪرڻ ته هن جي پراڻي عادت آهي."

"تڏهن به، اصل ڳالهه ٻڌائين ڇو نٿو. آخر پريشان ڇو آهين؟"

"وائيف جي ڊليوري آهي. آپريشن ٿيندو، مئنيجر کان هفتي جي موڪل ۽ مهيني جي پگهار ايڊوانس گهريم، اُن تان ڇڙي پيئي... ههڙي وقت ۾ به آءٌ پنهنجي ٻچن لاءِ ڪجهه نٿو ڪري سگهان، ته ٺُڪ هڻي اهڙي نوڪري کي آءٌ استعيفا ٿو ڏيان..."

"ايڏو جذباتي نه ٿيءُ وڏيرا خان، نوڪريون اڄڪلهه ملن ڪٿي ٿيون؟ نوجوان آهين، مڙس ٿي حالتن کي منهن ڏي... موڪل جي نئين درخواست کڻي مئنيجر ڏي وڃ. جيترا ڏينهن به خوشيءَ سان ڏئي ٿي، وٺينس. پئسا توکي آءٌ ٿي ڏيان."

پرينءَ جهڪي سان مُنهن کڻي هن ڏانهن ڏٺو. پنهنجي اکين ۽ ڪنن تي اعتبار نه پيو اچيس! جڻ ٻاڻ ۾ لاٽ نظر اچي ويس...!!

****

هُو واءُ مينهن ڪندو، پنهنجي شهر جي ٻڌايل اسپتال پهتو. ڪمري ۾ سندس ماءُ، پيءُ ۽ ڀيڻ ميران اُداس ويٺا هئا.

"خير ته آهي، سڀ پريشان ٿا لڳو...؟"

"خير ڪونهي پرين، تنهنجي ڪنوار موڪلائي ويئي! زينب اسان کان رُسي ويئي ابا...!!"

ماڻس اوچنگار سان ڪيس خبر ڏني، هن جي جسم ۾ سيڪو ٻوڙي ويو، ڪمري ۾ وري روڄ شروع ٿي ويو. هن زال جي مُنهن تان چادر هٽائي ڏٺو، سندس ڄاڙي ٻنيءَ سان ڇڪي ٻڌل هئي. اکيون اندر لهي ويون هئس. رنگ زرد ٿي چڪو هئس. ننڍڙو پٽ، ڪپڙي ۾ ويڙهيو، ماءُ جي پاسي ۾ ستل هو. مُنهن سُجيل هئس، هُو هِن جي ٻانهن ۾ اچي ڪِلي ها، مُرڪي ها، شرارتون ڪري ها، هِن جي مُنهن ۾ نهاري هُونگريون ڏئي ها، ته هِن جا سڀ ٿڪ لهي وڃن ها، پر افسوس ائين نه ٿي سگهيو... هِن جو هٿ، غير ارادي طور ڪجهي ويو، پٽ جي پيشانيءَ کي ڇُهي ڏنائين، جيڪا ٿڌي ٿي چڪي هئي. دل جُهبو کاڌس. مُنهن ڍڪي سُڏڪن ۾ ٻڏي ويو...

"پرين، تو زينب سان وفا نه ڪئي پٽ، تنهنجي نڪاح ۾ اچڻ کان پوءِ به هن کي سک نصيب نه ٿيو."

"مون ته شاديءَ کان ئي انڪار ڪيو هو ابا. اوهان ضد ڪري مون کي ڦاسايو، سچ ته اهو آهي ته زينب کي مارائڻ ۾ اوهان جو به هٿ آهي...!"

آپا مهناز، ڪيترا ورهيہ پنهنجي مڙس سان گڏ ولايت مان رهي واپس وري هئي، انهيءَ ڪري سندس صفو بہ عجيب عجيب شين سان سينگاريل هو- ٻبل بيڊ، پاسي کان سائيڊ ٽيبلون، پٽين تي پينٽنگس، ڪاٺ جي وڏن فريمن ۾ بند، هڪ ڪنڊ ۾ شيشي جو ڪبٽ جنهن جي هڪ حصي ۾ ڪتابہ پئي ۾ گُڏيون ۽ رانديڪا رکيل ۽ پريان هڪ ميز ٽائيپ، جنهن ۾ تارون لڳل هيون. (پوءِ خبر پئي تہ اها ٽننگ مشين هئي، جيڪا آپا مهناز حيدرآباد ۾ سڀ کان پهرين پهرين لنڊن مان آندي هئي ۽ اها سال 1957ع جو زمانو هو!!) صفي جا اپرندي پاسي هڪ شاهي گيلري هئي، جنهن تي لڙڪيل ڳاڙها ريشمي پڙدا، ريشمي رسيءَ سان ٻڌل هئا، جنهن مان هيٺ باغ ۾ بيٺل وڻن جون ٽاريون، هوا ۾ لڏندي ڏسڻ ۾ پئي آيون. ٻاهر آڪاس تي اونداهي ڇانئجي چڪي هئي ۽ هيٺ اسٽريٽ لائيٽ جا بلب ڪڏهوڪو ٻري چڪا هئا. دريءَ مان سياري جي ٿڌي هوا لنگهي اچي اسان کي ڇُهي رهي هئي ۽ مون آپا مهناز جي ڪچ ۾ ويٺي ويٺي کيس ڏٺو. سندس چهرو چوڏهينءَ جي چنڊ جيان روشن هو ۽ سندس نيرن، گهرن نيڻن ۾ اٿاهہ گهرائي هئي. (ها، سموريون، شهزاديون اهڙيون ئي هونديون، شهزادي گل بڪاولي، گل ڦل راڻي، مومل، اميءَ جون سهريون ٻڌائي آکاڻيون ۽ انهن آکاڻين جون شهزاديون اچي منهنجي سامهون بيٺيون!)

”ڇا نالو آ تنهنجو؟“ هن منهنجي ڪاڏيءَ کي پنهنجي سهڻي، اڇي هٿ سان ڇهندي چيو.

مون ڏٺو: سندس خوبصورت هٿن جا ننهن وڌايل هئا، جيڪي ڳاڙهيءَ نيل پالش ۾ پئي چمڪيا. مون لڄي ٿيندي نالو ٻڌايو تہ چوڻ لڳي، ”توکي مان مٺو سڏيندس... ڇا سڏيندس؟... ٻڌاءِ نہ بابا؟“

مون لڄ وچان ڪجهہ بہ نہ ڪُڇيو، تہ کِلڻ لڳي. سندس موتين جهڙا ڏند، ۽ گلابي چپ- مان ڪنڌ کڻي کيس تڪڻ لڳس ۽ اميءَ جي ٻڌايل گُل ڦل راڻيءَ جي ڪهاڻيءَ کي سارڻ لڳس... (رات جو امي کي ٻڌائيندس، تہ گل ڦل راڻي، ديوَ جي ٻنڌڻن مان پاڻ ڇڏائي، پنهنجي محل ۾ موٽي آئي آهي).

۽ اها هئي آپا مهناز سان منهنجي پهرئين گڏجاڻي/ ملاقات، جنهن منهنجي ڪچڙي ذهن تي سندس لاءِ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ طلسماتي انيڪ جنين جي جهرمر لائي ڏني. منهنجي عمر ان مهل اٽڪل ست سال اٺ سال مس هوندي، پر مون کي اڃا تائين سندس شخصيت جا سمورا رنگ ۽ روپ ياد بيٺا آهن. آپا مهناز حيدرآباد جي اعليٰ سوسائٽيءَ جي هڪ ذهين عورت هئي. ان وقت جي سول لائينس واري سوسائٽيءَ ۾ مشڪل سان ڪائي ٻي عورت فيشن، سونهن ۽ سينگار ۾ ساڻس برميچي سگهي هوندي. جيم خاني جي محفلن کان وٺندي ڪاڄن ٽائين، سندس سونهن ۽ سندرتا جي هاڪ پکڙيل هوندي هئي. سندس پيڪا سول لائينس ۽ ساهرا شهر ۾ رهندا هئا. آپا مهناز جو مڙس شهر جو ناميارو ڊاڪٽر هو، جيڪو تازو لنڊن مان نئين نئين ڊگري وٺي آيو هو ۽ سال 1957ع واري حيدرآباد ۾ اهوئي جڳ ڀترو ڊاڪٽر هوندو هو. سندس سَهُري کي انگريزن جي زماني ۾ خانبهادريءَ جو لقب مليل هو، جيڪو سدائين انهيءَ جاءِ جي وڏي ۽ ڊگهي ورانڊي ۾ آرام ڪرسيءَ تي اهليو چُروٽ پيو ڇڪيندو هو. اسان جا ساڻن پراڻا ڪٽنبي رستا هوندا هئا. انڪري پاڻ ۾ گهٽي اچ وَڃ هوندي هئي. اُهو ڏينهن خالي نہ هوندو هو، جو اسان مان هنن ڏي، ۽ هنن مان ڪوئي اسان ڏي نہ ورندو هو. امان جن هلندا هئا تہ سڄو سڄو ڏينهن آپا مهناز وارن وٽ گذاريندا هئا ۽ هُو اسان وٽ ايندا هئا تہ سانجهيءَ ٽاڻي پنهنجي گهر ورندا هئا. (عجب جهڙو زمانو هو- زندگيءَ جي سمورين ڳالهين تي اڃا مشيني زندگيءَ پنهنجا اثر نہ والاريا هئا، ۽ اڄ ڏک فقط انهيءَ ڳالهہ جو رهيو آهي، جو محبتن ۽ قربتن جا اِهي ويجها ناتا الائي ڪهڙي پاسي منهن ڏيئي هليا ويا، جن جو ڪوئي پرو پتو پوي- جن ۾ چاهہ ۽ موهہ هوندو هو اهڙو جو انسانن جا مُک وٽندا پيا هئا هڪ ٻئي کي!!)

۽ جيئن جيئن مان آپا مهناز وٽ گهڻو وڃڻ لڳس، تيئن تيئن اسان جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو بہ ويو گهاٽو ٿيندو. مون کي هوءَ پلئيندي بہ ڏاڍو هئي. مان هڪ نہ ٻئي ڏينهن ساڻس ملڻ ويندو هئس. ناني امان

ٻني سان نينهن لايو ويٺي آهي. منهنجو پٽ ته هو ولايت، هاڻ ته مڙسس کي به هر شيءِ جو پرو پئجي ويو آهي.“ ائين چوندي هن ٻه چار ڪڙا لفظ آپا مهناز لاءِ چيا. هن جو ائين چوڻ ۽ مان جيڪو مٿي پينگهي تي ويٺو هوس، اُتان رڙ ڪئي:

”اوهان سڀ آپيءَ کان سڙو ٿا!“

منهنجو ائين چوڻ، جڻ ٻنيور کي باهه وڪوڙي ويئي. امي مون کي چڙٻ ڏني:

”شرم نٿو اچئي وڏن جي وچ ۾ ڳالهائيندي؟“

آپيءَ جي سَس جيڪا اهو لقاءُ ڏسي ٿوري ڍلجي ويئي هئي، چوڻ لڳي، ”مائي ڇڏيوس ڪٿي، هن جو ٻه ڪو ڏوهه ڪونهي.“ مان کارن مان پينگهي تان هيٺ لهي، اتي ئي چٽون ڪينهوڙي کي ڦٽو ڪري، صُفي مان ٻاهر نڪرڻ لڳس، ته آپا مهناز جي سَس جو ٽڪو ٻُڌم، ”هيڏڙي نينگر کي به ڪٿي پنهنجو مطيع بڻايو اٿس!“

ٻاهر اڱڻ ۾ نڪري وڃي پنهنجي هرٽيءَ وٽ ويٺس. جڏهن ٻه ڪنهن سان رسندو هوس ته وڃي انهيءَ هرٽي وٽ روئندو هوس. اِن واقعي کان پوءِ جڏهن به آپا مهناز جي سَس اسان جي گهر ايندي هئي، ته منهنجي اڳيان اصل هڪ لفظ به نه ڳالهائيندي هئي.

هاڻ جيئن جيئن ڏينهن لنگهندا ويا، منهنجي چڪ آپا مهناز سان ويئي وڌندي، سندس آرٽسٽڪ سڀاءُ جا انيڪ رنگ هوندا هئا. سندس بيڊ روم کي ڏسي انهيءَ سڀاءُ جو اولڙو پيو پسبو هو. کيس گلن سان خاص ڪري موتئي جي گلن سان ته بيحد موهه هوندو هو. هوءَ موتئي جي گلن کي ’رابيل‘ ڪري ڪوٺيندي هئي ۽ مون رابيل لفظ به پهريون ڀيرو سندس واتان ٻُڌو! هوءَ گهڻو ڪري شام جي مهل وانگوڙي ۾ موتئي جا گجرا هٽندي هئي. سندس بيڊ روم ۾ داخل ٿيندي ئي گلن جي سڳنڌ ايندي هئي. انهيءَ بيڊ روم جي ٻن ڪنڊن کان وڏا وڏا اٽالين گلدان رکيل هوندا هئا، جن ۾ روز سندس نوڪرياڻي گل بدلائيندي هئي. انهيءَ بيڊ روم جي اڇين اڇين ڀتين تي ڪيترين سهڻين پينٽگس

ٽنگيل هونديون هيون. وٽس وڃبو هو ته ڪڏهن ٽٽنگ پئي ڪندي هئي يا پنهنجي ٽٽنگ مشين تي ڪڏهن ڪوئي ڪتاب پئي پڙهندي هئي ته ڪڏهن ستار پئي وڄائيندي هئي. هوءَ ستار وڄائڻ ڪڏهن ۽ ڪٿي سکي، اهو ياد نه اٿم، ۽ نه ڪڏهن اهو ڪانئس پڇيم، پر کيس چڱيءَ ريت ستار وڄائيندي ڪڏهن ٻُڌم، اهو چٽيءَ ريت ياد بيٺو اٿم.

پهريون ڀيرو جڏهن مان سينٽ بوناونچر ۾ داخل ٿيس، (جيڪو سندس گهر جي ويجهو هوندو هو) ته پهرئين ئي ڏينهن روئي روئي ڪٿي هيٺا حال ڪيم. منهنجا اِهي پرڪار ڏسي اسان جي نوڪر يارو مون کي وڃي آپا مهناز وٽ ڇڏي آيو.

اُن مهل صبح جا ڏهه- يارنهن وڳا هوندا. مان سندس بيڊ روم ۾ آلين اکين سان گهڙيس ته هن هيٺ غاليچي تي ستار پئي وڄايو. کيس ڪاري رنگ جي ساڙهي پهريل هئي، جنهن تي ستارن جو ڪم ٿيل هو، بيڊ روم ۾ اڌ اونداهي ۽ اڌ روشني هئي. درين جا پردا مٿي ٿيل نه هئا، پر روشندانن جا رنگين شيشا تجلا ڏيئي پئي چمڪيا، جن ۾ آپيءَ جي ڪاري ساڙهيءَ ۾ لڳل ستارن جي ڪم به پئي تجلا ڏنا- پريان گلدانن ۾ موتئي جا گل پيا هئا، جن جي مهڪار سان سڄو صفو واسجي ويو هو. هوءَ مون کي اُن مهل ايتري ته وڻي، جو مان پنهنجو روئڻ وساري وڃي هُن جي قدمن ۾ ويٺس. سندس نيڻ ٻوٽيل هئا ۽ سڄي وايومنڊل تي ستار جو اُداس ۽ وٽندڙ آواز ڇانيل هو. اوچتو ستار وڄائيندي وڄائيندي هن کي ڪنهن جي هئڻ جو احساس ٿيو، پنهنجا نيڻ ٻٽي مون تي نهار وڌائين. ستار جو آواز بند ٿيو ته بيڊ روم ۾ هڪ عجيب چپ ڇانئجي ويئي. مان جيڪو سندس مُک ۾ نهاري رهيو هوس، کيس پاڻ ڏانهن ڏسندي لڄي ٿي ويس. هن ستار هڪ طرف رکيو ۽ مون ڏانهن ڏسي مُرڪڻ لڳي.

”آپي مان نه پڙهندس!“ مون روئڻهارڪو ٿيندي چيو.

مون کي اسڪول ٻريس ۾ ڏسي سمجهي ويئي ته مان اسڪول مان هليو آيو آهيان.

"نہ مٺو، ائين نہ چئبو آ." هن ٻانهن وڌائي مون کي پنهنجي پر ۾ ويهاريندي چيو، "تون پڙهندين ۽ هڪ ڏينهن لکي پڙهي وڏو ماڻهو ٿيندين!"

مان جيڪو اڳي ئي پريو ويٺو هوس، تنهن سڏڪا ڀري ڪٽي سندس هنج ۾ منهن لڪايو.

هوءَ پنهنجي آڱرين سان منهنجا وار سنوارڻ لڳي، تہ مون چيو، "آپي مون کي اسڪول کان ڊپ ٿو لڳي!"

"چريا! ڇو ڇا ٿيو آ اسڪول کي- سٺو تہ آهي تنهنجو اسڪول!"

"نہ آپي مان نہ پڙهندس. اصل ڪڏهن بہ نہ پڙهندس!"

"نہ پڙهندين؟"

مون ناڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو تہ مُرڪي چوڻ لڳي، "نہ پڙهندين تہ وڏو ماڻهو ڪيئن ٿيندين. نہ مٺو، تون لکي پڙهي وڏو ٿي، تہ پوءِ مان تو وٽ هلي رهنديس!" (هڪ ڀيري مون ڪيس چيو هو، "آپي، توهان هلي اسان وٽ رهو. هتي هي سڀ اوهان سان وڙهن ٿا!")

مان چپ چاپ سندس هنج ۾ مُنهن لڪائي ويٺو رهيس. هوءَ منهنجا وار ڏاهي چوڻ لڳي، "ڪيئن مٺو، پڙهندين نہ؟"

مان ڪنڌ لوڏي چوڻ لڳس. "ها آپي، مان پڙهندس ۽ پوءِ جڏهن وڏو ماڻهو ٿيان تہ پوءِ توهان هلي اسان وٽ رهجو!"

هن اهو ٻڌي کِلندي منهنجي نرڙ تي مٺي ڏني ۽ چوڻ لڳي، "چڱو، هاڻ ائين ٿا ڪٽي ڪريون تہ تون روز شام جو اچي مون وٽ پڙهہ. مان توکي A.B.C.D سيکاريندس! ايندين نہ؟"

"ها!" مون خوش ٿيندي چيو.

هن کِلي منهنجا ڳوڙها پنهنجي هٿ سان اگهيا، تہ مون ڪيس چيو، "آپي، توهان اهو ڇا پئي وڄايو؟"

"هي...هي ستار آهي!" هن جي چپن تي مُرڪ وري آئي، "ڇو توکي وٽي ٿو انهيءَ جو آواز؟"

"سچي آپي، توهان ڏاڍو سٺو پئي وڄايو. توهان ان کي وري وڄايو!" مون ائين چئي سندس پر ۾ رکيل عاج لڳل ستار جي تارن کي ڇهيو.

هن ڪجهہ پل سوچيو، ۽ پوءِ ستار کڻي هوريان هوريان ڪائي ڌُن ڇيڙي. آپا مهناز ستار بہ ڏاڍو سٺو وڄائيندي هئي. مان ڳَم سُم ٿي ڪيس ٻڌڻ لڳس. هوءَ ستار وڄائيندي پئي ويئي ۽ مان ڀنڊ ڀڇڻ ٿيو، سندس خوبصورت ۽ نازڪ آڱرين کي تارن تي هلندي ڏسندو پئي ويس. (اڄ انهيءَ ڳالهہ کي انهيءَ اُداس ستار جي ڌُن کي نہ وساري سگهيو آهيان).

اوچتو ستار وڄائيندي وڄائيندي هن جي نيڻن مان لُڙڪ ٽمڻ لڳا. هن جي نيڻن مان لُڙڪ وهي اچي سندس ڳلن تي بيهنا تہ مان ڊڄي ويس. هڪدم اُٿي پنهنجن ٻنهي هٿن سان سندس ڳوڙها اگهي چوڻ لڳس، "آپي نہ روئو، آپي نہ روئو!"

۽ هوءَ ستار وڄائڻ بند ڪري منهنجي ننڍڙن هٿن کي پنهنجن نيڻن تي رکي سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

انهيءَ رات، جڏهن آڪاس تي ستارن پنهنجي جهرمر لاتي، تہ مان امڙ جي پر ۾ ليٽي مٿي ٽمڪندڙ ستارن کي تڪڻ لڳس. مون کي هڪ ٽِڪ آسمان ۾ تڪيندي ڏسي امي چوڻ لڳي، "پٽ، آسمان ۾ نہ ڏسبو آ. نہ تہ ننڊ ۾ ڊڄندين!"

"ڇو ڀلا؟ ڇا آهي آسمان ۾؟ اڃا تہ ٽيڙو بہ ڪونہ ڪِڙيا آهن، پنهنجي اڱڻ مٿان، مان تہ ڪونہ ٿو ڊڄان!" مون ضد ڪندي ڪاوڙ مان چيو.

"پٽ ضد ناهي ڪبو." امي منهنجي وارن کي سنواريندي چيو، "ڀلا ڇو اڄ ڪا آکاڻي ٻڌندين ڇا؟"

مان پنهنجا ٻئي هٿ مٿي هينان ڏيندي، لڳاتار تارن کي ڏسندي چوڻ لڳس، "امي، هُو مون کي جيڪا ڳل ڦل راڻي واري آکاڻي ٻڌائيندي آهين نہ، جنهن ۾ شهزاديءَ کي هڪ ديو وڏي محلات ۾ ڪٽي پنهنجي بند ۾ رکيو آهي، اها وري ٻڌاءِ!"

"اها تہ ڪوڙ ڀيرا ٻُڌي اٿئي!" امي مُرڪي چوڻ لڳي.

هر سياري جي مند ۾ هوءَ منجهر ڍنڍ گهمڻ ويندي هئي، جتي سندس ماروٽ ڪيس شڪار ڪرائڻ وٺي ويندو هو. (منهنجي ذهن تي اڃا تائين سندس اهو فوٽو به اُڪريو پيو آهي، جيڪو سندس پيڪي گهر جي گول ڪمري ۾ پٽ تي ٽنگيل هوندو هو، جنهن ۾ هوءَ رائيڊنگ جي فل ويس ۾ گهوڙي تي ويٺل نظر ايندي هئي).

هڪ پيري سندس اباڻي گهر ۾ ڪوئي ڪاڄ هو. سندس اباڻو گهر سول لائينس ۾ هوندو هو. تمام وڏو بنگلو، جنهن جي ٻنهي پاسن ڪان لان هوندي هئي، ۽ پاسن ڪان زيتون، اَنب ۽ نِم جا وڻ هوندا هئا ۽ اهو ڪاڄ رات جو انهيءَ ڪليل شاهي لان ۾ هو، جنهن ۾ تنبو لڳل هئا. ٻاهر هلڪي هلڪي ٿڌ هئي. لان ۾ هڪ طرف ٽيبلون رکيل هيون، جن تي اڇيون چادرون وڇايل هيون، ته ٻئي طرف لڳل تنبوءَ ۾ عورتن جي ويهڻ جو انتظام رکيل هو، آپا مهناز جي ڪٽنب جون ڇوڪريون پاسي وارن بنگلن جي ڇوڪرين سان گڏجي شيشي جي گلاسن ۾ اڇا رومال (نيپڪن) ويڙهي رکي رهيون هيون، ۽ مان وراندي ۾ آپا مهناز جي ڪڍ پئي ڦريس. اَمي پاسي واري گول ڪمري (ڊرائينگ روم) ۾ پنهنجي پراڻين ساهيڙين سان ڪچهري پئي ڪئي، جيڪو عورتن سان ڀريل هو ۽ آپا مهناز سنيرڻ جي تيارين ۾ هئي. هوءَ اُنهيءَ مهل اندران وڃي ڳاڙهي رنگ جي ساڙهي اوڍي آئي هئي، جنهن تي هرمُچ جو ڪم ٿيل هو. قدرت ڪيس سونهن ئي اهڙي ڏني هئي، جو هر لباس سندس بت تي ٺهڪندو هو. انهيءَ مهل به هوءَ ڳاڙهي ساڙهيءَ ۾ ڏاڍي سهڻي پئي لڳي. سندس ڊگها ۽ ڪارا وار جن کي هن چوٽين ۾ به نه ٻڌو هو، چيله تائين پئي لڙڪيا.

”هل مٺو ته مان سنيري وٺان!“ هن ماڻس جي صفي مان ٻاهر نڪري مون کي چيو.

مان جيڪو سندس اوسيڙي ۾ وراندي ۾ بيٺو هوس، جهٽ ۾ سندس هٿ پڪڙي ساڻس اندر هلڻ لڳس. هوءَ مون کي اندر ڊريسنگ روم ۾ وٺي هلي. انهيءَ ڊريسنگ روم جو لنگهه سندس ماءُ جي صفي مان هو- اندر سندس ماءُ ڪاٺ جي صندل تي نماز پئي پڙهي. اسين اندر هلياسين ته هن سلام ورائي اسان کي ڏٺو. ڊريسنگ روم ۾ پهچندي هن مون کي اسٽول تي ويهاريو ۽ پاڻ ڊريسنگ ٽيبل آڏو بيهي برش ڪڍي ڦٽي ڏيڻ لڳي. ننڍڙي ڊريسنگ روم ۾ ڊريسنگ ٽيبل، ڪيترا ڪاٺ جا ڪٻٽ، (وارڊ روب) هئا، جن کي ڏسندي، مون ڪنهن ڪنهن مهل ڪيس ڦٽي ڏيندي پئي ڏٺو. اوچتو هوءَ ڦٽي ڏيندي ڏيندي ڏاڍي سهڻي سُر ۾ ڳائڻ لڳي. اها شاهه سائينءَ جي سُر سسئيءَ مان ڪافي هئي:

”لائـي ته ويـا، مُئي کـي لـوري،
هيءَ گهوري، منهنجي جندڙي جتن تان!“

(سندس خوبصورت آواز ۾ مون ڀيريون پيرو سنڌي ڪلام به ان وقت ٻڌو. وقت جي بي رحم پلن ۾، اهو پل ۽ اهو آواز ڪڏهن ڪڏهن منهنجي ڪنن ۾ پيو سُرندو آهي).

مون پٽ کي ٽيڪ ڏيئي، اسٽول تي ويٺي سندس اهو راڳ ٻڌو، ته اوچتو ڊريسنگ روم جو در کولي، آپا مهناز جي ماءُ لنگهي آئي، آپا مهناز ڪيس ڏٺو ته ڦٽي ڏيڻ بند ڪري ڪيس آرسيءَ مان ڏسڻ لڳي، جيڪا سندس پويان اچي بيٺي هئي.

”مهناز!“ هن آهستي ڪيس سڏيو.

آپا مهناز جي ماءُ جي گنڀير اکين تي عينڪ پيل هئي، جنهن مان سندس اکيون ڏيءَ تي پونديون اچي مون تي بيٺيون. ”پٽ، تون هلي ٻاهر ويهه، ته اسين اچون ٿا!“ هن منهنجي وارن تي هٿ ڦيريندي چيو.

”نه اَمان، هيءُ ويٺو هجي.“ آپا مهناز ڪجهه تيز ٿيندي چيو، ”توهان کي جيڪي ڪجهه چوڻو هجي، هن جي اڳيان ئي چئي ڏيو.“

”تنهنجي پويان مٺو اصل ڇيلو ٿيو پيو ڦري.“ آپا مهناز جي ماءُ ٿورو مُرڪي چوڻ لڳي، ”ماڻس چوندي آهي ته هي منهنجو ڏيئڙي پٽ آهي، تڏهن ته مهناز، توسان ايڏي دل اٿس!“

”اَمي، هي منهنجو اصل جُهٽ اٿئي. مون کي هن جي وندر آهي!“ آپا مهناز مون کي پيار جي نهار سان ڏسندي چيو.

"ڪجهه پلن جي چپ رهڻ کان پوءِ ماڻس ڪيس وري سڏ ڪيو:
"مهناز!"
"امي، چؤ نہ. ڇا ٿا چوڻ چاهيو توهين!" آپا مهناز، برش جي ڏندن تي هٿ ڦيريندي چوڻ لڳي.
"ڏيءُ، تون پنهنجي چڱي ۽ مدي پاڻ سمجهين ٿي، مان توکي وڌيڪ ڇا چوان." ماڻس آهستي آهستي چوڻ شروع ڪيو، "۽ چوڻ بہ گهڻو ڪجهه چاهيان ٿي، پر چونديس فقط اهو تہ جيڪي ڪجهه ٿيو، سو ٿيو، هاڻ حالتن سان ٺاهہ ڪر!"
"ٺاهہ!" آپا مهناز جي منهن جو رنگ لهندو ويو، امي، ٺاهہ ڪنهن سان ڪريان، پنهنجي پاڻ سان، حالتن سان يا زندگيءَ سان؟"
"مهناز تون سمجهين ڇو نٿي؟" ماڻس سندس ڪُلهي تي هٿ رکندي چيو.
آپا مهناز ڪنڌ ورائي، ماءُ کي چوڻ لڳي، "امي، مون توهان کي اڳي، بہ چيو هو، ۽ اها ڳالهہ اڄ وري بہ توهان کي ٻڌائي ڇڏيان، تہ توهان اِنهيءَ شخص سان شادي ڪرائي، منهنجي حياتي تباهہ ڪري ڇڏي، مري وينديس تہ پوءِ ياد ڪندؤ، منهنجي اِها ڳالهہ!" سندس آواز ڪاوڙ ۽ ڏک وچان ڀرجي آيو.
اوچتو ماڻس اڳيان وڌي ڪيس ڀاڪر پاتو، تہ هوءَ ماءُ جي ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائي ڪنهن ننڍڙي ٻار جيان سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. "بس ڪر. مهناز نہ روءِ." ماڻس ڪيس چپ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.
مون اسٽول تي ويٺي اهو سمورو لقاءُ ڏٺو.
ڪا مهل چپ چپات رهي، جنهن ۾ فقط آپا مهناز جي سڏڪن جو آواز هو، جيڪو رکي رکي گونجي رهيو هو.
"مهناز، هاڻ ٿي بہ ڇا ٿو سگهي!" سندس ماءُ ڪيس چوڻ لڳي، "تون ڪوشش ڪري پنهنجي گهر کي تباهہ ٿيڻ نہ ڏي، هُن مُئي سان بہ فون تي نہ ڳالهائيندي ڪر. تنهنجي سَس هڪ هڪ ڳالهہ تنهنجي مڙس کي ويهي ٻڌائي آهي."
آپا مهناز ڪا بہ ورندي نہ ڏني. اوچتو، هُن ساڄي هٿ سان پنهنجي نيڻن مان وهندڙ ڳوڙهن کي اُگهيو، ۽ مون ڏانهن ڏٺو، جو مان ڪيس هِيسيل هِيسيل نهار سان ڏسي رهيو هوس.
"اڄ متو ٻاهر ٿا هلون!" هن منهنجي ڪُلهي کان وٺي مون کي اسٽول تان اُٿڻ لاءِ چيو. مان جيڪو اڳي ئي انهيءَ وايومنڊل ۾ هيسجي ويو هوس، يڪدم سندس هٿ پڪڙي ساڻس ٻاهر هلڻ لڳس.
"ڪيڏانهن ٿي وڃين مهناز؟" سندس ماءُ پويان وراڻيو.
"اِتي ئي آهيان، امي وينديس ڪيڏانهن!" هن آهستي چيو، ۽ مون کي ٻاهر وٺي آئي. ٻاهر ورانڊي ۾ ريفريجريٽر رکيل هو، جنهن مان هڪ شيشي جي ٿڌي بوتل ڪڍي، انهيءَ مان پاڻي پيئڻ لڳي. مون ان مهل ڪيس عجب مان ڏٺو، جيڪا اهڙي سيءَ ۾ بہ ايڏو ٿڌو پاڻي پي رهي هئي.
ٻاهر لان ۾ چوڪرين جو شور هو، جيڪي نيپڪن ٺاهي، هاڻ پاڻ ۾ زور زور سان ڳالهائي رهيون هيون. نوڪر لان ۾ پئي ڦريا. زالون اچڻ شروع ٿيڻ لڳيون هيون. پريان تنبوءَ ۾ حاجياڻي چُني شيدياڻي پنهنجي پارٽيءَ سان اچي ويٺي هئي. ڏينهن اڃا پورو نہ ٿيو هو، جنهن جي ڪري سج جي روشني اڃا باقي هئي، پر لان جي وڻن ۾ ڪاچ سبب لڳايل بلبن جي جهالر (مرچيون)، هينئر کان ئي ڪنهن ٻاري ڇڏي هئي.
اسين ورانڊي جون ڏاڪڻيون لهي هيٺ لان ۾ آياسين تہ آپا مهناز کي چوڪريون وڪوڙي ويون. هوءَ ساڻن ڳالهائيندي، لان لتاڙي، ٽِڪو ٽِڪو مون کي پاڻ سان وٺي بنگلي جي لوهي گيٽ ڏانهن هلڻ لڳي، تہ مون پڇيو، "آپي، ڪيڏانهن ٿا هلو؟"

”ٻاهر ٽا هلون ٽڪريءَ تي هوا کائڻ. مٺو، هتي تہ منهنجو ساهہ ٿو مُنجهي!“ هن چيو.

۽ مان چپ چاپ ساڻس هلندو، بنگلي جو لوهي گيٽ اُکري ٻاهر هليو آيس.

ٻاهر سول لائينس جي رستن مٿان، شام آهستي آهستي لهي رهي هئي، ۽ مان آپاز مهناز سان گڏ واڪ ڪري رهيو هوس. شام سموري وايومنڊل تي پنهنجن سمورن رنگن سان ڇانئجندي پئي وئي ۽ هوءَ سامهون ٽنبو جهانيان واري ٽڪريءَ، ڏانهن ننڍيون ننڍيون وِکون کڻندي پئي وئي.

(حيدرآباد شهر جون سانجهيون اڄ بہ وڻندڙ آهن، پر سول لائينس حيدرآباد جي شام اڄ کان ويهہ-ٻاويهہ ورهيہ اڳ اور هوندي هئي. اڄوڪي سول لائينس ۽ سال 1959-58ع واري سول لائينس ۾ وڏو فرق هو. سول لائينس جي ٻنهي رستن تي سَرنهن جا وڻ، انهن جي پاسي کان ٻوڊينا جون سايون سايون قطارون، ۽ اِنهن سان گڏوگڏ سيمينٽ ۽ پٿر جون بينچون، پريم پارڪ کان بہ اڳيان ڊاڪ بنگلي تائين پکڙيل هونديون هيون، پريم پارڪ، ان ۾ وڏا وڏا وڻ ڇبر، ۽ انهيءَ جي اڳيان ٽڪري، روز صبح ۽ شام هوا خوريءَ لاءِ ايندڙ ماڻهو، پريم پارڪ مان ٿي، پٿر ۽ سيمينٽ جي بينچن تي گهڙيءَ پل لاءِ ويهي ٿڪ ڀڃيندا هئا. گلن ۽ وڻن جي هٻڪار ۾ رچيل هئا. انهيءَ وڻندڙ شام جي ماحول کي ڇٽني ٻلسن کان مهڪائي ڇڏيندي هئي. پنهنجي سڳند سان).

اسين پنڌ ڪندا پئي وياسين ۽ مان آسپاس جي وايومنڊل کي ڏاڍي ڌيان سان ڏسي رهيو هوس. ٻنهي ٻلسن کان اڏيل بنگلن مان ڪنهن ڪنهن مهل ماڻهن جا آواز اچي وري گم ٿيو پئي ويا. ٿورو پنڌ ڪري اسين ٽڪريءَ تي پهتاسين. (ٽنبو جهانيان واري اها شاهي ٽڪري، سول لائينس جي ڇيڙي تي هوندي هئي، ۽ اڄ اها ٽڪري بہ معدوم ٿي وئي آهي، جو انهي سموري ٽڪريءَ تي بنگلا ٺهي ويا آهن).

۽ انهيءَ ٽڪري تي بيهي هوءَ اولهہ ڏي ٻڏندڙ سج کي ڏسڻ لڳي.

اسان جي ڇٽني ٻاسن کان شام جو سمورا رنگ ۽ روپ هڪ هڪ ٿي وايومنڊل تي ڇانئجندا پئي ويا. سامهون اولهہ ڏي ڄام شوري وارين ٽڪرين ۾ ڳاڙهو سج لڙيو پئي ۽ آڪاس تي ڄڻ ڪنهن کهنبو رنگ هاري ڇڏيو هو. هيٺ ٽنڊو جهانيان هو، جتي وڻن ۾ جهرڪين جي چين چين، مٿي آڪاس تي آکيرن ڏانهن ويندڙ پکين، ابابيلن ۽ سِرڙين جا ولر هئا. مان ڪنڌ ورائي وڻن ڏانهن تڪڻ لڳس. اسان جي پويان، ڪنهن بنگلي ۾ ڪوئي ريڊيو زور زور سان وڄائي رهيو هو، جنهن جو آواز هوا جي هندوري تي ڪنهن مهل آيو ٿي ۽ وري گم ٿي پئي ويو. مان سامهون ٽنڊي جهانيان جي اڇي مقبري کي ڏسڻ لڳس، جنهن سان لاڳو ڪچن گهرن مان نڪرندڙ دونهون آهستي آهستي مٿي شام جي آڪاس ۾ گُم ٿيندو پئي ويو ۽ آپا مهناز چپ چاپ الائي ڪهڙن ويچارن ۾ گُم، شفق جي بدلجندڙ رنگن کي تڪي رهي هئي- (۽ آڪاس مان اونداهي، آهستي آهستي لهڻ جي تيارين ۾ مشغول هئي!)

مون کي ان مهل، شام جي پکڙجندڙ اونداهيءَ، کي ڏسي الائي ڪهڙو پڙ ٿيو، جو مون کٽي آپا مهناز جي ساڙهيءَ جو پلاند پڪڙيو، پر کيس ان جي ڪا لکا نہ پيئي. مون ڪنڌ کڻي کيس ڏٺو. هوءَ پولار ۾ تڪيندي پئي وئي. سندس مکڙو ڏاڍو ڏکويل ۽ اُداس هو، ان مهل ۽ اکين جي گهرائيءَ ۾ ڪا پري جي نهار ۽ سندس مَن ۾ ڪائي اُڻ تُڻ هئي.

مون ان مهل شفق جي انيڪ رنگن جي روشنيءَ ۾ سندس مُک تي هڪ عجيب اُداسي محسوس ڪئي ۽ مون سوچيو، ’سموريون

شهزاديون، ديوَن جي بند ۾، ائين ئي ڏکويل ۽ ملول هونديون، مومل، سومل، گل ڦل راڻي!'

اوچتو هن مون کان پڇيو، ”متو، ڏچين پيو ڇا؟“

”نه آپي!“ مون ڪوڙ ڳالهايو، ”توهان جو مون سان گڏ آهيو!“

مون ڪنڌ مٿي ڪٽي ڪيس وراڻي ڏني، ۽ هوءَ وري سامهون شفق جي رنگن کي ڏسڻ ۾ گم ٿي ويئي- لهندڙ سج جون لامون، نيڪ اسان جي سامهون هيون. اوچتو، ڪجهه پلن کان پوءِ سج اولهه ۾ ٻُبي هنئي نه سڄي وايومنڊل تي ڊپ جهڙي ماٺ ڇانئجي ويئي، پکي پکڻ، سڀ چپ ٿي ويا. ٿڌي ٿڌي هوا اسان جي ۾ مان لنگهندي پئي ويئي، جنهن ۾ آپا مهناز جا ڪليل وار اُڏامي رهيا هئا ۽ آڪاس مان لهي ايندڙ ڏنڌلڪو، اونداهيءَ سان گڏ سرمئي شام کي ڳڙڪائيندو ٿي ويو.

هن اوچتو هڪ ڊگهو ساهه کنيو، ۽ مون کي ٻانهن کان وٺي پوئتي وري، اسين ننڍڙيون ننڍڙيون وِکون کڻندا واپس وري رهيا هئاسين. سندس هٿ منهنجي ڪُلهي تي هو، ۽ سامهون سول لائينس جي رستن تي لڳل اسٽريٽ لائيٽس جي ڊگهي قطار جا بلب ڪنڌوڪو ٻري اُٿيا هئا، جن جي جهيٽي روشنيءَ ۾ سڄو رستو سنسان هو، جنهن تي تيز هلندڙ هوا ۾ وڻن مان ڇڻيل پن اُڏامي رهيا هئا. پريان ڪنهن وڻن جي سڪل پنن جي ڍير کي باهه ڏيئي ڇڏي هئي، جنهن جو دونهون شام جي اونداهي آڪاس ۾ شامل ٿي رهيو هو، وڻن جي سڪل پنن جي سڙڻ جو واس هوا ۾ شامل ٿي اسان تائين پهچي رهيو هو، اسان جي ٻنهي پاسن کان اَڏيل بنگلن ۾ هوريان هوريان بتيون ٻرنديون پئي ويون، ۽ هوءَ ڪنڌ نمائي، پنڌ ڪندي هلي رهي هئي.

اسين جڏهن واپس بنگلي جي لوهي گيٽ وٽ پهتاسين نه سرمئي شام رات جي اونداهي جي پيٽ ۾ اچي ويئي هئي. مٿي آڪاس جي ڪارڻ ۽ نيراڻ ۾ رات جا ستارا ٻڏل نظر پئي آيا. اندر لان ۾ عورتن ۽ ٻارن جو گوڙ هو. رات جي تيزيءَ سان پکڙجندڙ اونداهيءَ ۾ ڪاچ واري تنبوءَ ۾ لڳايل سموريون بتيون جڳ مڳ جڳ مڳ ڪيو ٻريون پئي، جنهن جي وچ ۾ ڳِلم مٿان وڇايل غاليچي تي مشهور ڳائڻي حاجياڻي ڇُٽي پنهنجي درديلي آواز ۾ ڏوهيڙو ڏيئي رهي هئي:

لڙيو سج لکن ۾، راسيون رتائين،
مون کي مارياڻين، آيل اونداهي ڪري!

انهيءَ واقعي جي ڪجهه مهينن کان پوءِ اوچتو بابا جي بدلي، لاهور ٿي، نه اسان به اوڏانهن وڃڻ جي تياري ڪئي- منهنجي دل، وسلمي وئي. حيدرآباد شهر ۾ رانديون ڪندي ڏينهن گذريا هيم، ان کي ۽ آپا مهناز کي ڇڏيندي من وسامندو ٿي ويو- مون اصل روڄ ٻاري ڏنو، نه مان لاهور نه هلندس. آپا مهناز وٽ رهي پڙهندس. مون کي هِتي ڇڏي وڃو.

مون کي ياد آهي، آپا مهناز اسان سان موڪلائڻ لاءِ اسان جي گهر آئي نه مان ڊُڪ ڀائي وڃي ڪيس ڀاڪر پائي روئڻ لڳس. آپا مهناز، منهنجا ڳوڙها اُگهندي، چوڻ لڳي:

”نه متو، سنا ٻار نه روئندا ڪونه آهن! تون لاهور وڃ، مان توسان اتي به ملڻ ايندس.“

”نه آپي، توهان به هلو اسان سان،“ مون سڏڪا ڀريندي چيو.

”متو تون لکي پڙهي وڏو ماڻهو ٿي، نه پوءِ مان اچي تو وٽ رهنديس. ڏس ياد ڪونه اٿئي پنهنجو واعدو!“ هوءَ مون کي پرچائيندي اندر وٺي وڃڻ لڳي، نه مان وڌيڪ روئڻ لڳس.

۽ اهڙيءَ ريت پورا ڏهه ورهيه ٽڪڙا ٽڪڙا اکين اڳيان لنگهي ويا، اونهارو ويو نه سيارو آيو، چيٽ، سانوڻ، سرءُ، مون اهي سموريون مُندون لاهور جي مهڪ ڀريل هوائن ۾ گهاري ڇڏيون. سال 1968ع

پئي ته سندس ڏيءُ نوڪري ڪري سندس پوڙهپڻ جو سهارو بڻجي. سونيا سجاد جي سهاري پڙهندي رهي محنت ڪندي رهي ۽ جڏهين رزلٽ آئي تڏهن سندس نالو پاس ٿيندڙن ۾ ٽاپ تي هو.

سجاد هن ڀيري به هميشه جيان فيل ٿيو هو، جنهن ڏينهن رزلٽ آئي هئي، ان ڏينهن هو دير سان گهر آيو هو، ڪيس خبر هئي ته سندس گهر پهچڻ کان اڳ پڻس اخبار ۾ رزلٽ ڏسي چڪو هوندو ۽ گهر پهچندي ئي هن تي لعنت ملامت جا وسڪارا شروع ٿي ويندا. ان لعنت ملامت کان بچڻ لاءِ هو جيتوڻيڪ گهر دير سان پهتو هو پر پوءِ به پڻس سندس انتظار ڪري رهيو هو، هو جيئن ئي گهر ۾ داخل ٿيو ته سامهون پڻس کي ڏٺائين. پڻس به ڪيس ڏسي ورتو. جيئن ئي پڻس جي هن تي نظر پئي، هن جي مُنهن تي حقارت نما مرڪ تري آئي ۽ پوءِ هن هڪ وڏي رڙ ڪئي جنهن سان ڄڻ ته آسمان لڏي ويو. پڻس رڙ ڪندي، چيو شرم اچڻ کپي توکي، تون هن ڀيري به انٽرويو ۾ فيل ٿيو آهين.“ هن پڻس جي آڏو ڪنڌ جهڪائيندي چيو: ”بابا مان ڇا ڪريان شايد بدنصيب آهيان.“ ان تي پڻس کي اڃا به وڌيڪ ڪاوڙ آئي. ان ڪاوڙ ۾ پڻس ڪيس گهڻو بُرو ڀلو چيو هو، پڻس ايتري ته هن جي تذليل ڪئي جو هن جي دل چاهيو ته ڪاش هو مري وڃي.

زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو هن موت جي خواهش ڪئي هئي. اهڙو موت جيڪو ڪيس بيروزگاريءَ کان بچائي سگهي، پر دنيا ۾ اهڙو ڪو به موت نٿو ٿي سگهي جيڪو ڪنهن کي بيروزگاريءَ مان بچائي سگهي. انڪري پڻس جي ايڏي ساري تذليل سهي به چپ رهيو ۽ پنهنجي بدنصيبيءَ تي اندر ئي اندر ۾ روئي رهيو هو. تڏهن پڻس هڪ اعلان ڪيو، پڻس چيو: ”سجاد تون بدنصيب ئي آهين ۽ بدنصيب ئي رهندين، انڪري تنهنجو انتظار ڪرڻ بدران ڇو نه مان پنهنجي ڏيءُ زيبا کي نوڪري ڪرڻ لاءِ موڪليان.“ هن پڻس کي ڪو به جواب نه ڏنو. چپ چاپ رڌڻي ۾ هليو آيو، جتي ماڻس ڪيس ماني ڏيڻ لاءِ اوسيئڙو ڪري رهي هئي. هن رڌڻي ۾ خاموشيءَ سان سڪل چانور ڪاڌا ۽ پوءِ ورانڊي ۾ پيل چنل کٽ تي سمهي پيو.

پئي ڏينهن ڪيس خبر پئي ته سندس ڀيڻ زيبا کي غيرسرڪاري اداري ۾ نوڪري ملي وئي آهي. هو جيئن ئي گهر پهتو ته پڻس خوشيءَ مان ٽهڪ ڏئي رهيو هو، چئي رهيو هو: ”ڏسو ڏسو منهنجي خوشنصيب ڏيءُ، هيءَ ته پٽن کان به وڌيڪ آهي جيڪا پهرئين ئي انٽرويو ۾ پاس ٿي وئي آهي.“ زيبا پنهنجي نصيب تي مُرڪي رهي هئي. پڻس به ساڻس گڏ مرڪي رهيو هو. ڄڻ چوندو هجي: زيبا تون ئي منهنجي نصيبن واري ڏيءُ آهين. هُو ٻئي جڏا مرڪي رهيا هئا جو اوچتو پڻس جي هُن تي نظر پئي. پڻس جي مرڪندڙ مُنهن تي ڪاوڙ ۽ نفرت جا گهنج چڙهي ويا، ڄڻ چوندو هجي: نياڳا! تون زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪا ڪاميابي حاصل ڪري نٿو سگهين...... ائين به ڪونه هو ته هن ڪڏهن لکت واري امتحان ۾ ڪاميابي حاصل نه ڪئي هئي. هڪ دفعي ته هن نه صرف لکت واري امتحان ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي، پر ڪيس انٽرويوءَ لاءِ به ڪال اچي وئي. ان ڏينهن پڻس ڏاڍو خوش ٿيو هو. هن جي مٿان لعنت ملامت ختم ٿي وئي هئي. پڻس خوشيءَ مان هر ڪنهن کي چئي رهيو هو: ڏسو ڏسو منهنجو سجاد هن ڀيري ضرورنوڪري ماڻيندو. پر جڏهن هن کان انٽرويو ورتو ويو ته صرف نالو پڇي خانه پوري ڪئي وئي. پوءِ جڏهن آرڊر نڪتا ته انهن ئي سفارشي ماڻهن کي کنيو ويو جن جي مٿي پهچ هئي.

ان ڏينهن کان پڻس جو موڊ خراب ٿيو ته وري درست نه ٿيو. اڄ به پڻس پنهنجي خراب موڊ سان هن تي اشارن ئي اشارن ۾ ڄڻ ته لعنت ملامت ڪري رهيو هو. هُو پڻس جي اشارن جي زبان سمجهندو هو، ڪيس پنهنجي پيءُ جو موڊ ڏسي خبر پئجي ويندي هئي ته اڄ منهنجي بابي جي دل ۾ هن لاءِ ڪهڙا خيال گردش ڪري رهيا آهن. هن سوچيو ته پنهنجي پيءُ کي ٻڌائي ته بابا هن بدبودار سماج ۾ هر ڪم ڪرپشن جي حوالي آهي. سڀ ڪجهه پئسن تي وڪامي ٿو، نوڪريون، عزتون، عصمتون، ايمان، پيار، محبت سڀ ڪجهه پئسن تي وڪامي رهيا آهن، جنهن وٽ پئسو آهي، اهو وڏو ڀاڳن وارو آهي. ڇو ته هتي ڀاڳ ۽ نصيب به پئسن تي وڪامندا آهن......

هُو اهي لفظ پنهنجي پيءُ کي چوڻ جي جرئت نه ڪري سگهيو، ڇو ته ڪيس خبر هئي ته پيءُ سان بحث

ڪرڻ جو مطلب آهي وڌيڪ تذليل برداشت ڪرڻ. هو پيءُ جي وڌيڪ تذليل کان بچڻ لاءِ ڪمري ۾ گهڙيو، ماڻس ماني ڏني، پر هن نه کاڌي. کيس پورو پورو يقين هو ته هن ڪوڙهيءَ سماج کي تبديل ڪرڻ لاءِ ملڪ جو عذاب ڀوڳيندڙ مظلوم عوام هڪ ڏينهن ضرور اٿي کڙو ٿيندو ۽ انهن سمورن ظالم حڪمرانن جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيندو جن آد ججڳاد کان مظلومن ۽ حقدارن کي ظلم جي گهاڻي ۾ پيڙهيو آهي.

هن هڪ دفعي سونيا کي به چيو هو ته سونيا ڏسجانءِ انقلاب کان پوءِ ڇا ٿو ٿئي، سمورن ظالمن کي ڪيئن ٿو ڦاهيءَ تي لٽڪايو وڃي. پر سونيا هن سان متفق نه ٿي هئي. سونيا چيو هو: مون کي ته اهڙو ڪو انقلاب پري پري تائين  نظر ڪونه ٿو اچي. هن کي سونيا تي ڪاوڙ آئي هئي، پر هو سونيا کي ڪجهه به نه چئي سگهيو.

سندس پيءُ کي نوڪري ڇا ملي، هاڻي زيبا جو جڻ ته محتاج ٿي ويو هو. کيسي جي خرچي لاءِ مجبوريءَ ۾ زيبا جي آڏو هٿ ٽنگڻو پوندو هسو. زيبا ڪنجوسيءَ ۽ ڪروڌ وچان ڪڏهن کيس پئسا ڏيندي هئي ته ڪڏهن ٺپ جواب ڏئي ڇڏيندي هئي. زيبا جي آڏو هٿ ٽنگيندي کيس عجيب تذليل ۽ درد مان گذرڻو پوندو هو. هن ڏٺو ته زيبا جا نخرا ۽ ناز روز بروز وڌي رهيا هئا. هوءَ نت نوان ۽ مهانگا ڪپڙا پائي، ڳوڙهو ميڪ اپ ڪري سنوارجي سينگارجي آفيس ويندي هئي. صاحب جي گاڏي کيس گهران کڻڻ ايندي هئي. تڏهن شڪ جو تير آهستي آهستي، سندس اندر ۾ ڪپڻ شروع ٿيو هو.

هڪ ڏينهن صاحب جي آفيس کان وڃي نڪتو، ان وقت زيبا هڪ عجيب ادا سان مُرڪندي صاحب جي ڪمري ۾ داخل ٿي رهي هئي. سنو ٿيو جو هن کيس نه ڏٺو. آفيس جي در تي بيٺل پٽيوالي کي ڌڪو ڏئي هُو زبردستي اندر ڪاهي پيو. اندر جيڪو منظر هن ڏٺو، ان لاءِ هو ذهني طور تي ڪڏهن به تيار نه هو. هن ڏٺو ته ڪمري ۾ زيبا پاڻ کي ڏسي ڪجهه حيران، پريشان ۽ ششدر ٿي وئي. سجاد کي ائين محسوس ٿيو جڻ سندس تصوراتي دنيا ۾ قيامت اچي وئي آهي ۽ اها ذرا ذرا ٿي رهي آهي. چوطرف وڏا ڌماڪا ٿي رهيا آهن، سڀ ڪجهه سڙي تباهه ۽ برباد ٿي رهيو آهي. هُو بت بڻيو حيرانيءَ مان اُهو اذيتناڪ منظر ڏسي رهيو هو. صاحب ۽ زيبا پهرين ته پريشانيءَ مان ڏڪي ويا، پر پوءِ صاحب کي جڏهن اهو ياد آيو ته هُو عزتون ۽ عصمتون پئسي جي اگهه سان خريد ۽ وڪرو ڪندو آهي. هيءُ آفيس سندس آهي، کيس ڪير به ڪجهه به نٿو ڪري سگهي. تڏهن هن زيبا کي اشارو ڪندي چيو ته کيس پريشان ٿيڻ جي ڪا به ضرورت ناهي. پوءِ هُو سجاد ڏي مُڙيو. رڙ ڪندي چيائين: "منهنجي آفيس ۾ بنا اجازت جي داخل ٿيڻ جي توکي جرئت ڪيئن ٿي؟" سجاد سندس ڳچي پڪڙيندي چيو: "توکي پنهنجي آفيس ۾ بازار حُسن قائم ڪرڻي آهي ته ڀلي ڪر پر ان لاءِ مان توکي ڪنهن به صورت ۾ اها اجازت نه ڏيندس، ته تون منهنجي ڀيڻ کي استعمال ڪرين." ٿوري ئي دير ۾ آفيس اندر ڪيترائي ملازم گڏ ٿي ويا، جن سجاد جا هٿ صاحب جي ڳچيءَ مان ڪيرايا. سجاد گهڻن ماڻهن جي آڏو ڪجهه به نه ڪري سگهيو. هو مسلسل صاحب کي گاريون ڏئي وات مان گَڦ وهائي رهيو هو. آخر ۾ هن صاحب کي ڌمڪي به ڏني ته هو کيس نه ڇڏيندو. پوءِ جڏهن هو گهر پهتو، تڏهن ويل چيئر تي هلندي پٽس سڏيو ۽ کانئس نوڪري نه ملڻ جو سبب پڇيو ۽ کيس نياڳو چئي خوب لعنت ملامت ڪئي. پٽس وري به زيبا جي تعريف ڪئي. "زيبا ڪيڏي نه سياڻي آهي، پهرئين انٽرويو ۾ ئي نوڪري ملي ويس." تڏهن هِن کي جڻ ته وڇونءَ ڏنگ هڻي ڪڍيو. هن ڪاوڙ مان چيو: "بابا زيبا سياڻي انڪري آهي جو ڇوڪري آهي، صاحب کيس نوڪري باصلاحيتِ هجڻ ڪري نه ڏني آهي، هُو هڪ وحشي جانور ۽ حَوس جو مريض آهي، اڄ مون جيڪو منظر آفيس ۾ ڏٺو آهي، اهو توهان کي ٻڌائيندي به مون کي شرم ٿو اچي...."

سجاد جي ڳالهه پٽس کي جڻ ته يارنهن هزار وولٽ جو ڪرنٽ هڻي ڪڍيو. پٽس ڪاوڙ ۾ اچي جيڪو چيو، ان لاءِ هُو ڪڏهن به تيار نه هو. پٽس چيو: "پنهنجي معصوم ڀيڻ ۽ فرشتن جهڙي شخص عاصم صاحب تي اهڙو بيهودو الزام هڻندي شرم نٿو اچئي؟ هينئر جو هينئر منهنجو گهر ڇڏي وڃ، مان توکي عمر ڀر لاءِ بيدخل ٿو ڪريان." پٽس جي ڳالهه ٻڌي

سنڌس معصوم دنيا ۾ ڄڻ هڪ ڀيرو وري قيامت اچي وئي. هن ڪجهه چوڻ چاهيو پئي، پڻس کي سچ ٻڌائڻ چاهيو پئي، پر پڻس هن کي ڪو موقعو ئي نه ڏنو. پڻس جي آواز ۾ اڃا به وڌيڪ تلخي اچي وئي، انتهائي ڪاوڙ مان چيائين: "اڙي اڃا ٻيٺو آهين وڃين ڇو نٿو، اڄ پيءُ ۽ پٽ جو رشتو هميشه لاءِ ختم ٿي ويو."

پيءُ جي اهڙي ورتاءُ تي هن روئڻ چاهيو، پر روئي نه سگهيو. هن سوچيو ته ٺيڪ آهي رشتي جي هن ڪوڙي ڀرم کي ٽٽڻ گهرجي. هُو سڄي عمر پيءُ جي پيار لاءِ تڙپيو هو، اڄ اهو پيءُ سندس آخري اميدن کي مٽائي ڪيس گهر مان نڪري وڃڻ لاءِ چئي رهيو هو ته پوءِ هن گهر ۾ ڪيس رهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. هُو گهر مان نڪتو ته ماءُ هن جي سامهون اچي وئي. هن هڪ نظر ماءُ کي ڏٺو ۽ پوءِ ٻاهر نڪري ويو. ڪيس پورو يقين هو ته هاڻي هُو مڪمل طور تي سونيا جي گهر رهڻ جي لائق ٿي ويو آهي.

سونيا جي پيءُ چاچي غلام هن تي جيڪو شرط رکيو هو ته هُو سونيا سان شادي ڪري سگهي ٿو، پر ڪيس پيءُ جو گهر ڇڏي سُهري جي گهر ۾ رهڻو پوندو. اڄ جڏهن ڪيس پڻس گهر مان ڪڍي ڇڏيو. هُو تڪڙو چاچي غلام جي گهر جي در تي آيو. در اندران بند هو، نه ته هُو بنا اجازت جي گهر ۾ داخل ٿي ويندو هو. هن در تي بيهي رنگ وڄائي، بجلي نه هئڻ ڪري لاچار در تي ٺڪ ٺڪ ڪرڻي پيس. ٿوري دير کان پوءِ در کليو ته هن در تي هڪ اوپرو شخص ڏٺو جيڪو حيرانيءَ مان ڪيس گهوري رهيو هو. هن اوپري شخص کي چيو: "مون کي سونيا سان ملڻو آهي." اوپري شخص جيئن ئي سونيا جو نالو ٻڌو، تيئن ڪيس ڄڻ ته باهه لڳي وئي. غضبناڪ نظرن سان سجاد کي گهوريندي چيائين: "سونيا ۾ ڪهڙو ڪم اٿئي؟" هن مرڪندي انتهائي معصوم ادا سان چيو: "سونيا منهنجي زندگي آهي، هوءَ مون سان بي انتها پيار ڪندي آهي، اسان ٻئي جلد شادي ڪرڻ وارا آهيون." سجاد جي ان جواب تي اوپري شخص سندس ڳچي پڪڙيندي چيو: "بڪواس بند ڪر، تون ڇا چئي رهيو آهين سونيا منهنجي زال آهي، مون رات ئي هن سان نڪاح ڪيو آهي ۽ هاڻي مان هميشه هن گهر ۾ ناٺي ٿي رهندس." هن ڪاوڙ مان اوپري شخص کان پاڻ ڇڏايو ۽ سندس ڳچي پڪڙيندي چيو: سونيا صرف منهنجي آهي ۽ منهنجي رهندي" اوچتو هن ڏٺو ته سونيا ڪنوار جي ڳاڙهي جوڙي ۾ انهيءَ ئي وقت آئي ۽ هُن ڪاوڙ مان چيو: "سجاد تون هليو وڃ، مان هاڻي سعيد جي امانت آهيان."

سونيا جا اهي لفظ ٻڌي هن محسوس ڪيو ته ڪائنات ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر بگ بئنگ ٿي ويو آهي، ڪهڪشائون ذرا ذرا ٿي رهيون آهن، سج بليڪ هول ٿي رهيو آهي، تارا ٽٽي وکري رهيا آهن. هن جو مٿو چڪرائڻ لڳو. هن سوچيو ته ڇا ائين به ٿي سگهي ٿو جو ساهه کان وڌيڪ پيار ڪندڙ سونيا ائين بيوفائي ڪري ڪنهن ٻئي جي ٿي وڃي. هن سواليه نظرن سان سونيا ڏانهن ڏٺو. سونيا رکو ايترو چيو: "تو تمام گهڻي دير ڪري ڇڏي، ڪا عورت هڪ بکئي ۽ بيروزگار کي آخر ڪيئن ٿي پنهنجو جيون ساٿي بڻائي سگهي؟"

ائين چئي هوءَ نفرت وچان منهن کي موڙو ڏئي هلي وئي. هُو بت بڻيو اڃا به حيران حيران بيٺو رهيو. سندس قدم ڄڻ ته اتي جو اتي ڄمي بيهي رهيا هئا. هن چاهيو ته محبت جي نالي ۾ ان بيوفائيءَ تي دانهون ڪري، ماتم ڪري، فرياد ڪري، پر زماني جي ٺوڪ زنيءَ کي ياد ڪري چپ ٿي ويو. ڪيس خبر هئي ته اڄ جي دور ۾ ڪنهن سچي عاشق کي ڪهڙو نه ذليل ڪيو ويندو آهي. هن پاڻ کي سمجهايو ۽ اتان ذليل ٿي نڪرڻ کان پاسو ڪيو. ڪيس عورت ذات بابت چيل ڳالهيون ياد آيون ته ڪيئن نه هر شاعر ۽ عاشق هر دور ۾ هميشه عورت کي بيوفا سڏيو آهي. پوءِ ڪيس ياد آيو ته جڏهن سندس پنهنجو پيءُ ۽ ماءُ به پنهنجا نه ٿي سگهيا ته سونيا ڪيئن ٿي پنهنجي ٿي سگهي؟ سونيا ته پرائي هئي، ان تي ڪا ميار ئي نٿي رکي سگهجي. پوءِ هُو پنهنجي دوستن وٽ آيو. ڳوٺ جي اوطاق تي اڪثر هُو محفل مچائيندا هئا. سماج جي ناانصافين تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندا هئا، هميشه اهڙي انقلاب جي اڳڪٿي ڪندا هئا جيڪو سماج مان سموري ڦرلٽ ۽ ناانصافي ختم ڪري ڇڏيندو. ڪيس دوستن وٽان طعنا به ملندا هئا، پر ڪوڙ سارو قرب ملي ويندو هو ۽ هُو دوستن سان قرب ونڊي پنهنجا سمورا ڏک ۽ عذاب وساري گهر موٽندو

هو. اڄ به هُو دوستن ڏانهن ان ئي اميد سان آيو هو ته سندس ملڻ ۽ سونيا جيڪا ساڻس لاتعلقي ڪئي هئي، ان جو ازالو دوستن جي صحبت ۾ رهي ڪري ڪيو وڃي، پر هُو جيئن ئي اوطاق جي در تي پهتو تڏهن دوستن جا پڙڪا سندس ڪن تي پيا. سندس دل گهريا دوست سندس ئي باري ۾ ڳالهائي رهيا هئا. گل چيو: ”يار سجاد مان ڦاسي ويا آهيون، هڪ بيروزگار، مٿان دوستن تي بار، اسان پنهنجا مسئلا حل ڪريون يا سجاد جي مدد ڪريون.“ ان تي قائم چيو: ”بيرقوف ۽ سُست آهي، نوڪري وٺڻ ئي نٿو چاهي، اهڙي شخص سان دوستي رکي اسان به بدنام ٿي رهيا آهيون.“ هنن کي وارو وٺائيندي حيدر چيو: ”اڄ هُو جيئن ئي اچي ته هن کي سڌي ٻڌائجي، ڪيس چوڻ گهرجي ته هُو اسان جي دوستيءَ جي لائق نه آهي، انڪري آئنده هتي نه ايندو ڪري.“

دوستن جا سندس باري ۾ رايا ٻڌي سندس تاڪ لڳي ويا. هُو جيڪو پنهنجي دوستن کي زندگيءَ جو آخري سهارو سمجهي رهيو هو. اصل ۾ اهي سندس دوست هئا ئي ڪونه، اهي ته دشمن هئا جن کي هُو دوست سمجهڻ جي غلطي ڪري رهيو هو. ڪيس محسوس ٿيو هاڻي سندس دنيا ۾ ڪو به پنهنجو نه آهي. جڏهن دنيا ۾ ڪو پنهنجو رهي ئي نه، ته پوءِ اهڙي زندگيءَ ۾ جِي جا ڪبو؟ هن خودڪشيءَ جو پڪو ارادو ڪيو ۽ سمنڊ ڪناري مرڻ لاءِ نڪري آيو. ڪيس پنهنجي ماضيءَ جو جائزو وٺڻ کان پوءِ پوري پڪ ٿي ته هاڻي هن کي مرڻ ئي گهرجي. هن سمنڊ ڏانهن ڏٺو، سمنڊ جون مست لهرون ڪيس ڳڙڪائي موت جي واديءَ ۾ وٺي وڃڻ لاءِ بلڪل تيار بيٺيون هيون.

هُو جيئن ئي سمنڊ ۾ ٽپو ڏيڻ وارو هو ته اوچتو هن ڪنهن ٻار جون رڙيون ٻڌيون. ٻار دانهون ڪري بچايو بچايو چئي رهيو هو. هن رڙين طرف نهاريو ته ڪيس هڪ ٻالڪ نظر آيو، جنهن کي ڪو بدمعاش اغوا ڪري ڪٿي وڃي رهيو هو. هُو ٻوڙي بدمعاش جي رستي جي رڪاوٽ بڻجي پيو. بجليءَ جي تيزيءَ سان هن بدمعاش کي زوردار ٺونشو هڻي ڪڍيو. بدمعاش ٻار کي ڇڏي هن تي ٽٽي پيو. ٻنهي جي وچ ۾ زبردست ويڙهه شروع ٿي وئي. نيٺ بدمعاش کي پڇاڙي ڪيڻ ۾ هو ڪامياب ٿي ويو.

هُو ٻار ڏانهن مڙيو، هن ٻار سڃاڻي ورتو. اهو وسيم هو. وسيم هن ئي شهر سان واسطو رکندو هو. تمام گهڻو غريب هئڻ ڪري بوٽ پالش ڪري پيٽ پاليندو هو. وسيم شڪر گذار نظرن سان ڪيس ڏسي رهيو هو. اوچتو سندس ذهن ۾ خيال آيو ته هو ڪيڏو نه بيوقوف آهي، سندس ذهن ۾ ڪڏهن به اهو خيال نه آيو ته هُو نوڪري نه ملڻ تي پريشان ٿيڻ بدران بوٽ پالش ڪري پيٽ پالي. زماني جي ستم ظريفين سان مقابلو ڪري دنيا کي اهو ثابت ڪري ڏيکاري ته زندگي ڪيئن گذاربي آهي.

ڪيڏي نه افسوس جي ڳالهه آهي جو حالتن کان شڪست کائي اڄ هُو خودڪشي ڪري رهيو هو، جيڪڏهن هو وسيم جون دانهون نه ٻڌي ها ته هينئر سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ گهوٽا کائيندي موت جي منهن ۾ هليو وڃي ها. تڏهن هن به وسيم ڏانهن شڪر گذار نظرن سان ڏٺو، ڪيس چيائين: ”وسيم! اڄ تو منهنجي زندگي بچائي آهي. تنهنجي وڏي مهرباني.“ ان تي وسيم ويتر حيران ٿي ويو. پوءِ هن وسيم کي پنهنجي زندگيءَ جي سڄي ڪهاڻي ٻڌائي. وسيم سندس ڪهاڻي ٻڌي مرڪيو، چيائين: ”ادا زندگي ته توهان منهنجي بچائي آهي، منهنجي گهر هلو، منهنجي امڙ توهان سان ملي ڏاڍي خوش ٿيندي.“ هُو وسيم جي آڇ ٽاري نه سگهيو. ٻئي ڄڻا گهر ويا. وسيم جي پوڙهي ماءُ سجاد کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي، هوءَ سجاد جي زندگيءَ جي ڪهاڻي ٻڌي اکين مان لڙڪ لاڙي ويٺي. پوءِ هن سجاد کي چيو: ”سجاد پٽ تون هميشه لاءِ هتي ئي رهي پئه، تو منهنجي ٻچڙي جي زندگي بچائي آهي، هاڻي توکي اسان ئي رهائينداسين.“ پوڙهيءَ جي ڳالهه سجاد ٽاري نه سگهيو. رڳو ايترو چيائين: ”امان رهندس.“ پر هڪ شرط سان، شرط هيءَ آهي سڀاڻي کان مان بوٽ پالش جي ڌنڌي تي ويندس ۽ ننڍڙو وسيم اسڪول ويندو.“

وسيم جي ماءُ ان آڇ کي ٺڪرائي نه سگهي، هن ڪنڌ لوڏي هاڪار ڪئي. سجاد جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا، پر اهي خوشيءَ جا ڳوڙها هئا.



بهادر ٽالپر

# خواب جو لمس

هُن گهرو ساهه کنيو ته پر ۾ سُتل سندس نئين نويلي ڪنوار کي محسوس ٿيو ته هُو ڪنهن عجيب سوچ ۾ مبتلا آهي. هوءَ هيڪار ڪجهه به ڪونه ڪُڇي، پر پاڻ به ان موڙ تي ڪنهن سوچ جي طلسم ۾ گهيرجي وئي. هُو کٽ تي ليٽيل رهندي ڇت ۾ مسلسل نهاري رهيو هو. ڇت ۾ موجود هڪ سوراخ مان ستارو نظر اچي رهيو هو. هن کي لڳو آڪاس سوراخ مان ستاري جي اک سان کين ٿي گهوري رهيو آهي.

"آڪاس کي اکيون ٿينديون آهن... ۽ ستارا آڪاس جون اکيون آهن...! ستارا جيتوڻيڪ پٿر جا آهن پر اک وانگر کين ماڻڪي ٿئي. جيڪا سدائين محبوب جي ماڻڪيءَ جيان من موهڻي ۽ چمڪيلي هوندي آهي ۽ عورتون پنهنجي چولي تي ستارا ٽانڪي جڏهن هلنديون آهن ته پريون لڳنديون آهن...!!

هن ائين سوچي پر ۾ سُتل پريءَ ڏانهن ڏٺو... پر مٿي، وري سوراخ ۾ ڏٺائين ته آڪاس کيس ۽ سندس ڪنوار کي ڏسي رهيو هو. هن لڄارو ٿيندي اکين تي پيئي هٿ ڏنا ته ڪائنات کيس معدوم ٿيندي محسوس ٿي. هن ڪائنات کي معدوم ٿيندي نه پئي ڏسڻ چاهيو. اکين تان پنهنجا هٿ هٽائي، اهي هٿ پنهنجي پر ۾ سُتل پري پيڪر جسم تي گهمائڻ لڳو ته ڪنوار کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ هوءَ اٽڪل لڄ جي غلاف ۾ ويڙهجي وئي ۽ هٿن مان ڪا لهر پنهنجي دل ۾ لهندي محسوس ڪيائين. هُو به هڪ حسين خواب جي لمس ۾ اچي ويو، پري پيڪر جسم جي خواب سان هم آهنگ هڪ خواب!

هُو ٻاهران آلي مٽي هٿ ڪري، ان سوراخ کي بند ڪرڻ لڳو... هاڻ سوراخ مڪمل بند ٿي چڪو هو ۽ سندس ڪمري جي ڇت ۽ آڪاس ۾ ڪو ربط باقي نه رهيو هو. هُو هاڻ بي ڪٽڪو هو. آڪاس کين ڏسي نه رهيو هو. پر پوءِ به کيس سوراخ جو ڪي قدر ڏک هو... ۽ ان رابطي جي مرڻ جو به... جيڪو آڪاس ۽ سندس ڪمري جي ڇت درميان هو. ماضيءَ ۾ هن جو هڪ دوست سان رابطو ٽٽو هو ته ڪيترو ئي عرصو غمگين رهيو هو ۽ هاڻ هن موڙ تي کيس اهو دلسوز لمحو ياد اچي رهيو هو...! دوست جو جسد خاڪي کٽ تي پيل هو ۽ سندس نڪ جا ٻئي سوراخ جيتوڻيڪ موجود هئا، پر انهن مان ڪا اڻ- لکي هوا به ڪا نه گذري رهي هئي... ۽ پوءِ جڏهن کيس دفنايو ويو، ته سندس قبر کي ڪوبه سوراخ نه ڇڏيو ويو. سندس دوست اندر ڪيئن هو؟ ان بابت تدفين پڄاڻان هُو ڪيترائي تصور تخليق ڪندو اچي گهر پيڙو ٿيو هو. هُو کٽ تي ويهي سوراخ کولڻ لڳو ته ڪنوار جي دل ۾ ڌڪ... ڌڪ... وڌڻ لڳي، جنهن کان هُو قطعي بيخبر هو. هن کي هاڻ لڳو پئي ته ڄڻ هن پنهنجي دوست جي قبر کي هڪ سوراخ ڪري ڇڏيو آهي، جنهن مان تازي هوا اندر وڃي سندس دوست کي جهڙوڪر جيئدان ڏئي رهي آهي...!!

وري کيس دوست پاران هڪ ٻڌايل وارتا ياد اچڻ لڳي، جنهن جو تعلق به سندس دوست سان ئي هو. جڏهن سندس دوست جي شاديءَ جي پهرين رات

سنڌيار: ها چاچا! توهان ڏانهن سڀ خير آهي نه؟

وريام خان: ها ابا الله سائين جو شخر (شڪر) آهي.

سنڌيار: چاچا! توهان پنهنجين جون نياڻيون ٻن ٽن ڏينهن کان اسڪول ڪونه پيون اچن، خير ته آهي نه؟

وريام خان: ابا سنڌيار! هاڻي اهي اسڪول ڪونه اينديون؟

سنڌيار: ڇو چاچا سائين! خير ته آهي نه!

ڊاريڪشن/هدايت:

وريام خان ۽ گلاب خان کلندي ۽ خوش ٿيندي چونس ٿا...

ڊائلاگ/ٻول:

وريام خان: ابا ماستر سنڌيار! انهن پنهنجين جي ته اڄ شادي آهي.

گلاب خان: اڄ اهي ٻئي شينهن ڪلهي تي چڙهنديون.

وريام خان: ائين سمجهه ته هاڻي اهي ڪونه پڙهنديون....

سنڌيار: چاچا! توهان ٻئي چريا ته نه ٿيا آهيو، هيءَ ڇا چئي رهيا آهيو. ايتري ننڍي عمر ۾ انهن ٻنهي جي شادي. اهي ٻئي منهنجي ڪلاس جون هوشيار ۽ ذهين شاگرديائيون آهن ۽ هنن جا اڳتي ته ڪهڙا ڪهڙا خواب آهن، جيڪي هنن ڏٺا آهن. ٻيو ته هيءَ هنن جي شادي ڪرڻ جي عمر ته نه آهي. اڃا ته هنن جي کيڏڻ جا ڏينهن آهن. هاڻي جو شادي ڪنديون ته هن ننڍي عمر ۾ ڪيئن زال ۽ مڙس جي رشتي کي نڀائي سگهنديون ۽ سمجهي سگهنديون ته مڙس سان ڪيئن گذاربو آهي. ٻيو ته قانوني طور تي به ارڙهن سالن جي عمر ۾ ڇوڪرو يا ڇوڪري پنهنجي زندگيءَ جو فيصلو پاڻ ڪري ئي سگهن ٿا. تنهنڪري چاچا ايڏو ظلم نه ڪيو. پنهنجن ٻارن جي خوشين جا قاتل نه بڻجو. عورتن کي جانورن جيان نه سمجهو. ان کي به مرد جيتري حيثيت ڏيو.

وريام خان: ابا سنڌيار! اها ته اسان جي پراڻي رسم آهي ته اسان جي وڏن به ائين ننڍپڻ ۾ شاديون ڪيون....۽ اسان جون به ائين شاديون ڪرايون، ان ۾ ڪهڙي خرابي آهي؟ هان ٻڌاءِ!

سنڌيار: چا چا! اها اسان جي وڏن جي جهالت هئي هاڻي، ائين نه آهي، هاڻي شعور اچي ويو آهي...اهي ٻئي توهان جون نياڻيون توهان جي ڇوڪرن کان وڌيڪ هوشيار آهن. توهان جي ڇوڪرن جي ڀيٽ ۾ اهي وڌيڪ سٺو پڙهن ٿيون. اهي اڄ پڙهي سڀاڻي ڊاڪٽر ٿينديون ته پنهنجي ڳوٺ کي ڪيڏو فائدو ٿيندو ۽ توهان جي ڪيڏي عزت ٿيندي ۽ سڀني گهرن مان انهن جا رشتا توهان وٽ ايندا. مرد جي مقابلي ۾ عورت ڪنهن به طرح گهٽ نه آهي.

ڊاريڪشن/هدايت:

وريام خان ۽ گلاب خان سنڌيار جون ڳالهيون ٻڌي هڪٻئي ڏانهن ڏسن ٿا...انهن سان گڏ موجود ماڻهو به هڪٻئي ڏانهن ڏسن ٿا.

ڊائلاگ/ٻول:

سنڌيار: ها چاچا! هاڻي دنيا ۾ سجاڳي اچي رهي آهي، توهان به سجاڳ ٿيو. پنهنجن نياڻين کي انهيءَ ڏي وٺ ۽ ننڍپڻ جي شادين جي باهه کان بچايو، ڪجهه سمجهو.

وريام خان: هائو ابا سچ ٿو چوين...

گلاب خان: بلڪل سچو آهين....

سنڌيار: چاچا! پوءِ اچو ته اڄ وچن ڪيون ته اسان پنهنجن نياڻين کي پڙهائينداسين ۽ انهن جي ننڍپڻ ۾ شاديون نه ڪرائينداسين.

ڊاريڪشن/هدايت:

پسمنظر ۾ فيض احمد فيض جو غزل هلي ٿو: بول کي لب آزاد هين تيري.... سمورا ڪردار لهي وڃن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران23 جولاءِ 2018ع تي شاهه لطيف جي پارڪو ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جي ڪتاب "Mysticism, in the nineteenth century poetry of England" جي ڪوٺايل تقريب



تقريب ۾ (ساڄي کان) شبنم گل، تهمينہ مفتي، گل محمد عمراڻي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، گُل هوتچند ڇڳاڻي(هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جي نياڻي) پروفيسر سليم ميمڻ، مدد علي سنڌي ۽ تاج جويو ڪتاب جي مهورت ڪري رهيا آهن



پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ معززين

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ڪراچي شاخ پاران 10 آگسٽ 2018ع تي سنڌ جي نالي واري شاعر، اديب ۽ محقق سائين شمشير الحيدريءَ جي 6 هين ورسيءَ جي ڪوٺايل تقريب




تقريب ۾ اسٽيج تي ويٺل: (ساڄي کان) ڊاڪٽر مسرت خواجه، امداد حسيني، ڊاڪٽر سليمان شيخ، ڊاڪٽر رفيق احمد جعفري ۽ نسيم حيدري



شرڪت ڪندڙ معززين

'طالب المولىٰ' اڪيڊمي هالا پاران 2 سيپٽمبر 2018ع تي سائين علي احمد شاهه اجناڻي "ساقي سروري"
جي ڪتاب "چانڊوڪي ۽ پڙلاءُ" جي ڪوٺايل مهورتي تقريب



تقريب ۾ چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ سائين مخدوم جميل الزمان "جميل"، سرفراز راڄڙ، شبير "هاتف" ۽ ٻيا
ڪتاب "چانڊوڪي ۽ پڙلاءُ" جي مهورت ڪري رهيا آهن



چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ سائين مخدوم جميل الزمان "جميل" تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌي ادبي سنگت شاخ چانڊ شورو پاران 7 سيپٽمبر 2018ع تي سنڌ جي ڏاهي اديب ،
دانشور سائين محمد ابراهيم جويو جي ڪوٺايل 103 هين سالگرهه تقريب



سنڌ جا ساڃاهه وند اديب سائين محمد ابراهيم جويو جي
سالگرهه جو ڪيڪ ڪٽي رهيا آهن



تقريب ۾ (ساڄي کان) شوڪت حسين شورو، فهيم نوناري، محسن جويو، قطب شاهه،
ارڏو اترادي، محمد يوسف جويو، قمرالدين پنهور ۽ زاهد ڏاريجو خطاب ڪري رهيا آهن

سرزمين سنڌ کي ”جنت السنڌ“ به چيو ويندو آهي. ان کي اهو نالو حضور ﷺ جن جي نسبت سان آهي جو کين سنڌ جي هوائن جي خوشبو ايندي هئي. جنت السنڌ، سنڌو نديءَ جي ڪري هڪڙي سرسبز وادي آهي. جنهن جا ميدان هماليه جبل جي منيءَ مان جُڙيل آهن، جن جي ديگهه تقريباً ١٥ سؤ ميل ۽ ويڪر ڏيڍ سؤ ميلن تائين آهي. هڪ سنڌو سنئون ميدان سنڌو نديءَ کان گنگا نديءَ جي ڊيلٽا تائين پکڙيل آهي. سنڌو واديءَ مان سنڌو، گنگا ۽ برهمپترا وهن ٿيون. هي مها ميدان سنڌ، پنجاب، بنگال ۽ آسام جا علائقا واري ٿو. هن ۾ هر قسم جا فصل ۽ ميوا وافر مقدار ۾ پيدا ٿين ٿا. هندوستان- پاڪستان جي ورهاڱي کان پوءِ موجوده سنڌ جي ايراضي 52994 چورس ميل آهي. پکيڙ جي لحاظ کان هينئر به سنڌ صوبو آسٽريا، بلغاريه، ڊينمارڪ، هنگري، سوئٽزرلينڊ کان وڏو آهي. سن 1843ع تائين جنهن وقت انگريز قبضو ڪيو، سنڌ ڌار ملڪ هيو. قديم زماني ۾، سنڌ ملڪ جون سرحدون اُتر ۾ درياهه جهلم تائين ۽ ڪشمير جا هيٺيان حصا، اُتر ۾ افغانستان جي درياهه هيلمند، ڏکڻ اولهه ۾ مڪران، ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ، ڏکڻ اوڀر ۾ راجپوتانا ۽ جيسلمير جا ريگستان يعني هاڻوڪو پورو پاڪستان ۽ هندوستان ۽ افغانستان جا ڪجهه حصا ان وقت سنڌ مملڪت جو حصو هئا. جيئن ته اسلام جو پهريون قدم هن براعظم تي سنڌ رستي پيو، ان ڪري سنڌ کي ”باب الاسلام“ جي ممتاز لقب سان پڻ سڏيو وڃي ٿو.

**شاهنواز مهيسر**

**ڪتاب: ”وچايل ورثو تاريخ جي تناظر ۾“**

**ص114 تان کنيل**



رکيل مورائي

# سنڌي ادب جي ڪلا جو سج اُلهي ويو

نامياري ليکڪا ڪلاپرڪاش ديهانت ڪري وئي، ائين سنڌي اخبارن لکيو آهي ۽ انهن ڪي مليل ڄاڻ ٻه خبرن سان گڏ آهي. ٻڌي ليکي هڪ اهم خبر اخبارن ڇپي ڇڏي آهي ۽ بس!

جن کي ڪلاپرڪاش جي فقط نالي جي ڄاڻ آهي ۽ اهو پتو اٿن ته هوءَ نامياري ليکڪا آهي، انهن لاءِ اها خبر هڪ ديهانت ڪري ويندڙ اديب جي خبر آهي. پر ڪلاپرڪاش جي ديهانت هڪ شخص/اديب جي ديهانت کان وڌيڪ هڪ احساس جي ديهانت آهي. هڪ مامتا جي ديهانت آهي، ساڳئي وقت سنڌي ادب ۾ تخليق ٿيندڙ ناول جي اُڏام جو زخمي ٿيڻ به آهي ته گڏوگڏ مڊل ڪلاس تي آڌاريل ويچار جو موت آهي.

ڪلاپرڪاش هند جي سنڌي ادب ۾ ناول جي ضمانت ڪري ڪنئين وئي آهي. سنڌي ادب ۾ مجموعي طور تي جيترا ناول ڪلاپرڪاش لکيا آهن اوترا ڪنهن به خاتون اديبا نه لکيا آهن. هوءَ هڪ ئي وقت، اعليٰ ڪهاڻيڪار، بيمثال ناول نگار، ڪوتاڪار، هڪ روح ۾ لهي ويندڙ سفر نامي جي تخليقڪار ۽ سڀ کان وڌيڪ سنڌي ٻوليءَ کي ڪيترائي خوبصورت غزل ڏيندڙ شريڪانت صدف جي امڙ ۽ هڪ لاجواب شاعر، ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نگار ڊاڪٽر موتي پرڪاش جي ڌرم پتني به هئي ۽ انهن سيني رشتن ۽ ناتن جي دائري ۾ سنڌي ادب کي جيترو ڪلاپرڪاش ڏنو آهي، شايد ئي ٻي ڪا سنڌي خاتون هجي. جنهن ايترو گهڻو ڏنو هجي ۽ ايترو اهم ڏنو هُجي.

ڪلاپرڪاش جو خاندان ساهتي پرڳڻي جي هڪ سر سبز وڏي ڳوٺ ۽ هاڻ هڪ ننڍي شهر خانواهڻ جو هُئو، جيتوڻيڪ سندس جنم ڪراچيءَ ۾ ٿيو ۽ اهو ڏينهن ٻه جنوري اوڻيهه سئو چوڏهن جو هُئو.



ائين سندس عمر تيرهن سال هئي جو ورهاڱو ٿيو ۽ سنڌين جو وڏو حصو پنهنجي ڌرتيءَ کان ڌار ڪيو ويو. پڪ سمجهڻ گهرجي ته سندس خاندان جو موت اُڻيهه سئو ستيتاليهن ۾ ئي ٿي چڪو هئو، جڏهن اهو خاندان پنهنجي صدين پراڻي تهذيب، ثقافت، ٻولي ۽ وطن ڇڏي ڌرتيءَ ڌڪاڻو ٿيو هُئو.

ڪلاپرڪاش ممبئيءَ ۾ هڪ شاهاڻي شخصيت رکندڙ ليکڪ/شخص موتي پرڪاش سان شادي ڪئي، جيڪو اڳتي هلي ڊاڪٽر ٿيو. ڪلاپرڪاش ممبئي جهڙي ننڍي ڪنڌ جي وڏي شهر ۾ زندگي گذاري. زندگيءَ جو ڪجهه حصو دبئيءَ، ڪجهه حصو آديپور ۽ باقي سڀ حصو ممبئي ۾. شخصي طور هوءَ تعليمدان هُئي، سڄي ڄمار ان سان لاڳاپيل رهي ۽ نهايت شاندار زندگي گذاريائين.

ڪيس ٻن ڀائرن جو اولاد ٿيو. پهريون اولاد پٽ، شريڪانت صدف ۽ ٻيو اولاد، ڌيءُ سنتو!

هُن پنهنجي ڄمار جو اهم ترين ڪتاب ”ممتا جون لهرون“ نثري نظمن جو لکيو، جنهن ۾ هن جي مامتا ڏسي سگهجي ٿي. چوڏهن ڪتاب سنڌي ادب کي ڏيندڙ ڪلاپرڪاش، اٺ ناول لکيا، چار ڪهاڻين جا ڪتاب، هڪ نثري نظمن جو ۽ هڪ بيمثال سفر نامو ”جي هينئڙي منجهه هُرن.“

ڪلاپرڪاش جو روح ۾ پيهي ويندڙ، پڙهڻ وقت ڪيترائي ڀيرا اکيون آليون ڪرائيندڙ سفرنامو سنڌ جو آهي، جڏهن هوءَ (1986ع ۾) پنهنجي گهوٽ ليکڪ ڊاڪٽر موتي پرڪاش ۽ نامياري ليکڪ موهن گيهاڻيءَ سان سنڌ گڏ گهمڻ آئي هئي.

سنڌ گهمڻ جا هُئي، ڪين ڪراچيءَ کان سواءِ سنڌ جي ڪنهن ٻه شهر جي ويزا مليل نه هئي، جنهن ڪري هوءَ پنهنجو اباڻو گهر ۽ ڳوٺ خانواهڻ وري ڪڏهن ٻه ڏسي نه سگهي هُئي.

ها! هن خانواهڻ کي ياد ڪري، پنهنجي جڳ مشهور ڪهاڻي ”خانواهڻ“ ۽ هڪ ناول ”پکن جي پريت“ ضرور لکيو هُئو، ٻيءَ طرح سندس لکڻين ۾ سندس دور، خاص طور سندس آس پاس ۽ آر پار آسانيءَ سان ڏسي سگهجي ٿو. پر هُن سنڌ ڇڏي پنهنجي عمر جي چوراسي سالن ۾ جيڪا پيڙا ڀوڳي ان جو ڪجهه اظهار سندس لکيل سفرنامي مان ظاهر ٿي پيو آهي. سنڌيءَ ۾ اهڙا ٿورا سفرناما هوندا جيڪي ائين روح کي ڇُهي وڃن جيئن ڪلا پرڪاش جو سفرنامو.

ڪلاپرڪاش کي سندس من چيد تي لکيل ناول ”آرسيءَ آڏو“ تي مرڪزي ساهتيه اڪيڊميءَ جو وڏو ادبي ايوارڊ ڏنو ويو. هونئن مختلف ادارن جا ڪيترائي اعليٰ انعام ماڻيندڙ، ڪلا پرڪاش زندگيءَ جا آهي ڏينهن، جن کي آخري ڏينهن ٻه چئي سگهجي ٿو، نهايت ڏکيا گذاريا، جيڪي ڊاڪٽر موتي پرڪاش جي وفات کان پوءِ جا هُئا. جنهن جو سبب سندن ٻه ٻار ٻه هُئا، جيڪي هنن دادلا ڪري نپايا هُئا، جن جي آس ۾ هُن پنهنجو بيمثال ڪتاب ”ممتا جون لهرون“ لکيو هُئو ۽ ان جو ٻيو

چاپو واڌاري سان تڏهن آيو جڏهن سندس جهوليءَ ۾ ٻه پوٽيون سندس لوليءَ جو لطف ماڻي رهيون هيون.

ادب ۾ ڪلاپرڪاش جو پد ماپڻ نه ڏکيو آهي، اهو وقت ئي ماپيندو. پر هوءَ هند جي عورت اديبائن جي ان نه مورتيءَ جو حصو هُئي، جنهن نه مورتيءَ جون ٻه مُورتون دادي پوپٽي هيراننداڻي ۽ دادي سندري اُتم چنداڻي هيون، اها نه مورتي پنج آگسٽ ٻه هزار ارڙهن عيسويءَ تي پڄاڻيءَ تي رسي. ائين هند ۾ سرجندڙ سنڌي تخليقي ادب جو سڄُ نهيريءَ ڏانهن مُڙي ويو، جنهن جي اُلهڻ ۾ هاڻ گهڻي دير نه رهي آهي.

سنڌي ادب جو اهو سڄ هند ۾ نئين آب تاب سان سپاٽي ايرندو، اهڙو امڪان هاڻ ممڪن نه رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته هند جي سنڌين جي نئين نسل جي ادب سان ڪنهن ٻه قسم جي لاڳاپيداري نه آهي، هند ويل سنڌين جو تاريخي الميو اهو آهي.

ڪلاپرڪاش سنڌي ناول کي جيڪا شاهوڪاري ڏني آهي، اها اڪيلو مثال آهي ۽ ان سموري عمل تي هن وٽ ڪنهن ٻه قسم جي وڏائي/انا/ايگو نه آيو. جنهن جو هڪ عملي مثال منهنجي شخصي تجربي ۾ هن طرح آهي.

سندس شايد آخري ناول ”اوڪا پنڌ پيار جا“ جڏهن ڇپجي رهيو هئو ته سندس ۽ ڊاڪٽر موتي پرڪاش جو حڪم هئو ته ان جو مهاڳ مان لکان، ڇاڪاڻ ته اهو ناول سنڌ ۾ ٻه ڇپجڻو هئو، ۽ مون ان مهاڳ ۾ کيس ”سنڌي ناول جي خاتون اول“ ڪوٺيو هئو. جڏهن اهو ناول کيس وٽ پهتو ته هن ان مهاڳ بابت هڪ تفصيلي خط مون ڏانهن لکيو جنهن جا شروعاتي لفظ هُئا!

”پيارا رڪيل مورائي!

” اوڪا پنڌ پيار جا“ جي مهاڳ ۾ تو لکيو آهي ” سنڌي ناول جي خاتون اول“

پٽ! تو مهاڳ ته اهڙو لکيو آهي جو اهو پنهنجو پاڻ ۾ هڪ سهڻو ساهتڪ مضمون آهي، پر سچ پڇين ته مان ايمانداريءَ سان محسوس ڪيان ٿي ته، سنڌي ناول جي ”خاتون اول“ جو خطاب مون کي نه،



ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

# باباءِ سنڌ_ حيدر بخش جتوئي

حيدر بخش جتوئي باباءِ سنڌ جو لقب ماڻيندڙ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي الهداد خان جتوئيءَ جي گهر 10 آڪٽوبر 1901ع ۾ جنم ورتو سندس مشهوري هاري اڳوان. انقلابي شاعر ۽ صحافيءَ جي حيثيت سان آهي. انگريز دور ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جو هيءُ گريجوئيٽ روينيو کاتي ۾ هيڊ منشي پوءِ مختيار ڪار ۽ آخر ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو، پر انهيءَ دوران کيس اهو احساس شدت سان ٿيو ته سنڌ جو هاري مظلوم ۽ زميندار ظالم آهي ۽ حڪومت جو ساٿ مٿئين طبقي سان آهي انهيءَ ڪري کيس آفيسريءَ واري حياتي پانءِ نه پيئي، سنڌ جي هارين نارين جي پيڙهيل حياتيءَ سندس سک چين ڦٻائي ڇڏيو، ۽ هُن پڪو ارادو ڪيو ته جيستائين هن خطي جي هارين ۾ هُو سجاڳي پيدا نه ڪندو تيستائين سک سان نه ويهندو، اهوئي سبب هو جو هُن پنهنجي هيڏي وڏي عهدي تان استعيفيٰ ڏني ۽ سخت جدوجهد ڪري هاري پارٽي ٺاهي ۽ سندن حقن جي حاصلات لاءِ ڪوششون شروع ڪيون. 1947ع ۾ رتيديري واري هاري ڪانفرنس ۾ کيس هاري ڪاميٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو هن عهدي تي هُو مرڻ گهڙيءَ تائين رهيو.

حيدربخش جتوئي هارين جي بچاءَ لاءِ قانون جو مسودو ”سنڌ ٽيننسي ايڪٽ“، تيار ڪري سنڌ سرڪار جي حوالي ڪيو ۽ پوءِ سنڌ ۾ هاري تحريڪ ڪي منظر ڪرڻ ۾ لڳي ويو. ”هاري حقدار“ نالي هفتيوار اخبار ڪڍيائين جيڪا سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي آفيس گاڏي کاتي حيدر چوڪ مان نڪرندي هئي، (گاڏي کاتي واري چوڪ کي اڄ به حيدرچوڪ سڏيو وڃي ٿو).

سنڌ جو هيءُ پڙهيل لکيل عوامي ليڊر ماجسٽريٽ ٿي رهيو سندس گهر ۾ ادبي ڪتابن سان گڏ قانون جي ڪتابن جو وڏو انگ موجود هو ۽ کيس قانون تي وڏو عبور حاصل هو. هُن پنهنجي ڪيس جي وڪالت پڻ پاڻ ڪئي، سندس مٿان مشهور ڪيس ”جيئي سنڌ ۽ جيئي هند“، وارو به هو جنهن مان کيس باعزت آزاد ڪيو ويو، هُو ڪيترائي دفعا جيل ويو ۽ جيل واري عرصي دوران پڻ سندس گهر ۽ اوطاق هاري پارٽيءَ وارن لاءِ کليل هوندا هئا جنهن ۾ ڪامريڊ غلام حسين سومرو، ڪامريڊ احمد لغاري ۽ ٻيا ڪم ڪارين کي ڏسندا هئا. ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي ڪتاب ”منهن تنين مشعل“ ۾ لکيو آهي ته،

”ون يونٽ جا سانباها ٿيا ته ان جي خلاف تحريڪ به تيز ٿي ويئي، پهرين ”سنڌ عوامي محاذ“ نهيو، ڪامريڊ حيدربخش جتوئي پنهنجي هاري پارٽي سوڌو ان ۾ شامل ٿيو. کهڙي سرڪار جي آمريت جو مثالي بهادريءَ سان مقابلو ڪيائين، اسان به شاگرد ڪارڪنن جي حيثيت ۾ ان تحريڪ ۾ گهڙي پياسين ۽ ان ريت ڪامريڊ کي ٿورو ويجهو ڏسڻ جو موقعو مليو. ڪامريڊ ڳالهائيندو هو ته کرو، کو به رک رکاءُ، ڪا به ناهه نوهه يا تصنع، ڪا به مصلحت آميزي نه، جيڪو دل ۾ اهو زبان تي ڪامريڊ جو منهن سندس روح جو آئينو هو، اهڙو معصوم چهرو مون رڳو علامہ آءِآءِ.قاضيءَ ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جو ڏٺو جنهن جي چهري جي هر ريکا ۾ خلوص هو. پاڻ سڌو ڳالهائيندو هو. بنا ڪنهن لڪ لڪاءُ، ناهه نوهه، رک رکاءُ يا ڊپ ڊاءُ جي چوندو هو ”ڪامريڊ، ڳالهه ڪجي سنئين سڌي“ اڳيان لڪي ٿو ته، ”هن دور ۾ مون علامہ آءِآءِ.قاضيءَ توڙي ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ ٻنهي کي ڏٺو ۽ ٻڌو. علامہ صاحب سان ايتري ويجهڙائپ نه ٿي، پر تڏهن به مان سمجهان ٿو ته علامہ صاحب هن دور ۾ شاهه لطيف جو ڪردار پڻ ادا ڪيو ته حيدربخش جتوئيءَ سچل سرمست جو. هڪ اشارن ۽ ڪناين ۾ حقيقت ڏي اشارو پئي ڪيو ته ٻئي

ستو سنئون علي الاعلان ڏهل وڄائي حق ڏي پئي سڏيو." (ص-22)

ڪامريڊ حيدربخش هڪ دلير ۽ سمجهدار ڄاڻو اڳواڻ هو پاڻ ٻي پيرا سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ بيٺو، پر عوام ۾ سياسي شعور جي ڪميءَ سبب ڪامياب نه ٿيو ته به هن جي حياتي سنڌ جي پورهيت طبقي لاءِ وقف هئي ڪيس چڱيءَ ڀر خبر هئي ته هن جي سانگيئڙن وٽ قانون جي سمجهه ڪانهي ڪين پنهنجي حقن جي آگهي ڪانهي. تيستائين سنڌ ڪڏهن به ڪين سنورندي جيستائين عوامي اٿل جو انقلاب نه ايندو ۽ اهو انقلاب هُن آندو ۽ هارين نارين کي اڌ بٽئيءَ جا حق وٺي ڏنائين ۽ انهن جي بي جابي دخلين خلاف قانون پاس ڪرايائين.

سنڌي ادب ۾ جتوئي صاحب جي حيثيت شاعر جي حوالي سان آهي، پر هن ڪي ڪتابن نثر ۾ پڻ لکيا آهن ۽ گهڻا ڪتاب انگريزي ٻوليءَ ۾ آهن انهن جو ڳاڻيٽو چوڏهن آهي. سنڌي ڪتابن ۾ سندس پهريون شاعريءَ جو ڪتابڙو "تحفهٔ سنڌ" آهي، جو 1930ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب تي انگريز حڪومت ڪيس جيل جي سزا ڏني. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر علامه اقبال جي شڪوه جي نموني تي شعر لکيل آهن. هن ڪتاب تي مولوين طرفان وڏا اعتراض ٿيا ۽ ڪيس مشهوري ملي ۽ وڌيڪ شاعريءَ جو شوق جاڳيو، شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص "حيدر" رکيائين. "تحفهءِ سنڌ" ۾ آيل نظم مان هڪ بند هن ريت آهي،

توفلڪ ڻاهيو ۽ دنيا جو نگهبان ڪيو،
بي عدد رنگن ۽ روپن سان پريشان ڪيو،
حسن خوبيءَ سان هزارن کي تو مستان ڪيو،
حيرت انگيز جهان ڻاهي تو حيران ڪيو.

ڪامريڊ حيدر شاعريءَ ۾ نظم ۽ غزل وڌيڪ چيا جن مٿي ڪيس وڏي دسترس هئي، سندس ڪلام ۾ عشق ۽ رومانس جي ذڪر کان وڌيڪ پورهيت طبقي ۽ هارين نارين جو ذڪر آهي، "درياهه شاهه" هن جو شاهڪار نظم آهي هيءُ طويل نظم سنڌي شاعريءَ ۾ اهميت جوڳو آهي، جنهن جو هڪ بند هن ريت آهي.

جو ميلو سمايل فنا اندر آهه،
پلي آئين جي آئين درياهه شاهه،
اي سنڌو سدائين تون ڪر سنڌ سائي،
تون همنام سان رهه وفا سان هميشه.

سندس ٻنهي نظمن ۾ رواني آهي ۽ مضمونن جي حوالي سان ته نواڻ آهي ئي، پر شاعريءَ جي فن مطابق به آهن. انهن نظمن کي اهلِ ادب ۽ اهلِ علم گهڻو پسند ڪيو. حيدربخش جتوئيءَ چوسٽا ۽ قطعا پڻ لکيا سندس شاعري عوامي شاعري آهي، جيڪا مقصدي طور عوام جي من کي متاثر ڪرڻ لاءِ لکيل ٿي ڏسجي، پر ننڍو وڏو پڙهيل اڻ پڙهيل به هن جي دل سان ڪيل هن سڏ تي ساڻس گڏ ٿي ويو ۽ هن جو چيل شعر مقبول ۽ معروف ٿيو. هُو دل جي سچائيءَ جو قائل آهي تڏهن هن چوسٽي ۾ چوي ٿو ته،

الله جو رستو وڏي مشڪل ۾ ڏٺم،
مسجد ۾ ٽڪاڻي ۾ نه ديول ۾ ڏٺم،
هٽ بحث ۽ منطق جو نه ڪجهه آهي زور،
مولا کي ڏٺم جي ته سچيءَ دل ۾ ڏٺم.

هن جي انقلابي شاعريءَ جا مجموعا جيڪي ڇپيا انهي ۾ "آزادي ۽ قوم" 1942ع، "هاري انقلاب" 1942ع، "سنڌ پياري"، "هاري گيت" ۽ "جيئي سنڌ جيئي سنڌ" شعري ڪليات، جنهن ۾ اڳين ڇپيل شعري ڪتابن ۽ ڪتابڙن کان سواءِ اڻ ڇپيل شاعري پڻ سهيڙي ويئي آهي. سندس نثر ۾ لکيل ڪتابن ۾ "هاري ڪهاڻيون" 1950ع "ڪمدار جا ڪارناما" 1953ع آهن.

ان کان سواءِ ڪامريڊ حيدر جا ڪيترائي مضمون آهن جيڪي هن سياسي موضوعن ۽ سنڌ جي حالتن جي باري ۾ لکيا آهن ۽ سندس تقريرون بيشڪ اڻ پڙهيل هارين جي مجموعن ۾ هونديون هيون جيڪي انهن جي ذهني سطح کان مٿي هونديون هيون، پر هو ڪين سمجهائڻ لاءِ مسئلن جا حل ۽ مثال ڏيندو رهندو هو ڪيس جيڪڏهن ڪير چوندو هو ته "سائين اهي ڳالهيون هنن اڻ پڙهيلن جي ذهن کان مٿي آهن" تڏهن ڪامريڊ جو هڪ ئي جواب هوندو هو ته" انهن کي اهي ڳالهيون سمجهائڻيون آهن جي اهي نه سمجهندا ته انقلاب ڪيئن ايندو؟"

حيدربخش جتوئيءَ جي لکيل پمفليٽ سنڌ ۾ انقلاب جي باهه ٻاري ڇڏي هن پنهنجي قوم جي غريبن، ابوجهن ۽ سادن ماڻهن لاءِ پاڻ کي پتوڙي ڇڏيو. هاري حقدار اخبار ۾ سندس ليک هر هفتي هوندا هئا جيڪا هو پاڻ ڪڍندو هو. ان اخبار جو ايڊيٽر پڻ هو. ڪتاب پڙهڻ جو کيس گهڻو شوق هوندو هو جنهن جو ثبوت هن جي لائبريري هئي. پر کيس گهڻو لکڻ ياشاعريءَ ڪرڻ جو وقت نہ ملي سگهيو. سندس حياتي تمام مشغول هئي. ڪامورڪي دور ۾ يا نوٽي هاري ڪميٽيءَ جي قيام کان پوءِ جي انقلابي دور ۾ هو تمام مشغول رهندو هو. ادب ۾ دلچسپي ۽ شوق هئڻ جي باوجود پڻ گهڻا ادبي ڪتاب لکي يا شاعري ڪري نہ سگهيو هن عملي طور سنڌ لاءِ اهو ڪجهه ڪيو جو هڪ حياتي ڇا ماڻهو شايد جهجهين حياتين ملڻ بعد بہ نہ ڪري سگهي. ڊاڪٽر تنوير سندس عظيم مقصد کي هن ريت مڃتا ڏني آهي. "ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جهڙا ماڻهو ڪٿي؟ سچا، کرا، جن جي اندر ۾ عشق، عشق سنڌ جو. سنڌ جي پورهيت جو، جن جو خلوص شفاف شيشي وانگر، جن جي حياتي ڏک، ڏولاوا، پر منهن تي هڪ سدا جرڪندڙ مرڪ اها مرڪ جيڪا ڪنهن عظيم مقصد لاءِ تڪليف سهڻ کان پوءِ سڪون حاصل ٿيڻ مان ملندي آهي."

ڪامريڊ حيدربخش "حيدر" جتوئي 21 مئي 1970ع تي وفات ڪئي کيس حيدرآباد ۾ سندس وصيت مطابق غلام شاهه ڪلهوڙي جي مقبري جي ٿلهي تي سپرد خاڪ ڪيو ويو.

## نئون ڪتاب




ڪتاب: تون ئي تون
شاعر: بخاري افضل
موضوع: شاعري
ڇاپو پهريون: اپريل 2018ع
قيمت: -/240 رپيا
ڇپائيندڙ: سمبارا پبليڪيشن. حيدرآباد

پروفيسر شمشاد سومرو



# پروفيسر نذير قاضي
## (شخصيت، فن ۽ فڪر)

موري جهڙي علمي ۽ ادبي شهر ۾ علمي، ادبي گهراڻي قاضي خاندان جي جيد عالم، شاعر ۽ بزرگ مولوي محمد صادق مورائيءَ جي فرزند علم و ادب دوست فرد قاضي محمد قاسم جي گهر ۾ 9- فيبروري 1940ع تي هڪ نينگر جنم ورتو، جيڪو اڳتي هلي سنڌي ادب جو روشن ستارو ثابت ٿيو ۽ پروفيسر نذير احمد قاضي جي نالي سان سنڌي ٻوليءَ جو بهترين ڪهاڻيڪار، اديب ۽ خوبصورت شاعر بڻيو.

سائين نذير قاضي لکڻ جي شروعات 1957ع ۾ ڪهاڻيءَ جي ترجمي سان ڪئي، جيڪا روسي ڪهاڻي هئي. سندن پهرين طبعزاد ڪهاڻي 'پڪر' (Picker) آهي جيڪا 65-1964ع ۾ لکيائين. قاضي صاحب جي ٻين لکيل ڪهاڻين ۾ 'روحي'، 'پڪر'، 'واليون'، 'آخر هي داغ ڪيئن ڌوپبا!'، 'پيار جي زبان'، 'عزت پوش'، 'ٻڙ جي ڇانوَ'، 'ٻليدان'، 'خدا بخش ۽ خدا'، 'تاساري'، 'ڊپ نہ چرسون'، 'جهنگ ۽ ننگ آهي'، 'پوءِ ڊائو'، 'سرچاءُ' ۽ 'مجرم مورتي' اڃا وجن ٿيون جن مان ڪي ڇپيل آهن تہ ڪي اڻڇپيل.

سائين نذير جن جي لکيل ڪهاڻين ۾ ڪردارن جي اُمنگن، احساسن ۽ محرومين کي ڀرپور انداز سان پيش ڪيو ويو آهي. سادي ۽ سباجهي ٻولي، نهايت ٿورا لفظ، مقصد جي مڪمل پهچ سندس ڪهاڻين جي خوبي آهي. سائين نذير قاضي پنهنجي ڪهاڻين متعلق چوي ٿو تہ:

"مون پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪوشش ڪري ٿورن لفظن ۾ وڏن ويچارن، سوچن ۽ لوچن کي سموهڻ ۽ سجائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جن ۾ 'هاڻي' هميشہ موجود رهي ٿو تہ مستقبل جا عڪس ۽ اميدون بہ پنهنجو پاڻ پسائين ٿيون. آشائن، نراشائن، دوکن ۽ دلدارين، ويساهہ ۽ ويساهہ گهاتين سان انساني زندگي لٽي پئي آهي. ڪٿي سونهن آهي ڪٿي ڪوجهائپ، ڪٿي سک آهي ڪٿي ڏک، ڪٿي هوند آهي ڪٿي اڻهوند، ڪٿي رم جهم بوندن بهاري آهي تہ ڪٿي ڪٽيءَ لاءِ مَنُ مُنجهي ٿو. مطلب تہ زندگيءَ جا انيڪ رنگ ۽ ڍنگ آهن. زندگي جيئن گذري رهي آهي مون ان کي تيئن ٻڌائڻ ۽ ڏيکارڻ جي ڪوشش پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪئي آهي."

سائين نذير قاضيءَ جي ڪهاڻين جو هتي مختصر طور جائزو پيش ڪريان ٿو تہ جيئن پڙهندڙ بہ حظ حاصل ڪري سگهن.

'پڪر' (Picker) هڪ اهڙي غريب ۽ هوشيار ڇوڪري جي ڪهاڻي آهي جيڪو پنهنجي پڙهائيءَ ۽ گهريلو خرچ ۾ پنهنجي بيوه امڙ جو هٿ ونڊائڻ لاءِ شهر جي وڏي ڪلب ۾ شام جو 'پڪر' جي نوڪري ڪري ٿو. راند ڪيڏندي جيڪي بال ٽينس ڪورٽ کان ٻاهر ڪِرندا هئا، هُو هي ڪٺي اچي رانديگرن کي ڏيندو هو. ڪلب ۾ آفيسرن جا ٻار بہ انبور رانديون کيڏڻ ايندا هئا، هُو هن تي زور پريندا هئا تہ هُو ساڻن راندين ۾ شريڪ ٿئي ٿو تہ ڪيس طبقاتي اوچ نيچ واري ذهنيت جو شڪار ٿيڻو پوي ٿو هن کي ذلت ۽ نوڪريءَ کان بہ جواب ملي ٿو. توڙي جو ڪلب جو سيڪريٽري اهو درد محسوس ڪري ٿو، پر سواءِ جذباتي همدرديءَ جي هن لاءِ ٻيو ڪجهہ ڪري نٿو سگهي.

"واليون" هڪ پوڙهي بيروزگار پيءُ جي ڪهاڻي آهي، جيڪو زال جي علاج لاءِ پنهنجي نياڻيءَ جي ڪنن کي ٻُٿو ڪري، سندس واليون

موتيو، گلاب، مگرو ۽ رات راڻي آهي.
سچ دار تي سدائين، حق مبتلا ۽ ماتم،
فڪر و نظر ٽڪي پيا ۽ سوچ ساٿي آهي.

1983ع ۾ سڄي سنڌ ۾ آمريت جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا، سنڌ جون وستيون ۽ واهڻ برباد ۽ تاراج ڪيا پئي ويا، هر طرف بارود جي بوءِ اچي رهي هئي. سنڌ جي سڀاجهن ماروئڙن، سانگيئڙن ۽ جهانگيئڙن مٿان مصيبت جا پهاڙ ڪيرايا ويا ها. هر طرف لانگ بوٽن جي لتاڙ هئي ۽ ان وقت اسان جو هيءُ شاعر به پنهنجي جذبن ۽ اُڌمن کي شعرن جي مورت ڏئي خوبصورت ٽيڙوئن جي روپ ۾ سنڌ جو ڪيڏارو تخليق ڪيو. اهي سائينءَ نذير جا ٽيڙو سڀ جا سڀ علامتي طور (Symbolical) چيل آهن، جن مان ڪجهه هتي نموني طور ڏيان ٿو:

• ڪانئر! ڪُڏا ڪم
ڳيرن جي، ڪلهه ڳوٺ تي،
بندوقون ۽ بم.

• سنجهي ساڻ ستا،
لڳن گوليون ڳچ ۾.
لڪي، ڪين اُٿيا،

• باز ڪنيو ڳيرو،
بازن جي بانور ڪيو،
سُڃو آکيرو.

• هئہ ڙي!! منهنجي پُون،
بوٽن، هاءِ لتاڙيا،
ڪِيرولا، آپون.

• وستيءَ ۾ ويڙهاند،
ڪوپن، ڪڏي ڪوڏ مان،
رت- ورني راند.

• آمر جو ايمان،
هٿي ڳاڙها رت ۾،
قاري ۽ قرآن.

• منگولي معمار،
جوڙين جنگي جُهنڊ سان،
منڍين جا مينار.

• آب اکين ارتو،
ڌرتيءَ جو اولاهي
ڌرتيءَ کي پرتو.

• زخمي سارو تن،
گولين جي ڌڌڪار ۾،
آهيرا ڪڪ پن.

• ساٿ نہ ڪو سونهون،
واهڻ وڪوڙي ويو،
بارودي دونهون.

• جوڌا، جُنگ، جوان،
اٽڪي پيا انياءَ سان،
ارڏا، سڀ انسان.

• سانجهيءَ سان سوڙهو،
پاپيءَ گهيرو گهر کي،
هرٽيءَ اک ڳوڙهو.

• موٽئين تون نہ ڪانڌ!
پيرن مُند موٽي،
پل پل پسن پاند!
• ڪوڙ جي، جي رات ڪٽي!
اوبر پاسي آهستي،
سچ جي پرهہ ڦٽي.

سائين نذير جون وايون ۽ غزل پڻ پرپور مقصد رکن ٿا. سندس شعرن ۾ احساسن جي شدت آهي، سا روح کي جهنجهوڙي ٿي ڇڏي. پاڻ غزل جي صنف تي ٻين صنفن کان وڌيڪ لکيو اٿن ۽ سندن غزل ۾ تيز رواني نظر اچي، فن ۽ فکر جي حوالي سان سندس غزل ڀرپور آهي:

اڄُ، سر مقتل، تہ ڪي ڳالهيون ڪيون،
جيئن ڪَنبي قاتل، تہ ڪي ڳالهيون ڪيون.
عقل جون ساڳيون اٺايون باتريون،
دل ٿئي پاڳل، تہ ڪي ڳالهيون ڪيون.
ڏاڍ، غربت ۽ جهالت جي خلاف،
هِتِ هلي هلچل، تہ ڪي ڳالهيون ڪيون.
سونهن، سچ، سرهاڻ جاري سخنور!
اڄ مچي محفل تہ ڪي ڳالهيون ڪيون.
بيقراري، لوچ پوچ ۽ آنڌِ مانڌ،
جاڳيتي ٿئي دل، تہ ڪي ڳالهيون ڪيون.
رُوح رُڄ ۾، اُڄ رڙي پيئي 'نذير'،
جي وسي بادل، تہ ڪي ڳالهيون ڪيون.

يا

خبر ساري جڳ جي رکي آدمي،
مگر بي خبر ٿو رهي پاڻ کان.
رهيو جيڪو پروس، سو بيوس ٿيو،
مليو اڄ سبق مون کي مهراڻ کان.
اچوڪا مسافر صفا پورڙا،
پڇن پيا پتو سو بہ اڀاڻ کان.
پذيرائي ڏاڍي تڏهن ٿي ملي،
جدا ٿئي ٿو هيرو جڏهن کاڻ کان.
سوالن جا سوچي رکو سڀ جواب،
نہ گهبرايو، ڇو؟ ڇا؟ ۽ ڇاڪاڻ کان.
نہ ٿئي ري، مطلب، جا مُنهن تي ٿئي،
ٿجي ڪين خوش اهڙي واکاڻ کان.
سُتل ڀاڳَ تن جا، ستل جي رهيا،
اُٿي، يار محنت ڪريو هاڻ کان.

'نذير' يار ٿيو آ، نہ ٿيندو ڪڏهن،
دليئنون ڏار موري ۽ مهراڻ کان!!

پروفيسر نذير قاضي جن جا ڪيترائي خوبصورت نظم پڻ تخليق ڪيل آهن، جن ۾ 'عجب شعر' جي عنوان سان ڇپيل سندس هڪ نظم هتي ڏجي ٿو:

'نذير' يار، تنهنجا عجب شعر آهن!
نہ تشبيهہ تن ۾
ڪنايو اشارو
نہ تجنيس حرفي
عجب استعارو
نہ بلبل جو قصو، نہ گل جي ڪهاڻي
نہ موتيو چنبيلي، نڪو رات راڻي
نہ ريحان، سنبل نہ سرو سمن آ
نہ باغ عدن آ، نہ مُشڪِ ختن آ
'نذير' يار، تنهنجا عجب شعر آهن!
نہ ڪجليون ڪٽاريون نہ پيڪان پلڪون
تکا تير ابرو نہ مزگان مارن،
نہ عشوه نہ غمزا، نڪو ناز نخرا،
نہ ذلفن جا بند ڪي مند ٿي وجهن ٿا
نڪو وار واسينگ اُلري اچن ٿا
نہ مهر حسينان، نہ قهر بُتان آ
نہ مدهوش مي، ۾ ڪو پيرِ مغان آ
نسيمِ سحر آ نہ بادِصبا آ
نڪو حسن ڪنهن جو قيامت قضا آ
نہ ساقي، نہ ساغر، نہ مينا نہ واعظ!
نڪو رندِ بي پير خيام حافظ!
'نذير' يار، تنهنجا، عجب شعر آهن!
رڳو ذڪر تن ۾، سونهاري، سنڌ جو
پلاري، سنڌ جو، سچاري، سنڌ جو
هتان جي مٽي، هير، پاڻي، مٽي، جو
سدا سونهن سچ ۽ ڇڱائي، ڇڱي، جو
رڳو ذڪر تن ۾
ڇگن ڇوٽرڙن جو

مٺيادار ماڻهن
ڪِنن ڪوجهڙن جو
جي بين تي لهرا ٻڌي جهومي ڳائن
ڪري مڃَ تي مارو ڪچهريون لڳائن،
سدا سچ جا ساٿي، نه ڪچ ڪي ڪمائن
’نذير‘ يار، تنهنجا شعر سادا سودا،
ائين، جيئن سنڌي سدورا سبوجها،
ائين جيئن مانا، سنڌوءَ جا ڪنارا،
ائين جيئن ماڪيءَ مٺڙا مانارا،
ائين جيئن سپيون سپاڪو ڏسارا
’نذير‘ يار، تنهنجي سڄي ذات، سنڌ لاءِ
’نذير‘ يار، تنهنجي سڄي ذات، سنڌ لاءِ.

سائين نذير قاضيءَ جي شخصيت ڪجهه نرالي ۽ گهڻ پاسائين آهي، جيڪڏهن ائين چئجي ته هُو هڪ مڪمل ادارو آهي، ته وڌاءُ نه ٿيندو. سائين نه رڳو انگريزي ادب جو استاد آهي، پر گڏوگڏ قومي شعور پڻ رکي ٿو. سائين نذير قاضي هڪ بهترين استاد هئڻ سان گڏوگڏ بهترين شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ نثرنگار پڻ آهي. انگريزي توڙي سنڌيءَ ۾ لکيل سندس نثر ۾ جيڪا سگهه ۽ رواني آهي، اها سنڌ جي ٿورن قلم ڌڻين وٽ هوندي. هن سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جا ڪيترائي نصابي ڪتاب مرتب ڪيا آهن ۽ انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتابن کي سنڌي زبان جو ويس پارايو آهي. سائين نذير اهي ماڻهو آهن جيڪي روانيءَ سان انگريزيءَ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ انيڪ موضوعن تي ڳالهائي سگهن ٿا.

سائين نذير جن جا ڪيترائي مضمون سنڌ جي مختلف اخبارن جهڙوڪ: ’عبرت‘، ’مهراڻ‘، ’آفتاب‘ وغيره ۾ ٽڙيل پکڙيل نظر اچن ٿا، جن مان ڪي سياسي ته ڪي ادبي، ڪي سماجي ته ڪي بين الاقوامي تعلقاتن متعلق لکيل نظر اچن ٿا. ان ڪان علاوه سندن ڪيترائي مقالا ۽ تقريرون اڻڇپيل آهن جيڪي پاڻ مختلف پروگرامن ۾ مختلف شخصيتن تي پڙهيا اٿن.

سائين نذير قاضي 1962ع جي مارچ مهيني ۾ ’بزم قاسم‘ جي نالي سان هڪ ادبي ادارو قائم ڪيو، جنهن پاران ڪيترائي ادبي ميڙاڪا، طرحي ۽ غيرطرحي مشاعرا ڪرايا ويا. قاضي صاحب موري شهر ۾ ’ساجاهه ڪلچر فورم‘ جو پڻ بنياد وڌو، جنهن پاران ڪيترن ڪتابن جون مهورتون جن ۾ خوبصورت شاعر نصير مرزا جي ڪتاب ’خوشبوءِ جي سنگ سنگ‘ ڊاڪٽر محمد لائق زرداري جي ڪتاب ’سنڌ جي سياسي جدوجهد‘ اچي وڃن ٿا. ان ڪان علاوه هن فورم پاران ڪيترن اديبن، شاعرن ناول نگارن سان پڻ شامون ملهايون ويون، جن ۾ سرِفهرست قاضي فيض محمد سان شام هئي، جنهن ۾ مرحوم قاضي فيض محمد پنهنجي جيون ڪهاڻي ۽ جدوجهد بابت دل کولي ڳالهايو، اها مرحوم جي آخري گڏجاڻي هئي.

سائين نذير، موري ۾ باڪ پبليڪيشن قائم ڪئي، جنهن پاران ’باڪ‘ جا ڇهه معياري پرچا ڪڍيا. پاڻ موري جي ڪيترن ادارن جي بنياد وجهندڙ مان آهي، جهڙوڪ: ايجوڪيشنل سوسائٽي مورو جنهن پاران آرٽس ڪاليج مورو قائم ٿيو ۽ اڄ اهو گورنمينٽ مهراڻ ڊگري ڪاليج مورو جي صورت ۾ موجود آهي. مهراڻ ايجوڪيشنل سوسائٽي مورو جنهن پاران روشن تارا ڪي.جي اسڪول هلندڙ آهي. مهراڻ سوسائٽي مورو جنهن جو پاڻ جنرل سيڪريٽري آهي، هن اداري طرفان ٻه ڪتاب مرحوم محمد مٺل ڪمالائيءَ جو ”مورو ناهي ٿورو“ ۽ محترم بدرالدين اُجڻ جي ڪتاب ”ٽي.ايس.ايليٽ فن ۽ فڪر“ شايع ڪيا ويا.

اسان جون فرمائشون هونديون هيون، ۽ بابا هر فرمائش پوري ڪندو هو، پوءِ گهر وڃبو هو.

هر آچر تي بابا صبح جو سوير اُٿي تيار ٿيندو. عام ڏينهن ۾ پاڻ سدائين ٿري پيس سوٽ پائيندو هو، پر آچر جي ڏينهن شلوار قميض پائيندو هو، صدري پائيندو ۽ مٿي تي سهڻي سنڌي ٽوپي پائي ٻنيءَ تي نڪري ويندو هو ۽ رات جو موٽندو هو. جيڪڏهن نصرپور مان ايندو هو ته اتي جا رنگ ڏنل پڳڙا آڻيندو، هالا مان ايندو ته ڪتا، لوئيون، سوسيون، گربيون ۽ جنديءَ جا شوپيس ۽ آرسيون ۽ اسان ٻينرن لاءِ جنديءَ جا رانديڪا اُکري مولڙو، ويلڻ، چڪرو ۽ گڏيون وغيره آڻيندو هو. شوپيس ۾ Glazed فارم ۾ تترن، ڳيرن، ڏاند گاڏين وغيره جا خوبصورت پيس هوندا هئا، جيڪي امڙ ڊرائينگ روم ۾ سجائي رکندي هئي ته شهري ماڻهن لاءِ خاص دلچسپيءَ جو مرڪز هوندا هئا. مٺياريءَ مان مائو ۽ ”ڪير پڙا“ آڻيندو هو.

گهر ۾ انگريزي اخبارون ڊان، اسٽار ۽ سنڌي اخبارون هلال پاڪستان ۽ عبرت اينديون هيون. اخبارون بابا جي آفيس ۾ اينديون هيون، بابا پاڻ آفيس ۾ ئي پڙهي وٺندو هو ۽ پوءِ ٻنپهرن جو آفيس مان ايندي کڻي ايندو هو. اسان کي اخبارون پڙهڻ جي عادت اسڪول جي زماني کان وٺي بابا جي تربيت ڪري پئي، جيڪا اڄ تائين آهي.

بابا ڪڏهن به گهر ۾ خالي هٿ ڪونه آيو، ٻنپهرن جي موسمي فروٽ (نارنگيون، ڪيلا، ناسپتيون، صوف، انگور) ۽ رات جو پڪوڙا ۽ چاپون وغيره، انب ۽ زيتون باغ تان ايندا هئا.

اسان وٽ گهڻو ڪري سيڪنڊ هينڊ گاڏيون هونديون هيون، بابا کي پراڻن ماڊلن جو گاڏيون گهڻيون وڻنديون هيون، انڪري ڪڏهن شيورل جو 50s جو هڪ ماڊل ته ڪڏهن ٻيو، جا ته شاندار وڏيون گاڏيون هونديون هيون، ڪڏهن وري والڪس ويگن ته ڪڏهن جيپون.

بابا جڏهن به ڪا گاڏي وٺندو هو ته ان رات ائين تائين گهر اچي ويندو هو ۽ ڏاڍو خوش ٿيندي اسان کي پئسا ڏيندي چوندو هو:

”وڃو!... نئين گاڏي (سيڪنڊ هينڊ) ۾ گهمي اچو.“

ڊرائيور گاڏيءَ سميت بنگلي جي گيٽ جي ٻاهران تيار بيٺو هوندو هو، اسين ڀينرون ۽ ڀائر گڏجي سدائين حسين آباد جي چوڪ وٽان ڪاٻي هٿ تي مڙي جتي هاڻي ’فش پوائنٽ‘ آهي يا ’لاموش‘ اتي هڪ ننڍي اسٽال تان ڏاڍي مزيدار چولا چاٽ ملندي هئي، ويندا هئاسين، تڏهن، جتي بلا جا دڪان آهن، اهو سڄو خالي ميدان هوندو هو. ڊرائيور گاڏيءَ کي ان ميدان ۾ ٿورو هيٺ لاهي بيهاريندو هو ۽ پاڻ لهي وڃي پرتي بيهندو هو، پائر اسٽال واري کي چولن ۽ آئيس ڪريم ۽ ڪولڊ ڊرنڪس جو آرڊر ڏئي ايندا هئا ته ويٽر ٿوري دير ۾ مزيدار چاٽ ڪار تائين پهچائي ويندا هئا ۽ بعد ۾ ڪولڊ ڊرنڪس ۽ آئيس ڪريم، ڊرائيور کي به هڪ پليٽ چولن جي، ڏني ويندي هئي.

مون کي ياد آهي ته ان ميدان تان اسين سامهون ٿورو مٿاهين، تي لڳل ريل جي پٽڙين تان ريل کي سيٽي وڄائيندي، ويندي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيندا هئاسين.

ڪلاڪ پيٽ بعد آٽوپان تان گذرندي اڳتي لطيف آباد واري پُل هيٺان گذري واپس عيدگاهه واري پاسي ايندا هئاسين، عيدگاهه جي سامهون سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي هئي/آهي (پر هاڻي الائي ڇو هتي جي سنڌين ان مان ’سنڌي‘ لفظ خارج ڪري ڇڏيو آهي). سو اها هوندي هئي، بابا جي طرفان ڪاٻه گاڏي وٺڻ جي ٽريٽ اسان لاءِ، ساڳي طرح بابا 23- مارچ ۽ 14- آگسٽ واري رات خاص طور تي اسان کي وٺي وڃي شهر جي سرڪاري عمارتن جي (بتين جو سينگار) ڏيکاريندو هو.

بابا جي ڪمري ۾ سندس ڊريسنگ ٽيبل تي سدائين Old Spice آفٽر شيو رکيل ڏسندا هئاسين. وٽس ڪل اٺ ڏهه فل ٿري پيس سوٽ ۽ جوتن جي

عورتن جي صفحي "سگهڙين سٽ" ۾ مون کان وڌي منهنجي مرحوم پيڻ شهناز شاهه ڪاظمي جون ڪهاڻيون به ڇپجي چڪيون هيون) پوءِ آءٌ ليکڪ ڪيئن بڻيس؟ جڏهن بابا کي رٽائرمينٽ کان پوءِ لکندي ۽ پڙهندي ڏٺو ته اندازو ٿيو ته بابا جي اندر به هڪ ليکڪ هو، جيڪو جاب ۽ پروفيشنل ذميوارين سبب لکي ويو هو/دٻجي ويو هو.

جيستائين منهنجيون پڦيون ۽ چاچي حيات هيون بابا اسان ٻارن کي باقاعده انهن سان ملائڻ لاءِ مٽياري وٺي ويندو هو ۽ ويڪيشن ۾ ناناڻي ڳوٺ شاهه ڪريم ويندا هئاسين ته اسان سان گڏ ڊبل روٽي، پاپا، بسڪٽ ۽ ٻيون شيون گڏ موڪليندو هو. منهنجي والده درگاهه جي سجاده نشين جي نياڻي هئي، ائين سجاده نشين جو ناتي هئڻ سبب ۽ شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جي عقيدتمند جي حيثيت سان 7 ذيقعد تي ميلي جي ختمي واري ڏينهن درگاهه ڪريميءَ تي باقاعده حاضري ڏيندو هو، تڏهن شلوار قميض ۾ ملبوس هوندو هو ۽ مٿي تي سنڌي ٽوپي پاتل هوندي هئس ۽ سندس شخصيت ٻين کان نمايان لڳندي هئي، پر هو عاجزي ۽ نوڙت جي جيئندي جاڳندي تصوير هوندو هو.

آءٌ 1980ع جي وچ ڌاري هڪ آرٽسٽ طور سامهون اچي چڪي هيس ۽ 1990ع ۾ ادب ۽ ريڊيو حيدرآباد تي ڪمپيئر جي حيثيت سان لائيو شو ڪري پنهنجي حيثيت مڃائي چڪي هيس، اُن وقت جڏهن سيد فيمليز جون ڇوڪريون اُنهن فيلڊز ۾ اچڻ لاءِ تيار ته هيون ۽ ٽئلنٽڊ به هيون، پر نه اچي سگهنديون هيون. اهو سجو ڪريڊٽ منهنجي پياري بابا سائينءَ ڏانهن ٿو وڃي، جنهن جي ڏنل اعتماد سبب آءٌ ڪاميابيون ماڻي سگهيس. منهنجي ڀائرن به بابا جون اهي صفتون کنيون ۽ گهر جي عورتن کي بهترين ماحول ڏنو، جيڪو عام طور تي سنڌي فيمليز ۽ خاص طور تي سيد ڪميونٽي ۾ گهٽ نظر ٿو اچي جڏهن ته هن وقت وڏيون تبديليون اچي ويون آهن.

12- فيبروري 1996ع تي بابا جي وفات ٿي، ته احساس ٿيو ته سندس وجود اسان سڀني لاءِ هڪ ٿڌڙي ڇانوَ مثل هو، ڏڍ هو. بابا سائين جا ماءُ پيءُ سندس ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويا هئا ۽ پاڻ ڪراچيءَ جي ايس.ايم لا ڪاليج مان لا ڪرڻ لاءِ سالن تائين تنها رهيو ۽ والدين جي شفقت کان محروم رهيو هو، انڪري هن اسان اولاد لاءِ پاڻ کي ارپي ڇڏيو هو. ان ڪانسواءِ سندس شخصيت جو هيٺين خوبين ڪيس ماڻهن ۾ مقبول بڻايو هو ۽ سندس وسيع ۽ اعليٰ تعليم يافته حلقو توڙي هاري ناري سندس مداح هوندا هئا:

- هُو مجسم شرافت هو.
- هُو عاجزي ۽ انڪساريءَ جي تصوير هو.
- هُو انتهائي صابر ۽ بردبار هو.
- هُو سنڌ جي ثقافت جو شيدائي هو.
- هُو بنا موٽ جي، جنبي سان ماڻهن جي مدد ڪندو هو ۽ بي انتها صفتن جو مالڪ هو.

آءٌ منهنجون سموريون ڪاميابيون پنهنجي عظيم بابا سائين کي ارپيندي چونديس ته، مان ويساهه رکان ٿي ته:

"There is always a man behind a Success Woman."



ميرزا فياض علي بيگ

# شڪارپور ۽ اُن جا شهري

سنڌ جي تاريخي شهر شڪارپور جي اهم ۽ مانائتين شخصيتن تي ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙي صاحب جو لکيل ڪتاب ”سچ جهڙا پرين“ (اهم شخصيتن جي ڄاڻ) جو پهريون جلد، شيخ اياز اڪيڊمي شڪارپور سنڌ طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

هن ڪتاب جي ”اداري پاران“ لکيل نوٽ ۾ ڪتاب جي اشاعت بابت ڏسايو ويو آهي ته، شيخ اياز اڪيڊمي شڪارپور جي اشاعتي پروگرام جي شروعات پروفيسر انور فگار هَڪڙي جي هن اهم ڪتاب ”سچ جهڙا پرين“ سان ڪئي آهي.

ماشاءالله هِن اداري طرفان پهرين وَٿي ڪير پري پيش ٿي آهي، جو شيخ اياز جهڙي نامور شخصيت ۽ مها ڪوي جي نالي قائم ڪيل اڪيڊمي طرفان سال 2018ع ۾ اهو ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿيو آهي؛ ته پوءِ چوٽو پونڊو ته، ڪيڏو نه خوش نصيب آهي اسان جو سائين پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو ۽ ڪيڏي نه سندس مانُ، مرتبي ۽ عظمت پري اهم شخصيت بابت اِها تصنيف آهي، جو شيخ اياز اڪيڊمي طرفان شايع ٿي آهي.

جنهن تصنيف جو مصنف خود شڪارپور جو شهري، ڪتاب ۾ آيل اهم شخصيتون سڀ جون سڀ شڪارپور واسي ۽ مٿان وري اُن جي اشاعت به شڪارپور جي اهم، نامور ۽ سداحيات شاعر شيخ اياز جي نالي قائم ڪيل اڪيڊمي طرفان ٿي... ته پوءِ واهِ شڪارپور ۽ شڪارپوري اوهان جا ڀاڳ!

هِن ڪتاب ۾ ٻه اکر مصنف پاران لکيا ويا آهن، جنهن ۾ هِن ڪتاب جي لکڻ بابت اظهار خيال ڪيو ويو آهي. ڪتاب جو ”پيش لفظ“ عصرِ حاضر جي ليکڪ محترم ڊاڪٽر قاضي خادم سهڻي پيرايتي انداز ۾ لکيو آهي، جنهن ۾ سڄي ڪتاب جو ٿورن لفظن ۾ تت ڏنل آهي. جنهن جي پڙهڻ سان اهوئي تاثر ظاهر ٿئي ٿو ته ڪتاب انتهائي معلوماتي، تاريخي ۽ تحقيقي لحاظ کان تمام اهم تاريخي ماخذ جي حيثيت رکي ٿو.

فاضل مصنف هيءَ ڪتاب تمام وڏي محنت، جاکوڙ ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري لکيو آهي. ڪتاب ۾ آيل اهم




شخصيتن مان ڪي ٻه صديون اڳ جون ۽ ڪي هڪ صدي اڳ جون آهن، ته ڪي وري هلندڙ صدي جون آهن. جن مان ڪي شخصيتون مصنف پاڻ خود ڏٺيون ۽ انهن سان ميل ملاقاتيون ڪيون، ته ڪي وري سندس دؤر جون ۽ سندس همعصر شخصيتون آهن. جن مان هرهڪ تي هن تاريخي ۽ تحقيقي انداز ۾ تفصيلي معلومات ڏني آهي.

جيئن باغ ۾ مالهي پانت پانت جا گل پوکيندو آهي ۽ پوءِ هر گل جي پنهنجي پنهنجي خوشبو هوندي

آهي يا وري جوهري جي جهوليءَ ۾ هر قسم جا هيرا جواهر جن ۾ زمرد، ياقوت، نيلم، پکراج، مرجان، عقيق، فيروزا ۽ هيرا هوندا آهن ۽ هر جواهر جي پنهنجي پنهنجي چمڪ دمڪ هوندي آهي، تيئن اسان جي محترم سائين انور صاحب پنجويهن قسمن جا ٽڙيل خوشبودار گل پوئي ناياب ۽ معطر گلدستو جوڙي، چمنستانِ ادب ۾ حاضرِ خدمت ڪيو آهي. بلڪ هيئن چوان ته انور صاحب ادبي جوهريءَ جي حيثيت ۾ سڀ جواهر گڏ ڪري ادبي نئولکو هار علمي ادبي ايوان ۾ پيش ڪيو آهي.

فاضل مصنف، ڪتاب جي شروعات (1) ڳالهيون شڪارپورُ جوُن، (2) شڪارپوري واپاري سرشتو، (3) شڪارپور جو سماجي سرشتو، (4) انگريزي راڄ ۾ جديد تعليمي سرشتي جا پهريان پاسبان، (5) انگريزن جي دؤر ۾ شڪارپور واسين کي مليل اعزاز يا القاب، (6) برطانوي راڄ ۾ شڪارپوري عملدارن جو سرشتو، (7) سنڌ جي امن ۽ انصاف جا شڪارپوري نگهبان ۽ (8) شڪارپور جا وڪيل، جي عنوان سان ڪري، شڪارپور جي علمي، ادبي، سياسي، سماجي، ثقافتي، واپاري، تعليمي ۽ تدريسي پسمنظر پيش ڪيو آهي ۽ پوءِ شڪارپور جي اهم شخصيتن جو ذڪر قلمبند ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب هر عنوان ۾ آيل احوال پوري وضاحت سان بيان ڪيو آهي، جنهن جي پڙهڻ سان ڪاٿ ڪوٽ محسوس نه ٿي ٿئي ۽ نه ئي ڪو اڻپورو احوال ٿو سمجهڻ ۾ اچي: اِهو سڀ ڪارنامو ڊاڪٽر انور فگار جي ڄاڻ ۽ فهم جو آهي.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هِن ڪتاب ۾ جديد تعليم جي پاسبانن جو تعداد 60 لکيو آهي، جن جا نالا ۽ اسڪول ۽ ماڳ مڪان پڻ ڄاڻايا آهن. اهڙيءَ ريت القاب يافته محترمين جو تعداد 57 ڏسائي ٿو، جن مان نائيٽ ڪمانڊر اسٽاف آف انڊيا K.C.S.I، آنربل خانبهادر سر غلام حسين هدايت الله سان شروع ڪري ٿو. ملقب حضرات ۾ فقط هڪڙو بزرگ ميرزا مخلص علي آهي، جنهن کي ’شمس العلماءُ‘ جو لقب مليو. ’سردار بهادر‘ جو خطاب ٻن کي، ’خانصاحب‘ جو لقب 11 ڄڻن کي ۽ ’خانبهادر‘ جو لقب 24 ڄڻن کي مليا هئا. جڏهن ته ’قيصر هند‘ جو لقب ڪئپٽن عطا محمد شيخ ۽ محترم شرف النساء بيگم محمد شعبان کي مليل هو. هندن ۾ وري ’سردار صاحب‘ هڪڙي کي ۽ ’ديوان بهادر‘ به هڪڙي هندو کي لقب مليو. ’راءِ صاحب‘ جو لقب ٽن ڄڻن کي ۽ ’راءُ صاحب‘ 10 ڄڻن کي لقب مليا.

ياد رهي ته هي سڀ القاب ۽ اعزاز انگريزن جي غلاميءَ جي دؤر حڪومت جا يادگار آهن، جيڪي اُن وقت جي اهم ناليوارين هَستين کي مليا، جن ۾ مسلمانن کي ’شمس العلماءُ‘، ’علامہ‘، ’خانبهادر‘، ’خانصاحب‘، ’سردار بهادر‘، ’سر‘ ۽ ’قيصرِ هند‘ جا القاب مرحمت فرمايا ۽ هندن کي ’مهاڪوي‘، ’راءِ صاحب‘، ’راءِ بهادر‘، ’سردار بهادر‘ ۽ ’سردار صاحب‘ وارا لقب عنايت ڪيا ويا.

هندن مان ’مهاڪوي‘ جو لقب ڪنهن به هندو شاعر ۽ اديب کي ڪونه مليو، توڙي جو اُن دؤر ۾ هندن ۾ به وڏا وڏا ناليوارا شاعر موجود هئا. جڏهن ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي کي انگريز سرڪار ’شمس العلماءُ‘ جو لقب عنايت فرمايو، تڏهن هندن طرفان ’مهاڪوي‘ لقب جي گهُر ٿي ۽ لاڙڪاڻي جي نامور هندو شاعرن رام پنجواڻي، هري درياني، دلگير ۽ ٻين ڪن هندو اديبن طرفان اِها ڪوشش ڪئي وئي، ته مهاشيا ڪشنچند بيوس کي ’مهاڪوي‘ جو لقب ملي.

ان دؤر ۾ هندو شاعرن وٽ ڪشنچند بيوس جو مانُ مرتبو تمام مٿاهون هو ۽ اڳتي هلي ڪن مسلمان شاعرن ۽ اديبن پڻ بيوس کي وڏي مان مرتبي وارو سمجهيو. هندو شاعرن مان ليکراج ڪشنچند عزيز، هرومل سدارنگاڻي ۽ ٻن- ٽِئن هندن جي شاعري مسلمانن جي شاعريءَ جو نمونو هو، جيڪا سڀي جي سڀي علم عروض تحت چيل هئي. هي پس پرده بيوس کي وڏو شاعر نه سمجهندا هئا. ان دؤر ۾ ڪملا ڪيسواڻي جو لکيل ڪتاب ”شعر جي ڪسوٽي“ ۽ اُن جي جواب ۾ عزيز مير چنداڻي طرفان ”ڪيسواڻي جي ڪسوٽي“ اُن جو مثال موجود آهي.

جڏهن بيوس کي 'مهاڪوي' لقب ملڻ جون ڪوششون ڪيو ويون، تڏهن ڪن هندو شاعرن اوٽ ۾، ۽ ڪيترن مسلمانن کُليو کُلايو ان جي مخالفت ڪئي. تن ڏينهن ۾ هاشم رضا لاڙڪاڻي جو ڪليڪٽر هو، انهن ڏينهن ۾ ضلعي جو ڪليڪٽر سياه سفيد جو مالڪ هوندو هو. مسلمان اديبن، بيوس جي ڪلام مان ڪيترين غلطيون ڪڍي، هاشم رضا جي معرفت ڳجهي نموني ۾، مٿي سرڪار کي موڪليون. جنهن جي نتيجي ۾ بيوس کي 'مهاڪوي' جو لقب نه ملي سگهيو. اِهوئي دؤر هو، جو مسلمانن ۽ هندن طرفان سنڌي ٻوليءَ تي بحث شروع ٿي ويو. هندو پنهنجي تحريرن ۾ هندي جا وڏا وڏا ابوالقوڙاٽ لفظ ٽنبڻ لڳا، ته مسلمان وري پنهنجي لکڻن ۾ فارسي ۽ عربي ٻولين جا بمباسٽڪ الفاظ لکڻ لڳا. اهڙو ٻولي تي وڏو ممڻ مچي ويو. سال 1942ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ادبي ڪانفرنس دوران سنڌي ٻوليءَ تي بحث ٿيو، هندن طرفان رام پنجواڻي، هري دلگير ۽ ٻيا هئا ۽ مسلمانن طرفان محمد بخش 'واصف' ۽ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل' هئا. اِها سڄي ڪاروائي ماهوار رسالي "اديب سنڌ" جي 1942ع واري پرچي ۾ ڇپيل آهي. هاشم رضا وارو احوال مون کي منهنجي استاد محترم ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل' ٻڌايو، جيڪو مٿي ڏنو آهي.

سنڌي ٻوليءَ تي مسلمانن ۽ هندن درميان بحث جي شروعات سال 1914ع کان ٿي، جنهن جو ڇيھ وڃي سال 1947ع ۾ ٿيو: پر افسوس جو ڪوبه حتمي فيصلو نه ٿي سگهيو! هر ڌر پنهنجي راءِ تي قائم رهي. 'شمس العلماء' جو لقب سنڌ ۾ ڇهن مسلمانن 1. مرزا مخلص علي، 2. پير شاهه مردان شاهه (ڪوٽ ڏکي)، 3. مرزا قليچ بيگ ۽ 4. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو کي مليو ۽ پنجون لقب هڪڙي ڪراچي جي رهواسيءَ پارسي دستور ڍالا کي مليو.

آخر الله ڪري انگريزن جو دؤر حڪومت ختم ٿيو. انگريزن جي هندستان مان تڏا ويڙهه ٿي، تڏهن هو اِهي القاب، اعزاز ۽ ڪرسي نشين جا پروانا به پاڻ سان ويڙهي سيڙهي کڻي ويا؛ شڪر الحمدلله. جيڪڏهن اِهو رواج اڄ ڏينهن تائين ملڪ ۾ رائج هجي ها، ته پوءِ اڄوڪن عالمن، اديبن ۽ شاعرن جا هڪ طرف هٿ هڪٻئي جي گريبانن ۾ هجن ها ۽ ٻئي طرف هڪٻئي خلاف قلم جا ڪڙڪا هجن ها. نتيجي ۾ اهي انهيءَ پٽ کوهه ۾ لڳي وڃن ها. ان جو هڪڙو مثال ڏيندو هلان ته، جمعيت الشعراءِ سنڌ جي ڪانفرنس ۽ مشاعرو سال 1950ع ۾ هول مسٽيڊ هال حيدرآباد ۾ ٿيو. مشاعري لاءِ مصرع طرح "قصهءِ منصور ٿي يا طور جو افسانو ٿي" ڏنل هئي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ ڪن شاعرن کي لقب مرحمت فرمايا ويا. جن مان ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل' کي 'تاج الشعراء' ۽ حاجي محمود خادم کي 'مخدوم الشعراء' جا لقب عطا ڪيا ويا ۽ ٻين به شاعرن کي مختلف لقبن سان ملقب ڪيو ويو. جنهن تي القاب يافته شاعرن ۽ اديبن جي خلاف آواز بلند ٿي ادبي فضا ۾ گونجيا، جنهن تي ڪيترن ئي شاعرن ۽ اديبن دورانديشي ڪندي پنهنجا ماڻيل لقب، لقب ڏيندڙ محترمين کي عزت ۽ احترام سان واپس ڪري ڇڏيا.

هِتي هڪ دلچسپ ڳالهه ذهن تي تري آئي آهي، سا به پڙهندڙن جي مطالعي لاءِ لکندو هلان. هندستان ۾ انگريزن ڏاڍا ڏڍ 'شمس العلماء' جي لقب ڏيڻ جي ڏم مچائي ڏني ۽ يارن انهيءَ لقب ماڻڻ لاءِ وٺ وٺان لائي ڏني. سرڪارعاليءَ هر ڳري ڳنجي، ايري غيري نٿو خيري کي وٺي 'شمس العلماء' جو لقب ڏيڻ لڳي ۽ اِهو حال ڏسي اردو جي ڪنهن شاعر چئي ڏنو:

دورِ انگریز میں ہوتا ہے جو شمس العلما
عام کی نظروں میں ہوتا ہے وہ شمس الجہلا

برطانيه سرڪار 'شمس العلماء' جو لقب نه بيشڪ عالمن، اديبن ۽ شاعرن کي انهن جي بهترين ڄاڻ جي مدنظر ڏنو. برطانيه سرڪار شمس جي ظاهري صورت نه ڏني، پر اُن جي اثر ڏي نظر ئي ڪانه ڪئي. شمس معنيٰ "سج" ۽ سج جڏهن پنهنجي پوري اوج تي اچي نيزي پاند ٿيندو آهي، ته پوءِ اُن جي تاءُ سهڻ جي طاقت انساندات ۾ نه هوندي آهي. شمس تبريز جو مثال سامهون آهي.

هاڻي پڙهندڙ پاڻ اندازو لڳائين، تہ جڏهن عالمن جو سج نيزي پاند ايندو، تہ پوءِ هو پنهنجي همعصر جيڪو گهٽو ڪري سندس رقيب هوندو، اُن کي پنهنجي تپش ۽ تاءُ سان جلائي ڇڏيندو يا وري حضرت ابراهيم عليه السلام خلاف نمرود جي باهه جي آڙاهہ ۾ باهہ گلزار بنجي ويندي. اهڙو سنڌ جي ٻن شمس العلمائن جو مثال پيش نظر آهي.

شمس (سج) جو عروج ۽ وري انهيءَ جي غروب ٿيڻ (زوال) ڏي بہ نظر ڦيرڻ گهرجي. مٿين القابن کان سواءِ انگريز سرڪار جي جن بادشاهن وقت حڪمرانن کان حڪومتون ڦريون، انهن کي خوش ڪرڻ خاطر انهن جي مٽي تي هٿ ڦيري انهن کي 'هزهائينس' ۽ 'هزرائيل' وغيره جا القاب ڏنا، سي اهي لقب پاڻ پنهنجي ذات عالي صفات سان چنبڙائيندا وتيا.

'هزهائينس' لقب لاءِ مير حسن علي خان ٽالپر چوندو هو تہ، هزهائنس جي اصل معنيٰ آهي هز-مائينس (ختم ٿيڻ). مير عبدالحسين خان 'سانگي' تہ ان لقب بابت هڪ وڏو شعر چئي ويو آهي:

پينگ جا آهيون اسين هزهائينس
سج جا آهيون اسين هزهائينس

باقي 'هزرائيل' کي "عزرائيل" چئجي تہ بيجا نہ ٿيندو.

آءٌ پنهنجي اصل موضوع کان ٿورو هٽي ويس. وچ ۾ ڪي ڳالهيون ذهن تي تري آيون، سي لکڻ ويهي رهيس. چاڪاڻ جو انهن ڳالهين جي ٿورو ڪي گهٽو لڳ لاڳاپو هِن ڪتاب ۾ آيل ذڪر سان لاڳاپيل آهي، جنهن ڪري اهي چند ڳالهيون ڪري ورتيون اٿم.

سائين ڊاڪٽر انور فگار، جڏهن سج جي روشنيءَ ۾ پرين جي ڳولا ڪرڻ لڳو، تڏهن هن ڪتابن، رسالن، مخزنن ۽ اخبارن جي ورق گرداني ڪرڻ تي اڪتفا نہ ڪيو، بلڪ پاڻ ڪيترين ئي آفيسن ۽ اسڪولن ۾ وڃي، اُتان جا پراڻا دفتر ڳولي ڦولهي سڄو رڪارڊ ڏسي، ڪيترين ئي اهم شخصيتن جا نالا، تاريخون ۽ سال هٿ ڪيا ۽ پوءِ رات ڏينهن هڪ ڪري نوڙ نچوئي، هٿ آڱريون ٿڪائي ۽ قلم وهائي، بلڪ پنهنجون ننڊون ڦٽائي سنڌين کي سنڌ جي اهم شهر شڪارپور جي ڪنهن حد تائين مڪمل تاريخ هِن ڪتاب جي صورت ۾ فراهم ڪري ڏني ۽ ان سان گڏوگڏ شڪارپور جي پنجويهن اهم ماڻهن جي شخصيت بابت تمام پيرائتي معلومات ميسر ڪري ڏني آهي. جنهن ۾ عالم، اديب، شاعر، تاريخ نويس، تذڪره نگار، صحافي، پبلشر، سياستدان، قومي ڪارڪن، وڪيل، مختلف محڪمن جا اعليٰ عملدار، آفيسر، استاد، ماستر، پروفيسر، واپاري، پهلوان ۽ ڳائڻا شامل آهن. بلڪ هيئن چوان تہ، هِن ڪتاب ۾ هر مڪتبہءِ فڪر جي همہ گير شخصيت جو ذڪر اُن شخصيت جي جنم (مهد) کان وفات (لحد) تائين پوري وضاحت سان بيان ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب ۾ پهرين شمس الغلماء مرزا مخلص علي علوي جو ذڪرِ خير سندس جمڻ واري هنڌ کان وفات واري جاءِ تائين نهايت پيرائتي انداز ۾ ڏنو آهي ۽ ڪتاب جي آخر ۾ پنجويهين شخصيت شهيد عبدالقيوم منگي جو جمڻ کان شهيد ٿيڻ تائين جو تمت بالخير سان ذڪر ڪيو آهي.

ميرزا مخلص علي 1795ع ۾ جائو، جنهن جي جمڻ کان 159 سال پوءِ يعني 1954ع ۾ شهيد عبدالقيوم ڄمي ٿو. وري مرزا مخلص علي 1877ع ۾ انتقال ڪري ٿو ۽ شهيد عبدالقيوم اُن جي انتقال جي 121 سالن کان پوءِ 1998ع ۾ جامِ شهادت پيي، سج جو روشن شعاع بڻجي ويو. اهڙي ريت هِن ڪتاب "سج جهڙا پرين" جي ابتدا ڊاڪٽر صاحب سال 1795ع ۾ مرزا مخلص جي جنم سان ڪري ٿو ۽ سال 1998ع ۾ شهيد عبدالقيوم جي شهادت تي ڪتاب جي پڄاڻي ڪري، گويا شڪارپور جي پورين ٻن صدين جي تاريخ کي هِن ڪتاب ۾ قلمبند ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ۾ شڪارپور جي پنجويهن شخصيتن جو تفصيلي احوال پهريون پيرو هن ڪتاب جي شڪل ۾ منظرعام تي آيو آهي.

مرزا مخلص علي سنڌ ۾ ايندي سنڌ ۾ صحافتي صحن ۾ صحافت جو ٻج ڇٽيو. توڙي جو اهو ٻج فارسي ٻولي سان لاڳاپيل هو، پر ان ٻج مان

جيڪو ثمر پيدا ٿيو سو سڄو سنڌ ۽ سنڌ جي علم و ادب ۽ عالمن، اديبن، شاعرن ۽ صحافين سان لاڳاپيل رهيو، جن اڳتي هلي ان ثمر کي بارآور ڪيو.

مرزا مخلص علي کي چار پٽ مرزا محمد شفيع، مرزا محمد مقيم، مرزا محمد صادق ۽ مرزا محمد جعفر هئا. جن مان مرزا محمد صادق، ٽنڊي ٺوڙهي جي مرزا خاندان ۾ مائٽي ڪئي. مرزا محمد جعفر جيڪو اڪثر ڪري ميرزا جعفر علي سڏبو هو، سو پهرين سنڌ مدرسةالاسلام ڪراچي ۾ پرشن ٽيچر مقرر ٿيو ۽ پوءِ ڊي جي (ڏيارام جيٺمل) سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ عربي ۽ فارسي جو پروفيسر ٿيو. هِن کي هڪڙو پٽ مرزا فيض علي هو، جيڪو صدر حيدرآباد ۾ ڪراچي هوٽل جي مٿي ماڙي واري جاءِ ۾ رهندو هو. مرزا مخلص علي جي سڄي لائبريري جنهن ۾ ”مفرح القلوب“ ۽ ٻين اخبارن جا مڪمل فائيل هئا، اها سڄي لائبريري مرزا جعفر علي سنڀالي. ان جي وفات کانپوءِ اِها لئبرري سندس پُٽ مرزا فيض علي وٽ محفوظ هئي، جيڪو پاڻ به علم دوست ۽ شاعر هو، ’افقر‘ سندس تخلص هو. مون خود مرزا فيض علي ڏٺو هو. راقم جي ناني مرزا علي محمد بيگ ’مظفر‘ جو بهترين دوست هو، جنهن سان گڏ مون مرزا فيض علي سان ملاقات ڪئي. مون کي هي تمام خوش اخلاق ۽ خوش مزاج نظر آيو، جو سندس انداز گفتگو مان ظاهر هو.

مرزا فيض علي کي پنهنجو اولاد ڪونه هو، اسحاق نالي هڪڙو ڇوڪرو پاليائين: جيڪو اڪثر ڪري ضياءالله غلام علي وٽ ايندو رهندو هو. ضياء الله مرحوم ۽ مون به خود ڪيترائي دفعا انهيءَ اسحاق کي ڪتابن ڏيکارڻ لاءِ چيو. پر هُو فقط ها ها ڪندو رهيو ۽ آخر تائين هڪڙو پنو به ڪونه ڏيکاريئين. ائين مرزا مخلص علي جي سڄي لائبريري تباهه ٿي وئي.

ڊاڪٽر صاحب وڪيلن واري لسٽ ۾ مرحوم غلام محمد وڪيل جو نالو ڄاڻايو آهي. ضياءالله غلام علي، ان ٿي مرحوم غلام محمد وڪيل جو ٽيون نمبر پُٽ هو، جيڪو ڳاڏي کاتي حيدرآباد ۾ انڪم ٽيڪس پنيشنر هو.

هِن ڪتاب ۾ آيل شڪارپور جي چوڏهن برک هستين مان فقط هڪڙي بزرگ شخصيت حافظ خير محمد اوحدي سان منهنجي ملاقات ٿيل آهي. ساڻس ڪيترائي دفعا ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم ’خليل‘ جي لطيف آباد نمبر-2 واري بنگلي ۾ ڪچهريون ٿيون ۽ ٻه ٽي دفعا مهراڻ پريس ۾ سيد سردار علي شاهه وٽ به ملاقات ٿي. اوحدي صاحب سٺو ۽ پختو شاعر، اديب ۽ بهترين تنقيد نگار هو ۽ گڏوگڏ صحافت ۽ سياست ۾ به سٺي مهارت رکندڙ هو. هُو سياسي طور هڪڙي اهم ۽ تاريخي دؤر جو اکين ڏٺو شاهد هو ۽ کيس ان دؤر جي نامور ۽ نام ڪُنين سياستدانن جي ظاهري توڙي باطني ڪردار جي ڪافي ڄاڻ هئي، پر افسوس جو هُو پنهنجي اهڙين يادگيرين کي تحريري صورت نه ڏئي سگهيو ۽ هميشه جي لاءِ انهن تاريخي حقائق کي پنهنجي سيني ۾ سمائي، پاڻ خود به سنڌ جي سيني ۾ سمائجي ويو. ڪريم بخش خالد اهڙيون تاريخي تحريرون لکي ڇپائڻ لاءِ مرحوم اوحدي کي چيو، پر ان جي تمنا به برثواب نه ٿي سگهي.

مرحوم اوحدي ڪن اخبارن جو ايڊيٽر رهيو ۽ شاعري به ڪيائين. ادبي، تاريخي، تحقيقي ۽ تنقيدي حوالي سان به هِن لکيو ته تمام گهڻو ڪجهه هو، پر جيتري قدر منهنجي ڄاڻ آهي، ته سندس ڪا مڪمل تصنيف شايع ٿيل نه آهي.

لطف الله بدوي، تاريخ جي حوالي سان وڏو نالو آهي. لطف الله، الله جي لطف سان جوڳ پڇائي، جوڳي بڻجي ۽ علمي، ادبي ۽ شاعرانه مُرليون وَڄائي، علمي ۽ ادبي ايوان ۾ وڏو مقام حاصل ڪري ورتو. سندس هر تصنيف کي ادبي ميدان ۾ سٺي پذيرائي ملي آهي. ”تذڪره لطفي“ ٽن جلدن ۾ ڇپيل آهي، جنهن ۾ قديم دؤر کان سندس دؤر تائين جي شاعرن جو تذڪرو ڪيل آهي. هيءُ بهترين ۽ اعليٰ پليي جو شاعر به هو. شاعريءَ ۾ پهرين ’جوڳي‘ تخلص اختيار ڪيائين ۽ پوءِ هميشه ’بدوي‘ تخلص

سان شعر چوندو رهيو. سندس تصنيفات جو تفصيلي ذڪر ڊاڪٽر انور صاحب ڪتاب ۾ ڪيو آهي، جن مان ڪجهه ڇپيل آهن ۽ ٻي ڪيتري اڻڇپيل تصنيفات اشاعت لاءِ حسرت ڀرين نگاهن سان واجهائي رهي آهي.

شڪارپور جي علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي تاريخ لکجي ۽ اُن ۾ شيخ اياز جو نالو نه ڏجي، ته پوءِ ڄڻ اها تاريخ سُنڄ ۾ واڪا ڪندي نظر ايندي.

شيخ اياز شاعريءَ جي حوالي سان سنڌ ۾ وڏو نالو آهي، جنهن سال 1938ع کان شاعريءَ جي شروعات ڪئي، پوءِ هُو شاعريءَ جي شامياني ۾ آهستي آهستي قدم کڻڻ لڳو ۽ سال 1948ع کان هِن جي شاعريءَ جو سج پوري آب و تاب سان اڀري نروار ٿيو، جنهن جي روشنيءَ سڄي سنڌ جي ايوانِ ادب کي روشن ڪري ڇڏيو. اهو سج جيئن ئي اڀري عروج ماڻڻ لڳو، ته سندس مخالفت شروع ٿيڻ لڳي ۽ هِن جي ياران مولانا غلام محمد گرامي قلم کنيو. پوءِ اياز جا موافق ۽ مخالف ان بحث ۾ سرگرم ٿي ويا، جن جا شاهد اخبارن جا ڪالم ۽ رسالن جا صفحا آهن. آخر مولانا گرامي صاحب هڪ قطعه لکي، اِهو تماشائي کيل هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو:

ادب جي آڙ ۾ الله اڪبر
ٿي آهي دوستن ۾ گرم جوشي
چيو سچ فارسي واري گرامي
جوابِ جاهلان باشد خموشي

شيخ اياز جي شاعريءَ جو سج شاعري جي آسمان تي پوري آب و تاب سان ڪڙيو رهيو، جيڪو اڄ به پنهنجي پوري عروج تي آهي. جنهن جو مثال موجوده دؤر جي شاعري آهي، جنهن تي گهڻو ٿڻو اثر اياز جي شاعريءَ جو نظر اچي ٿو ۽ اڄ به هر نوجوان اياز جي شاعريءَ جو دلداده آهي. ان ڪانسواءِ اياز جي شعري مجموعن جا ٻه- ٻه/ ٽي- ٽي ايڊيشن شايع چڪا آهن ۽ هر اديب ۽ شاعر، شيخ اياز جي شخصيت ۽ شاعريءَ جي مختلف پهلوئن تي گهڻو ئي ڪجهه لکيو آهي، جيڪو پڻ شايع ٿي رهيو آهي.

ڊاڪٽر انور فگار صاحب هن ڪتاب ۾ ٻن هندو پبلشرن هڪ پوڪرداس ٽانورداس ۽ ٻيو بولچند وسومل راڄپال جو ذڪر ڪيو آهي. پوڪرداس ٽانورداس شڪارپور جو وڏو پبلشر هو، جنهن بنا ڀيد ڀاءُ جي هندن جا ڌرمي ۽ مسلمانن جا مذهبي ڪتاب ڏڙا ڏڙ ڇپايا ۽ ان ڪانسواءِ هندو ۽ مسلمان ليکڪن ڪيترائي ادبي ڪتاب به شايع ڪيا. جيئن هندوستان ۾ منشي نول ڪشور وڏو پبلشر هو، جنهن اردو ۾ هندن ۽ مسلمانن جا لکيل ڪيترائي ادبي، مذهبي ۽ ڌرمي ڪتاب ڇپايا، تيئن سنڌ ۾ پوڪرداس سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي مذهبي، ڌرمي ۽ ادبي ڪتاب ڇپرايا. ڊاڪٽر صاحب هِن ڪتاب ۾ پوڪرداس جي زندگيءَ جي احوال سان گڏ اُن جي ڇپرايل ڪتابن جي مڪمل فهرست ڏني، هڪ طرف انهن ڪتابن کي هن لسٽ جي صورت ۾ زنده ڪري ڇڏيو، ته وري ٻي طرف پوڪرداس جي ٻوليءَ لاءِ ڪيل خدمتن کي به اجاگر ڪري، کيس زنده، جاويد بڻائي ڇڏيو آهي.

بولچند وسومل راڄپال فقط هڪڙو ادبي ماهوار رسالو "سنتو" شايع ڪيو، جنهن جي اشاعت سندس نالو ادبي دنيا ۾ هميشه لاءِ قائم ڪري ڇڏيو. ماهوار "سنتو" رسالو سال 1936ع ڌاري شايع ٿيو، جنهن ۾ هندو توڙي مسلمان اديبن، ليکڪن ۽ شاعرن جا مضمون، مقالا، ڪهاڻيون، ڊراما، شعر ۽ ڪتابن تي تبصرا شايع ٿيندا هئا ۽ ادبي تنقيدون به ڇپجنديون هيون.

جڏهن ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي واري مرتب ڪيل شاهه جي رسالي تي هندن ۽ مسلمان اديبن ۽ عالمن تنقيدون ڪيون. جن مان جيٺمل پرسرام گلراجاڻي ۽ ڀيرومل مهرچند آڏواڻي سرفهرست آهن، انهن جون ڪيل تنقيدون ماهوار "سنتو" رسالي ۾ شايع ٿينديون هيون. جڏهن استادِ محترم ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل' پنهنجو ڪتاب "ادب ۽ تنقيد" ٻيهر واڌارن سان ڇپائي لکيو، جنهن ۾ شاهه جي سالي تي هِن سڄو هڪ باب لکيو، جنهن لاءِ کيس "سنتو" رسالي ۾

شايع ٿيل آهي تنقيدون گهربل هيون. جيئن ته ڊاڪٽر صاحب وٽ "سنڌو" رسالي جا ڪجهه پرچا هئا، جن ۾ اهي تنقيدون ڪونه هيون. پوءِ ڊاڪٽر 'خليل' صاحب، مرحوم غلام احمد بيدم خواجه تلهار واري ڪان گهربل رسالا ورتا ۽ پاڻ مون کي چيائون ته هنن مان شاهه جي رسالي تي ٿيل تنقيد نگارن جون تنقيدون سنڌ اکرن ۾ نقل ڪري ڏيان، جيڪي مون ڪين نقل ڪري ڏنيون. تڏهن مون ماهوار "سنڌو" رسالو ڏٺو، جيڪو ڇپائي توڙي لي آئوٽ جي حوالي سان تمام ديده زيب هو ۽ پنو توڙي ڇپائي به بهترين هئي؛ وري مواد جي حوالي سان به رسالو معياري هو، جنهن ۾ ان وقت مانائتن ليکڪن جا مضمون، مقالا ۽ شعر وغيره هئا. آءٌ "سنڌو" رسالو ڏسي بولچند جي دلي طرح ساراهه ڪندو هئس. اڄ بولچند هن فاني دنيا ۾ نه آهي ۽ ابدي دنيا ۾ پنهنجي مالڪ پرماتما اڳيان پاٺ پوڄا ڪندي، رام رام سنگ هي ۽ نمستي نمستي جون صدائون بلند ڪندو هوندو، پر هن دنيا ۾ هُو اڄ ماهوار "سنڌو" رسالي جي ڪري زنده آهي.

ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب ۾ راءِ صاحب منشي ڏانومل بلوائي جو به احوال رقم ڪيو آهي، جيڪو علم هيئت جو ماهر ۽ سٺو پاميسٽ هو. هن ڪتاب سندس سوانح ۽ ادبي خدمتن تي روشني وڌي آهي ۽ سندس جوڙيل جنترين جو سال-وار ذڪر ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب ۾ فاضل مصنف جتي عالمن، اديبن، شاعرن ۽ اعليٰ عملدارن جو ذڪر ڪيو آهي، اُتي هڪڙي نامور پهلوان استاد واحد بخش لوهر کي به ڪِين وساريو آهي. استاد واحد بخش لوهر، ذات جو مهر آهي، پر هن جا بزرگ لوهارڪي ڪم ڪرڻ سبب لوهر سڏبا هئا.

واحد بخش پنهنجي وقت جو نامور پهلوان هو، جنهن شڪارپور ۾ هڪ آکاڙي جو "شڪارپور ڪسرت گاهه" نالي سان سال 1926ع ۾ بنياد وڌو. مصنف هن پهلوان سان گڏ هنڌن جي پهلوانيءَ جو ذڪر به تمام سهڻي مزاحيه انداز ۾ ڪندي، انهن جي پهلواني کي ظاهر ڪيو آهي ۽ واحد بخش جي پهلواني ۽ سندس پهلوانيءَ جا ڪرتب ٻڌايا آهن. اهڙي ريت هن ڪتاب ۾ فن موسيقي جي وڏي ڄاڻو ۽ ماهر استاد خان صاحب منظور علي خان جو ذڪر به ملي ٿو. فاضل مصنف هن جو مڪمل احوال ۽ سندس فن جي پوري ڄاڻ پڙهندڙن کي مهيا ڪري ڏني آهي.

ڪتاب "سچ جهڙا پرين" ۾ 25 اهم شخصيتن ۾ هڪ عورت ذات جو ذڪر ڊاڪٽر صاحب ڪيو آهي ۽ اُها محترمه پروفيسر ڊاڪٽر ساران صديقي آهي، جنهن جي والد عبدالقادر صديقيءَ جي دلي تمنا هئي، ته سندس نياڻي ڊاڪٽر ٿئي. رب سندس دلي تمنا پوري ڪئي، جو هُن سال 1934ع ۾ ايم.بي.بي.ايس پاس ڪري ڊاڪٽري جي سند حاصل ڪئي. ڊاڪٽر انور فگار، هن محترمه جي حياتيءَ جو احوال ۽ سندس علمي ۽ سماجي ڪارنامن جي پوري وضاحت سان ذڪر ڪيو آهي.

ڊاڪٽر انور صاحب ڪتاب ۾ 25 اهم شخصيتن جو ذڪر ڪيو آهي، مون پنهنجي حسبِ حال ٿوري علمي ڄاڻ مطابق هڪڙي وڏي ليکڪ جي اهم تصنيف تي چند سٽن لکڻ جي جسارت ڪئي اٿم؛ سا به تڏهن، جڏهن منهنجي پٽ ميرزا دبير حسين بيگ کي سندس استاد محترم انور فگار هڪڙي پنهنجي اهم ڪتاب جي ڪاپي ڏيندي، پنهنجي هٿن مبارڪ سان هي دعائيه ڪلمات تحرير فرمايا:

هن ڪتاب جي هيءَ پهرين ڪاپي اکين جي
نور ۽ دل جي سُرور ميرزا دبير بيگ لاءِ ان
دعا سان ته شال مثالي ڪاميابيون ماڻي.

جڏهن دبير اِهو ڪتاب مون کي اچي ڏنو، تڏهن مون اُن جي پهرين ورق تي سائين انور جا

نوازش ڀريا الفاظ پڙهي رب پاڪ جو شڪر ادا ڪيم، تہ هڪ نامور استاد پنهنجي شاگرد لاءِ اِهي پيار ڀريا دعائيہ ڪلمات لکيا آهن. هي الفاظ دبير لاءِ ۽ مون حقير لاءِ باعثِ فخر آهن.

آخر ۾ ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙي صاحب جا ٿورا مڃي ۽ ڪيس هھڙي انمول علمي، ادبي ۽ تاريخي ذخيري کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرائي منظرعام تي آڻڻ لاءِ لک لک مبارڪون ڏئي، عرض ٿو ڪريان:

علم ادب جو ماهر انور فگار هَڪڙو،
ٿيو نامور سخنور انور فگار هَڪڙو.

ٿيو علم ۾ اڪابر انور فگار هَڪڙو،
ٿيو شعر جو شناور انور فگار هَڪڙو.

ميدان نظم ۾ ٿيو ايوان نثر ۾ ٿيو،
بيشڪ آهي مظفر انور فگار هَڪڙو.

شهري شڪارپور جا جي اهم نامور ٿيا،
تن ڪان ٿيو متاثر انور فگار هَڪڙو.

شهري شڪارپور جا جي اهم آهن تن جو،
ٿيو خوب آ مخبر انور فگار هَڪڙو.

سچ جهڙا جي پرين ٿيا تن تان ڪندو آ گل ۽
لعل و گوهر نڇاور انور فگار هَڪڙو.

تاريخدان محقق اعليٰ اديب شاعر،
بيشڪ ٿيو آ بهتر انور فگار هَڪڙو.

بزمِ ادب ۾ گونجي هيءَ پئي صدا مقرر،
علم و ادب جو گوهر انور فگار هَڪڙو.

لکيل ڪتاب پنهنجا شايع ڏسي انهن کي،
ٿيندو تہ آهي خوشتر انور فگار هَڪڙو.

واسي چڙيندو ادبي ايوان کي قلم سان،
اهڙو ٿيو معتبر انور فگار هَڪڙو.

تاريخ ۾ خيانت جنهن ڪئي ڪندو انهي تي
پنهنجي قلم سان فائر انور فگار هَڪڙو.

تاريخ ۽ ادب تي بهتر ڪتاب سندي،
لکندو پيو عمر ڀَر انور فگار هَڪڙو.

هن جو خلوص ڏسندي ڏسندڙ چوي ٿو بيشڪ،
اخلاص جو ٿيو پيڪر انور فگار هَڪڙو.

انور فگار هَڪڙو هيڪر ملي جي ڪنهن سان،
چاهيندو ملڻ ٻيهر انور فگار هَڪڙو.

لعل و گوهر چڏي هي طالب ٿيو علم جو،
ٿيو علم ۾ تونگر انور فگار هَڪڙو.

پل پل ڪري ٿو رب جو شڪرانو هي هميشہ،
هر حال ۾ ٿيو شاڪر انور فگار هَڪڙو.

ميرزا دبير ڪيڏو ٿيو خوش نصيب جنهن کي،
استاد مليو بهتر انور فگار هَڪڙو.

’فياض‘ جي دعا ٿي اهل و عيال سوڌو،
شادان رهي عمر ڀَر انور فگار هَڪڙو.

◙

آهن، اهي خط سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ سَنَدَ جي حيثيت رکن ٿا.

ان کان پوءِ Articles on Muhammad Hussain Turk) ترڪ صاحب تي مختلف ليکڪن جهڙوڪ: علي اڪبر ڍڪڻ، محمد اسلم ترڪ، جيڪو سندس وڏو فرزند آهي، انهن جا لکيل آهن، انهيءَ سان گڏ ڪتاب ۾ ترڪ صاحب جي اوائلي زندگي، سندس تعليم، نوڪري جو احوال پڻ ملي ٿو، انڪري جو جڏهن ڪين هڪ ناڪرده گناهه جي پاداش ۾ يونيورسٽيءَ تان هٽايو ويو ته پاڻ پوءِ سنڌي ادبي بورڊ جهڙي علمي اداري ۾ به وڃي ڪم ڪيائون، جتي هُو ته ماهي مهراڻ جو ايڊيٽر به رهيو ۽ هڪ وقت جي عظيم رجسٽرار جنهن دولت مشترڪ جي اجلاس ۾، لنڊن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي نمائندگي ڪرڻ واري هن شخص جيڪي ذهني عذاب ڀوڳيا انهن جو به ذڪر موجود آهي. ٻئي طرف سنڌي حصي ۾ هن جي ڪيترن اهم مضمونن ۽ تقريرن کي شامل ڪيو ويو آهي، جن ۾ اقتصاديات، اقتصادي مسئلا، برآمدي واپار جي ترقي، مذهبي مشاهير جو فلسفيانه معيار، پاڪستان جي قدرتي دولت، معدنيات، حيدرآباد جي اقتصادي ۽ تاريخ، وچولو طبقو، ناٽي جي زيادتي، اقتصادي بحاليءَ جهڙن اقتصادي مسئلن سان گڏ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر ۽ ڪلام تي سنڌي ۾ ٽي اردو مضمون به شامل ڪيل آهن. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ شخص انهن ماڻهن ۾ شامل هو، جيڪي پنهنجي نوڪريءَ سان گڏ علم ۽ ادب جي خدمت جو جذبو پڻ رکندا هئا.

هن پنهنجي والد جي يادگيرين بابت به لکيو آهي، ته وري سندس فرزندن محمد عارف ترڪ ۽ محمد عابد ترڪ جا سندس باري ۾ لکيل تاثرات به هن ڪتاب جي سونهن آهن.

ڊاڪٽر قاضي خادم جيڪو سڄي عمر يونيورسٽيءَ ۾ استاد جي حيثيت سان ڪم ڪندو رهيو آهي، 1970ع کان 2005ع تائين استاد، ۽ ڊين جي حيثيت ۾ ۽ 2005ع کان موجود وقت تائين اعزازي ڊائريڪٽر علامه غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر ۽ وزٽنگ پروفيسر سنڌ يونيورسٽي طور ڪم ڪري رهيو آهي. تنهن هن ڪتاب کي جنهن طرح مواد ترڪ صاحب جي پٽن وٽان مليل مواد نهايت اهم تحريرن کي هن ڪتاب ۾ سهيڙيو آهي، اهو پڙهندڙن لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي تاريخ جي هڪ سونهري باب جي حيثيت رکي ٿو. هن کان اڳ 2007ع ۾ ڊاڪٽر قاضي خادم جهڙي طرح 42 سنڌي ڪهاڻين کي انگريزيءَ ۾ ريويو ڪري دي گلوريس پاسٽ (The Glorious Past) ڪتاب شايع ڪيو هو، جنهن تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ چيو هو ته هاڻ جڏهن قاضي خادم، سنڌ جي تاريخ، علم ۽ ادب کي انگريزيءَ ۾ متعارف ڪرائڻ جو اهم ڪم شروع ڪيو آهي ته ٻين اديبن جو به فرض آهي ته هُو پنهنجي ٻوليءَ جي ادب ۽ تاريخ کي انگريزي، اردو، بلڪ دنيا جي سمورين ٻولين ۾ متعارف ڪرائين.

اي مئن وٿ مشن (A Man with Mission) جي ترتيب به ڊاڪٽر قاضي خادم جو اهو ڪارنامو آهي، جنهن جو قدر صرف هڪ لکيل پڙهيل ۽ سڌريل قوم ئي ڪري سگهي ٿي، ليڪن هي ڪتاب اڳتي هلي، عالمن، اديبن، سماج وادين ۽ شاگردن جو توجهه پاڻ ڏانهن ڇڪائيندو.

هن ڪتاب جي قيمت -/300 روپيا آهي، ۽ ڪويتا پبليڪيشن طرفان شايع ڪرايو ويو آهي. هن ڪتاب جو هر لائبريريءَ ۾ خاص طور يونيورسٽين ۽ ڪاليج جي لائبريرين ۾ هجڻ انتهائي ضروري آهي ته جيئن رجسٽرار جهڙي اهم منصب کي ماڻهو سمجهي سگهن ۽ يونيورسٽي تعليم جي باري ۾ ڪين معلومات حاصل ٿي سگهي.

نور گهلو



# 'ننڍڙو چنڊ'

## ”مان عنيق ۽ عريب جيئندس“

خبر ناهي تہ مان هُن کي ناول چوان يا ڊائري تي مشتمل طويل ڪهاڻي چوان؟ ڪنفيوزڊ! هونئن بہ اڄڪلهہ جي دور ۾ هر شيءِ، هر سوچ، هر رويو پنهنجي مروج اصولن کان هٽندو، پنهنجي معنيٰ ۽ شڪل بدلائيندو، نون اصولن ۽ نون گهاڙيٽن ڏانهن وڌندو پيو وڃي. ان تي بهتر راءِ تہ اڄ جي دور جا نقاد ئي ڏئي سگهن ٿا.

ڪجهہ بہ هجي، پر هيءُ هڪ تجربو آهي جو ادب جي حوالي سان ٿي سگهي ٿو. هن نوعيت جو منفرد ڪتاب منهنجي نظر مان ناهي گذريو، پر هيءُ ڪتاب ٻاراڻي ادب جي مختلف مرحلن (Phases) مان گذري، هن مقام تي پهتو آهي. ان جي پويان سنجيده ٻاراڻي ادب جي ليکڪن جون ڪوششون ۽ روايتي انداز کان هٽي ڪري نيون آئيڊياز شامل آهن تہ هن جديد دور ۾ ٻارن جي حوالي سان ڇا ۽ ڪيئن لکڻ واري سوچ ۽ شعوري عمل هئڻ گهرجي. ان طرح دنيا ۾ چيندڙ ٻاراڻي ادب سان هم آهنگي پيدا ڪرڻ ۽ ٻارن جي ذهني اوسر کي نظر ۾ رکندي، جديد دور جي گهرجن ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۽ ان جي استعمال جي ڄاڻ ۽ استعمال جي جديد طريقن سان واقفيت ڪرائي، پنهنجي روايتن ۽ قدرن کي برقرار رکندي، مستقبل جي پلاننگ ڪرڻ جي قابليت پيدا ٿي سگهي ۽ ان ذريعي پنهنجي ذهن ۾ پيدا ٿيندڙ قوت، جوش ۽ جذبي سان اڳتي هلي ڪامياب انسان طور مڃتا ماڻي سگهي.

اسان جڏهن قومي هيروز يا مختلف شعبن ۾ ڪامياب انسانن جي ننڍپڻ جون تصويرون، سندن ايڪٽيوٽيز بابت، سندن والدين، مٽن مائٽن، ڪلاس فيلوز ۽ استادن جون هنن بابت فخريہ انداز ۾ ڳالهيون ۽ رايا پڙهندا آهيون تہ والدين جي دل ۾ اهو خيال ۽ خواهش ضرور جاڳندي آهي تہ، ”ڪاش! اسان جو اولاد بہ اهڙي مقام تي پهچي، جيئن سندن مثال ڏنا وڃن.“ والدين جي اهڙي خواهش فطري هوندي آهي تہ اُهي بہ پنهنجي اولاد کي بهتر تعليم ۽ تربيت سان گڏ هنن ۾ خوداعتمادي پيدا ڪري، کين ذهني، عقلي ۽ جسماني طرح صحتمند ۽ سگهارو بڻائڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪن.




انور جي هن ڪوشش پويان بہ اُهائي فطري خواهش نظر اچي ٿي، جنهن کي هُو شعوري طرح عملي جامو پهرائڻ جي ڪوشش ڪندو اچي ٿو ۽ پنهنجي جوانيءَ جي محنت، مشقت ۽ ڏکين حالتن

ڪي "ننڍڙي چنڊ" عنيق جي مستقبل سان پيٽينڊي، ان دور (سندس) ۾ عنيق جي دور لاءِ خود به چئي ٿو ته:

"ننڍپڻ ۾ گهوٽائي ماحول ۾ جوان زندگيءَ ۾ ڏکين حالتن مان گذري اچڻ ڪانپوءِ سرمد طئي ڪري ڇڏيو ته هُو پنهنجي اولاد کي ممڪن حد تائين خوشيون ڏيندو، کين بهترين تعليم، ڏياريندو ۽ سندن شاندار تربيت ڪندو ته جيئن هو مثالي انسان بڻجن، باڪردار بڻجن، باوقار بڻجن، سلڇڻا بڻجن ۽ اڳتي هلي پنهنجي قوم جي سک، سلامتي ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪن، ڇاڪاڻ جو سرمد سمجهندو آهي ته جيڪڏهن سندس ٻارڙا سُٺا انسان ۽ پنهنجي سبجيڪٽ جا ماهر بڻجي پيا ته جڻ هُن جي زندگي سجائي ٿي."

نه رڳو اهو پر جيڪڏهن ٻار جي ماءُ به سلجهيل ذهن جي هوندي ۽ ٻارن جي اوسر ۾ پنهنجي جيون ساٿيءَ سان گڏ هوندي ته ٻارن کي ماءُ، پيءُ جي گڏيل پيار سان گڏ اُها تربيت به بهتر نموني ملي سگهندي.

"عنيق جي بابا سرمد ۽ ماءُ ڪونج جي اُها ڪوشش آهي ته هُو عنيق کي پنهنجي شاندار روايتن ۾ اخلاقي قدرن کان واقف ڪندي نئين دور جو ٻار بڻائين ته جيئن هُو اڳتي هلي زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ ڪاميابيون ماڻي ايترو ته اڳتي نڪري وڃي جو ماڻهو مٿس رشڪ ڪن، ڇاڪاڻ جو هُو سمجهن ٿا ته ايندڙ دور، اڄ جي دور کان وڌيڪ ڏکيو هوندو، جنهن جو مقابلو ڪرڻ ۽ ڪاميابيون ماڻڻ لاءِ ٻارڙن کي انتهائي معياري تعليم ۽ تربيت ڏيڻي پوندي."

ٻارن جي نفسيات ڏاڍي عجيب هوندي آهي. اسان ٻارن جي ايڪٽيويٽيز، سندن خواهشن ۽ رجحانن کي سمجهڻ بجاءِ، کين ٻار سمجهي جڻ ته نظرانداز ڪندا آهيون ۽ سندن معصوماڻن سوالن تي خوش ٿي ويندا آهيون، بجاءِ خوش ٿيڻ جي جيڪڏهن ٻارن کي اٽينڊ ڪجي ته نه رڳو ٻارن ۽ والدين وچ ۾ دوستاڻو رشتو قائم ٿيڻ سان گڏ ٻار ۾ خوداعتمادي به پيدا ٿئي ٿي. انور ۾ عنيق جي وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه (Conversation) ان جو مثال آهي ۽ ٻار به اهوئي چاهي ٿو ته هن تي ڌيان ڏنو وڃي.

"ننڍڙو چنڊ" ان حوالي سان ۾ ڪجهه ٻين حوالن سان پنهنجي نوعيت جو منفرد ڪتاب آهي، جيڪو خاص ڪري والدين کي پنهنجي اولاد لاءِ بهتر مستقبل جي سوچ لاءِ اتساهي به ٿو ته والدين لاءِ جڻ گائيڊ لائين طور به پڙهي سگهجي ٿو.

ڪهاڻي کان هٽي ڪري، ڪجهه ٻين موضوعن تي ڪجهه ليکڪ سُٺو لکن ٿا. انور نه رڳو انهن مان هڪ آهي، پر پنهنجي منفرد انداز سبب ڪجهه مٿانهون به آهي، جو هُن وٽ نه رڳو ڪهاڻي/ ناول، پر ٻين موضوعن جي به وئرائٽي هجڻ سان گڏ پنهنجي ڳالهه کي پيش ڪرڻ جو نرالو انداز آهي، جو وٽس وانگر اجائي لفاظيءَ سان، لفظن، جملن ۾ تشبيهن جو مربو ناهڻ بجاءِ سادن، پُر معنيٰ ۽ اثر پذير لفظن جي رواني هوندي آهي، جيڪا پنهنجي پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندي آهي...

ائين ناهي ته انور ابڙو تي تنقيد جي گنجائش ڪانهي. بلڪل تنقيدي پهلو به آهن، پر سندس لکڻين کي مثبت انداز ۾ ڏسجي ته تعريفي پهلو، تنقيدي پهلو تي حاوي نظر ايندو. جائز تنقيد ۽ جائز تعريف سان، ايمانداراڻي راءِ تي ليکڪ ٻنهي حوالن سان تنقيد ۽ تعريف کي ريئلائيز ڪري سچي خوشي محسوس ڪندو آهي ۽ وڌيڪ بهتر لکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جو اُها راءِ سندس تخليقي ذهن لاءِ ٽانڪ (Tonic) وانگر هوندي آهي ۽ منهنجي راءِ ۾ انور، ايترو ته ريئلسٽ (Realist) آهي جو هُو جائز تنقيد ۾ تعريف کي خوشيءَ سان قبول ڪري سگهي ٿو.

بهرحال هيءُ ڪتاب "ننڍڙو چنڊ" والدين، خاص ڪري انور جهڙي سوچ جي ماڻهن لاءِ، ان خواب جي حقيقت ڏانهن پهريون قدم آهي ۽ دعا آهي ته هر والدين جا اولاد لاءِ اهڙا سپنا ساپيان ٿين ۽ اڄ جا "ننڍڙا چنڊ" سڀاڻي چوڏهين جي چنڊ وانگر ڪائنات مٿان چمڪندا رهن. (آمين)

سليم جروار

# ڊاڪٽر هوتچند مولچند گُربخشاڻيءَ جي ڪتاب Mysticism, in the early nineteenth century poetry of England جي مهورتي تقريب



سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 23 جولاءِ 2018ع تي اٿارٽي جي ڊاڪٽر اين.اي بلوچ هال ۾ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جي ڪتاب Mysticism, in the early nineteenth century poetry of England جي مهورت تقريب ۾ سندس نياڻي گل هوتچند چڱاڻيءَ ڪي آجياڻي واري تقريب جو اهتمام ڪيو ويو. تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي نياڻي گل هوتچند چڱاڻيءَ چيو ته: "آءٌ ڇهن سالن جي هُيس ته منهنجو والد وفات ڪري ويو، مون کي ننڍپڻ ۾ خبر نه هئي ته بابا پي ايڇ.ڊي به ڪئي آهي پوءِ اها پڙهي ته لڳو هن ڪمال جي تحقيق ڪئي آهي، جنهن ۾ دنيا جي ٻين مذهبن جو تقابلي جائزو ورتو آهي. هن چيو ته اسان سنڌي هندو آهيون، اسان کي شاهه لطيف بابت ايتري ڄاڻ نه آهي، منهنجي پيڻ ڀرين سنڌي گريجوئيٽ ڇوڪري هئي. منهنجي هڪ پيڻ هندستاني فلم 'لگان' ۾ به ڪم ڪيو، اسان جي گهروارن جا عمر دائود پوٽي جي گهروارن سان گهريلو لاڳاپا هئا. هن جون ڏيئرون اسان جون سهيليون هيون، هن چيو ته اسان جي والد صاحب کي انسان ذات جي خدمت ڪرڻ ڪري هميشه ياد رکيو ويندو. اسان کي سنڌ ۾ تمام گهڻي محبت ملندي آهي ۽ سنڌ اچي خوشي محسوس ٿيندي آهي."

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمئن پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ چيو ته: "ڊاڪٽر گربخشاڻي سنڌ جو ليجنڊ اسڪالر هو، اها اسان لاءِ فخر جي ڳالهه آهي ۽ خوشيءَ جي ڳالهه ته سندس نياڻي اسان جي وچ ۾ آهي ۽ لڳي ٿو ته گربخشاڻي صاحب اسان سان گڏ موجود آهن. هن چيو ته ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر عمر دائود پوٽو پهريان سنڌي پي ايڇ.ڊي هولڊر آهن ۽ اها سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي ته 1928ع ۾ ٿيل ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي پي ايڇ.ڊي تحقيق کي پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو ڇاپيو آهي، ان ڪتاب جو ترجمي تي ڪم هلندڙ آهي جيڪو جلد ڇپجي ويندو. هن چيو ته 1995ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ رجسٽري ڪرائڻ دوران مون کي پونا مان ڇپيل ان ڪتاب جي فوٽو ڪاپي ملي، پڙهي اندازو ٿيو ته تحقيق ڪيئن ٿيندي آهي. اها ٿيسز ڇپائڻ جي خواهش ٿي ۽ لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ اچڻ سان اها فوٽو ڪاپي هٿ ڪري ڇپائي آهي، جيڪو ڪنهن اعزاز کان گهٽ ناهي."

ڪراچي يونيورسٽي ۾ شاهه عبداللطيف چيئر جي پروفيسر سليم ميمڻ چيو ته: "گربخشاڻي پهريون سنڌي هو جيڪو پي ايڇ.ڊي لاءِ لنڊن ويو. هن محقق جي حيثيت ۾ تحقيق جو آغاز ڪيو ۽ سائنسي بنيادن تي تحقيق ڪري دنيا جي مذهبن جو تقابلي جائزو ورتو. هن چيو ته اسان ڪتاب لکون به پاڻ، ڇپايون به پاڻ ۽ ڪپايون به پاڻ، پر هندستان ۾ ايئن ناهي، اتي ڇپيل هر ڪتاب جون ٽي سؤ ڪاپيون سرڪار پاڻ وٺندي آهي ۽ اتي سنڌي اديب هر اديب جي سؤ سالا جنم ڏينهن تي پروگرام ڪندا

آهن، اسان وٽ ايئن ناهي، اسان وٽ اديبن کي جيئري خراج پيش ڪرڻ گهرجي.“ ناليواري اديب مدد علي سنڌيءَ چيو ته: ”اڄ گربخشاڻي کي سندس ڪم جي ڪري ياد ڪيو پيو وڃي، سندس شاهه لطيف تي ڪيل ڪم کي صدين تائين ياد ڪيو ويندو. شاهه سائينءَ تي سندس ڪيل ڪم جهڙو اڄ تائين ڪنهن محقق نه ڪيو آهي ۽ اهو ڏينهن پري ناهي جو سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان کيس اعزازي ڊگري ڏني ويندي. هن چيو ته ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ تي تحقيق ۾ پي ايڇ.ڊي ڪرڻ گهرجي.“ تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ يونيورسٽيءَ جي استاد ڊاڪٽر تهمينه مفتي چيو ته: ”گربخشاڻي حيدرآباد سنڌ جو ڄائو دنيا جو وڏو اسڪالر آهي، جنهن انسان جي مذهبي آزادي تي چٽو موقف رکيو ۽ هن تحقيق جا نوان رخ متعارف ڪرايا. اسان کي مٿس فخر آهي.“ ناليواري اديب تاج جويي چيو ته: ”منهنجي ڄاڻ موجب ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي پنهنجي ماتر ڀومي سنڌ ۾ سندس نالي سان هيءُ ٻيو پروگرام ٿي رهيو آهي، هڪ پروگرام سندس 35هين ورسي جي مناسبت سان 11 فيبروري 1982ع تي پريس ڪلب حيدرآباد ۾ محمد ابراهيم جويي جي صدارت ۾ ٿيو ۽ ٻيو اڄ ٿي رهيو آهي. اهو اعزاز سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي آهي، جنهن سندس پي ايڇ.ڊي تحقيق سنڌ ۾ پهريون ڀيرو ڇپائي. هن چيو ته ڊاڪٽر گربخشاڻي زندگيءَ ۾ ٻيو ڪو ڪم نه ڪري ها ته به شاهه سائين جي لاثاني تحقيق، مقدمي، معنيٰ ۽ تشريح سان ٽئين جلدن ۾ لکڻ وارو ڪم کيس سنڌ ۽ دنيا جي تاريخ ۾ هميشه ياد رکي ها، هن پنهنجي پي ايڇ.ڊي تحقيق ۾ دنيا جي شاعرن جو تقابلي جائزو ورتو.“ ناليواري اديب ۽ مترجم گل مُحمد عمرانيءَ چيو ته: ”گربخشاڻي پاڻ چيو آهي ته انگريزن وٽ تصوف جو ٻيو انداز آهي، هنن وٽ اوڀر ۽ اولهه جي تصوف ۾ فرق آهي، پر گربخشاڻي صاحب تحقيق ڪري ثابت ڪيو ته جيئن سچ هڪ آهي ايئن تصوف مغرب جو هجي يا اوڀر جو، ان جا بنيادي مول متا ساڳيا آهن. هن چيو ته 1928ع ۾ پي ايڇ.ڊي فائنل ٿي ۽ ان ڪتاب جي ڇپائيءَ لاءِ 90 پائونڊ به يونيورسٽيءَ پاران رکيا ويا، پر الاءِ ڇو ايترو عرصو اهو ڪتاب غائب رهيو ۽ 1984ع ۾ پوني مان ڇپيو ۽ ان ڪان پوءِ اٿارٽيءَ کي به اعزاز مليو، جنهن اهو ڪتاب ڇپيو.“

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي سيڪريٽري شبنم گل چيو ته: ”گربخشاڻي صاحب جي پي ايڇ.ڊي ٿيسز جامع تحقيقي ڪتاب آهي، جيڪو تحقيق ڪندڙ شاگردن لاءِ رهنمائي ڪندڙ ثابت ٿي سگهي ٿو. هن چيو ته گربخشاڻي صاحب جي نياڻي گل هوتچند ڇڳاڻي جي وجود ۾ گربخشاڻي صاحب جي ڏاهپ جي خوشبو مليل آهي ۽ هن جي موجودگيءَ ۾ اسان گربخشاڻيءَ کي پاڻ سان گڏ محسوس ڪريون ٿا.“

تقريب دوران ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جي پي ايڇ.ڊي ٿيسز Mysticism, in the early nineteenth century poetry of England جو مهورت پڻ ڪيو ويو.

نسيم حيدري



## سنڌ جي نامياري اديب، ڊراما نگار، صحافي، شاعر،

# شمشيرالحيدريءَ

## جي ڇهين ورسيءَ جي ڪوٺايل تقريب

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ڪراچي شاخ پاران سگا جي باني ميمبر، محقق، اديب، شاعر ۽ صحافي شمشيرالحيدريءَ جي ڇهين ورسيءَ جي تقريب 10- آگسٽ 2018ع تي شهيد بينظير ڀٽو لائبريري سچل ڳوٺ ڪراچيءَ ۾ ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ مهمان خاص ناليوارو شاعر امداد حسيني ۽ محترم ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب هئا. پنهنجي تقرير ۾ محترم امداد حسيني صاحب چيو ته: شميرالحيدريءَ گهڻ لکيو آهي ۽ هُن تي به گهڻ لکيو ويو آهي، سندس هڪ مختصر شعري مجموعو ”لاٽ“ ڇپيل آهي، جنهن جو ٻيو ڇاپو سندس آخري عمر ۾ جڏهن پاڻ اسپتال داخل هو. ايوب شيخ ڇپايو هو، شمشير ان کي پڙهي ته نه پئي سگهيو، پر ان کي هٿن سان ڇُهي محسوس ڪري ٿي سگهيو. سندس ٻيو شعري مجموعو ”تاريخ جو ڪچرو“ آهي، جيڪو به ٻيهر ڇپجڻ گهرجي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته شمشير شاعريءَ ۾ جيڪي تجربا ڪيا آهن، انهن تي اسان کان پوءِ واري ٽهيءَ کان لکرايو وڃي. مثال جيئن سندس غزل آهن:

گهري ٿو شمشير حق جيڻ جو
اُنهي کي ماري ڇڏيو ته وهه وا.

اهو اڌ وزن تي تخليق ڪيل غزل آهي، يا جيئن سندس هيءُ غزل جنهن ۾ وري هڪ رڪن وڌايل آهي.

ڀلا داد جي لاءِ مُرڪي نهارڻ جي ڪهڙي ضرورت.

اوهين آهيو سهڻا اوهان جي اهائي وڏي ڳالهه آهي.

شمشير جي ايڊيٽرشپ ۾ ”نئين زندگيءَ“ جي خاص اهميت آهي، جڏهن پاڪستان پبليڪيشن جي آفيس اسلام آباد شفٽ پئي ڪئي وئي، تڏهن شمشير جي مزاحمت جي ڪري ”نئين زندگيءَ“ ڪراچيءَ ۾ ئي رهي پوءِ جڏهن ”نئين زندگي“ حيدرآباد سنڌ شفٽ ڪرڻ جي رٿا آئي ۽ ان ڏس ۾ هالا ۾ قبله مخدوم طالب الموليٰ وٽ هڪ گڏجاڻي رکي وئي جنهن ۾ شمشير مون کي به وٺي ويو، ان گڏجاڻيءَ ۾ قبله ’طالب الموليٰ‘، حسام الدين راشدي، محمد ابراهيم جويو، غلام رباني، شمشير ۽ پاڪستان پبليڪيشن جو ڊائريڪٽر شريڪ هئا. آئون ته اڻ ڪوٺيو شامل هوس! ان ۾ به اسر رکيل هئا.

(1) ”نئين زندگي“ حيدرآباد شفٽ ڪئي وڃي، (2) عبدالواحد سنڌيءَ کي جيڪو رٽائر ڪري چڪو هو، ايڊيٽر ڪيو وڃي. فيصلو ته اڳ ٿيل هو، پر وري به سيني کان راءِ ورتي وئي، مون سمجهيو ته مون کان به راءِ ورتي ويندي ته آئون ان جي سخت مخالفت ڪندس، پر مون کان پڇيوئي نه ويو! ائين فيصلو ٿي ويو. هاڻي ”نئين زندگي“ نڪري به ٿي يا نه ان جي ڪابه خبر نه آهي.

ڊاڪٽر شير مهراڻي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته شمشيرالحيدري هڪ عهد ساز شخصيت هو،

سندس شخصيت جا ڪيترائي رخ آهن، هُو ايڪتا ۽ نشانبر تي بيٺل آهي، هُو بهترين شاعر، مڃيل مترجم، اعليٰ ڊراما نگار، ڏاهو اسڪرپٽ رائيٽر ۽ ايڊيٽر هو. سندس هر ڪم اهم آهن، سندس خدمتن کي مڃتا ڏيندي آئون خوشيءَ جي خبر ونڊيندو هلان ته سائين شمشير جي شخصيت ۽ ڪم تي جلد ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ پي ايڇ.ڊي رجسٽر ڪرائي ويندي، يقيناً اهائي اها مڃوتي آهي جيڪا نئون نسل پنهنجي عهد ساز شخصيت کي ڀيٽا طور پيش ڪري سگهي ٿو.

سنڌ سلامت جي مئنيجنگ ايڊيٽر محمد سليمان وساڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته شميرالحيدريءَ جي شخصيت گهڻ پاسائين آهي، هُن شاعري، صحافت، ڊراما نگاري، ايڊيٽري کان وٺي سنڌي ادبي سنگت جي جدوجهد تائين پنهنجون خدمتون ايمانداريءَ سان سرانجام ڏيندي زندگي گذاري، شمشير صاحب هڪ خوددار انسان هو، جنهن پئسي جي پويان ڊوڙ ڪونه پاتي. اهوئي سبب آهي جو اڄ پاڪستاني ڪوارٽر وارو سندس گهر خالي ڪرائڻ جو نوٽيس سندس وارثن کي مليو آهي. جن وٽ رهڻ لاءِ ڪوبه اجهو ناهي، آخر ڪير ان تي ڳالهائيندو ۽ سندس پوين جي سار لهندو. هن ڪراچيءَ جي اهڙي مالڪي ڪئي جو چوڪنڊي جي قبرستان ۾ مدفون ٿي ڪراچي جي تاعمر وارثي ڪري ويو.

بيدل مسرور شمشيرالحيدريءَ کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته شمشير منهنجو محسن هو، ٽيليويزن تي نوڪريءَ جي درخواست به هن ٽائيپ ڪري مون کان صحيح ڪرائي، ان وقت جي پروگرام مئنيجر مرحوم عبدالڪريم بلوچ وٽ وٺي هليو هو ۽ اتفاق سان درخواست ڏيڻ جو به اهو آخري ڏينهن هو، نوڪري خيرن سان ملي وئي، پر اصل ڳالهه اها هئي ته مون کي ڪراچيءَ ۾ رهايو به شمشيرالحيدري پنهنجي گهر ۾، ڊي 29 پاڪستان ڪوارٽر ۾ پنهنجي ٻچن سان.

شمشير پنهنجي دوستن سان ايترو پيار ڪندو هو انهن جي نالن کي به پنهنجي سخن سان بدلايو به هو، 1975ع ڌاري مون سندس اهو آزاد نظم ڪمپوز ڪري ڳاتو هو ۽ آزاد نظم ڳائڻ جو اهو منهنجو پهريون تجربو هو. جنهن لاءِ مون شمشير کي چيو هو ته ڏاڍو مشڪل آهي ڳائڻ، پر هن همٿ وڌائيندي چيو هو ”مولا تي ننگ آ، تون ڳائي ويندين“. شمشير ٽي.ويءَ لاءِ ڪافي پروگرامن جي ڪمپوزنگ ڪئي گيت لکيا، ڊراما لکيا، هن جو جديد طرز تي اوريجنل ڊرامو ”منزل“ هو، جيڪو ذوالفقار نقويءَ پروڊيوس ڪيو هو. جنهن ۾ بينا پهريون ڀيرو متعارف ٿي هئي.

ڊاڪٽر سليمان شيخ چيو ته شمشير جا سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب تي وڏا احسان آهن، وقت تيزيءَ سان گذري رهيو آهي، اسان کي سندس لاءِ جيڪو ڪجهه ڪرڻو آهي جلد ڪرڻو آهي، ان نوجوانن لاءِ چيو ته ڪين عملي ميدان ۾ اچڻ گهرجي.

شمشيرالحيدريءَ جي نياڻيءَ نسيم حيدريءَ پنهنجي تقرير ۾ چيو ته شمشير اصول پرست هو، ان ڪڏهن به اصولن تي سوديبازي نه ڪئي، ان جو ضمير زنده هو، تڏهن ته ڪنهن شهنشاهه جو مٿس فرمان نه هليو.

ان هميشه پنهنجي نالي جو ڀرم رکيو، جن اصولن تي ان زندگي گذاري اهي هئا ايمانداري، سچائي ۽ ذميداري.

اڄ جيڪڏهن اسان مان هرهڪ انهن اصولن کي سمجهي ۽ انهن تي هلي ته هوند سنڌ اڏجي ويندي. اسان جا ادارا ترقي ڪن اڳتي وڌن ۽ مضبوط ٿين.

اڄ جيڪي سنڌ جون حالتون آهن اسان جي انفراديت ۽ خودمختياري جيڪا وڃائجي چڪي آهي،

اگر چاهيو ٿا تہ حاصل ٿئي تہ پنهنجو پاڻ سان قوم سان ۽ ٻوليءَ سان سچو ٿيڻو پوندو.

هُن وڌيڪ چيو تہ پهرئين هڪ چينل P.T.V هئو، جنهن تي پنجويهن منٽن جو خيراتي طور سنڌي پروگرام پيش ڪيو ويندو هو، هاڻ ماشاءَالله ڪافي سنڌي چئنل آهن، جيڪي چوويهہ ڪلاڪ ڪم ڪن ٿا، اهي پنهنجي ذميدارين کي سمجهن ۽ ٻوليءَ جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ ڪم ڪن. سنڌ ڌرتيءَ جي انهن ذات ڏٺين جي ورسين ۽ سالگراهن جا ڏينهن ڀرپور نموني ملهايا وڃن، انهن ڏينهن تي انهن شخصيتن جي خدمتن، مقصدن ۽ پيغامن کي اُجاگر ڪيو وڃي تہ جيئن نوجوان نسل ۽ ايندڙ نسل آگاهي حاصل ڪري سگهن. اسان جا ڪيترائي فنڪار، شاعر، اديب، گمناميءَ ۾ هليا ويا آهن، اڄ انهن جو ڪوبہ والي وارث ناهي ۽ نڪو ڪوئي ذڪر آهي.

شمشير جي نظر ۾ سنڌ جو نوجوان باصلاحيت آهي، پر ان ۾ مطالعي ۽ مشاهدي جي ڪمي آهي، هو پنهنجي انقلابي شاعريءَ ۾ انساني سُتل ضميرن کي اٿاري ٿو، قوم جي ماڻهن کي جنجهوڙي ٿو، بيداري ۽ جاڳرتا ڏئي ٿو، سندس شاعري ٻارن ۽ نوجوانن لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي.

صدارتي خطاب ڪندي سگا جي چيئرمين ۽ شمشيرالحيدريءَ جي ننڍي ڀاءُ رفيق احمد حيدري شمشير جي خودداري ۽ سندس برداشت جا قصا بيان ڪيا، پنهنجي ذاتي دلچسپي ڏيکاريندي چيو تہ شمشيرالحيدري جي اڻ ڇپيل مواد کي جلد ڇپرائي منظرِ عام تي آندو ويندو، ان ڏس ۾ ڪم هلي رهيو آهي.

ان کان علاوه تقريب کي ڊاڪٽر مسرت، قمر شهباز جي نياڻي سبين شهباز، اشرف کهاوڙ ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

## نئون ڪتاب



ڪتاب: چانڊوڻي ۽ ٻڙيون
ليکڪ: سيد علي احمد شاهہ "ساقي سروري"
ڇاپو پهريون: 2018ع
قيمت: 200/- رپيا
ڇپائيندڙ: طالب الموليٰ اڪيڊمي. هالا

محمد يوسف جويو



# سنڌ جي عظيم ڏاهي، اديب ۽ دانشور سائين محمد ابراهيم جويي جي سالگره تقريب

7- سيپٽمبر 2018ع تي سنڌي ادبي سنگت شاخ سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو پاران سنڌي ٻوليءَ جي ماهر، اديب ۽ دانشور محمد ابراهيم جويي جي 103هين سالگره جي سلسلي ۾ تقريب ٿي گذري، جنهن ۾ سنڌ جو ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نگار شوڪت حسين شورو صدارت ڪئي ۽ مهمان خاص نوجوان ليکڪ محسن جويو، پروفيسر عبدالرحمان سيال هئا. ان کان علاوه فهيم نوناري، محمد يوسف جويو، ڪليم ٻُٽ، ارڏو اُترادي، نور حسين ڪلهوڙو، سيد قطب خان، زاهد ڏاريجو، علي حسن ملاح، روشن برهماڻي ۽ محمد علي گهانگهرو شريڪ ٿيا.

شوڪت حسين شوري پنهنجي صدارتي تقريب ۾ ڳالهائيندي چيو ته ”سائين محمد ابراهيم جويو پنهنجي قومي ڪردار ۽ ترقي پسند فڪر جو هڪ وڏو نالو آهي، سندس سنڌي ٻوليءَ ۽ ڌرتيءَ جي بقا خاطر بيمثال جاکوڙ آهي، سندس لکيل ڪتابن ۾ ’سنڌ بچايو ڪنڊ بچايو‘، ’شاهه، سچل، سامي‘، ’فڪر جي آزادي‘، ’فلسفي جي ابتدائي ڪورس‘، ’وحشي جيوت جا نشان‘، ’علم تدريس، مظلومن لاءِ‘ وغيره اڄ جي سنڌ جي نوجوانن لاءِ مشعل راهه آهن. هن وڌيڪ چيو ته جويي صاحب جو خواب هو ته سنڌ ۾ ٽرانسليشن بيورو نهڻ گهرجي ۽ ان لاءِ هن ڀرپور ڪوشش به ڪئي، پر اهو خواب حقيقت نه ماڻي سگهيو ۽ مان به چوان ٿو ته هاڻ وقت آهي ته اهو جويي صاحب جو ٽرانسليشن بيورو نهڻ گهرجي.

جويي صاحب جي ڏوهٽو محسن جويي پنهنجي تقرير ۾ چيو ته جويو صاحب علم ادب، ادارن جي ذريعي سنڌ ۾ سجاڳي آندي ۽ نئين نسل کي هڪ نئين سوچ ڏني. هن سائين جي.ايم.سيد سان گڏجي سنڌ جي خوشحاليءَ ۽ آجپي جي لاءِ سگهاري جدوجهد ڪئي. سنڌي ٻوليءَ تي ٿيندڙ هر حملي جو ڀرپور جواب ڏنو. هيءُ سنڌ جو ڏاهو پنهنجي خيال، فڪر ۽ ڪردار ۾ بلڪل واضح ۽ چٽو رهيو. سندس زندگيءَ جا ٽي اهم مقصد هئا: جن ۾ سيڪيولرزم، مٽيريل ازم ۽ نيشنل ازم. هن ادارا ٺاهي سنڌي ادب، ٻوليءَ ۽ تعليم لاءِ جدوجهد ڪئي. ان سان گڏ هن ڪتاب لکي نوجوانن جي تربيت ڪئي.

پروفيسر عبدالرحمان سيال چيو ته جويو صاحب واحد ماڻهو هو، جنهن سنڌي ادب کي روايتن ۽ عقيدن مان ڪڍي هڪ نئين جدت آندي ۽ ٻاهريون ادب ترجمو ڪري پنهنجي ٻوليءَ کي سگهارو ڪيو.

محمد يوسف جويي چيو ته سائين جويو صاحب هڪ فڪري ۽ سائنسي ماڻهو هو جيڪو حقيقت تي يقين رکندڙ هو. هن ’شاهه، سچل، سامي‘ ۽ ’سنڌ بچايو ڪنڊ بچايو‘، جهڙا ڪتاب لکي سنڌ جي شعور کي هڪ صحيح واٽ ڏسي، ورهاڱي کان پوءِ هيءُ شخصيت هئي جنهن پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ علمي ادبي ادارو جوڙي، ڪتابن جا ترجما ڪرائي پنهنجي ٻوليءَ جي لاءِ هڪ جرنيل جو ڪردار ادا ڪيو.

فهيم نوناري جيڪو سنڌي ادبي سنگت شاخ سنڌي يونيورسٽيءَ ڄام شورو جو سيڪريٽري آهي، جنهن آيل مهمانن جا ٿورا مڃيندي چيو ته جويو صاحب جو علمي، ادبي ڀورهيو اسان جو قومي ورثو آهي، جنهن کي سهيڙي ۽ ٻيهر ڇپايو وڃي ۽ ان کي ايندڙ نسلن لاءِ محفوظ ڪيو وڃي.

◙

# مهربان لکندڙن لاءِ ڪجهه گذارشون

1. "مهراڻ" جي مواد ۾ ڇپيل راين، تجزين، نتيجن ۽ علمي فڪري زاوين جي سموري ذميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سندن راين کي "سنڌي ادبي بورڊ" جي راءِ نه سمجهڻ کپي.

2. پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت "مهراڻ" جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ کپي ۽ اِها خاطري ڄاڻائڻ لازمي آهي ته اُهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ جي لاءِ ڪنهن ٻه رسالي يا اخبار کي نه موڪليل آهن.

3 ترجمي جي صورت ۾، جتان مواد ترجمو ڪيو وڃي، اُن اصل لکت جي صاف فوٽو ڪاپي سان موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح واضح حوالو پڻ ڄاڻائجي، جتان اهو مواد ترجمو ڪيو ويو آهي.

4. ڪتاب تي تبصري ڇپائڻ لاءِ اُن ڪتاب جون ٻه عدد ڪاپيون ايڊيٽر 'مهراڻ' کي موڪليون وڃن، ٻي صورت ۾ مواد ڇاپڻ کان معذرت ڪئي ويندي.

5. فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ ڦهتل مواد ڪنهن ٻه صورت ۾ قبول ڪونه ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانه ڪئي ويندي.

6. مانوارن شاعرن کي خاص استدعا آهي ته هڪ ئي صفحي تي هڪ کان وڌيڪ ڪلام لکي موڪلڻ ٻه کان پرهيز ڪندي، هر ڪلام لاءِ الڳ ڪاغذ استعمال ڪرڻ واري مهرباني کي هميشه قائم رکن.

7. مواد سمجهه ۾ ايندڙ صاف ۽ سُٺن اکرن ۾، مس سان، A-4 سائيز ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس ڄاڻائڻ نه وسارجي. فون نمبر، موبائيل نمبر يا اي ميل هجي ته اُهو ٻه لکجي. (نئون نڪور فوٽو موڪلڻ نه وسارجي).

8. پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ کپي، ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ ٻَڌل نه رهندو.

9. ايڊيٽر کي مواد ۾ ضروري درستين ۽ گهربل ڦيرڦار ڪرڻ جو پورو اختيار آهي. البت ان ڳالهه جو خيال رکيو ويندو ته جيئن ليکڪ جو مخصوص اُسلوب ۽ مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.

10. نظرثاني کان سواءِ ۽ ٽڪ ٽڪڙ ۾ رَهڙي موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو ته ٻئي طرف درستين لاءِ ٻنهه گهڻو وقت سيڙائڻو پوي ٿو. جيتري قدر ٿي سگهي، پنهنجي طرفان آخري طرح پورو اطمينان ڪجي ته مواد صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي.

11. اهو ضروري ڪونهي ته ڪوبه مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. چوندَ ۽ اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نه ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب ڄاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر ٻَڌل نه رهندو.





سيد علي احمد شاهہ اجناڻيءَ جي قبر تي چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ مخدوم جميل الزمان ”جميل“ ۽ ٻيا ساجاهہ وند گلن جي چادر چاڙهي دعا گهري رهيا آهن

"MEHRAN" (Regd. No: NS-20)Quarterly



هيڏي ٿر ۾ ٿر- واسين تي،
توهر وڻ جون کهڙيون ڇائُون!
هر، هر ويڻا ٿر- واسين جون،
زخمي ڪن ٿا ڪير آنائون؟.
ٿر جي غربت روز صدين کان،
ويٺيون پوڳڻ ٿر جون مائون.
ساگر جيڏو پيٽ بکايل،
ڪيئن پريندو لنب ۽ سائُون.
(تاجل بيوس)